
ٿر کي پانيون ٿوڪ
نور احمد جنجهي
SINDHIYA
PUBUCATIONS

# ٽرڪي پانيون ٽوڪ

## نوراحمد جنجهي

**سنڌيا پبليڪيشنس**
شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي
sindhiyapublications@gmail.com

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب | : | ٿر کي پاڻيون ٿوڪ |
| ليکڪ | : | نور احمد جنجهي |
| ڇاپو | : | ڦيريون 2016ع |
| ڪمپوزنگ | : | خادم حسين جروار |
| ڇپيندڙ | : | امجد پرنٽرز ڪراچي |
| ڇپائيندڙ | : | عقيل عباس سومرو |
| قيمت | : | 500 روپيا |
| ڊجيٽل ايڊيشن | : | 2019ع |
| | | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |
| | | books.sindhsalamat.com |

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو.

# ارپنا

**ٿري مارو ئڙن جي نالي**
**جن سان**
**سندم ساھ سَنهي سُئيءَ سان سبيل آهي**

**ننگا آهيون نڱيا، اسين مارو لوڪ**
**ٿر ڪي ڀانيون ٿوڪ، جو ڍڪ ڍاٽيئڙن جو**

**شاھ عبداللطيف ڀٽائي**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”ٿر کي پانيون ٿوڪ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ **نور احمد جنجهي** پاران ٿر جي شخصيتن، ٿر جي جاگرافي، ٿر جي حالتن ۽ ٿر جي ماحول بابت علم، تحقيقي ۽ ادبي مضمونن جو لکيل مجموعو آهي.

نور احمد جنجهي صاحب جي ذات هڪ تاريخ آهي، جيئري جاڳندي تاريخ، جنهن ۾ ٿر ته ڇا پر سموري سنڌ سمايل آهي. هو ٿر جي انسائيڪلوپيڊيا آهي. سندس شاعري ۽ نثر مان ٿر سان گڏ سموري سنڌ بلڪ ڪائنات جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته هو انسانيت جو شاعر آهي، انسان جو شاعر آهي. نور احمد جنجهي هڪ گهڻ پڙهيو شخص آهي. نهايت نماڻو ۽ نهنائي رکندڙ. ڪنهن سان به ٻاڙو نه ٻولڻ وارو. علم ۽ ڏاهپ جو ڀنڊار هوندي به سدائين خاموشي سان لطيف شناسي، رومي شناسي، تصوف، ائنٿراپالاجي، لسانيات ۽ اياز شناسي تي ڪم ڪندڙ. سندن دل وڏي ۽ ظرف جو ٿانو موڪرو آهي.

هي ڪتاب 2016ع ۾ سنڌيا پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين نور احمد جنجهي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سونهن سٽاءُ:


ارپنا 5

سنڌ سلامت پاران 6

ساجن هم تم ايڪ هين: پيارو شواڻي 8

ٿر ٿر اندر ٿاڪ : نور احمد جنجهي 9

- ٿرپارڪر جو اتهاس.... رمز راز اپياس 13
- ٿر جي جاگرافي ۽ ڌرتيءَ جو مٽاچرو 17
- ٿرجي ڌرتي.... ڀٽون تہ مٽيءَ جون ڀينرون 21
- ڪارونجهر ني ڪور، مريئي تو ميلهئي نهين!! 24
- ڪارونجهر.....پارڪر ۾ موجود نيارو قدرتي لقاءُ 29
- ڪارونجهر جون نديون 33
- اُتي جيئن مورن اوچڙ ولهارن ۾... 36
- ويڃي ساريان سومرا گولاڙا ۽ گاه...... ٿرجاگاه 40
- ٿرپارڪرجا گيڏ.....عبرت جو اُهڃاڻ 44
- سنڌي ٻوليءَ جا ٿرِي لهجا ۽ محاورا: هڪ جائزو 50
- چندن گيڏ چاوو ڪيو 56
- علم تواريخ ۽ ٿر جي تواريخ جا تذڪرا 62
- پاڻي ناهي پنڌ گهڻو 67
- کوهہ اُنجي انجنيئرنگ ۽ اُن سان لاڳاپيل لفظ 71
- آرون ابر آسري.......!! 80
- مينهان ساکي مارڳو 84
- مينهان ۽ نينهان، اکر ٻئي هڪڙو 88
- پاڻي اور پرمارلاپي تو ليجي گهڻو 93
- ڏڪاريا ڏيهہ مان موڏي شال مرن 98
- ٿرپارڪر ۾ اوچتي پيدا ٿيل صورتحال، سبب ۽ حل 104
- ٿر جا ڏک ڏولاوا ۽ انهن جا حل 110
- عمر جا تو مل عيد، سا سوءِ ورتيسين سومرا 115

- ٿرجا ٻارڙا موت جا لامارا 119
- وڃي سڄيءَ ويڙهه مان، ڏک ۾ ڏولائو 123
- ابر سنڌي اوت 129
- قحط ڪارين ڪُل 133
- هيءَ نه منهنجو ديس، منهنجو ديس ملير ۾ !! 137
- ٿر آهي ٿَڙ تي نه ڙِي ڪڙ تي 141
- ٿر ۾ هنرمنديءَ ۾ ان ۾ ٿري عورت جو حصو 148
- ٿر جو ڪوئلو: مُلڪي ترقيءَ جو ضامن 156
- چين پاڪستان اقتصادي راهداري ۾ ٿر جو ڪوئلو 161
- ٿرجو ڪوئلو ۽ تجارت ڪاريءَ جي سماجي ذميواري 166
- سائو ٿر.....ڊائو ٿر 170
- الا! اڏاهي مَرَ ٿيان 174
- ٿر جو نامور شاعر، دانشور، منجهم ۾ سماجيات جو ڄاڻو غلام محمد جنجهي 180
- سچل سارو سچ...... سائين سچل جنجهي 184
- ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون....... ڪوئلي جي ڪور جو ڳوٺ وڪڙيو 190
- سڏونت ۽ سارنگا 193
- ٿر جي مسڪيني ، مسڪين جهان خان ۽ سماج سڌارپ 197

# ساجن هم تم ايڪ هين......!!!

ٿرجي تاريخ کي انوکي انداز سان پيش ڪندڙ ۽ ڳوٺ وڪڙيي جي مٽيءَ تي پيدا ٿيل هند ۽ سنڌ جي نامور شاعر, اديب, سگهڙ ۽ وقت جي تمام وڏي پامسٽ ۽ مهمان نواز ماڻهو مرحوم غلام محمد جنجهي سان منهنجي پهرين ملاقات اڄ کان ويهارو ورهيه اڳ 1996ع ڌاري صادق فقير جي سندس ئي دل جهڙي ڪُشادي دسترخوان تي ٿي هئي. انهن ڏينهن ۾ سندس وار ڪارا ۽ دل چِٽي فقير جي درگاهه جي مٿان اڏامندڙ اڇي ڪبوتر جهڙي هئي ۽ اڄ سندس وارن ۾ به چاندي آهي ۽ دل ۾ پڻ اهائي اڇاڻ آباد آهي.

ساجن هم تم ايڪ هين, هين ديکن ۾ دو
من ڪو من سي توليئي, ڪيي نه دو من هو

استاد جي حيثيت سان عملي ۽ علمي سفر شروع ڪندڙ نور احمد جنجهي هن وقت ترقيءَ جي تيز وچيري تي ويهي سنڌي ادب جي ميدان ۾ گهڻ جهڙن سوارن کي ڇيٽيءَ تي ڇڏي اڳتي نڪري آيو آهي, نور احمد جنجهي هن وقت سنڌ مان لکندڙ اهو واحد اديب آهي جيڪو نه صرف هڪ ئي وقت ٽي کان چار, روزمره جي بنياد تي ڪم ڪندڙ اشاعتي ادارن لاءِ مستقل بنياد تي لکي رهيو آهي پر کيس ساڳي وقت تي انگريزي اردو , سنڌي, هندي, عربي توڙي فارسي تي پڻ عبور حاصل آهي. نور احمد جنجهي کي جيتري تصوف تي ڳالهائڻ ۾ دسترس حاصل آهي اوترو ئي هو جديد سنڌي شاعري ۽ حالات حاضره تي سهڻي نموني دليل ڏيئي ڳالهين جي ڳنڍ کولڻ جو ڏانءَ رکي ٿو مون جهڙيءَ ريت پٽائي ۽ اياز جي شاعريءَ ۾ ساه کڻندڙ ٿر کي سندس واتان ٻُڌو ۽ محسوس ڪيو آهي اهڙو شايد ئي ٻيو ڪو سمجهائي سگهي.

ذاتي زندگيءَ ۾ اسين هڪٻئي کي ايترو ويجهو رهيا آهيون جو مون کي نور احمد تي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو جڏهن جڏهن به موقعو مليو آهي تڏهن الائي ڇو ايئن لڳندو اٿم جڻ مونکي پنهنجو پاڻ تي لکڻو يا ڳالهائڻو ٿو پوي. کيس مليل هڪ هڪ غم ۽ خوشيءَ جو نه صرف آءٌ شاهد آهيان پر هن عجيب ماڻهوءَ کي مون هر حال ۾ باحال ۽ ساڳي وک سان وهندي ڏٺو آهي, ۽ مون جڏهن به کيس خوش ڏٺو

آهي تڏهن سندم ڏک ڏور ٿيندي محسوس ڪندو آهيان. ڪيس ڪنهن شاعر جون هي سٽون اڙپيان ٿو:

جيءَ اسان جا جڪڙيل، جيئڻ مرڻ گڏ،
سڄڻ منهنجو سڏ، آئون پڙا ڏو ان جو.

## پيارو شواڻي

شواڻي پريم هائوس، مٺي ٿرپارڪر

# ٿرٿراندرتاڪ

ٿرءِ پارڪرڌرتيءَ تي ڌڻي تعاليٰ جو اهڙو لقاءُ آهن جنهن کي هرڏسندڙ پاٻوهہ ۽ پيارپري نظر سان ڏسي ٿو.اهو قرب ۽ اولانيو ڏسي هرماڻهو ٿرپارڪر تي موهت ٿي پوي ٿو.ٿرپارڪر جيڪو ڪڏهن ڏڪارن ۾ تہ ڪڏهن ماڪڙجي ويائن جي هچائن هيٺ رهيو آهي ۽ ڪڏهن ان تي انساني هچائون بہ نازل ٿينديون رهيون آهن. انساني هچائون ڳاڙه ڳلين ڳجهن وانگي ٿرجي ڪنواري ڌرتيءَ کي ڳڙڪائڻ جي  چڪر ۾ واڳونءَ وات ڦاڙي لاماراڏينديون وتنديون آهن ڪڏهن ٿرجي وسيلن سان مالامال ڌرتيءَ تي پنهنجا خوني چنبا وقتي طور ڄمائي وتنديون آهن پرنيٺ اهڙين قوتن کي شڪست ٿي آهي ۽ ٿرپارڪر جي رهاڪن ، جن بہ پنهنجي سيل ۽ ست کي قائم رکيو آهي اهي دائم آهن ٻيا ڪيئي پڄي ويا تہ ڪي وري تواريخ جي دزخاني ۾ ڏوڙ ٻنجي ويا.ٿرپارڪر جي ڀڦڳڻ ڌرتي جنهن جا نت نرالا طبعي پاڳا آهن، جن ۾ جرَجي پاڻيءَ جي سطح بہ الڳ الڳ آهي تہ جهرجهنگ ۽ سيمون بہ الڳ الڳ آهن. جهنگلي جيوت بہ نرالي آهي تہ اوڀڙبہ انيڪ قسمن جي ٿئي ٿي. ٿرجون پٽون ، ڏهر،نوٽيون، مڙها، مندر، مگريا، ڏاهريون، ڳاٽ ، پوچاندا، ٻُڪڙون، ور، اوچاها، ڦنگهہ، ناڪون، ترايون ، ٽوپا، ڍها، تليون سيئي گڏجي جيڪو ماحول جوڙين ٿيون ان ماحول اندر رڳو سونهن ئي سونهن آهي ، امن ئي امن آهي، انسانيت ئي انسانيت آهي، مهذپڻو ۽ تهذيب آهي ۽ سڀ ڪان وڌيڪ اهو تہ پرم آهي جنهن سان ٻُک بہ پلي لڳندي آهي. تاريخي ماڳن مڪانن ۾ جين مت جا ڏهرا، پوڌيسر جي مسجد، ميرن جا اڏايل قلعا، ڪانڌلڪوٽ ، نهٽي، ڪيرٽي جو ٽڪرانو، جوڳي مڙهي، مارئي جو کوه اهڙااهڃاڻ آهن جن کي ڏسي هرهڪ ماڻهو حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو.جين مت جي هاڪ جي ڪري هتي امن پسندي ۽ خوشحالي تمام گهڻي رهي آهي. پاري نگرجو بندرگاه ان خوشحاليءَ جو هڪڙو ماڳ هوندو هو.مارئي جو داستان، سڏونت سارنگا جي آڪاڻي، هوٿل ۽ اُڊي جي قرب ڪهاڻي، ڊولي ماروئل جي ڳالهہ ، پرئي گاروڙي جو قصو پاراسر رشيءَ جي المياتي آڪاڻي، سيئي جمالياتي ونڊ ورچ ۽ تخليقي   اظهارجا پلوڙ نمونا آهن.قدرتي وٿن مان ڪارونجهر جابلو چيرهن ڌرتيءَ جو نيارو نماءُ آهي جنهن جو مٽ دنيا جو ڪوئي ڏونگر ناهي. اهڙي من موهڻي ڌرتيءَ جي وڏي ڳوٺ وڪڙيئي ۾  جنم وٺڻ منهنجي لاءِ سياڳ هو ۽ اتي ٻاراڻ کان وٺي اڄ تائين رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي ڪري ٿراهڙو تہ انگ انگ ۾ رچي ويو آهي جو هرڳالهہ ڪندي ٿرءِ پارڪر جي ڳالهہ زبان تي ۽ قلم تي تريو ٿي اچي. ٿرمون لاءِ وڏواسراررهيو آهي جيتوڻيڪ ان جي هرحصي جي مون زيارت ڪئي آهي ۽ پٽ پٽ ۽ ڏهرڏهر جي ڏيک کي روح جي گهراين تائين هيٺ لاٿو آهي.انهن قدرتي مظهرن جي وچ ۾ موجود لوڪ گيتن، لوڪ ناچ ۽ مور جي جهينگورمن کي اهڙو موهت ڪيو

آهي جو سونهن سنوريو ٿراسان جي روح ۾ سمائجي ويو آهي ۽ اسين ان جي وشالتا ۾ گم ٿي ويا آهيون. انهي گمنامي اسان کي دنيا ۾ نيڪ نامي عطا ڪئي آهي. ٿرجو اسان جهڙن ابوجهه ماڻهن تي اهو ٿورو آهي جنهن اسان جي ڪم علميءَ تي ڍڪ رکيو آهي. ٿر ڏسڻ ، ٿربابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ هرباذوق ماڻهوءَ جو شوق رهيو آهي. ڪيئي ڪتاب بہ لکيا ويا آهن تہ ڪيترين ڪهاڻيون اجا بہ اڻ لکيل آهن. اهڙن ڪتابن ۾ ڪپتان رئڪس جو ڪتاب ”ٿرءِ پارڪرجا يادگيرا“، ڪرنل جيمس ٽاڊ جو ”راجستان جي پراچينتا ۽ تواريخ“ حڪيم مولوي نجم الغني جو ”تاريخ راجگان هند“ استاد رائچند جو ”تاريخ ريگستان“ اساسي ڪتاب آهن جن ۾ هن علائقي جي بنيادي ڄاڻ آهي تہ ان کان وڌيڪ ڄاڻ صدري زباني ورثي ۾ آهي جيڪو سوين سگهڙ مردن توڙي سگهڙ عورتن کي برزبان ياد آهي. انهي لوڪ ورثي ۾ لوڪ ڏاهپ جا ملهائتا موتي موجود آهن جن جي آبداري اجا تائين ساڳي چمڪ دمڪ سان برقرار آهي. مون بہ ٿر بابت سيکجهہ ٿر جي انهي قدرتي ماحول کان سکيو يا وري ٿرجي انهن سبوجهہ سگهڙن کان جن جو من پلر پاڻيءَ جيان پاڪ صاف آهي. مرحوم ساهڙ ٿيبي کان محمد قاسم راهومي تائين سگهڙن جو هڪڙوو ڏو سلسلو آهي جنهن معنيٰ جا موتي ڪچهرين ۾ عام جام ونڊيا ورڇيا ۽ وراهيا.منهنجي والد صاحب غلام محمد جنجهي بہ مونکي راجستاني ادب جي اهڙين اهڙين وٿن سان متعارف ڪرايوجن جو مٽ نہ آهي. هو جڏهن ٿري دوها پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوندو هو تہ ايئن محسوس ٿيندو هو تہ پلي چئوماسي ۾ پتياٽي ارڙاٽا ڪري وهي رهي آهي. امان سائڻ بہ شاه جا بيت ۽ وايون ، خاص طور سُرمارئي مان، جڏهن جهونگاريندي هئي تہ ٿر جي معنيٰ سولي سمجهہ ۾ ايندي هئي. اهڙي طرح مراد فقير، موهن ڀڳت ،حسين فقير، مائي ڀاڳي ، شادي فقير، ڀُڏو فقير، صادق فقير، ممون فقير، سبحان فقير، مصري ڏيپلائي، احمد ڏيپلائي ، ڀڳت سالورام، ڪريم فقير، شفيع فقير، رجب فقير، ڀڳڙي ناچيز، بصر ڀڳت، اسلم فقير،عباس فقير، نزاڪت ۽ راحت صادق فقير، مائي ڀائي، عارب فقير، نذرمحمد رامسريئي،زوارفقير جنهن محبت سان ٿرکي ڳاتو آهي ان مان بہ ٿرجو نيارو تصور روح جي اٿاه گهراين مان پنهنجي منفرد شڪل ۾ ابري ٿو. اها سموري ڪلاٿر ۾ ئي موجود آهي تنهنڪري ٿر جي تعليم ۽ ٿرپارڪر جو اپياس بہ ٿر ۾ ئي سمايل آهي. ٿرخوشحال آهي تہ هرڪنهن جي ڌيان جو مرڪز آهي ۽ جڏهن ڏولائي جي ڏينهن مان گذري ٿو تہ بہ دنيا متوجہ ٿئي ٿي.اهڙي طرح ٿراسانجي سڃاڻپ آهي. اسين ٿرکانسواءِ ڪجهہ بہ ناهيون. ٿر جو ماڻهو ننگي بہ آهي تہ غيرتمند بہ آهي. سون تي سيڻ مٽڻ سندس ريت ناهي. سون چاندي، ڌن دولت ٿري ماڻهو جي من کي هرڪائي نہ سگهيون آهي، سواءِ چند ماڻهن جي ، جيڪي هرهنڌ ٿرجي نالي ۾ ڪشتو ڪٽيو بينا آهن ۽ ڪوڙيون سچيون ڳالهيون ٻُڌائي پاڻ کي برائي فروخت جو رنگين ليبل لڳائي گهمي رهيا آهن. ٿري ماڻهوءَ جي پرامن ۽ آسودي مزاج کي آفت زدگي، بک ۽ بدحالي بگاڙي نہ سگهيون، نہ سندس مزاج ۾ ڏوهاري ذهنيت جون ڏهيون نروار ٿيون آهن نہ وري هو پنڻ جي پنج ڪٽيءَ جو پينار ٿيو آهي. اها سگهہ ٿرجي صديون پراڻي خوشحاليءَ جي ڪري ٿري ماڻهن ۾

آهي اها خوشحالي جنهن ۾ ٿر جي سموري ڏاڪٽي پٽيءَ ۾ ڀريون ٽُريون بيچ آباديون هونيون هيون، ڪجلاسر جهڙا ترڻ سر هونداهئا جن تي مرد توڙي عورتون سون جي تعداد۾ اچي وهنجنداهئا. اها ان جڳ جي ڳالهہ آهي جڏهن يورپي لوڪ اجا وار کي بہ هٿ نہ لائيندا هئا.هاڻي ٿرجي معدني دولت سانگي ڪمپنين جا ڪٽڪ اچي ٿر ۾ لٿا آهن .مارڪيٽ جون اهي ممون ٿرجي سُڪئي ستابي ۽ شانت ماحول کي ڪٿي وجي پهچائيندا؟ اهوئي هن وقت جو ۽ مستقبل جو اهم سوال آهي. پيار جو هي پورهيو ٿر ۽ پارڪر کي ننڍڙي ڀيٽا آهي جيڪا اميد تہ قبول پوندي. هن ڪم ۾ منهنجي ساٿ ڏيڻ لاءِ آئون پنهنجي پياري منصورمڱرئي ۽ پياري شواڻي جو ٿورائتو آهيان جن جي ڪوشش سان هن ڪم ڪتابي شڪل اختيار ڪئي پر هي پورهيو ڪڏهن بہ ڇپجي نروارنہ ٿي سگهي جيڪڏهن سنڌيا پبليڪيشن جو سرواڻ منهنجو پيارو دوست عقيل عباس سومرو ڇپائيءَ جي ذميواري پنهنجي سر نہ کڻي ها. آئون سندس ٿورائتو آهيان. هي ڪتاب جڏهن ڇپجي نروار ٿي رهيو آهي تہ ضرورت اها ٿي محسوس ٿئي ٿي تہ ٿرتي اجا بہ وڌيڪ لکيووجي ڇاڪاڻ تہ ٿرهن وقت دنيا جي نگاهن جومرڪز بنيل آهي. تواريخ جي اهڙي موڙ تي هيءَ ننڍڙي ڀيٽا شل قبول پوي.

## نوراحمد جنجهي

جنجهي هائوس، ڏرماڻي ڪالوني، مٺي ٿرپارڪر.

# ٿرپارڪر جو اتهاس.... رمز راز اپياس

تاريخ ، جنهن کي قومن جي عروج ۽ زوال جو احوال سڏي سگهجي ٿو جنهن ۾ قومن قبيلن ذاتين ۽ ملڪن جي مختلف دورن جي قدرتي يا انساني تبديلين جي عڪس کي ڏسي سگهجي ٿو.تاريخ جيڪا انسان جي شعور جي ڪميونيڪيشن سان شروع ٿئي ٿي پرتاريخ کي تاريخدانن ان جي دستاويزبنديءَ جي دور کان شروع ڪيو آهي. شروعات ۾ تاريخ جي دستاويزبندي زباني يادگيري وسيلي رکي ويندي هئي ۽ دنيا ۾ وڏا وڏارزميا ۽ ڳاهن سان ڳالهيون تخليق ٿيون. انهن ڳالهين ۾ قومن جي رهڻي ڪهڻي، وڙهڻ وڳڙ وغيره بابت اجمالي احوال ڏنو ويندو هو. سڄي دنيا جو ديومالائي ادب اهڙين تاريخن سان مالامال آهي. لکت ايجاد ٿيڻ سان وري تاريخ کي قلمبند ڪيو ويو جنهن جي ابتدا تصويري لکتن سان ٿي اکري تصويرن تائين اچي پهتي آهي.تاريخ جنهن لاءِ عام ۽ روايتي تاثر اهو آهي ته اها واقعن ۽ وقوعن جو سربستو احوال آهي. تاريخن جي اڪثريت انهي وصف جي روشنيءَ ۾ قلمبند ٿيل آهي. وري جڏهن هڪڙو شعوري ڌارا جو دور شروع ٿيو ته تاريخ کي ٻورو مختلف انداز سان لکڻ جي روايت پيئي. تاريخن جي اڪثريت شاه پسنديءَ جي لاڙي هيٺ لکيل آهي ۽ تاريخن جو محور ۽ مرڪز ڪنهن به سماج جو بااثر طبقو ئي هوندو آهي. لوڪ کي ليکي ۾ ئي نه آندو ويندو آهي. جيتوڻيڪ سيني وڏن واقعن ،جنگين،انقلابن جو بَڪُ لوڪ ٿئي ٿو. ان جو ذڪر تمام گهٽي اهميت رکي ٿو پر سيئي تاريخون خلق خداجي ذڪر کان پالهيون آهن. شاه پسنديءَ جي ان لاڙي جو سبب به شايد اهو آهي ته لکت پڙهت جي شروعات به جن کان ٿي آهي انهن انهي عمل کي بادشاهن جي سرپرستيءَ ۽ ڇپر ڇانو هيٺ ڪيو آهي. علم جو اهو خواصي روپ ڪميونيڪيشن جي انقلاب اچڻ کان پوءِ وڃي ڪجهه تبديل ٿيو آهي. غريب غربو به ڪتاب نه رڳو لکي سگهي ٿو پر ڇپائي به سگهي ٿو. لکت پڙهت جي انهي عام ٿيڻ طبقاتي نظام کي به توڙيو آهي. اهي ٻول ۽ قول عام تائين پهتا جيڪي اڳ ڪين ٻُڌڻ جي به منع ٿيل هوندي هئي.اهڙي ڦير گهير کان پوءِ تاريخ لکجڻ به تبديل ٿي ۽ ڪٿي نه ڪٿي غريب طبقن جو بہ ذڪر ٿيڻ لڳو. ڇا تاريخ واقعن جي احوال جو نالو آهي؟ يقينن نه..!! تاريخ ته مخصوص زماني ۽ مڪاني ڍانچي ۾ ٿيل واقعن ۽ وقوعن جي سبب ۽ نتيجي جي ڇيد جو نالو آهي. اهو ڇيد ئي انهن واقعن جي درست تصوير ڏيکاري سگهي ٿو.ٻي صورت ۾ هڪڙو متعصباڻو بيان پڙهڻ لاءِ ماڻهن کي ملندو ۽ تاريخ جي اهڙي پيشڪش قومن کي مسلسل جنگين جي جوت جي آڙاه ۾ اڇلايو آهي. دنيا جي ڪيترين ئي قومن جي مٽي ۾ اهو خناس به انهي صورت وسيلي پرجي ٿو ته اهي دنيا جون ممتاز قومون آهن. ڇم والها ناهي ڪم والها آهي. جيڪا قوم تاريخ ۾ چڱا ڪم ڪندي اها ئي چڱي هوندي. انسان جي بناوت نه نوري آهي نه ناري آهي. سندس زندگيءَ جو جوڳ جڙاءُ عمل مان نروار ٿئي ٿو.تاريخ اهڙو تجزيو

آهي جيڪو قومن لاءِ صدين جو سيڪاريل سبق آهي. جيڪو به نٿو سکي اهو نه رڳو بيوقوف آهي پروقت جي تيز رفتار ڪميت جي سنبن ۾ ميسارجي به ويندو. سندس نالو نشان به نه هوندو. تاريخ جا پنا اهڙين قومن جي احوال سان به پرياپيا آهن. تنهنڪري تاريخ جو لکڻ، لکجڻ توڙي لکرائڻ اهڙو سنجيده عمل آهي جنهن کي جيترو ديانتداريءَ سان ڪيو ويندو اوترو وڌيڪ بامعنيٰ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ لاڀدائڪ ٿيندو. تاريخ جي احوال ۾ قديم آثارن جو علم به وڏي اهميت رکي ٿو. تاريخي احوال کي جتي به ڪا لکتي صورت نٿي ملي اتي آرڪيالاجي واهرو ٿيندي ڪنهن به واقعي تي سچي ۽ خداڪارڻ شاهدي ڏئي ٿي. ٿرپارڪر جي تاريخ به هڪ اهڙو ڳوڙهو ۽ ڳنڀير ڪم آهي جنهن کي سنڀالي ڪرڻ جي ضرورت آهي. تاريخ بابت جيتوڻيڪ هيستائين ڪافي لکيل مواد به ملي ٿو پر انهي مواد جي باوجود تاريخ جون ڪيتريون ئي ڪڙيون ڪُٽل نظر اچن ٿيون ۽ تاريخ جي تاڃي پيٽي کي اُميريءَ جي ضرورت آهي جنهن سان اهو سمپورڻ نموني ڳنڍجي وڃي. اهوئي سبب آهي جو ٿرپارڪر جي تاريخ کي نئين سرلکي اتهاسي سِرکي اکولڻ به وقت جي ضرورت آهي.

ٿرپارڪر، وشال ٿر جو هڪ حصو آهي جيڪو هندستان پاڪستان جي ملڪن ۾ پکڙيو پيو آهي. ٿرسنڌ‌قوبي جو ڏاکڻيون پاڱو آهي جيڪو هندستان پاڪستان جي دنگ متي به آهي. ننڍي کنڊ جو سمورو ٿرهڪجهڙو تهذيبي پروفائيل رکڻ باوجود ايترو ڀهڳڻ آهي جو اهو ڪيترن ئي تهذيبي توڙي جاگرافيائي پاڃن تي مشتمل آهي.اسان جو موضوع پاڪستان جي حصي ۾ ايندڙ ٿر آهي. جيڪو هن وقت سنڌ جي ٻن ضلعن ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ۾ پکڙيل آهي.ان کان اڳي ٿرپارڪرضلعي ۾ موجوده ميرپورخاص، ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن وارو سمورو علائقو شامل هوندو هو. ٿرپارڪر بابت انگريزي، اردو،سنڌي، گجراتي توڙي هنديءَ ۾ احوال لکيل آهي.هن علائقي ۾ قديم آثار به آهن جيڪي هتان جي قدامت بابت تاريخي ثابتي پيش ڪن ٿا. لکيل ڪتابن ۾ ڪپتان اسٽينلي نيپيئر رئڪس جو ڪتاب ميمائر آن ٿٽر اينڊ پارڪر ڊسٽرڪٽس، ڪرنل جئمس ٽاڊ جو لکيل ڪتاب ائنلس اينڊ ائنٽيڪُئٽيز آف راجستان، مولوي نجم الغني جو تاريخ راجگانِ هند المعروف وقايع راجستان، تيج سنگهه سولنڪيءَ جو ڪتاب امرڪوٽ جو اتهاس، منگهارام اوجها جو پراڻو پارڪر،پيرومل مهرچند آڏواڻي جو سوڍن جي صاحبي يا راڻن جوراڄ، رائچند هريجن جو ٻن جلدن ۾ لکيل ڪتاب تاريخ ريگستان مکيه ڪتاب آهن جن جي آڌار تي وري ٻين ليکڪن حال احوال لکيو آهي.ڪڇ،ڪاٺياواڙ،راجستان ۽ سنڌ بابت انگريزن جي انگريزن جي رپورٽن ۾ به ٿرپارڪر جو احوال ليي ٿو. انهي سان گڏوگڏ لوڪ ادب ۽ ديو مالائي دستاويزن ۾ به تاريخ جا اُهڃاڻ لڀن ٿا جن کي خبرداريءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪري پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ٿرپارڪرجي ريگزاروشالتاڪيئن نروارٿي هوندي ۽ ان ۾ ڪير ڪير ڪڏهن ڪڏهن اچي آباد ٿيو هوندو؟اهي به اهڙا سوال آهن جيڪي ٿرپارڪر جي تاريخ جي صورت کي نروارڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. اچو ته ڏسون ٿرجو موجوده پاڱو ڪيئن نمودار ٿيو هوندو؟

تحقيق مان اها ڳالهه واضع ٿي آهي تہ موجود ٿر وارو پاڳو ڪنهن سمي پاڻي هيٺ هو۽ زلزلن جي ڪري سمنڊ سڪي هيٺ ويو ۽ پٽون نروار ٿي بيٺيون. يعني ٿر جو خطو سمنڊ هو پر ان سان هڪ ٻيو تاريخ نويس اختلاف راءِ رکندي اهو خيال ٿو پيش ڪري تہ اڄ کان 3000 سال اڳ پهرين موجوده ريگستان (ٿر) ندين جي وڏي درياهي ڪيٽي هو جيڪو پوءِ پاڻي هٽڻ ۽ ندين جي رُخ مٽڻ ڪري آهستي آهستي پڙ پانگ ٿي ويو آهي.

ان جي ثابتي لاءِ ساڳيو ئي محقق معمور يوسفاڻي لکي ٿو ”دريا هي ڪيٽي لاءِ اهو بہ هڪ ثبوت آهي تہ سڄي ٿر ۾ هرهنڌ مٺي پاڻي جي وهڪرن جا ڪوڏ ۽ سپيون عام طورتا لڀن. تنهن ڪري اهو چوڻ واجبي ناهي تہ هي خطو ندين جو ڪيٽي هو.“ اهي پٽون ڪيئن ٿيون ان لاءِ محمد اسماعيل عرساڻي سير ريگستان ۾ 16 صفحي تي هي 3 نڪتا لکي ٿو.

1۔ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي پٽون ڪنهن زلزلي جو نتيجو آهن.

2۔ وارياسي وارو سمورو پاڳو ڪنهن سمي سمنڊ هو جو رفتي رفتي اتر کان ڏکڻ طرف ڪڇ جي رڻ ڏانهن هٽندو ويو ۽ جيڪا زمين ڇڏيندو ويو سا واريءَاسي ٿي پئي جنهن تي ڏکڻ الهندي جي بحري هوائن لڳڻ سبب طوفان ايندا رهيا ۽ قدرتي طرح واري اڏامندي اڏامندي ڪن بيشمار صدين ۾ واري جي پٽن اهو روپ ورتو آهي.

3۔ اهي پٽون اصل واريءَاسي پٿر جا جبل آهن. جي ايامن گذرڻ بعد پري ٿي ويا آهن. هوا لڳي پٽن جو شڪل وٺڻ وارو مغروضو بہ فضول آهي، صرف هوا لڳڻ جي ڪري هن علائقي ۾ هن شڪل ۾ پٽون ڪيئن نهيون . ڇا ٻي ڪنهن هنڌ هوا نہ لڳي هوندي، عرساڻي صاحب جي لفظن ۾ ايتريون پٽون هوا لڳڻ سان ڪيئن نهي سگهيون هونديون. قديم زماني ۾ ضرور ڪو زلزلو آيو آهي جنهن زمين جي اها صورت پيدا ڪئي آهي. ٿر جي قديم آثارن مان پڻ ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي. زلزلي کان اڳ هتان ڪاندي بہ وهندي هئي جنهن زلزلي جي ڪري پنهنجو وهڪرو تبديل ڪيو. غالب اڪثريت ان راءِ جي آهي تہ عربي سمنڊ سڪڻ سان هتي ڪڇ جو رڻ نمودار ٿي پيو ۽ پويان هي خطو پٽن واري موجوده شڪل ڪٽي نروار ٿيو. ٿر جي ڏرتيءَ تي ساموندي واري ”رائي“ جي شڪل ۾ موجود آهي. ٿر جو کارو پاڻي بہ گواهي ٿو ڏئي تہ هتي سمنڊ موجود هو ۽ هن خطي جو پٿر، چيني، مٽي ۽ ڪوئلي جا ذخيرا ڪنهن وڏي ارضياتي مرحليوارعمل **Geological process** جي نشاندهي ڪن ٿا .

ٿرپارڪر جي پون مٿاڇري کي ڏسي اهو اندازو ٿئي ٿو تہ هتي ڪنهن جهوني جُڳ ۾ ڪا سونامي آئي هوندي جنهن سان نہ رڳو سمنڊ پُٺتي هٽيو ۽ ڪڇ جو رڻ نروار ٿيو پر هي پٽون جيڪي سيئي هڪ رخ ۾ نظراچن ٿيون سي زمين ۾ پيداٿيل ڏرڙن جي هوائن لڳڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيل صورت آهن.پارڪر واري پاسي موجود ڪارونجهر ڇپر جا لسايل پٿربہ پاڻيءَ سان گسجڻ جي گواهي ڏين ٿا. ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ٿيندڙاويڙ ٻنهي کاري ۽ مٺي پاڻيءَ جي آهي. تنهنڪري نديءَ جي وجود جو بہ

انڪار نٿو ڪري سگهجي انهن سيني ثابتين، انومانن ۽ گمانن تي غور ڪندي، في الحال جيڪو ٿر جي نروار ٿيڻ بابت خيال جڙي ٿو سو اهو آهي تہ هي خطو ڪنهن وقت سمنڊ هيٺ هو پوءِ ان جي هٽڻ سببان ظاهر ٿيو ۽ ڪڇ جو رڻ نروار ٿيو.اهڙي طرح ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ڪافي زمانن کان پوءِ ان ۾ انساني آبادي آباد ٿي ۽ تاريخ جو دور شروع ٿيو.

# ٿر جي جاگرافي ۽ ڌرتيءَ جو مٿاڇرو

”پون مٿاڇرو“ تمام گهڻا گهڻي وارو آهي جنهن ۾ هر قسم جا فطرتي منظر ۽ لقاءَ آهن. جاگرافي انهن مظهرن جي مجموعي اڀياس جو نالو آهي. جاگرافيءَ ۾ پون سطح، آبادي، ماڳ مڪان ۽ ماحول شامل آهي. اهڙي طرح جاگرافي انهي اڀياس جو نالو آهي جنهن مان اتان جي ماڳن مڪانن ۽ ماڻهن جي پروڙ پوي ٿي. قدرتي ماحول ۽ ان تي ڪهڙاڪهڙا دٻاءَ آهن؟ راڄن جي ماڻهن جو ماحول ۽ مٿاڇري ڏانهن ڪهڙو رويو آهي يا ماحول ماڻهن تي ڪهڙو اثر ڪيو آهي؟ پون جو مٿاڇرو ڪيئن پيو تبديل ٿئي ان تي ڪهڙاڪهڙاعناصراثرانداز ٿين ٿا يا متاثر ٿين ٿا؟ ڪنهن به علائقي جي بيهڪ جي ڪهڙي اهميت آهي؟ اهي سموراپاساجاگرافيءَ جي اوک ڊوک جو موضوع آهن. جاگرافي ڪنهن به علائقي جي ٻين سرگرمين تي سنئون سڌو اثرانداز ٿيندي آهي. انهي لاءِ ڪنهن به علائقي جي مزاج کي سمجهڻ لاءِ اتان جي جاگرافيءَ کي سمجهڻ ضروري آهي. ٿر جي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ ٿر جي ڌرتي جي مٿاڇري کي به سمجهڻ ضروري آهي.

ٿر جي جاگرافيءَ بابت سڀ کان پهرين ڪرنل جيمس ٽاڊ منظم نموني گهمي ڦري سموري ٿر يعني جيڪو هندستان ۾ آهي يا پاڪستان ۾ آهي تنهن بابت پيرائتو احوال پنهنجي ڪتاب ”ائٽلس اينڊ ائنٽيڪئٽيز آف راجستان “ ۾ ڏنو آهي. سموري ٿر ۾ رهندڙ قبيلن ۽ ذاتين بابت وچور سان لکيو آهي. اهو احوال هن 1832ع تائين سهيڙي مڪمل ڪيو .انهي کانپوءِ ”ٿر ۽ پارڪر“ جي پوليٽيڪل اسٽنٽ ڪپتان اسٽينلي نيپيئر رئڪس هڪڙو يادگيرو (پهرين سيپٽمبر1856ع تي لکي پورو ڪيو ۽ 1859ع ۾ اهو شايع ٿيو)قلمبند ڪيو آهي جنهن جو سنڌيءَ ۾ به ترجمو ٿيل آهي پر ترجمي جو حال پورو سارو آهي. لفظ ”ٿڙ“ ۾ جيڪا ”ڙ“ آهي سا ڍاٽڪيءَ ۾ رائج آهي ۽ ان جو اچار سنڌي ”ڙ“ مختلف آهي. تڏهن رئڪس ٿر کي ”ٿڙ“ لکيو آهي. ڪپتان رئڪس هن يادگيري لکڻ جا جيڪي ڇهه مقصد بيان ڪيا آهن تن ۾ پهريون مقصد علائقي جي طبعي پهلوءَ جو اڀياس آهي جنهن جي شروعات ۾ ”ٿڙ “۽ پوءِ پارڪر جي اڀياس جي ڳالهه ڪندي، ”ٿڙ“ کي هو ڊاٽ يا ننڍڙو ڊيزرٽ سڏي ٿو. رئڪس جي لفظن ۾ ”ٿڙ جي پٽي جيڪا منهنجي چارج هيٺ آهي، رڻ ڪڇ جي اترئين دنگ لڳولڳ آهي جنهن جي ڊيگهه اٽڪل 120 ۽ ويڪر 40 کان 50 ميل آهي. جڏهن ته ان جي پکيڙ اٽڪل 5400 چورس ميل آهي“ حدن نشانن بابت لکندي ڪپتان رئڪس لکي ٿو”انهي جي اولهه ۾ سنڌو ماٿري، ۽ اتر ۾ هڪڙي بيقاعدي لڪير آهي جيڪا ”نواڪوٽ “ جي اترمان ٿيندي اويروجي ٿي ۽ ”مٺي“ ۽ ”سنگالا“ جي اترمان ٿيندي مارواڙ جي دنگ تائين وڃي ٿي ۽ منهنجي چارج کي عمرڪوٽ کان ورهائي ٿي ، عمرڪوٽ جو هڪ حصو” ٿڙ“ جهڙو آهي. اوير ۾ مارواڙ ۽ هڪڙي رڻ جي ٻانهين آهي جيڪا انهي کي گجرات جي پالڻپور ضلعي کان ڌار ڪري ٿي. ڏکڻ ۾

رڻ ٿڙ۽پارڪر ضلعن کي ڪڇ کان ڌار ڪري ٿو.“ رئڪس جي خيال موجب ” ٿڙ يڻن جو ديس آهي جيڪو بيچين ساگر جو ڏيک ڏئي ٿو. اهي پٽون عمومن اوپر اولهه ۾ آهن. ضلعي جي الهندئين ڀاڱي ۾ اڀرندئين حصي کان اهي پٽون اوچيون آهن.“
ٿاڌ جي لکيل ڪتاب جي موٽ ۾ مولوي حڪيم نجم الغني خانصاحب رامپوري ”تاريخ راجگان هند “ لکيو جنهنجو معروف نالو وقائع راجستان آهي. اهو ڪتاب 1927 ع ۾ لکنئو مان ڇپيو آهي پر هن وقت عدم دستياب آهي. انهي ڪتاب ۾ سموري ٿر جي جاگرافي, تاريخ توڙي انهي ۾ رهندڙ قومن قبيلن بابت تفصيلي بحث ٿيل آهي ۽ حڪيم صاحب ڪوشش ڪري ٿاڌ جي ٿوپيل ڳالهين کي نروار ڪندي موٽ ۾ دليل ڏنا آهن. ٿاڌ جي لفظن ۾ تہ هن علائقي کي فطرت ناهيو آهي اسين فطرتي ليڪن جي پيروي ڪريون ٿا. هو هن خطي کي ”ماروٿر“ سڏيندي ان جو بنياد لفظ ”مارسٿلي“ کي ڄاڻائيندي انجو اشتقاق ڪري ٿو تہ ”مري“ لفظ سنسڪرت جو آهي جنهن جي معنيٰ آهي مرڻ ۽ اسٿان لفظ ”اسٿل“ جُڙيل آهي جنهنجي معنيٰ آهي ”سُڪل نوٽ“ . اهو لفظ بدلجي ٿل ۽ پوءِ ٿر ٿيو.ٿاڌ صاحب ”ريٽ “ سان ڀرپور ڀاڱي کي اهڙي چيٽي سان ڀيٽي ٿو جنهن جا ڏگها ۽ گهراڻا واريءَ جي پکڙجڻ جي نشاندهي ڪن ٿا جيڪي هڪڙي گهٽ واريءَ هاٽي پٽ تي وچي چڙهيا آهن ۽ مٿن ٿورڙي آبادي وارا ننيڙاننيڙا ڳوٺڙا ۽ وسنديون آباد آهن. ٿاڌ ماروٿر جي حدن کي بيان ڪندي لکي ٿو تہ مارسٿلي جي اُتر ۾ گهار جي پٽي آهي, ڏکڻ ۾ وڏي لوڻ ڏُبڻ ”رڻ“ ۽ ”ڪولهي واڙو“ آهن, اوپر ۾ اراولي ڏونگر ۽ اولهه ۾ سنڌ ماٿري آهي. اسا ن جي موجوده ٿر جون حدون اولهه ۾ ميرپورخاص ضلعي سان لڳن ٿيون. اولهه ڏکڻ ۾ بدين ضلعو آهي. ڏکڻ ۾ رڻ اچي ٿو.اوپر ۾ هندستان پاڪستان جو دنگ آهي. اتر۾ عمرڪوٽ آهي جتان اڳتي بہ ٿر آهي جنهن سان سانگهڙ ضلعي جو اچڙو ٿر بہ آهي جنهن جي زميني سطح هن ٿر کان نياري آهي. حڪيم نجم الغني بہ جاگرافي ساڳي نموني سان ڏني آهي. انهي ڪانپوءِ لکجندڙ ڪتابن ۾ گهڻو ڪري ٿاڌ کي ئي حوالي طورورتو ويو آهي.محترم رائچند ٿرجي جاگرافيءَ بابت تفصيل سان لکندي ڀهريائين ڀهريائن ان جي طبعي گهاڻن جو احوال ڏنو آهي تہ ”سنڌ جو ٿرپارڪر ضلعي جا ٻہ طبعي ڀاڱا آهن; هڪڙو ڊٽ يعني پٽن وارو وارياسو ڀاڱو ٻيو ڏاڌي (سخت) زمين وارو ڀاڱو.“ ڇاڪاڻ جو جنهن وقت تاريخ ريگستان لکي ويئي هئي ان وقت ٿرپارڪر ضلعو جنهن پکيڙ تي مشتمل هو تنهن ۾ موجودو ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ جا ضلعا بہ شامل هئا. اڳتي وري محترم رائچند ٿر کي ٿر ۽ پارڪر کي ملائي ٿرپارڪر ڪوٺيو آهي. جنهن جي پکيڙ تاريخ ريگستان جي ڀهرئين جلد ۾ هن ريت ڏني ويئي آهي,” شروعات ۾ ٿر پارڪر ضلعي ۾ فقط ڏيپلو مٺي ۽ ننگر پارڪر تعلقہ داخل هئا. قديم تفصيل موجب فقط انهيءَ ٽڪر جي ڊيگهہ 120 ميل ۽ ويڪر 40 کان 50 ميل, ۽ سموري ايراضي 4500 چورس ميل هئي. ڇاڇرو تعلقو جو ان وقت عمر ڪوٽ ضلعي ۾ داخل هو. سو جدا آهي, جو خود ايڏو وڏو تعلقو آهي جو ٻين ٻن تعلقن جو مٽ ٿيندو. هي تعلقو ايراضيءَ جي لحاظ کان سڄي سنڌ ۾ وڏي ۾

وڏو تعلقو آهي. پارڪر پاڳي جي ڊيگهه 03 ميل ۽ ويڪر 20 ميل ٿيندي. هي ضلعي 13_24 ۽ 21_36 اتر ويڪرائي ڦاڪ، 40_68 ۽ 5_71 اوپر ڊگهائي ڦاڪ ۾ آهي. اُن جي ڪل پکيڙ 13690 چورس ميل آهي. "سنڌ گزيٽيئر" موجب پکيڙ هيٺئين موجب آهي .تعلقو مٺي 1562 چورس ميل، تعلقو ڇاڇرو 2796 چورس ميل. تعلقو ڏيپلو 1503 چورس ميل، تعلقو ننگر پارڪر 1617 چورس ميل، تعلقو عمرڪوٽ 1466 چورس ميل، جن مان 1018 چورس ميل ٿر ۽ 448 چورس ميل نارو يا ڏاڍي زمين. انهيءَ حساب سان جملي پکيڙ 8496 چورس ميل آهي. ڪن تفصيلن موجب سڄي ڊيزرٽ جي پکيڙ 10542 چورس ميل آهي جنهن ۾ ڪيپري تعلقي جي پٽن وارو پاڳو به اچي وڃي ٿو". موجوده ٿر جيڪو ٿرپارڪر۽ عمرڪوٽ ٻنهي ضلعن ۾ آهي تنهن جي ٿلهي ليکي ڪڇ ويڻٽ 22000 چورس ڪ م آهي، جنهن مان 19637 چورس ڪ م ٿرپارڪرضلعي ۾ آهي. محترم رائچند ٿرپارڪر جي پٽن ، ڏهرن ، پاٽيءَ جي نياڻن ۽ ڪارونجهر جي ماڳن جا نالا ڏنا آهن. بيهڪ ، طبعي بناوت، زمين جي خاصيت، پلائي ڊلائي ۽ ٻين سڀن جي ڪري محترم رائچند هريجن ٿر کي ائن پاڳن ۾ ورهايو آهي جيڪي هن ريت آهن 1. ڪاڻڙ 2.ڪنٺو 3.پارڪر 4.سامروٽي 5. ونگو 6. وٽ 7. مهراڻو 8. ڍاٽ .

انهي سموري پس منظر بيان ڪرڻ جو مقصد هو ته ڪا ڳالهه واضح ڪري سگهجي. ٿرپارڪر کي جڏهن چئوپلاندو ڏسجي ٿو ته ٿر جي پوڻيءَ پاڳوان ۽ ڀهڳڻ نظراچي ٿي جنهن جي ڏکڻ الهندئين پاڳي ۾ وڏيون پٽون نظراينديون. پارڪر ۾ سنئين سنواٽي زمين آهي. ڪارونجهر ڇپر جا مختلف ڏونگر آهن. اتراوپر ۾ پٽن جي بيهڪ بناوت ٿوري مختلف آهي. پاٽيءَ جا نار ڏکڻ اولهه ۾ زمينن جي مٿاڇري جي ويجهو آهن ته اتراوپر ۾ پاٽي اونهو آهي. ٿر۾ جتي جبل آهي تتي لوٽانو رڻ به آهي ته پارڪر جو پٽ ۽ واريءَ جي پٽن وارو وارياسو علائقو به آهي. ٿر ۾ ڪوئلو چيني مٽي، لوڻ ۽ گرينائيٽ پٿر جا ذخيرا آهن. ٿر جي اها پٽي جيڪا بئراجي پاڳي يا دريائي پاٽي سان لڳولڳ آهي تنهن کي "ڪس" چيو وڃي ٿو. ڪس جا ماڻهو ٻنهي طرفن جو مزو ماڻين ٿا. ٿر ۾ ساوڪ آهي ته ٿر ۾ آباد آهن جيڪڏهن ٿر ۾ ڏکيون حالتون آهن ته وڪ وڏائي بئراجي علائقي ڏانهن هليا وڃن ٿا. ونگي جو پاڳو پاٽيءَ جي ڪناري جي ونگ ناهڻ جي ڪري مشهور ٿيو۽ ان جي آس پاس واري پاڳي کي ونگو سڏيو وڃي ٿو. رڻ جي ڪناري يعني ڪاري پاٽيءَ سان لڳندڙ پٽيءَ کي "وٽ" چيو وڃي ٿو. هتي جر جو پاٽي مٺو ۽ مٿاڇري جي ويجهو آهي تنهنڪري هتي جو سيمون تمام پليون آهن. مالداري مک ڪرت آهي ته ماڻهو به ڏاڍا سادا ۽ سباجها آهن. ڪس کان وٺي "ڪنٺي" تائين "مُهراڻو آهي. مهراڻي لفظ کي "مهراڻ " نديءَ سان ڳنڍيو وڃي ٿو جيڪو غلط آهي. مهراڻو ٻن ٽري لفظن ، مُوهر (منڍ، اڳ) ۽ آڻو (ايندڙ) جي ميلاپ سان ٺهيو آهي. يعني اهڙو حصو جيڪو دريائي پاڳي ڏانهن وڃڻ وقت ان کان اڳ اچي ٿو يا ان جي منڍ ۾ آهي. هتي جون ٽليون يعني ڪيڙاپ زمينون انتهائي زرخيز آهن پر پاٽي يا ته اونهون آهي يا کارو آهي. ماڻهو به باقي ٿر کان ڪجهه نيارا آهن. ڪنٺي جوعلائقو

منٽي ڪان شروع ٿي ڏکڻ اوڀر ۾ پارڪرسان وڃي لڳي ٿو. هن ۾ ڇاڇري تعلقي جو ڏاکڻيون پاڱو به شامل آهي. هي ٿر جو مرڪزي پاڱو آهي . زمين پلي آهي. جر جو پاڻي به مناسب آهي. سامروٽي جو پاڱو منٽيءَ جي ڏکڻ ۾ شروع ٿي هڪ طرف وٽ سان لڳي ٿو ته ٻئي طرف مهراڻي سان ۽ ڏکڻ ۾ پارڪر اچي وڃي ٿو. پارڪر جو ٽڪرو منٽي هاڻو زرخيز پاڱو آهي جنهن ۾ پلي پوک ٿئي ٿي. ڇاڇاڻ جو ڪارونجهر مان 16 ڪن نديون وهي پارڪر جي ڌرتيءَ تي ڇوڙڪن ٿيون يا رڻ ۾ هليون وڃن ٿيون. ان ڪانسواءَ کوهن جي پاڻيءَ تي به پوکي ٿئي ٿي. مالداري به ججهي آهي. ماڻهو به تمام سادا ۽ سباجها آهن. هن تي نالو تاريخدانن جي بقول سمنڊ پاراڪرڻ تان پيو جيڪو بعد ۾ پارڪر ٿي ويو. ڪارونجهرڏونگر ۾ پاڻيءَ جي ججهائيءَ جي ڪري اڻ ڳڻيا ڪگاه ہوٺا به ٿين ته جيت جانور ۽ پکي پکڻ پڻ.. پارڪر جي اتر. ڪنٽي جي اوڀرءِ ڪاٺڙ جي ڏکڻ ۾ ايندڙ خطي کي ڍاٽ چئجي ٿو. جيتوڻيڪ ڍٽ ٿرجي ايرندئين حصي جو نالو آهي. هن حصي جي اتر ۾ جيڪو علائقو اچي ٿو سو ڪاٺڙ سڏيو وڃي ٿو. ڪاٺڙ ۾ به پاڻي اونهو آهي . ماڻهو به اونهي مزاج وارا آهن. ڪنٽي ۽ ڍاٽ واري علائقي ۾ ڪوئلي جا اجگر ذخيرالذّاويا آهن جن ۾ پاڻيءَ جا به وڏانار آهن. اهو به ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي ته هتان ڪا ندي به وهندي هئي جيڪا پوءِ گم ٿي ويئي. منهنجي خيال ۾ هي علائقو ساگر جو پيٽ محسوس ٿئي ٿو. ڪارونجهر جا پري ڪئمبريئن راڪ فارميشن وارا لسايل پهڻ پاڻيءَ جو هجڻ جو پختو اهڃاڻ آهن. ٿرجون ڀٽون به پنهنجي بناوت ۾ ڪافي معنيٰ خيز آهن. ڪو ارضياتي ڀونچال آيو هوندو جنهن سان نه رڳو سمنڊ هٽيو هوندو پر ڀونءِ ۾ جيڪي ڏار پيا سي هوائون لڳڻ ڪري اڀُتي هلي ساڳر رخ واريڻ ڀٽن جي شڪل ۾ نروار ٿيا. زمين زرخيز هئي ۽ اوپڙ ايري، ٿرآباد ٿيو ۽ ماڻهو مال ڪاهي اچي ٿر ۾ آباد ٿيا ڇاڇاڻ جو هتان جو سيمون ۽ گاهن جي انڇر سندن گوهرن لاءِ گنج هئا.

# ٿرجي ڏرتي.... پٽون تہ مٽيءَ جون پينرون

ٿرجي ڏرتيءَ جو مٿاڇرو جيئن مالامال آهي تيئن ڌرتيءَ اندر بہ ڪيئي خزانا سمايل آهن جن مان ڪي پڌراتيا آهن تہ ڪي اڃتي هلي پڌراتيڻا آهن. مٿاڇري تي جيڪي من موهيندڙ روپ ٿر جي ڌرتيءَ تي آهن تن ۾ مشهور پٽون، مشهور ڍر، مشهور لڪ، مشهور ناڪون، مشهور ترايون، مشهور نديون، ڪارونجهرجو ڇپر، رڻ جي پٽي، گم ٿيل واهڻ سرسوتي المعروف هاڪڙو لوڻ جون ڍنڍون، وغيره اهڙا مظهر آهن جن جي تفصيلي اڀياس جي ضرورت آهي جيئن ٿرجي اونهي اسرارجي سرڪي ڳولهي لهي سگهجي.

ٿرپارڪر جا جيڪي بہ مکيہ پاڳا آهن تن ۾ ٿرپکيڙ ۾ پارڪر کان ويڪريرو آهي، ٿر ۾ قطب نما جهڙيون پرم داريٽون ساريکيءَ ترتيب سان رکيل آهن پر قطب نما اترڏکڻ طرف جي نشاندهي ڪندو آهي جڏهن تہ پٽون اوڀراولهہ کي نروار ڪن ٿيون. اهي اوڀر کان اڀري اولهہ ڏانهن لاٿ ڪندي وڃي ڇيهہ ڪن ٿيون.اهي پٽون ڏنارلوڪن لاءِ وڏي معنيٰ رکن ٿيون جن تي جڏهن سندن ڌڻ وسڪاري ۾ ورڏيئي چري ٿو تہ انهن جا چهراخوشيءَ مان چمڪي پون ٿا ۽ اهي پنهنجي رڍن ٻڪرين ۽ ڍڳين کي نينهن مان نالون ڪندي نظراچن ٿا تہ ڪٿي ويراڳڻ يعني ونجهلي يا بانسري وڄائيندي نظرايندا تہ ڪن جي وات چنگ جي ڇهڪارهوندي تہ ڪي وري بوڙيندي مان بره جي بيراڳ کي اظهاريندا نظرايندا.

ٿرجي چند مشهور پٽن جو احوال استاد رائچند پنهنجي لکيل ٿرتاريخ جي ڪتاب تاريخ ريگستان جي ٻنهي پاڱن ۾ ڏنو آهي، جن جو وچور هن ريت آهي:

ڪانڪر نالي پٽ سڄي ٿر ۾ اوچي ۽ 1.5 ميل ڊگهي پٽ آهي جيڪا هيلاريو لنجا ۽ پوسرڪي ساند جي وچ ۾ آهي. لوٽڪي پٽ (اوچائي 588 فوٽ، داديءَ جي تڙجي اتر ۾) ساڻڏور پٽ(اوچائي 408 فوٽ) ارنيارو پٽ(اوچائي 484 فوٽ) روجهڙپٽ (518 فوٽ) ڏاريندڙو پٽ (529 فوٽ) عالمسر پٽ(492 فوٽ) ڪاري پٽ (ڳوٺ ٻسارٽي کان 2.5 ميل، 595 فوٽ) جهونڊ پٽ (373 فوٽ) ويراڙو پٽ (459 فوٽ) گنگاسرو پٽ( 428 فوٽ) ويسروڙي پٽ(ساهوساند جي اوڀرم) ڏنوڙي پٽ (512 فوٽ، تڳوسر جي اتر ۾) ڀوڪاٽي پٽ(چارنور جي اوير ۾) جهرڪلي پٽ(جينئد و درس جي اوڀرم) ڪانڊلڪوٽ پٽ (وڪڙيو جي اتر ۾) چانگي جو ٽونڪ (ڇيلهار جي اولهہ ۾) ٻانهياري پٽ(تڙ همير وٽ) ڪرڪر پٽ (جيسي جي پارجي اترم) شهمير پٽ(شهمير تڙ جي اتر ۾) سونيا ٻهہ پٽ(جيسي جي پار جي اتر ۾) ڪيل پٽ (مٺي جي اترم.... هن پٽ تان ڀوري ناري واري هوائي جهازن کي واٽ ڏيکارڻ واري روشني 74 ميلن تان ڏسجي ٿي) ڪوهراڙي پٽ(ڇيلهار جي ڏکڻ ۾.... هتان 72 ميل پري ڪارونجهر جبل ڏسي سگهجي ٿو) آسابو ٽونڪ(پابوويري جي اوڀر ۾......هتان 60 ميل پري ڇهوتڻ جو ڏونگر ڏسجي ٿو)

ٿر جي ڌرتي جي متاچري جي طبعي پاڻن لاءِ پڻ مختلف نالا آهن. پٽ جو اهو پاسو جتان پٽ شروع ٿئي ٿي تنهنکي" **ماٿاري**" ۽ وڏيڪ اوچي ماٿاري کي "ڳاٽ" چئبو آهي. ڳاٽ جيڪڏهن ڊيگهہ ۾ ڇوٽو آهي تہ انکي "ڳاٽڙي" چئبو آهي. ڳاٽ يا ڳاٽڙي جي هنج واري هنڌ کي "ڀُڪڙ"چوندا آهن. پٽ شروع ٿي جتي ڇيهہ ڪري ٿي ان کي "پوڇاندو" چئبو آهي. پوڇاندو جيڪڏهن ٻن حصن ۾ ٿيئي پوي ٿو تہ اهو" ڦنگهہ" سڏبو آهي آهي. پٽ جي وچ تي جيڪڏهن متاهون اُڀار آهي تہ ان کي "اوچاهو" سڏيندا آهن. پٽ جو اهو پاسو جنهن تي سج جي روشني پوي ٿي تنهن کي "تڙڪول" ۽ ٻئي پاسي کي "گوڇار" سڏيو ويندو آهي. پٽن تي لهڻ چڙهڻ جا جيڪي گس ٺهي ويندا آهن تن کي "پاڄون" چئبو آهي جنهن جو واحد "پاڄ" آهي.انهن پاڄن تان جڏهن مينهن جو پاڻي وهي هلندو آهي تہ اهو "اوڙيهر" ٺاهي ڇڏيندو آهي. ٻنهي پٽن جي وچ واري سڏي ۽ متيهاٽي زمين کي "ڏهري" چوندا آهن ۽ روينيو جي زبان ۾ اها "تلي" آهي يعني پوک لائق زمين آهي. "ڏهرُ" وري اهڙي سڏي زمين آهي جيڪا وسيع پکيڙ تي مشتمل هوندي آهي. ننڍن ڏهرن کي "ڇوٽيا ڏهر" سڏيو ويندو آهي ۽ سمورا وڏا ڏهر خاص نالن سان سڃاتا وڃن ٿا.جيئن: 1. ڏاڪي ڏهر 2. ڇڇيءَ جو ڏهر 3. وڇيري جو ڏهر4. هيڪل ڪوري ڏهر5.گئوچر ڏهر6.ڍوڪاري ڏهر7.ٽانپيءَ جو ڏهر8.ڇهو ڏهر9.گوگهاروڏهر10.ڏسارٽو ڏهر

ٻنهي پٽن جي وچ واري زمين جيڪڏهن پيٽ ۾ سوڙهي ۽ لام ۾ ڊگهي آهي تہ ان کي "نوڻ" ۽ جيڪڏهن وڏيڪ ويڪراند واري آهي تہ ان کي" مڙهو" چوندا آهن. مڙهو جهنگ لاءِ عام لفظ پڻ آهي.

اهڙي طرح جيڪڏهن نوڻ کان بہ ايراضي ۽ پکيڙ گهٽ آهي تہ پوءِ انکي "مَندر" سڏيو ويندو آهي. ننيڍڙن مندرن کي مگريا چيو ويندو آهي. ڀڪڙ کان پوئتي جيڪڏهن ڪو هيناهون هنڌ هوندو آهي تہ ان کي "جهول" سڏيندا آهن، جيئن ٻيپي وارو جهول وغيره . پٽن جي وچ ۾ متيهاٽي زمين کان اڳتي جيڪا ڪونئري زمين هوندي آهي تنهن کي" ڊاڳو" چئبو آهي . پٽن جي وچ ۾ سنهي ڇپپاٽ نما ايراضي آهي تہ ان کي "ٻيکر" چئبو آهي. ڪيڙاپ ايراضيءَ جو جيڏاهن پاڻي ڇوڙ ڪندو آهي تنهن کي "پاڻي ڊوڙ" چئبو آهي ۽ زمين تي پهرين انهي جو حق ٻيهندو آهي جنهن جي زمين جو اهو پاڻي ڊوڙ وارو حصو هوندو آهي."لڪ" پٽ جو لنگهہ وارو هنڌ آهي . هڪ ڳوٺ يا مڪان سان جيتري زمين يا مڙها ۽ جهنگ لاڳاپيل هوندو آهي تنهن کي "سِيم" چئبو آهي. هڪ ڳوٺ جي سيم سان جتي ٻئي ڳوٺ جي سيم گڏبي آهي اتي جيڪو لنگهہ هوندو آهي تنهن کي "ناڪ" چئبو آهي. پٽ جي سنهي پوڇاندي يا ان مان نڪرندڙ سنهي حصي کي "مُڇ "سڏيندا آهن. جتي گاه جام ٿئي اهڙي مڙهي کي "ويئريا ويئري" سڏيو ويندوآهي.برسات يا زلزلي جي ڪري پٽن مان يا زمين ۾ ٽيندڙ ڦوٽ کي "ڏرڙ" چوندا آهن. وهندڙ برساتي پاڻي جتان لنگهہ ٺاهي تنهن کي "ڳارو" سڏيو ويندو آهي. ڳوٺ جي گهرن ويجهي زمين کي "اجهور" چيو ويندو آهي. اهي اجهور آسائش طور گڏيل ملڪيت هوندا

آهن جتي مال چاريو ويندوآهي ۽ کو بہ اجهور کي پوکڻ کان پاسو ڪندو آهي. پر هاڻي ڳوٺاڻي سماج ۾ تبديلي ، روينيو قانون ۾ سرشتي جي ڪمزور ٿيڻ يا آبادي وڌڻ جي ڪري سمورا اجهور پوکجي ناس ٿي رهيا آهن. ٿر جي ڌرتي ،مينهن جي پوچ پاڻي لاءِ ايئن سڪندي آهي جيئن سمنڊ جي سپ سانوڻ جي ڦڙين لاءِ واجهائيندي آهي.مينهن جو پاڻي ٿر جي ڌرتيءَ کي اهڙي جنت نظير بنائي ڇڏيندو آهي جو هرڪو انهن منظرن کي پنهنجي يادداشت جو مستقل حصو بنائي وٺندو آهي ۽ اهي نقش زهن جي ڪينواس تي چٽجي ويندا آهن. برڪا جو پاڻي مختلف هيناهن هنڌن تي بيهندو آهي انهن ماڳن لاءَ الڳ الڳ لفظ نالي طور ڪتب آندا وڃن ٿا. اهڙو هنڌ جتي ججهو پاڻي بيهي ٿو تنهن کي “ترائي” سڏيو ويندوآهي. ننڍي ترائي کي ”ٽوپو“يا ”ڍهو“ چوندا آهن. ترايون ڪنهن وقت “سر” بہ سڏيون ينديون هيون جن جا نالاڄ بہ راڻاسر، پوڙيسر،ڪجلاسر آهن. يا انهي سر پويان ڳوٺن جا نالا رکيا ويا جهڙوڪ، گوگاسر،نبيسر، رڙياسر،پيماسر وغيره. ايئن ٿر جي سموري مٽاڇري لاءِ الڳ الڳ لفظ آهن جن کي پنهنجو پنهنجو پس منظر آهي.

# ڪارونجهرني ڪور، مريئي تو ميلهئي نهين!!

ٿرپارڪر جي بيهڪ ۽ جاگرافيءَ ۾ ڪارونجهرجي اهم حيثيت آهي. قدرت جو هي نيارو روپ فطرتي حسناڪيءَ جو نرالو روپ آهي جنهن کي ڏونگرن جي قطار ۾ ممتاز حيثيت حاصل آهي. هونئن بہ ڏونگر ڌرتيءَ جي گولي تي هڪڙو منفرد منظر پيش ڪن ٿا. دنيا جي مذهبن ۾ بہ جبلن جي مجيل حيثيت آهي. ديومالائي ڪٿا ۾ بہ ڏونگرسپ ڪان گهڻو بحث هيٺ آيا آهن.ادب ۽ شاعريءَ ۾ بہ جبلن جي جنسار جو ذڪر آهي. ڀٽائيءَ جبلن جي سونهن ۽ سفر جي ڏاکڙن کي محسوس ڪندي ڪٿي ڏونگر کي ڏوراپو ڏنو آهي تہ ڪٿي ڏونگر کي ڏکوين لاءِ دلاسا ڏيندڙ ٽيڻ جي صلاح ڏيندي فرمايو آهي:

ڏونگر ڏکوين کي دلاسا تہ ڏجن،
گهڻو پُڇجي تن کي وٺان جن هوت وڃن
تون ڪيئن سندا تن، پهڻ پير ڏکوئين

پُون تي ڪيرن وانگر لڱل هِي قدرتي ميخون جتي ڪٿي آهن. سموري ڀرٿويءَ جا چوندا پاڳا انهن سان سجايل آهن نہ رڳو ايتروپر زمين اندر بہ جيڪي جبلن جون وڏيون رڀون آهن تن جي چُرڻ پُرڻ سان پون ڪنپ اچن ٿا جيڪي ڌرتيءَ تي تمام وڏيون ۽ ڏور رس تبديليون آڻين ٿا، جبل آڳ بہ اوڳاڇين ٿا جنهن ڪري ڪافي نقصان بہ ٿئي تہ وري اِن لاوي جي ڇار جي ڪري ڌرتيءَ جي زرخيزي وڌي وڃي ٿي - جبلن ۾ انيڪ قدرتي دولتون موجود هونديون آهن جن تي اُن علائقي ۾ رهندڙ توڙي ٻين ماڻهن جو گُذر سفر هوندو آهي.

سنڌ کي بہ قدرت جبلن جي قدرتي دولت سان مالامال ڪيو آهي جنهن جي ڪري سموري سنڌ جا رهواسي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ڪونہ ڪو لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن. مارئيءَ جي حُب الوطنيءَ سببان مشهوري ماڻيندڙ ٿر جي پارڪر واري علائقي جي خوبصورت پيشانيءَ تي قدرت طرفان ”ڪارونجهر“ جي صورت ۾ هڪڙو املهہ موتي سجايل آهي جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا مُلڪان مُلڪ مشهور آهي ۽ منجهس موجود قدرتي دولت ۽ سونهن سموريءَ دُنيا جي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائيندي رهي آهي ۽ ڪارونجهر جيِ اِن خوبصورتيءَ هر اُن تخليقڪار جي ذهن تي گهري ڇاپ ڇڏي آهي جنهن بہ هُن جو هيئين جي اکين سان مُشاهدو ڪيو آهي - تڏهن تہ هڪڙو لوڪ شاعر هيئن چئي وينو:

ڪارونجهر ني ڪور، مريئين تو ميليهئي نهين
ماٿي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو

ڪارونجهر جي ڪور مرڻ گهڙي تائين ماڻهوءَ کي وسري نہ سگهندي، جڏهن اُن مٿي تي مور ٿهوڪا ڪندو آهي تہ اُن جي پڙاڏي سان ايئن محسوس ٿيڻ لڳندو آهي جڻ سموري ڏُونگر ۾ ڏيئا ٻري پيا هُجن.

ڪارونجهر بابت ٿرجي سمورين تواريخن ۾ ذڪر آهي.ريگستان جي تاريخ،سيرريگستان ۽ پراڻو پارڪرقابل ذڪر ڪتاب آهن جن ۾ هن ڏونگرجو احوال آهي.ان ڪانسواءِ ٻين مضمونن ، مقالن ۽ شاعريءَ ۾ بہ ڪارونجهرسلسلي جوذڪر اچي ٿو.

تاريخ ريگستان ڀاڱي پهرئين ۾ صفحي 5 ۽ 6 تي اُستاد رائچند هن جبل بابت لکي ٿو"ننگرپارڪرشهروٽ جبلن جي هڪ وڏي قطار ڪڙ جي بيضي وانگر ڦري اچي ٿي . جنهن جي وچ ۾ ماڙيون آهن. اها قطارڪارونجهرسڏجي ٿي. انهي گول قطار جي ٻاهرين گولائي ڪي 32 ميل ۽ ڪي 20 ميل ٻُڌائين ٿا، پر سنڌ گزيٽيئر ۾ 12 ميل ڄاڻايل آهي.وڏي جبل جي چوٽي، زمين جي سطح کان هزارفوٽ مٿي آهي. هيءَ ٽڪري ننگرپارڪر شهر جي پرسان ڏکڻ الهندي طرف ۽ ڪڇ جي رڻ جي اُترايرندي ڪنڌ تي آهي."

پراڻي پارڪرجي ليکڪ محترم منگهارام اوجها هن جبل کي 16 ميلن تي پکڙيل ڄاڻايو آهي ۽ وڏي چوٽي جي اوچائي هڪ هزارفوٽ لکي اٿس.اوجها جي لکڻ مطابق 5 پانڊو ڀائرپنهنجي جلاوطنيءَ دوران هتي اچي سرڻ پيا هئا يعني پناه ورتي هئائون.

روايت آهي تہ مهاڀارت جي جنگ دوران جڏهن ڪورو سرسيءَ ۾ آيا تہ انهن پانڊون ڏيس وٽو ڏنو هو جن جلاوطني جا 13 سال هتي ڪارونجهر جي ڪور تي گذاريا هئا جن جا اُهڃاڻ اڄ بہ "ڀيم گوڏا"، "ڀيم تلاءَ"، "ارجڻ ٻاڻ" وغيره جي صورت ۾ موجود آهن.

هڪڙي ڏند ڪٿا هن طرح بہ آهي تہ شري ڪرشن هن جبل ۾ اچي پناه ورتي هئي تنهنڪري پيڇوڪندڙن ان کي ساڙيو هو ۽ انهي ساڙڻ جي ڪري اها جهرجهربنجي ويئي. شروع ۾ نالو ڪاروجهر هو جيڪو پوءِ بدلجي ڪارونجهر ٿيو.

ڪروناليجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ ۾ محترم محمد حسين پنهورهن جبل جي ڄمار جو ڪاٿو3.5 کان 5 ارب سال ڄاڻايو آهي.

آرڪيٽيڪٽ عارف حسن هن جبل جي ڊيگهہ 19 ڪلوميٽر۽ اوچائي 300 ميٽرڄاڻائي آهي.هڪ ٻئي ليکڪ مشڪورڦلڪاري پنهنجي لکيل ڪتاب "ٿرجي لوڪ ڏاهپ ۽ سائنس" ۾ ڪارونجهرجي گولائي بابت 24 ڪلوميٽر ۽ 30 ڪلوميٽر ٻڌائي آهي جيڪا بہ سندس خيال ۾ درست ناهي.ان ڪانسواءِ هن ڪارونجهر ڏونگرجي مختلف ٽڪرين جا 109 نالا بہ ڄاڻايا آهن. ان ڪانسواءِ ڪارونجهر سلسلي جون ٻين ڳوٺن جي آسپاس 45 ٽڪريون ڄاڻايون آهن.

ڪارنجهر جي نالي بابت ڪنهن ليکڪ بہ وچور سان ناهي لکيو. ڪارونجهر تي نالي جي اُپٽار ڪندي اُتان جا رهواسي لفظ ڪارونجهر لاءِ تي سمجهاڻيون ڏين ٿا؛

1) لفظ ڪارو رنگ جو نالو آهي ۽ جهر اُها سنهي داڻ داڻ آهي جيڪا سڄي جبل ۾ موجود آهي يعني ڪاري رنگ جي جهر وارو جبل.

1) Karoon= Karo= Black + Jhar= small dots= Mountain with black dotting on it.

2) ڪارو. رنگ جو نالو + جهر معنيٰ جبل = ڪاري رنگ جو جبل

2)Karoon= karo=Black +Jhar= Mountain= Black mountain

3) ڪارو. رنگ جو نالو +جهرڻومعنيٰ سِمي گڏ ٿيل پاڻي

3)Karoon= Karo=Black+Jhirno= water spring= mountain with springs

سموري جبل ۾ ”جهر جهر“ به آهي ته جهرِڻا به موجود آهن جن ۾ پاڻي موجود رهي ٿو. هن جبل جي بناوت، ساوڪ، پاڻيءَ جي موجودگي، پراڻا آثار ۽ جبل جومجموعي ماحول ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو.چاچو علي نواز کوسو مرحوم چوندو هو ته ڪارونجهر۾ 108 تاريخي ماڳ يااهڃاڻ آهن. هن جبل ۾ ڪافي چشما آهن جن ۾ ڪجهه موسمي آهن يعني انهن ۾ پاڻي صرف برسات جي موسم ۾ هوندو آهي پر به اهڙامدامي نيرماڳ آهن جن ۾ سدائين پاڻي موجود رهي ٿو. هڪ ساڙڏرو ۽ ٻيو انچليشور. ٻئي تيرٿ آهن جن تي هرسال هزارين ماڻهو ياترا ڪرڻ اچن ٿا. ٻه وڏيون نديون .... ڀٽياڻي ۽ گوڙڏرو....برسات جي موسم ۾ ارڙاتاڪري وهن ٿيون. استاد رائچند ڪارونجهر جي جن ماڳن جو ذڪرڪيو آهي سي آهن؛ساڙڏرو، گئومکي، ڀيم ڪن، انچليشور، جهرڻو ٻاين جو ٻيسٽو چندڻ گڏ.

**<u>جبل ۾ ان سان لاڳاپيل مکيه ماڳ هن ريت آهن:</u>**

**<u>جين ڏهرو:</u>** ننگرپارڪرجي شهرمان نڪرندي جيئن ڏونگرشروع ٿئي ٿوته اتي جبل جي پيٽ ۾ 5 صديون پراڻوشاندارجين ڏهرو آهي، جنهن جي اڏاوت ۽ خوبصورتي زمانا گذرڻ ۽ سُڄ جي باوجود ڏسڻ وٽان آهي.

**<u>ساڙڏرو:</u>** شهر کان اٽڪل 3 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي جبل اندرگوڙڏري نئن جي منهن وٽ هي ماڳ هندن جو انتهائي مقدس ماڳ آهي. هتي مهاديوجو هڪ مندرآهي ۽ پاڻي جو هڪ ڪن سدائين پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي .هن ڪن ۾ هندو مري ويلن جي ڦلن جو تارڻو ڪنداآهن. هتي مارچ مهيني ۾ هرسال شوراتڙيءَ جو ميلو لڳندو آهي. ساڙڏري مٿان پاراسررشي جو آستان آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته پاراسر رشيءَ ان هنڌ 10 هزارسال ٻيهي تپسيا ڪئي هئي، پرپوءِ اتي هڪڙو

اڻ وڻندڙ واقعو ٿيو ۽ پاراسر پاپ ڪري وڌو. پاراسرجي انهي پاپ جي ڪري هن ڏونگر کي سراپ مليو ته:

ڪارنجهر تنا ڪ جس، ڪ جسي ميڙيو ڪاڄ
پيدائٽي نہ پارکو، نہ رهسي ڪورشي راڄ

**گئومُکي:** گئومکي يا ڏڳيءَ جو منهن. ساڙڏري کان ڏکڻ طرف ڪلوميٽر جي پنڌتي جبل جون ٻہ چوٽيون اچي ملن ٿيون جتان برسات جو پاڻي آبشار وانگرهيٺ ڪري ٿو. انهن جابلو چوٽين گڏجڻ جي ڪري پٿرن مان قدرتي طرح ڳئون جي شڪل ٺهي پيئي آهي

**پيمر ڪن:** گئومکي جي اترپاسي 25 وکن تي پاڻيءَ جو هڪ ڪن آهي جنهن جي ويڪر 20 فوٽ ۽ ڊيگهہ 30 فوٽ آهي. برسات کان پوءِ هي تارهوندو آهي. هن کي پيمر گوڏابہ چوندا آهن

**انچليشور:** ننگرپارڪرشهر جي اتر اولهہ ۾ 3 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڏونگر جي چوٽي کان ٿورو هيٺ هنج ۾ هي چشمو آهي .هن کي انچلاس بہ چوندا آهن. هي شوجو آستان آهي. رائچند مطابق ،”هتي مهاديوجو لنگ ٺهيل آهي. انهي جاءِ تي پاڻيءَ جا لاڳيتو ٽي چشما آهن جي ڏارڏارويجهين ٽڪرين مان نڪرن ٿا. وڏن پٿرن جي آڏواڇڻ سبب انهن چشمن جو پاڻي پٿرن هيٺيان وهي ٿو ۽ ٻارهن ئي مهينا وهندو رهي ٿو. انچلاس جي آستان تي ديوان سترامداس عامل رهندڙ حيدرآباد سنڌ جي (جو ننگر۾ سب انسپيڪٽرپوليس هو) هڪ مسافرخانو ٺهرايوهو جنهن ۾ ساڌوسنت فقيرماڻهو اچي رهندا آهن ۽ پوڄن پاٺ ڪندا آهن. هتي ڦڳڻ چانڊوڪي پارهين جو ميلو بہ لڳندو آهي جيڪو هڪ ڏينهن هلندو آهي.“

**صاحب چڱو:** هن ٽڪريءَ جي سڀ کان اتاهين چوٽي شهرکان ڏکڻ طرف ٻن ڪلوميٽرن تي آهي جنهن ۾ هڪ ڪلوميٽرجبل بہ اچي وڃي ٿو. هن مٿي ترگناميٽريڪل جي دڙي ٺهيل آهي. هن کي صاحب چڱو تروٽ جي نالي پويان سڏين ٿا.چون ٿا تہ ڪرنل تروٽ جڏهن ننگرپارڪرايندو هو تہ صبح جو سويرانهي چوٽيءَ تي پسارڪرڻ ويندو هو.

**جهرڻو:** ڪاسبي ڳوٺ واري پاسي گاميرو تلاءَ جي ايرنڊئين پاسي جبل جي تري ۾ هڪ جهرڻو آهي جتان بڙبڙڪري پاڻي پيو نڪري جو فوٽ کن مٿي ڪجهي هيٺ ڪري آسپاس ريلاٽيو وڃي.

**ڀاڻن جو ڀيسٽو:** نئين ڪاسبي کان اڍائي ميلن جي مفاصلي تي جهوني ڪاسبي واري هنڌ تي هڪڙو پٿر آهي جنهن هيٺيان هڪڙي سُرنگه آهي جيڪا ٿن پاسن کان کُليل ۽ هڪ پاسي کان بند آهي. اڳي پارڪر ۾ تمام وڏا ڌاڙا لڳندا هئا ۽ گُجرات مان وقت بوقت ڪاهون ٿينديون هيون تڏهن هڪدم ڏُهل وڄايو ويندو هو ۽ سموريون زائفائون اِن غفا ۾ وڃي لڪنديون هُيون ۽ مٿان پٿر ڏنو ويندو هو ۽ ڳوناٽا وڃي حملي آورن سان مقابلو ڪندا هئا.

**ناني:** ننگرپارڪر کان اولهه طرف جبل جي چوٽيءَ تي هڪ بلڪل نرالو پٿر ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن کي ناني ڪري چوندا آهن. چون ٿا ته درويش ڪنهن مائي کي پاراتو ڏنو هو ۽ هوءَ پٿر ٿي ويئي

**چندڻ گڊ:** هي اهو چندن گڊ آهي جنهن کي پارڪرجي سوڍن پنهنجي آخري مورچي طور استعمال ڪيو. استاد رائچند مطابق، ”هي قلعو راڻي چندڻ سنگهه پٽ گوبندراءِ جو نهرايل هو، جنهن کي چندڻ گڊ چوندا هئا. جڏهن پارڪر جي راڻن بغاوت ڪئي تڏهن مئي 1859ع ۾ انگريزي فوج ڪرنل ايوانس جي ڪمان هيٺ ننگرپارڪر تي چڙهي آئي هئي ۽ اهو قلعو توپن سان اڏائي ڇڏيائين.“
”راجستان جي پراچينتا ۽ تواريخ“ ۾ ڪرنل جيمس ٽاڊ هن قلعي کي شهرجي ڏکڻ اولهه ۾ ڏونگرجي ڪناري تي ڄاڻائيندي، قلعي جي اوچائي 200 فوٽ لکي آهي. هن وقت انهي گڊ جو نالو نشان ناهي.

ڪارونجهرجي هنج ۾ ننگرجو شهر آهي ته ٻئي طرف ڏکڻ ۾ ڪاسبو ۽ صابوسڻ آهن. اولهه ڏکڻ ۾ آڏيگام آهي. جنهن لاءِ چوٽي آهي ته ”اڏ ۾ آڏيگام، اڏ ۾ پارڪر“. ڪارونجهر جي اتر اولهه ۾ پوڙيسر آهي ته اتر اوڀر ۾ ويراواءِ جو ڳوٺ آهي.
ڪارونجهر لاءِ چوٽي آهي ته هتي روزانو سوا سير سون اپجي ٿو يعني هن جبل مان جڙي ٻوٽين جي اپت، ماکي کونئر، گگر ۽ ٻين شين جو ملهه ڪٿجي ته اهو سوا سير سون جي برابر ٿيندو. ڪارونجهر ۾ هرڻ ، روجهه، بگهڙ، گدڙ سها، ڳجهون ۽ ٻيا ڪيترائي جانور، جيت جڻا ۽ پکي پکڻ رهن ٿا. گاهن ، ٻوٽن ۽ وڻن سان مالامال ، ڀاڙيءَ جي لسايل رنگبرنگي پهڻن وارو ڏونگر فطرت جو هڪ نيارو لقاءُ آهي جنهن جي ڏيک جي ڏيا کي جنهن به هڪ دفعو ڏٺو اهو بار بار هن ڏونگر کي ڏوري ڏسندو ۽ ٻين کي به هن جبل جاچڻ جي ڪوٺ ڏيندو.

# ڪارونجهر۰۰۰۰۰پارڪر۾ موجود نيارو قدرتي لقاءُ

سونهن ،حسن ، جمال، خوبصورتي اهڙا لفظ آهن جن جي معنيٰ کي محسوسات ئي معنادار بنائين ٿا ، ڇاڪاڻ دنيا جون ٻوليون ۽ زبانون اجا تائين ايتريون ترقي يافتہ نہ ٿيون آهن جو انسان پنهنجي مافي الضمير جو سمپورڻ اظهارڪري سگهي.سونهن جو ذڪر تہ ڪري سگهجي ٿو پر سونهن جي سِرجو اونهو اسرار اهڙو وسيع واهڙ آهي جنهن تان دنيا جي شاعرن،فنڪارن،مصورن،موسيقارن جيترا بہ ڏڪ پريا آهن تن نہ رڳو سندن زنگين ۾ رنگيني پيدا ڪئي پر ٻين ماڻهن جي حياتي ۾ پڻ تبديليءَ ۽ ترقي جو سبب بڻيا.ايتري اوت اوتان ۽ ماڻڪ ميڙ جي باوجود سونهن جو اونهو عميق مها ساگر اجا پري محسوس ٿئي ٿو ۽ هرهڪ سمجهي ٿو تہ هو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري رهيو آهي. اهڙي ريت سونهن جي واکاڻ تہ ممڪن ٿي پر وصف ۽ وياکياڻ اجا بہ رُهيءَ جو گاه يا رڃ محسوس ٿئي ٿي.ساجن جي سونهن جون سوين تعريفون ۽ تجلا آهن پر پوءِ بہ اظهار ۾ اڻپور ائي جي تلخي رهجي وڃي ٿي ۽ پٽائي جهڙي شاعر کي چوڻو پئجي وڃي ٿو:

**ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون ،لکن لک هزار،**
**جيءَ سپ ڪنهن جيءَ سان، درشن ڏارو ڏار،**
**پريم! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي، ڪهڙا چوان.**

پرينءَ جي اهڙن نہ بيان ٿي سگهندڙ مظهرن ۾ قدرتي نظارن جي رنگيني ۽ ڀڄڪٽائپ جو وڏو حصو آهي. هر فن ۾ قدرت جي منظرن کي ڳايو ويوآهي، مصورايو ويو آهي، اظهاريو ويو آهي، مطلب تہ انجي شان ۾ مان . سونهن ۽ سوڀيا جي ڳڻن پري ڳالھ انيڪ طريقن سان بہ ڪئي وئي آهي،پر ڳوڙهي ڳالھ جو ڳجهو ارٿ اجا بہ اسرار لڳي ٿو تڏهن تہ شاعر هن ريت انهي اڻپورائي جو اظهار ڪري ٿو:

**حسن جانان کي تعريف ممڪن نهين،**
**آفرين آفرين، آفرين آفرين**

اهڙي سوڀيا ۽ سونهن جو اثر انگيز مظهر ۽ مثال ڪارونجهر جو ڪاريءَ جهر وارو اٽڪل ساڍا ٽي ارب سال پراڻو جڳاندر جهونو جبل آهي جنهن جي پهلوءَ ۾ ڪيئي صديون پراڻيون ڪهاڻيون پوشيده آهن جن جي قدامت جي ڪيرت نسلن جي ذهنن تي اڪريل رهي آهي.انهن سيني ڪهاڻين کي ڏسڻ لاءِ ڏور ڏور کان ماڻهن جون هن موسم ۾ ڇليون ڇڇن ٿيون . ڪارونجهر جي سونهن سندن ٻئي ٻانهون کولي اهڙو آڌرياءُ ڪري ٿي جو اهي مرڻ مري ٿا وڃن پرڪاروجهر جي ڪور کي نٿا وسارين. انهي لقاءَ جو نرمل نظارو وسڪاري جي مند ۾ وڌيڪ وڌي وڃي ٿو.اسين بہ هن رت جي رنگينيءَ مان محظوظ ٿيڻ لاءِ ڪارونجهر جي حاضري ڀرڻ لاءِ وياسين.رستي ۾ ايندڙ منظرن

کي ڏسندا ڏسندا جڏهن ڪاسبي جهڙي ڪلاونت قصبي ۾ پهتاسون ته نابين ڳائڻو يوسف فقير سارنگ جا سروڪيري رهيو هو ته صورت تنهنجي سپ جڳ موهيو.
ڪاسبي تي اهو نالو ڪمال جو ڪسب ڪندڙن جي ڪرت پويان پيو يا قصبي مان ڪاسبو ٿيو تنهن جي تاريخ ته ويل وقت جي سيني ۾ محفوظ آهي پر تواريخ جي ڪتابن ۾ هن ڳوٺ جو ٽي دفعا آباد ٿيڻ لکيل آهي. پراڻو ڪاسبو جبل جي هنج ۾ هو، ٻيو دفعو ڪاسبي جو ڳوٺ موجوده ڪاسبي ۽ پراڻي ڪاسبي جي وچ تي هو. ٽيون يعني هاڻوڪو ڪاسبو سيني سياحن جي زبان تي هوندو آهي. ٻن مندرن، ٻه سو گهرن، ٻن تعليمي ادارن (پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول) ۽ سرسبز ٻنين تي مشتمل هن ڳوٺ جا رهاڪو انتهائي مهمان نواز ۽ گڻوان آهن. فقير يوسف جهڙو ڪلاڪار هن ڳوٺ جي حسن ۾ چا ر چنڊ لڳائي ٿو ڇڏي جڏهن هو دل جي تارن سان هارمونيم جو تارون ڇيڙي اهو سر آلاپي ٿو ته ”اڪڙيون ميگهه ملار، صورت تنهنجيءَ سپ جڳ موهيو“ ته سمورو منظر انهن ازلي اکين جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿو جيڪي صدين کان سچي جڳ کي موهيندڙيون رهيون آهن.
ڪارونجهر جو ڏونگرپارڪر جي مالامال ڌرتي تي هڪ اهڙيءَ ميخ وانگر ڪتل آهي جنهن جي ڪل پکيڙ ميل آهي. ڪارونجهر جي ڪناري سان ڳوٺ آباد آهن جن ۾ آڏيگام ۽ سابوسڻ جا ڳوٺ آهن. آڏيگام لاءِ ته اها چوڻي به مشهور آهي ته ”اڌ ۾ آڏيگام، اڌ ۾ پارڪر“ يعني جيترا وسيلا سڄي پارڪر جا آهن ان جيترا وسيلا صرف آڏيگام ۾ آهن. هونئن به ڪارونجهر جي جبل لاءِ چيو ويندو آهي ته هن ڏونگر جي ڏهاڙي اپت ”سوا سير سون“ آهي. درحقيقت اها سوين سير سون جي برابر آهي. سڄو ڏونگر گرينائيٽ تي مشتمل آهي جنهن ۾ سوين چشما موجود آهن جن ٻارهن ئي مهينا پاڻي موجود رهي ٿو. انهن چشمن ۾ انچلاس يا انچليشور جو جهرڻو نامڪنو آهي. هن جهرڻي جي حيثيت مذهبي هجڻ جي ڪري ڪيئي هندو جاتي ٻه اچن تا ۽ سال ٻه سال ڏهاڙو ملهايو وڃي ٿو. هيءُ جهرڻو ننگر شهر کان اتر اولهه ۾ اٽڪ 2.5 ڪ.م جي مفاصلي تي اٽڪل 300 فوٽ جي اوچائي تي واقع آهي. جنهن تائين پهچڻ لا ۽ سن ۾ ننگر پارڪر جي تعلقي مختيارڪار، حيدر آبادي عامل مسترسترامداس هڪ سئو ڏاڪن تي مشتمل چاڙهي اڏائي ۽ پاڻ ٻه هتي ئي دم ڏنيءَ حوالي ڪيائين. سندس قبر رستي ۾ انتهائي مخدوش حالت ۾ موجود آهي ۽ زماني جي بي ثباتيءَ جو چٽو چاٽو نظير بڻيل آهي. پر عبرت به اکين وارا وٺندا آهن. باقي جن جي دلين تي مالڪ مهر هڻي ڇڏي آهي تن جو مثال انڌن ، گونگن جهڙو آهي.مختيارڪار ته ڏيئومل به ننگرپارڪر ۾ رهيو آهي جنهن 1859 واري پارڪر جي بغاوت جو اطلاع حيدرآباد ڇانوڻي تار ذريعي ڏنو هو جنهن جي نتيجي ۾ حيدرآباد، ڪراچي ، ۽ ڏيسا ڇانوڻين مان برطانوي فوجن جون پلٽڻون پارڪر پهتيون هيون جن سان سوڍن پنهنجي ساٿ سنگت سان گڏجي وڏو مقابلي ڪيو هو پر ٽروٽ سندن ڏک مان بچي وڃي لاڏيئي ميگهواڙ جي گهر لڪو هو. راڻي جو وفادار ساٿي روپلو گوئل نک جو ڪولهي ثابت قدمي سان

بيٺو رهيو ۽ سچي نہ ڪرڻ جي عيوض ڦاسي ڪائي امر ٿي ويو. هنس پوري ٻاوي ۾ مهاوجي لهاڻي کي چڳليءَ جي انعام ۾ ٻنيون انعام مليون.
ڪارونجهر جي ڏاڪڻي طرف ۾ ”ٻاين جو ٻيسٽو“ نالي جبل ۾ غڦا آهي جنهن ۾ جنگ تي چڙهڻ کان اڳ نڪر پنهنجي گهرن جي عورتن کي چڙي ويندا هئا ۽ اهي بلڪل محفوظ رهنديون هيون. هونئن تہ ڀاٽين ۾ ” جوهر“ جي رسم رهي آهي جنهن ۾ مردن جي جنگ تي چڙهڻ کان اڳ سندن عورتون جان ڏيئي پاڻ قربان ڪنديون هيون. ڪارونجهر ڏانهن ويندي رستي ۾ ئي ”گوڙي“ جو ڳوٺ اچي ٿو جنهن ۾ جين مت سان لاڳاپيل ”گوڙيءَ جا ڏهرا“ آهن جيڪي هن ڏورانهين ڏيهہ ۾ اڏاوت جي فن جو نادر نمونو آهن. غلط العوام ۾ هنن ڏهرن کي مندر چيو ويندو آهي جيڪو چوڻ صحيح ناهي. اهڙي طرح ستي ڏهرا نالي سان بہ ڳوٺ ٿر ۾ موجود آهي. مندر رڳو عبادت لاءِ هوندو آهي ۽ هندن جي عبادتگاه آهي. ڏهرا عبادت سان گڏوگڏ وهڻ ۽ علم پرائڻ جو ” جين مت “ جو ٺڪاڻو آهن. گوڙيءَ جا ڏهرا ويراواه کان 14 ميل ۽ مارئي جي ڳوٺ ڀالوا کان 4 ميلن جي پنڌ تي آهن.ڏهرن جي ٻاهران انڊار پونئرو آهي جنهن لاءِ ڪيترين ئي ڏند ڪٿائون مشهور آهن.هڪڙي ڏند ڪٿا مطابق اهو پونرو زمين مان ٿيندو وجي پوڏيسر جي ڏهرن مان نڪري ٿو.ٻي ڪٿا مطابق نوجوان انگريزڊپٽي ڪليڪٽر واٽسن هن پونري کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو بيمار ٿي پيو ۽ عمرڪوٽ پهتو تہ گذاري ويو. سندس قبر بہ عمرڪوٽ جي قلعي ۾ آهي. محقق بدر ابڙي انهن سيني ڏند ڪٿائن کي پنهنجي جاکوڙ ذريعي غلط ثابت ڪيو جڏهن هو انهي پونئري ۾ پاڻ لهي ويو. حقيقت ۾ اهي چار ننديون ڪوٺيون آهن جيڪي هڪٻئي ۾ کلن ٿيون ۽ آخري ڪوٺيءَ ۾ ڌن دولت رکڻ جو جارو بہ ٺهيل آهي. اڳتي وڌي جيئن ڏهري اندر داخل ٿبو تہ پهرين انتظارگاه جهڙو ديوان عام ملندو جنهن جي گنبذ تي اندران جين مت جي سموري کهاڻي باتصوير بيان ڪيل آهي. ديوان عام مان لنگهي جيئن اڳتي هلبو تہ هڪڙو مجلسي هنڌ آهي جنهن جي ٻنهي پاسن کان ڇهہ ڇهہ ننڍڙيون ڪوٺڪيون ٺهيل آهن انهن سيني تي گنبذ بہ اڏيل آهن.. مجلسي هنڌ کان اڳتي هڪ مک ڪمرو آهي جيڪو باقي ڪمرن کان موڪرو آهي. اها بناوت ٻارهن خليفن ۽ هڪ ناٿ جي جوڙجڪي خاڪي کي ظاهر ڪري ٿي. چون ٿا تہ ان موڪري ڪمري ۾ پارسناٿ جو پتلو رکيل هوندو هو ۽ عام ماڻهوان جو ديدار ڪندا هئا ۽ دان ڏيندا هئا. هنن ڏهري جي سامهون ڏکڻ طرف روڊ جي ٻئي پاسي ” پولن آستان“ آهي جيڪو راجا پولن جي يادگيري ۾ اڏايل آهي. راجا پولن ڏاڙيلن جو پيڇو ڪندو هتي پهتو هو ۽ مقابلي ۾ مارجي ويو هو. گوڙيءَ جي ڏهرن کان اڳتي مارئي جو ماڳ ملير آهي جنهن جي ڪوه جي زيارت ڪندي گهومو لوڪ پو ڏي پرمار جي آباد ڪيل نگري پوڏيسر (پوڏو.. نالو + سر..تلاءُ پاڻيءَ جو هنڌ) اچي ٿي جنهن ۾ جين مت جا ڏهرا بہ آهن تہ گجرات جي محمود بيگڙي پاران اڏايل مسجد بہ آهي. مسجد بابت بہ مختلف رايا آهن جيڪي مورخن جي ڇنڊ ڇاڻ جا منتظر آهن.پوڏيسر جي تلاءَ کان ڏکڻ طرف ۽ سمال ڊيمس پروجيڪٽ جي پارڪ جي اولهہ ۾ ڪجهہ ستي

سنگ ڪوڙيل آهن جيڪي ڪنهن عورت جي ستي ٿيڻ جي يادگار طور نصب ڪيا ويا آهن. انهن پٿرن تي جيڪا تحرير اڪريل آهي سا وقت جي واچوڙي دنڊلي ڪري ڇڏي آهي پوءِ به پڙهڻ جهڙي آهي ۽ ڪوشش ڪبي ته ايندڙ ڪچهريءَ ۾ ان لکت جو پيرائتو احوال پڙهندڙن تائين پهچائجي. پوڊيسر جا ڏهرا گوڙيءَ جي ڏهرن کان مختلف آهن. ٻه ڏهرا ڪجهه نيڪ حالت ۾ آهن جڏهن ته ٽيون ڏهرو ڊهان ڊهان ڪري رهيو آهي. جنهن کي مورخن پوٺي ڏهرو ڪوٺيو آهي. ٻن ڏهرن جي آسپاس پيير زور سان هٽڻ سان هيٺ پولار محسوس ٿئي ٿو. هتان کان پوءِ ننگرپارڪر جي شهر جو نظارو آهي جيڪو ڪارونجهر جي هنج ۾ آهي. جبل مان ڪافي نديون برساتي پاڻي جي ڪري وهن ٿيون جن ۾ ڀٽياڻي گوڙڌرو ۽ گهر ٽياري نئن مشهور آهن. سياح انهن ندين جي پاڻي ۾ ترن ۽ وهنجن ٿا ، اها سرگرمي انتهائي پر لطف هوندي آهي. ڪارونجهر جي دامن ۾ آباد هن شهر ٻه ڪيترائي انقلاب ڏٺا ۽ اجڙي وري آباد ٿيو آهي. هن ۾ رهندڙ جيني اوسواڙ واپاري لڏي وڃڻ کان پوءِ هن شهر جو وڻج واپار وري اوتر و زور نه وٺي سگهيو آهي. هن شهر انگريزن جي ڪاهه کي به اکين سان ڏٺو ته سوڍا فورس کي انجو بهادريءَ سان مقابلو ڪندي پڻ پرکيو. ڪارونجهر جبل اندر هڪڙو روڊ مشهور تيرٿ ساڙڌري ڏانهن وڃي ٿو پر ساڙڌري ڏام کان پوئتي ٻه ڪ م جي مفاصلي تي بيهي رهي ٿو ۽ گهومو لوڪن کي پيرين پنڌ وڃڻو پوي ٿو. ساڙڌرو هندن جو تمام وڏو تيرٿ آستان آهي جيڪو گنگا کان ٻه قديم آهي. هن چشمي ۾ هندو ”ڦل تارڻ “ ايندا آهن . ساڙڌري جي ويجهوئي مرگهي ڪن آهي ۽ ان کان اڳتي ” گئو مُکي “ آهي. چندن گڏ ٻه هن ئي جوءِ ۾ هو جنهن کي برطانوي توبخاني 1859 ع ۾ مسمار ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح ڪارونجهر جو سمورو قدرتي جنسار جڳ کي موهڻ جي هڪ من موهيندڙ صورت آهي جنهن کي هڪ دفعو جيڪو ٻه ڏسڻ اچي ٿو اهو سموري حياتي ايندو رهي ٿو. ايئن صدين کان هلندڙ اهو سلسلو اڄ ٻه جاري ۽ ساري آهي. هرروز اٽڪل 1500 گاڏيون ۽ 5000 موٽر سائيڪلون اچن ٿيون. پر سياحن جي سهوليت لاءِ جيڪي سهوليتون آهن سي اٽپوريون آهن . ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومتي سطح تي توڙي خانگي شعبي جي سهڪار سان ڪائڻ پيئڻ ۽ رهڻ جون سهوليتون هئڻ گهرجن جنهن وسيلي مقامي هنرن کي همٿايو وڃي جيئن علائقي جي اقتصادي حالت ۾ پڻ تبديلي اچي.

# ڪارونجهر جون نديون

ڪارونجهر ايترو تہ گهرو ۽ گيرب وارو آهي جو منجهس ڪيترائي قدرتي خزانا موجود آهن، جن جي اُپت جو لاپ ايترو مُلهائتو آهي جو چوڻي آهي تہ ڪارونجهر مان هرروز سوا سير سون پيدا ٿئي ٿو. انهن خزانن ۾ جتي ٻيون ڪيتريون ئي قيمتي وٿون موجود آهن تتي ڪارنجهر ۾ آب اپار آهي ۽ سجو سال ڪٿي نہ ڪٿي پاڻي موجود هوندو آهي. ڏونگر ۾ موجود چشما برساتي پاڻيءَ سان وهندڙ ندين ، نين ۽ وهڪرن ذريعي ٻيهرتار ٿيندا رهندا آهن. اهڙن چشمن ۾ جبل جي اُتراولهہ ۾ ، سداوهندڙ انچليشور جو چشمو جنهن کي انچلاس بہ چوندا آهن ۽ ساڙڏري وارو مرگهي ڪن مشهور آهن.

انهن آبگاهن کانسواءِ ڪجهہ مشهور نديون بہ آهن جيڪي برسات جي موسم ۾ جڏهن ارڙاٽ ڪري اُٿلن ٿيون تہ سمورو پارڪر پنهنجي خوشحال مستقبل جا خواب اُڻڻ شروع ڪري ٿو. اهي نديون هي آهن:

1. **گوڙڌرو ندي:** هيءَ ندي ڪارونجهر ڏونگر مان نڪري ٿي ۽ اٽڪل سوا ڪلوميٽر پنڌ طئہ ڪري ڀٽياڻي ندي سان اچي ملي ٿي. هن نديءَ جي منڍ کان هن سان گڏوگڏ هڪ ننڍي نئن وهي ٿي جيڪا هن جي ڇاڙهہ آهي. گوڙڌرو هن علائقي جي سڀ کان وڏي ندي آهي ڇاڪاڻ تہ اها ججهي علائقي کي سيراب ڪري ٿي ڀٽياڻي نديءَ سان گڏجڻ کانپوءِ هيءَ ندي 10 ڪ م تائين وڇي لهواري پٽ ۾ وڃي لهي ٿي جيڪو مٽيهاٽو زرخيز ميدان آهي.
2. **ڀٽياڻي ندي:** هن نديءَ تي نالو ڪارونجهر جي راڻي جي گهر واري ”اُما ڀٽياڻي“ جي نالي پويان پيو ڇاڪاڻ تہ اها انتهائي ڏاهي عورت هئي ۽ ست چڙهي هئي. هيءَ ندي ڪارونجهر جي گرينائيٽ واري پٿر مان ارڙاٽا ڪندي وهي ٿي. جبل جي هنج ۾ اها ويڪري ماٿريءَ جي شڪل اختيار ڪري ٿي. تنهنڪانپوءِ هيءَ ندي گوڙڌري سان ملڻ کانپوءِ ڏونگري ۽ پيڙيئي ڳوٺ جي وچ مان ٿيندي 10 ڪ م تائين هلي وڃي ٿي.هيءَ ندي ڪارونجهر جي اترئين ۽ مرڪزواري تمام وسيع علائقي کي سيراب ڪري ٿي . پنهنجي پٿرائين وهڪري کان پري، ڀٽياڻي ندي جو پيٽ جيڪواٽڪل 300 ميٽرويڪرو آهي، تنهن جا ٻئي ڪپرا گرينائيٽ پٿرن جا آهن .سو ٻنهي پاسن کان گوڙڌرو ۽ ڀٽياڻي ندي ۽ ڪارونجهر جو ڏونگر ننگر شهر کي پنهنجي هنج ۾ سميٽي جهلين ٿا.
3. **مئو ندي:** هيءَ ندي نسبتن ننڍي ندي آهي جيڪا جبل جي هنج جي اتر، اتراولهہ ۾ پوروچوٽ وهي ٿي. هيءَ ندي جبل جي هنج کي 4 ڪ م تائين وڪوڙي جهلي ٿي ، تنهنکانپوءِ 1.5 ڪ م تائين اتر اوڀر رخ ۾ وهي ٿي ۽ اڳتي ڪوٺ مئو کان اولهہ طرفان وهندي انهي علائقي ۾ ڇوڙ

ڪري ٿي. نديءَ جو پيٽ اٽڪل 20 کان 80 ميٽر ويڪرو آهي جيڪووچٽري کان ويندي ٿلهي واريءَ وارو آهي.

4. **ملجي جي وانڊئي جي ندي:** ننگرپارڪر کان اولهه ۾ سفر ڪندي اٽڪل 5 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ملجي جي وانڊئي جي ندي پار ڪريون ٿا. هيءَ ننڍڙي ندي آهي ۽ اتر اولهه جي رخ ۾ وهي ٿي. هيءَ ندي ڪارونجهر مان نڪري ٿي. پهرين ٻن ڪلوميٽرن ۾ هن ۾ ٻيون ڪيتريون ئي ننڍڙيون نيون اچي داخل ٿين ٿيون. ڪل 15 ڪلوميٽر مفاصلو طئہ ڪري، ڳوٺ ملجي جي وانڊئي جي اولهه ۾ ڪيڙاپ علائقي ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.
5. **مونڊري جي ندي:** هيءَ ندي ڪارونجهر جي بلڪل اولهه مان نڪري ٿي ۽ اتر ۾ اٽڪل 13 ڪلوميٽرن تائين وهندي اهڙي ميدان ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي جيڪو جون کان نومبر تائين لوڻاٽي پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي. اهو حصو رڻ ڪڇ جو حصو آهي.
6. **ڪاروڙي جي ندي:** هيءَ ندي ٻہ ڪارونجهر جبل جي اولهه مان نڪري ٿي. جبل جي هنج مان ٿيندي اٽڪل 10 فاصلو فاصلو طئہ ڪري، مونڊري ۽ ڪاروڙي جي وچ مان اتر اولهه جي رخ ۾ وهندي رڻ ڪڇ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.
7. **سودراڻ ندي:** هيءَ ندي ، ڪارونجهر جبل مان ننگرپارڪر شهر کان ڏکڻ اولهه ۾ 6 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي نڪري ٿي. 15 ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري، رڻ ڪڇ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي.
8. **آڏيگام جي ندي:** ڪارونجهر جي ننڍڙين ٽڪرين مان نڪري، ڏکڻ اولهه رخ ۾ هموار وهي ٿي. هي ءَ ندي ڪارونجهر جي ٻئي طرف آهي، يعني هڪ طرفان ننگرپارڪر جو شهر آهي تہ ان جي ٻئي طرف هي ندي آهي. ننگرپارڪر کان 9.5 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، جبل جي هنج مان نڪرندڙ ڪيتريون نيون هن نديءَ ۾ اچي داخل ٿين ٿيون. 10 ڪلوميٽرن جو پنڌ طئہ ڪري هيءَ ندي رڻ ڪڇ جي پرواري ميدان ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.
9. **جنجهو ندي:** هيءَ ندي ٻہ ننگرپارڪر شهر جي ٻئي پر يعني ڏکڻ ، ڏکڻ اولهه مان نڪري ٿي. اڪثر ڪري آڏيگام نديءَ جي پورو ڇوٽ وهي ٿي. هن ۾ ڪيتريون نيون اچي داخل ٿين ٿيون.. 12 ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري، رڻ ڪڇ جي پرواري ميدان ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.
10. **ڪاسٻي واري ندي:** هيءَ ندي ٻہ ڪارونجهر جي ڏکڻ ڏکڻ اوڀر مان نڪري ٿي. هن نديءَ جي نڪرڻ جو هنڌ ننگرپارڪر شهر کان 4.5 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هيءَ ندي ڏکڻ اوڀر رخ ۾ وهندي ، ڳوٺ ڪاسٻي جي پرواري ميدان ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.
11. **سوراچند ندي:** هيءَ ندي ٻہ جبل جي ٻئي طرف آهي ۽ ننگرپارڪر شهر کان 5 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ نڪري ٿي. منڍ ۾ ٻن ڪلوميٽرن تائين هيءَ ندي ڪاسٻي نديءَ جي پورو ڇوٽ وهي ٿي، ٺنهنڪانپوءِ اوڀر طرف مڙي وڃي ٿي ۽ رڻ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. اتر اولهه مان هڪ شاخ نڪري ،

جبل جي هنج کان اٽڪل 12 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هن ۾ پوي ٿي. هيءَ ندي رڻ جي آسپاس ۽ سوراچند ڳوٺ جي اتر مان لنگهي ٿي.

12. **گهرٽياري ندي:** گهرٽي جنڊ يا چڪيءَ کي چوندا آهن . هن نديءَ جي ڪپ تي مختلف ڪمن لاءِ جنڊ پيئا ويندا هئا جن جو آواز ڏور کان ٻُڌڻ ۾ ايندو هو تنهنڪري هن نديءَ کي گهرٽياري سڏيو ويندو آهي. ننگرپارڪر کان اٽڪل 3.5 ڪ م جي مفاصلي تي , هيءَ ندي اوپر طرف کان ڪارونجهر مان نڪري ٿي. جبل جي هنج مان 2 ڪ م تائين وهڻ کان پوءِ , وي نالي سان ملي ٿي ۽ ساڳي رخ ۾ 2 ڪ م تائين وهي ٿي. تنهنکان پوءِ اوپر طرف مُڙي ٿي ۽ 2.5 ڪ م کن مفاصلو طئي ڪري, ڪيترين ئي ڇاڙن ۾ ورهائجي سنئين پٽ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

13. **ڀولڙائي ندي:** هيءَ چتراسر نديءَ جي ٽن شاخن مان هڪ شاخ آهي, جنهن تي راٽپور بند ٻڌو ويو آهي. هيءَ ندي ننگرپارڪر شهر کان اٽڪل 8 ڪ م اوپر ۾ آهي.

14. **ڦوگڙياٽي ندي:** ڪولهين جو هڪ پاڙو آهي ڦوگڙي آهي جنهن جي نالي پويان هن نديءَ تي اهو نالو پيو.هيءَ ندي چتراسر جي ٻي شاخ آهي ۽ ڪنهن حد تائين ڀولڙائيءَ جي پوروچوٺ آهي. هيءَ ندي ڏکڻ اوپر رخ ۾ 1.5 ڪ م وهي ٿي تنهنکانپوءَ اوپر رخ ۾ مُنو ڪلوميٽر وهي ٿي, تان جو ڀولڙائيءَ سان گڏجي چتراسر ۾ ملي ٿي. هيءَ تمام ننيڊڙي ۽ سوڙهي ندي آهي.

15. **مهرو ڪولهي ندي:** هيءَ چتراسر جي ٽين شاخ آهي. فورگريريئن يا ڦوڳرياٽي ندي جي اتر ۾ يا مهري ڪولهيءَ کان اڳيرو هيءُ 3.5 ڪ م جو ننيڊڙو سنئون سنواٽو وهڪرو آهي. هيءَ ندي ڏکڻ اوپر ڏانهن وهندي, چتراسر جو حصو ٿي وڃي ٿي.

16. **چتراسر ندي:** هيءَ ندي ننگرپارڪر جي اوپر ۾ آهي. هيءَ ندي ڪارونجهر جي ايرندين ڏونگرين جي وچ ۾ وڏي ندي آهي. ڀولڙائي , فو ڳرياٽي ۽ مهرو ڪولهي نديون ملي چتراسر نديءَ کي جنم ڏين ٿيون . اتر اولهه ۾ وهندڙ هن جو وهڪرو سنئون سنواٽو ۽ تانگهو آهي پر ڇيڙي وٽ اتر کان ڏکڻ ڏانهن مُڙي ٿي. اٽڪل 5.5 ڪ م مفاصلو طئي ڪري, هيءَ ندي راٽپور ڳوٺ جي سڏي ميدان ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي.

# اُني جيئن مورن اويڙ ولهارن ۾...

ڌڻي تعاليٰ ڪائنات ۾ جيڪا ڀيڱٽائپ رکي آهي تنهن ڪري ئي سنسار ۾ سونهن آهي. سنسار جي سونهن جي ورونهن هرڪنهن وندي ورچي آهي. هرهڪ ڪلاڪارجي ڏات جيترو به فطرت جي بُلنديِن کي ڇهيو آهي انهي اوترو ماڻڪ ميڙ ڪئي آهي. اهڙي ميڙا چوندي ۾ جيڪو اثرنظراچي ٿو سو فطرت جي سچائيءَ سان اظهار جو نتيجو آهي.ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي خيال کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي . هن انسان کي محور بنائيندي فطرت جي سمري مانڊڻ جي تناظر ۾ انساني رويي کي اپياسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ، ڇاڪاڻ ته انسان ڪائنات جي سموري سُرمنڊل جي مرڪزي ساري آهي .ڀٽائي جي اهڙي فطرت پسند خيال جا موتي سندس هربيت ۾ وائيءَ ۾ ملن ٿا جن ۾ هڪ طرف فطرت جي سونهن ملي ٿي ته ٻئي طرف وري ماڻهوءَ جي من جو محبت ڀريو مانڊاڻ. سندس هڪڙو ڀلوڙ بيت هن ريت آهي:

اُني جيئن مورن، اويڙ ولهارن ۾،
ساپر گوندر ڪن، جه ڦوڙائو سڄڻين

سڄڻن جي ڦوڙائي يعني جدائيءَ جي ڳالهه ڪرڻ لاءِ هن فطرت جي هڪڙي رخ کي به نروارڪيوآهي ته جڏهن مينهن جو برڪت ڀريو پلرپاٽي سُڪل نوٽ ڌرتيءَ تي وسي ٿو ته سُڪي ويل وڻ ٽڻ ۾ گاهه ٻوٽا مورجي ساوا ٿي ٿا پون يعني انهن ۾ نئين واڌ ٿئي ٿي .اهڙي طرح جڏهن سڄڻ ڪان ڦوڙائو آهي يعني ماڻهو پري آهي ته غم گوندر به ساڳي نموني وڌن ٿا يعني انهن ۾ نئين واڌاچي ٿي.

مينهن وٺي ولهارن ۾ اويڙمورجڻ جو عجب رنگ ٿر۾ چئوماسي جي رحمتي مينهن ڪان پوءِ ڏسي سگهجي ٿو ته ٿرجي وارياسي ڌرتي جيڪا پُورو بنجرجهنگ نظرايندي آهي سا مينهن جي نينهن لائڻ سان سائي ۾ ڍائي ٿي پوندي آهي منجهانئس ڪيترائي وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گاهه ۾ وليون اپڙي نروار ٿين ٿيون. انهي اپيڙ کي ڏسي ، ماڻهوءَ جو روح آسودو ٿي وڃي ٿو۽ ان ۾ ڪيئي خوش خيال اپرن ٿا جن سان من جو بن گل وگلزارتي پوي ٿو. هن سال ٿرتي چئوماسي جي برڪا پلائي ڪئي آهي ۽ ڌرتيءَ سائي چادر اوڍي آهي. سيڪجهه سائو نظراچي ٿو. ٿرکي ڪنهن وقت ڊيزرٽ چيو ويندو هو. پوءِ وري هن علائقي کي "ايرڊ" علائقو سڏيو ويو.پر ٿرجي ساوڪ پاٽيءَ جي ذخيرن ۽ اپيڙ ۾ پُون سطح جي ڀيڱٽائپ کي ڏسي، چئي سگهجي ٿو ته هي "اويڙداروارياسو علائقو " آهي جنهن ۾ ڪيترائي وڻ ٽڻ ٿين ٿا. هزارين ٻُوٽا پيدا ٿين ٿا. لکين قسم گاهن جا به ٿرجي مختلف پاڳن ۾ ٿين ٿا جن مان ڪافي گاهه ٻُوٽا اهڙا به آهن جن جو نه ڪو سائنسي اپياس ٿيو آهي نه ئي انهن جي ڪا نباتياتي درجي بندي ٿي آهي. برسات ڪانپوءِ جڏهن اويڙ اپڙي ٿي ته سيئي گاهه ٻوٽا ڌرتيءَ جو سينو چيري ، نروار ٿين ٿا. انهن کي ڏسي ، مشاهدو ڪري، انهن وٽن ٽڻن ، ٻوٽن، گاهن ۽ ولين جي نباتياتي درجي بندي ڪري سگهجي ٿي. ان ڏس ۾ نباتيات جا ماهرڪم کي اڳتي وڌائي سگهن ٿا .ٿر۾

پروفيسرعبدالجليل جوڻيجو انهي سلسلي ۾ ڀلوڙ تحقيق ڪري رهيو آهي. اسين عام ٿري جي حيثيت ۾ انهي اوپڙ جو احوال پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريون ٿا جيڪو اميد ته عام پڙهندڙن توڙي تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪارائتو ٿيندو.

ٿر جي اوپڙ کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو 1. وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا 2. گاهه ۽ 3. وليون. ٿرم جيڪي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا ٿين ٿا تن ۾ ڪنڊي، ڄار، نم، ٻير، روهيڙو، پپر، سرنهن، ڪانڪهه، ڪونيٽ، ٽانڪارو، سرنگهو، گيدوڙي، ليار، سونئاجڙو، اڪ، ڦوڳ، ٿوهر، موراڙي، ٻائوري، کپ ، ٻوهه، ٻيڙ، سڻ، ڪرڙ، لاٽو ديوي، هيرڻ ، گگرال، گانگهيٽي يا ڳاڱي، ارٽي، پٽ ڪنواريا ايريال آهن. انهن سڀني وڻن توڙي ٻوٽن جون پنهنجون پنهنجون خاصيتون آهن.

ڪنڊي سڀ کان اهم وڻ آهي جيڪو سدائين سائو رهي ٿو پر ڪنڊيءَ کي وڻ ٿيڻ ۾ وڏو وقت لڳي ٿو. ڪنڊيءَ جا پن، ٻور يعني گل، سڱر سڀئي ڪارائتا آهن جن کي چوپايو مال به شوق سان چري ٿو ته سڱرکي رڌي پاڃي طور استعمال ڪيو ويندو آهي ته ٻاقي ڏُٿ طور ڪتب آندو ويندو آهي. ڪچين سڱرين کي ٿويا چئبو آهي ۽ پڪل سڱرين کي "ڪوڪا" چئبو آهي. ڪنڊيءَ جو ڪاٺ به ڪارائتو آهي جنهن مان ڪوه مان پاٽي ڪيڻ لاءِ "پوڻ" ٺاهيا ويندا آهن ۽ ٻارڻ طور به استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪنڊي ، ڪاري نانگ ۽ ڪاري ڪانگ جي عمر وڏي ٿئي ٿي.ڪنڊي جي اهڙي گهڻ سني کي ڏسي ڀٽائي به ڪنڊي کان شاهد طور پڇيو هو ته:

ڪنڊا تون ڪيڏو جڏهن پريو ڏور وهي

جسوڏن جيڏو، تو ڪو گڏيو پهيڙو

کي ڪنڊي وڻ "لاسوڙ" ٿين ٿا يعني انهن ۾ ڪنڊا گهٽ ٿين ۽ کي وري "ٽاڪڙ" ڪنڊا ٿين يعني انهن جون ٽاريون ٻڙڪي پون ٿيون. ڪنڊو جڏهن وڏو ٿئي ته ۽ ان جي عمر وڌي ٿي ته ان جي ڪانيءَ جي وچ وارو حصو وڏيڪ نهرو ۽ مضبوط ٿئي ٿو جنهن کي "ڪِرسي" چوندا آهن. وڏن وڻن کي ڪنڊو (مذڪر) ۽ ننڍين وڻن کي ڪنڊي (مونث) چيو ويندو آهي.

ڄارجو وڻ به ٿر ۾ عام جام آهي. ڄار به سدائين سائو رهندڙ وڻ آهي جنهن کي اُٺ ۽ ٻڪريون شوق سان چرن ٿا. ڄار ۾ به ٻورلڳي ٿو جنهن مان ڪڪڙ ٿين ٿا. ڪڪڙ ماڪن ۾ تبديل ٿين ٿا جيڪي وڏاٽي پيرون ٿين ٿا. پيرن جا مختلف رنگ ٿين ٿا جن مطابق انهن کي نالا ڏنا ويا آهن ، جيئن رتيا، سيڙهيا، کهنبيا وغيره. پيرن کي ميوي طور کاڌو ويندو آهي ته سُڪائي کوڪڙ به ٺاهي ويندي آهي. پيرن مان ڳڙ به ٺاهيو ويندو آهي جنهن کي اولڻ طوراستعمال ڪيو وڃي ٿو. ڄار جا مختلف قسم ٿين ٿا جن ۾ جيڪي پڪڙيل ٿين ٿيون تن کي کٻڙ چوندا آهن. سيڙهين پيرن واريون ڄارن کي "ساڏوهيون" سڏيو ويندو آهي. جيڪي ڄاريون وڏي عمر جون ٿي ويندیون آهن تن کي "ٻوهي" ڄارسڏيو ويندو آهي. نم جوورڻ گهٽو ڪري آباديءَ وارن هنڌن تي آهي. نم جي ڪاٺي اڏوهي کان محفوظ ٿئي ٿي ڇاڪاڻ ته اها ڪاري ٿئي ٿي. نم جي ميوي کي نموري چوندا آهن جن کي پڪي ۽ ٻار

شوق سان کائيندا آهن. ٻبر جو وڻ بہ ٿر ۾ ٿئي ٿو پر گهٽ تعداد ۾. ٻبرن جا ٽي قسم ٿر ۾ ٿين ٿا. هڪڙو عام ٻبر ٻيو ولائتي ٻبر ۽ ٽيون ڏليار ٻبر جيڪو تمام ڏکي قد جو ٿئي ٿو پر گهٽ آهي. ولائتي ٻبر بہ گهٽ ٿئي ٿو.روهيڙو ٿرجو خوبصورت ۽ چيڙهي ڪاٺي وارو وڻ آهي جنهن ۾ سُگنڌ کان وانجهيل رنگين گل ٿين ٿا . روهيڙي کي فرنيچر ناهڻ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. روهيڙي جي گلن کي اُٺ ۽ ٻڪريون شوق سان کائين ٿا. اڳي روهيڙي کي فقيروڻ سمجهي نہ وڍيو ويندو هو پر هاڻي بازارجڻ کان پوءِ روهيڙي جي واڍي بہ وڌي ويئي آهي. جيئن وڍجي ٿو تيئن نوان روهيڙا اڳن ٿا پر اهي زمين جي زرخيزيءَ کي ايترو چوسي ٿا ونن جو ڪا بہ ٻي اوپڙ نٿي اپڙي. پپرجو وڻ تمام نہ هئڻ جي برابر آهي. سرنهن جو وڻ بہ گهٽ ٿئي ٿو. ڪانڪھ ڪجھ علائقن ۾ وڃي بچي آهي. ڪانڪھ جو وڻ ڏسڻ ۾ ڏاڍو خوبصورت ٿئي ٿو. انهي جا سنها نيور ڳاڙها پن سهڻو ڏيک ڏيندا آهن. هن وڻ جي ڪاٺي چيڙهي ٿئي ٿي. ڪونيٽ جووڻ ٿرجو عام وڻ آهي جيڪو سدائين سائو هوندو آهي پر انهي ۾ پن وغيرن نہ هوندا آهن. جيئن مينهن پوي ٿو تہ ڦهريائين جيڪي وڻ مورجن ٿا تن ۾ ڪونيٽ بہ آهي. ڪونيٽ ۾ ساوا سنهڙا پن لڳڻ شروع ٿي ٿا وڃن جن کي "پٽر" چوندا آهن. ڪونيٽ ۾ پڙلا ٿين ٿا جن کي چپڙا بہ چوندا آهن. اهي چپڙا بہ رڍن ٻڪرين ۽ اُٺن جو پسنديده چارو آهن. ڪونيٽ جي ڪاٺي مضبوط ٿئي ٿي جنهن مان هر ناهيا ويندا آهن جڏهن ڪونيٽ پوڙهو ٿئي ٿو تہ انجي ڪاٺي جي وچ وارو حصو نهرو ٿي "ڪِرسي" بنجي وڃي ٿو. ننڍڙن وڻن کي "ڪونيٽيون" چيو ويندو آهي. ڪونيٽ جي پاڙن مان کير ولوڙڻ لاءَ جهيرٽا ناهياوڃن ٿا.ٽانڪاري جووڻ بہ هاڻي تمام گهٽجي ويو آهي. سرنگهو ۽ گيدوڙي بہ ڪوهن وغيره تي ڪٿي ڪٿي آهن. ليار آبادين ۾ ماڻهن پوکيا آهن جن ۾ ٽيندڙ ليسورا ٻارن جو وٽندڙ ميوو آهن. سوئانجڙي جووڻ بہ گهٽ ٿئي ٿو. هي بہ ڪارائتو وڻ آهي . ديوي عام جام آهي ۽ ٿرجي وارياسي زمين کي ونجهل گاھ وانگروکوڙي ويئي آهي. ديويءَ جي ڪاٺي مان ڪوئلو بہ نهي ٿو ۽ اها آلي هجڻ باوجود ٻري ٿي. ديوي جي ڦرهين کي ٻڪريون ۽ اوٺو مال کائي ٿو. ڪرڙ جو وڻ بہ ٿرجو سهڻو وڻ آهي. تراين ۽ پاٽيءَ جي ٻيهڻ وارن هنڌن تي اپڙي ٿو. ڪرڙ جي گلن کي "پُسي " چئبو آهي . سائي ميوي کي ڏونرا چوندا آهن جن کي رڌي پاچي طور کاڌو ويندو آهي تہ ڏونرن مان سانڌاٽو بہ تيارکيو ويندو آهي. ڏونرا پچي پڪا ٿيندا آهن تہ انهن کي پکي ۽ ٻار شوق سان کائيندا آهن. انهن وڏن وٽن سان گڏوگڏ ڪجھ وڻ نما ٻوٽا بہ ٿين ٿا. اڪ جو ٻوٽو وسڪاري جي برسات ڪانپوءَ سائو ٿئي ٿو ۽ بڌي جي مهيني ۾ ان جا پن پيل ڪن ٿا جن کي "ڏيلون " چوندا آهن. اڪ ۾ خوبصورت نيرا اقليا ٿين ٿا جن ۾ ڪا سُگنڌ نہ هوندي آهي. اڪ جي ڪاٺي جي ٻارڻ کي خراب ٻارڻ سمجهيو ويندو آهي. اڪ جي سڪل ڪاٺيءَ کي سٽي ڪُٽي ان مان "آ ڪارو" ٺاهيو ويندو آهي جنهن سان ڪتون واٽيون ونديون آهن تہ رسي طور بہ ڪتب آندو ويندو آهي.ڦوڳ جو ٻوٽو بہ ٿرجو پلوڙ ٻوٽو آهي پرزيرزمين پاٽي جي سطح هيٺ ٽيڻ جي ڪري اُڏڙي ويو آهي.هن ٻوٽي جي ڦلن کي ڦوڳيسي چيو ويندو آهي جنهن کي مال بہ مزي سان کائيندو آهي تہ ان کي رڌي

ٻاڇي طور بہ واهپي ۾ آندو ويندو آهي. ٿوهرجو ٻوٽو بہ مُهراڻي ۾ ججهي تعداد۾ ٿئي ٿو. هي ٻوٽو بہ گهڻ برساتون پوڻ جي ڪري اڏڙندو پيو وڃي. ٻائوري جو ٻوٽو گهرن جي ويجهو اجهور ۾ ٿئي ٿو جنهن کي ٻاڪرو مال خاص ڪري ٻاڪراڦر شوق سان چرن ٿا.ٻيرجووڻ بہ ٿئي تہ ٻوٽو بہ. وڻ کي واڙيل ٻير چون ٿا . ٻير ۾ کٽا مٺا ٻير ٿين ٿا جن کي شوق سان ٻار توڙي وڏا سيئي کائين ٿا. ٻير جون سڌيون ڪانيون، ڪهاڙي، واهولي، ڪهاڙي ۽ ڪوڏرن جي ڳن طور استعمال ٿين ٿيون. کپ بہ ٿرجو عام ٻوٽو آهي جنهن جون لسيون لامون سدائين سايون رهن ٿيون. کپ اُٺن جو مرغوب چارو آهن. چونري جي مٿين ٿوپي يعني چاڇي ۾ کپ استعمال ٿيندو آهي. ٿر جي ڪن علائقن مان کپ بہ ختم ٿي ويو آهي. ٻوهہ، سڻ، گانگهيٽي ۽ ارٽي بہ ٿر جا ٻوٽا آهن. ايريال يا پٽ ڪنوار بہ آبادي وارن هنڌن تي ٿئي ٿي جنهن کي علاج طور بہ ڪم آندو وڃي ٿو. هيرڻ پارڪر جي علائقي ۾ پوکيو وڃي ٿو. گگرال يا گگلڻ جو ٻوٽو بہ پون سطح جو پرجهلو ٻوٽو آهي جنهن مان گگر ملي ٿو. گگرجي گهڻو بازارجڻ سان هاڻي هن ٻوٽي کي ڪيميڪل هڻي ناس ڪيو پيو وڃي جيڪا ٿر جي اوپڙجي ڏني وائني تباهي آهي. موراڙي جو ڪنڊيدارٻوٽو بہ لوڙهو ڏيڻ ۾ استعمال ڪيو ويندو هو پر هاڻي موراڙي بہ گهٽجندي پيئي وڃي. ان ڪانسواءِ ڪارونجهر۾ ڪجهہ ٻيا وڻ بہ ٿين ٿا جيڪي باقي ٿر ۾ نٿا ٿين جهڙوڪ چندور جنهن جي ڪاني پڳي هڏ جي علاج طور ڪم ايندي آهي. ڪڙايو چيڙوڻي، ڦڙد، ڪاننو وغيره ڪارونجهرجا وڻ آهن. ٿر جي وڻن خاص طور ڄار، ڪنڊي ۽ ڪونيٽ جي پاڙ۾ هڪڙو ٻيو لاسداروڻ اڳندو آهي جيڪو وڻ وانگرانهن وڻن تي چڙهندو آهي ۽ انهن وڻن جي سهاري سان وڌندو ويجهندو آهي. انهي کي ”آسوٽو“ يا ”آسوندرو“ يا ”پيچولو “ بہ چوندا آهن.هي وڻن جو احوال هو ايندڙ ليک ۾ گاهن جي گلزاري بابت گفتگو ڪنداسين.

# ويٺي ساريان سومرا گولاڙا ءِ گاه...... ٿرجاگاه

ڀٽائيءَ سنڌ جي سمورن حصن کي جيئن سحٽي انداز سان پيش ڪيو آهي تنهنجي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. سموراماڳ مڪان جيڪي سندس بيتن ۾ واين جي وجود مان ليئو پائين ٿا سي جڻ تہ امر ٿي چڪا آهن. تاريخ ۾ ڪافي شيون انهي پلوڙ انداز سان درج ٿيل ناهن جيئن شاعري انهن کي سجائي ، سنواري ماڻهن کي انهن جو من موهيندڙ روپ ڏيکاري ٿي. ٻين ڪلاسيڪي شاعرن بہ فطرت نگاري ڪندي، فطرت جي مختلف روپن جي رنگريزي ۾ رنگ سازي ڪئي آهي.شاعري جي انهي ڀهگڻ ڪارج انساني سماج جي دستاويزبنديءَ ۾ وڏو ڪردار نباهيوآهي. گذريل مضمون ۾ ٿرجي وٽن جي احوال هو تہ هتي ڪهڙا وڻ اپڙن ٿا، وڏن ويجهن ٿا ۽ ٿرجي سُجاڻپ آهن؟ڪهڙاوڻ اُڏڙندا پيا وڃن ۽ ڪهڙاوڻ اڻ لڀ ٿي چڪا آهن؟ هن ليک ۾ ڪوشش ڪبي تہ ٿرجي گاهن جو ذڪرڪجي ۽ تنهنڪانپوءِ ولين جو ذڪر ڪجي. گاهن ۽ ولين جوذڪرڪندي ڀٽائي جو هي بيت ذهن تي تري ٿو اچي:

سنهي سُئي سبيو مون ماروءَ سين ساه
ويٺي ساريان سومرا، گولاڙاءِ گاه
هنيون منهنجو هت ٿيو، هت متي ۽ ماه
پکن منجهہ پساه، قالب آهي ڪوٽ ۾

گاهن ۽ گولاڙن جي ولين سان ويڙهيل جهانگي، سُڄ کي بہ سيج سمجهي جڏهن پٽن ۾ پٽندا آهن . سندن آسودگي بہ انهن ولهارن وانگر وسيع آهي جيڪي ميگهارت جي مهميز ماٽي گاهن جي گلزاريءَ سان جنجهہ تي پوندا آهن ۽ قدرتي باغ بستان محسوس ٿينداآهن. گاهن جي قسمن جي سائنسي اڀياس کان هٽي ڪري جيڪڏهن عامي اوک ڊوک واري نظر سان ڏسجي تہ اهي انيڪ قسمن تي مشتمل آهن. ٿرجي گاهن بابت احوال استاد رائچند بہ ڏنو آهي تہ محمد اسماعيل عرساڻي پڻ پنهنجي ڪتاب ”سيرريگستان“ ۾ ٿرجي گاهن ۽ ولين جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ٻنهي ليکڪن گاهن ۽ ولين بابت تفصيل بہ ڏنا آهن.ان جي باوجود اجا بہ گاه ۽ وليون رهن ٿا جيڪي ٿر جي ڏورانهن ڳوٺن جي سيم ۾ برسات جي برڪت ڀري ٻُوند پوڻ سان اپڙن ٿا. انهن گاهن ۾ مختلف قسمن ۽ نمون جا گاه آهن جن کي وري مختلف جانورپسند ڪن ٿا ۽ چرن ٿا.ڪجهہ مشهورگاهن جو احوال هن ريت آهي:

ڪُوري کوماٽو گاهہ آهي جنهن ۾ڪنڊو وغيره نہ ٿئي. سيئي جانورهن کي پسند ڪن ٿا.ٻڪريون رڍون ۽ انهن جا ننڍا ڦرهن گاه کي تمام گهڻو پسند ڪن ٿا. هن جا پن ويڪراءِ ڊگها ٿين ٿا جن مان سنهي ڪاني تي داڻيدارسنگ نڪرن ٿا. هي گاهہ ڪافي عرصو سائو رهي ٿو تنهنڪري مال لاءِ پلوڙ

چاري طورهن گاهہ ڪي پاڳيا انتهائي گهڻو پسند ڪن ٿا. جهيرٽيو گاهہ بہ ڇهچ سائو ڪوماٽو گاهہ آهي جنهن ۾ سنها پن ۽ جهيرٽي جهڙاموڙهيالڳن ٿا جن ۾ انهن جو ٻج لڳندو آهي. هي گاهہ بہ مال جو پسنديده گاه آهي. مانڏاٽي بہ ڪوماٽو گاهہ آهي تہ مرٽ بہ. مرٽ زمين تي پکڙيل اهڙو ٿٻ آهي جيڪا پاڻي کي پنهنجي اندرموجود رکي ٿي، تنهنڪري جيئن ئي برسات پوي ٿي تہ مرٽ جلدي سائي ٿوي پوي ٿي. مرٽ ۾ وري پپون بہ اپڙن ٿيون جن کي ٻارکائيندا آهن. پپن کي سلاد طور واپرايو ويندو آهي تہ انهن جي ڀاڄي بہ پچائي ويندي آهي. مرٽ جيئن سيڻ بہ ٿُبداربوٽو آهي جنهن ۾ گل سنگن جي صورت ۾ ٿين ٿا.مال سيڻ کي بہ رغبت سان کائي ٿو.ان ڪانسواءِ سيڻ اٺن جي ساجام پاکڙي ۾ استعمال ٿيندڙ ٽڙهن ۾ بہ ڀرتي طور ڀري ويندي آهي. سيڻ بہ سدائين سائي رهي ٿي. وسڪاري جي مند ۾ سائي نظراچي ٿي باقي خشڪ مند ۾ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندي آهي. لنب سنهون گاهہ ٿئي ٿو ۽ جتي ٿئي ٿو اتي تڪ هٽي اهڙو خوبصورت ٿي بيهي ٿو جو اهو هنڌ سائي چادرڍڪيل لڳندو آهي. لنب موسم جي پڃاڙي تي پچي سُڪي ويندو آهي. سُڪي ويل لنب ڀُوري رنگ جو نظر ايندو آهي. سڪل لنب باه جلدي پڪڙيندو آهي تنهنڪري ”لنب ۾ ٽانڊو“ مشهور آهي تنهنڪري احتياط ڪبو آهي تہ لنب جي ويجهو ٽانڊو نہ ڪٽي ويجهي ڇاڪاڻ جو لنب ۾ جيڪڏهن باه لڳي تہ اهو ڏنءُ وسيع علائقي کي وڪوڙي ويندو.لنب گاه کائڻ سان ڍڳين جي کيرمان وڌيڪ مکڻ لهندو آهي تنهنڪري استاد رائچند مطابق ”لنب مکڻ چنب“ جو پهاڪو جڙيو يعني لنب گاه کائيندڙ مال جي کير جي هڪ وقتي ولوڻي مان چنبي يعني ڪليل هٿ جيتري مکڻ جي ”ڏينهانڙي“ لهندي.

ڳنڍير اهڙو گاه آهي جيڪو اپڙڻ ڪانپوءِ زمين تي ڳنڍيون هٽندو وڌندو رهي ٿو. پٽائي بہ ”ڳنڍير جي ڳنڍين “ جوذڪر ڪيو آهي. ڳنڍيرڏاڍي زمين ۾ اپڙندو آهي. ڳنڍير ۾ سنهيون سايون لاسون ۽ سنهڙيون تند جهڙيون ٽاريون ٿين ٿيون.هي گاه جتي ٿئي ٿو اتي ٻي اوپڙ گهٽ ٿئي ٿي تنهنڪري هن کي ٻنين مان بلڪل ڪڍيو وڃي ٿو.اهڙي طرح وينجهل وري اهڙو گاه آهي جيڪو بہ زمين جي زرخيزي کي هاڃو رسائي ٿو ڇاڪاڻ تہ انهي جون پاڙون پکڙي زمين مان ريج چوسي وٺن ٿيون ۽ انهي ڏرتيءَ تي ڪو ٻيو گاه يا فصل نٿو اُپڙي. پر وينجهل ڪونئري يعني نرم زمين ۾ ٿئي ٿي ۽ ان جون لاسون پنن وانگروڌن ٿيون ۽ سدائين سايون رهن ٿيون جن کي مال بہ کائي ٿو. هن ٻوٽي جون پاڙون زمين ۾ سدائين سايون رهن ٿيون تنهنڪري زمين جي زرخيزي مدي پئجي وڃي ٿي. ڊڀ اهڙو گاه آهي جنهنجي پاڙتمام اونهي وڃي ٿي ۽ ان جو سخت ۽ سڌيون لاسون تکيون بہ ٿين ٿيون جيڪڏهن ڪنهنجو انهن تي هٿ يا ڪو عضوو لڳي ٿو تہ ڦٽجي پوي ٿو. ڊڀ جي انهي اپي هجڻ واري خصوصيت کي ڏسندي ڪنهن زماني ۾ ڪارتيزون جهڙي جيڪا دواهوندي هئي تنهنکي ”ڊڀ “ چئبو هو ڇاڪاڻ تہ انهي جي واپراج سان ڪٽ تي پئل مريض بہ اٿي ويندو هو تنهنڪري انهي دوا کي ڊڀ چيو ويندو هو. ڊڀ کي بہ ساجامن جي ٽڙهن ۾ ڀرتي لاءِ ۽ ڇت تي گاري ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. ڊامڻ گاه چوپائي مال جو پسنديده ڪوماٽو گاه آهي جيڪو پٽن جي ڪيريعني مٿئين

ڪناري ۾ پاسارن ۾ ٿئي ٿو. سائو ڇهچ ڊامڻ اکين جو نور لڳندو آهي. ڇيهو سنهڙو گاهه آهي جيڪو مٿيهاٽي ڏاڍي زمين ۾ ٿئي ٿو. ڪلورو ڇيهي وانگر ڏاڍي زمين تئي ٿو پر انتهائي سنهو ٿئي ٿو جنهن ۾ گهوڙائون وهٽ بہ منجهي پوي ٿو ۽ نڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري ٿو تنهنڪري ڇيو ويندو آهي تہ "انڌي گهوڙي ڪل ۾ ". ويڪرہ ڏاڍي زمين ۾ اڳي ٿو جنهن ۾ ننڍڙا خوبصورت گلابي گل ٿين ٿا. ويڪر گاهه انن جو وٽندڙ چارو آهي پر ويڪر جلدي سوڪ ڪائي ٿو ۽ اڏڙي وڃي ٿو. سائون بہ گاهه آهي جنهن کي ڏٿ طور واپرايو ويندو آهي. هن گاهه جي ان مان پٽ رڌي ڪاڏو ويندو آهي. ٻُرو بہ اهڙو گاهه آهي جنهن کي مال بہ چري ٿو تہ ماڻهو ان کي ڏُٿ طور استعمال ڪن ٿا ۽ ان جي ان مان ماني پچائي کائين ٿا. لنب جهڙوبيو گاهه بُرينچ ٿيندو آهي جنهن کي سُڪائي ان مان ٻوهارا ناهيا ويندا آهن. لنب مان بہ واسيندا ناهيا ويندا آهن. ڳاڙهن گلن وارو سيارچ گاهه وسڪاري ۾ پوئن تي اپرندو آهي. ڪچو هوندو آهي تہ هن مان پاچي بہ پچائي ويندي آهي. کهہ ، مڪٽي ، مانڌاٽو بہ ڪوماڻ گاهه آهن جن سان مال ۾ وڌيڪ کير ٿيندو آهي.ڏنوهي گاهه پٽن جي پاسن وٽ ٿيندو. رڍون ٻڪريون ۽ ڳاڏهو مال هن گاهه کي شوق سان چري ٿو.کيلهوکوائي ,ڪرنگهہ بہ گاهه آهن جيڪي ٿر ۾ ٿين ٿا. پُرٽ مشهور گاهه آهي جنهن جي سنگن ۾ سنها ڪنڊا ٿين ٿا. هن گاهه جو ان تمام منو آهي تنهنڪري هن جي داڻن مان ماني پچائي کاڌي ويندي هئي.مريڙي، للرۍ ٻگري کي ٿري ڏٿ طور واپرائيندا هئا پر هاڻي ان هن مان رڳو مريڙي جي پاچي رڌي وڃي ٿي. انهن تنهي گاهن ۾ فولاد آهي تنهنڪري اهي پلوڙ ڏٿ آهن.ڳمهول بہ سائو ڇهچ گاهه آهي جيڪو ڪپن ، مرتن ۽ کٻڙن سان گڏ ٿيندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي قد جيترو بہ وڌنڌو آهي. هڪڙو خوشبودار گاهه ٿئي ٿو جنهنکي "مارئي جوپٽر" چوندا آهن.سانتاڙو بہ تن چئن قسمن جو ٿئي ٿو جنهن جا مخلف استعمال آهن. مال خاص طور اٺ ۽ ٻڪريون سانتاڙو شوق سان چرن ٿا. ٻرو، ڪرسڻ، ڏنارڪتوري وغيره بہ گاهه آهن جن مان ڪي هاڻي اڻ لپ ٿي چڪا آهن. ڪنگٽي، جهرڪيا ول، اڪراڻ ، لام لوٽي، ڪانگ پيرو بہ گاهه آهن. انهن سڀني گاهن جو اپياس دلچسپيءَ کان گهٽ ناهي. نباتيات جي ماهرن کي ٿر ۾ موجود ٻوٽن جو نباتياتي اپياس ڪرڻ گهرجي. ٿرجي گاهن جي اجمالي جائزي سان هي ڳالهيون سامهون اچن ٿيون:

- سموراگاهه مينهن جي مهميز سان اپڙن ٿا. جيستائين ريج آهي تيستائين ساوا رهن ٿا پوءَ سُڪي وڃن ٿا.
- گاهن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو هڪڙااهي گاهه جن ۾ ڪنڊا نٿا ٿين ٿين تن کي کوماڻ يا ڪوماٽو گاهه چئبو آهي جيئن ڪوري، مڪٽي، جهيرٽيو وغيره . ڪجهہ گاهه وري ڪنڊيدار ٿين ٿا، جن جي سنگن ۾ ڪنڊا ٿين ٿا جهڙوڪ پُرٽ، ڪنگٽي وغيره
- ڪجهہ گاهه اپڙڻ ڪانپوءِ بہ پاڙون هٽندا وڌنڌا وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح پکڙن ٿا جهڙوڪ ڳنديرو غيره
- ڪجهہ گاهه ٻين ٻوٽن سان گڏجي اپرن ٿا جيئن ڳمهول، پپون، وغيره

- گاهن کي ڌت طور بہ واپرايو ويندو آهي جيئن پپون (سلاد ۽ ڀاڄي)، مريڙو ٻڳرو للر(پن ڀاڄي طور)، مُرٽ، ڀُرٽ، سائون، (ٻج ) وغيره
- ڪجھہ گاه زمين جي زرخيزي لاءِ نقصانڪار بہ آهن جيئن وينجهل گاه.
- گاهن کي سمورو مال چرندو آهي پر ڪي ڪي گاه ڪنهن ڪنهن مال جو پسنديده چارو بہ آهن

مينهن جي جهڙهن موڪ ٿيندي آهي تہ ٿرم گاهن جون سوين هزارين جنسون اپڙي پونديون آهن . سمورو ڊٿ پٽ کهنبو ڊکي ڪنوارٽي پوندو آهي ۽ ولهارن جا ويءَ زمردي چني اوڊي هرڪنهن جي نگاه کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن. ڏٽي شال سيني سيمن ، اجهورن، ويئرن ۽ واهرن کي آباد ڪري ۽ ٿرم گاهن جي گلزاري قائم رهي.

# ٿرپارڪرجا گڏ ...عبرت جو اُهڃاڻ

تاريخ، جنهن کي تواريخ،اتهاس يا هسٽري سڏيو وڃي ٿو. انهي لفظ جو مطلب سيني زبانن ۾ لڳ ڀڳ هڪجهڙو آهي،جنهن جو مطلب آهي ماضي جي واقعات جو تت يا تاريخ وار احوال،مختلف واقعن ۽ وقوعن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ۽ سبب. تاريخ هڪ اهڙو فن آهي جنهن وسيلي قومن جي مزاج، طاقت، ڀئو وهمن، گمانن،سخاوتن،ويڙهاند،رسڻ پرچڻ،زير ڪرڻ ۽ زبر ٿيڻ جي منظر ڪشي ڪئي ويندي آهي. ايئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ قومن کي ماضيءَ جي تصوير ڏيکاري، مستقبل بابت جاڪوڙڻ جو دڳ ڏيکاريندڙ علم آهي. تاريخ لاءِ اهو عام تاثر آهي تہ اها بادشاهن جي احوال تي آڌارڪ هوندي آهي ۽ تاريخ صرف بادشاهن ۽ وڏن ماڻهن جي ٿئي ٿي. انهيءَ مان نظر اچي ٿو تہ تاريخ جي تصور جي ڪيئن ٿوڙ مروڙ ڪئي ويئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو تاريخ جو صرف هڪ پاسو آهي جڏهن تہ باقي اڻ ڇهيل حصو وڏو آهي جنهن تي ڪم ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي يعني اپري طبقي جي بہ ڪا تاريخ ٿيندي آهي. تاريخ سياست جو بُنياد آهي ۽ سياست معاشري جو وڏي ۾ وڏو ادارو آهي جيڪو باقي ادارن تي حاوي آهي ۽ سمورا ادارا ان جي پيروي ڪن ٿا. تاريخ جو شعور قومن جي زندگيءَ ۾ رڳ پري ٿو ۽ روح وجهي ٿو.تاريخ جو شعورمُرده قومن کي زنده بڻائي ڇڏي ٿو ۽ بيمار قومون چاق چڱيون ڀليون ٿي پونديون آ هن.

تاريخ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ورجائيندي آهي، پر اها هميشہ اڳتي وڌندي رهندي آهي ڇاڪاڻ تہ تاريخ وقت جي اجهل ۽ اڻٿڪ ڪميت تي سوار ٿي ڪونتل ڪڏائيندي رهندي آهي،جنهن ۾ فل اسٽاپ جو ڪو تصورئي ناهي. تنهنڪري شاه سائين جي هي هدايت هنيين سان هنڊائڻي پونديءَ

ٽڪيائي ٿر ٽيل، چڙهہ چڪيائي چوٽيين،
هلندي هوت پنهون ڏي،پئو مڙئي پيل،
اُتي رائو ريل، وينءَ تان واري وري،

تنهنڪري هر قوم کي تاريخ جو شعور رکڻو پوندو نہ تہ واري وري ويندي ۽ اُها قوم پنههنجو وجود بہ برقرار نہ رکي سگهندي.

سنڌ جي تاريخ جي شروعات چچ نامي جهڙن ڪتابن کان سمجهي ويندي آهي. عرب سياحن جا سفرناما ۽ سڪندر مقدونيءَ سان گڏ آيل لکارين جي لکتن جو احوال بہ سنڌ جي تاريخ بابت ابتدائي مواد مهيا ڪن ٿا يا وري ميرن جي دربار ۾ ڊاڪٽرن جي روپ ۾ آيل گورن جاسوسن جون رپورٽون ۽ ڊائريون بہ تاريخي حوالي طور ڳڻيون ويندڙيون آهن.ان کانسواءِ مختلف دڙن ۽ پڙن جي کوٽائي جا نڪرانا ۽ ٿڌوڙا بہ وڏي تاريخي شاهدي آهن. انهن سيني شين جي اوک ڊوک ۽ ڦلهور

ڪجي ٿي تہ سنڌ جي سون ورني اتهاس جا ڪيئي گمنام گوشا نروار ٿين ٿا تہ گڏوگڏ ڪيئي ڪڙيون هڪٻئي سان مليل نظر نٿيون اچن جيتوڻيڪ اسانجي تاريخدانن انهن ڪڙين کي لوهارن وانگر ليپيتي ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ ڪجهہ شيون ڪنهن منطق ڪانسواءِ دل جي دوڙ سان ڪيل لڳن ٿيون.

جيئن مثال طور چچ نامو سنڌ جي تاريخ جو بنيادي ماخذ سمجهيو وڃي ٿو جيڪو اصل ۾ فتح نامو آهي ۽ فتحناما لکندڙ مفتوحن جو احوال مناسب لفظن ۾ بيان نہ ڪندا آهن.جاسوس صرف اهو احوال لکندا آهن جنهن لاءِ کين ذميواري مليل هوندي آهي. سياحن مان هرهڪ جي پنهنجي پهچ ۽ پنهنجو مزاج ۽ مشاهد و آهي. اڪثر سياحن من گهڙت ۽ ٻُڌل يا ٻُڌايل قصن ڪهاڻين تي بہ ڀاڙيو آهي. هِيُون سانگ, فا هين جي سفرنامن کان وٺي ابن بطوطہ جي لکيل احوال تائين, ابن حوقل ۽ ادريسيءَ کان وٺي موجوده دور جي سياحن تائين جن جي لکت سندن سفر جي رفتار کان تيز آهي. نکرانن ۽ ڦٽوڙن جي ڪوتائي بہ انگريزن ڪئي ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب کي نظاري نروار ڪرڻ وارا بہ اُهي آهن. تنهن ڪانپوءِ تہ نادر ۽ تاريخي شيون مختلف تاريخي ماڳن تان چوري ٿيون آهن ۽ ان ڪُڌي ڪم ۾ ٻين ڌرين سان گڏ اُهي ڌريون ۽ ڪاتا بہ شامل آهن جيڪي انهيءَ املهہ ورثي جي رکواليءَ جا پاسبان ۽ ذميوار آهن. انهن سڀني ڳالهين جي پيش نظر چئي سگهي ٿو تہ سنڌ جي تاريخ جو سُٽ اجا ڪافي مُنجهيل آهي ۽ ايندڙ وقت جي مورخ کي اُن کي سلجهائڻو آهي جئين حيدرآباد کي سيئي نيرون ڪوٽ چون ٿا پر ڪو بہ اها شيءَ پيرو کڻي نٿو ٻڌائي تہ اُهو نيرون ڪوٽ مان حيدرآباد ڪئين ٿيو آهي؟ ديبل بندر متعلق تمام گهڻا نقشا آيا آهن جن ۾ عربن پاران ڏنل نقشا بہ غلط آهن ۽ اجا تائين ديبل بابت ڪا واضح راءِ نہ جُڙي آهي ۽ ڪي مؤرخ ان کي ٺٽو بہ لکن ٿا تہ ڪي ڀنڀور کي ان جو سنڪرتي ڌاتو "ديول" ڄاڻائيندي ديو +آليہ يعني ديون جو آستانو سڏين ٿا پر ڪنهن جو بہ ايڏانهن ڌيان نہ ويو آهي تہ بندرگاهون وسندڙهونديون آهن اهي ديون جا نہ پر انسانن جا آستانا هوندا آهن ڀنڀور بابت ٿيل تازي تحقيق ساراه جوڳي آهي. ڀنڀور ديبل ڪيئن ٿيو اهي سموريون ڪهاڻيون ڪجهہ فردن جون گهڙيل آهن .تحقيق ڪليل هئڻ گهرجي لڪير جي فقيري صحيح نتيجا نہ ڏيندي. اسان وٽ رواج ٿي ويو آهي تہ صفحن جا صفحا ۽ پئراگراف پراين ڪتابن تان حوالي طور اُتاري نتيجن کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي .نتيجي طور ڪا راءِ جُڙي نہ جُڙي, ڪتاب جي ضخامت ضرور جُڙي ويندي آهي. اروڙشهر سان بہ ساڳي حالت آهي اروڙ ۽ روهڙيءَ جي پاڙ ۾ ڪنهن رشتي يا ڳانداپي کي ڳولڻ بجاءِ ڪڏهن اُن کي راوڙ ڪڏهن الرور ڪڏهن الور لکيو ويو آهي. ساڳي صورتحال هيروزجي حقيقتن کي بيان ڪرڻ دوران نظر اچي ٿي,طرفداري ڪندي ڪنهن حقيقت بيان ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٿو. مثال طور; هتان جي راءِ گهراڻي کان حڪومت منتقل ٿيڻ بابت راءِ ڏيندي صرف اِهو لکيو وڃي تہ راءِ سهاسي جي وفات ڪانپوءِ سندس وزير چچ گادي نشين ٿيو ۽ اِهو وساري ڇڏجي تہ سيلائج جي پُٽ چچ ,راءِ گهراڻي جو ملازم هئڻ

باوجود راڄ سهاسي جي گهرواري راڻي سونهن ديوي المعروف سُهند سان Extramarital تعلقات قائم ڪيا ۽ اُن وسيلي هُن اقتدار تي ديرو دمايو جيڪو قبضو هو پيو ڪجهه نه ..اهڙي طرح تاريخ ۾ سوين سوال آهن جيڪي يا ته اڻ واضح ثابتين جي ڪري نروار ٿي نه سگهيا آهن يا اسان جي محترم لکارين جي تلوار ڪان تکي قلم جو شڪار ٿي ڪنهن غلط رُخ ۾ هليا ويا آهن ۽ ائين ڪيئي نتيجا اهڙين تاريخي طور نروار ڪيل من گهڙتن تي به بڌا ويا آهن. تنهنڪري ضرورت آهي ته تاريخ ، جديد سائنسي انداز سان ايمانداراڻي نموني نئين سرلکندي جئين، جئين اُها آهي تيئن تيئن نروار ڪئي وڃي بجاءِ ان جي ته جيئن اسين چاهيون ٿا ائين تاريخ لکون .اهڙي لکت تاريخ نه پر تاريخ کي تاراج ڪرڻ برابر هوندي آهي. اچو ته ٿر جي ڪوٽن قلعن ۽ گڍن جي عبرتناڪيءَ جو احوال اوريون.

**ٿرجا گڍ:**

ٿرپارڪر ضلعي جو ٿر وارو پاڱو جتي ڪافي ساريون قدرتي خوبيون رکي ٿو اُتي هن پاڱي ۾ ميرن جا جوڙايل قلعا به آهن جن کي ماڻهو عرفِ عام ۾ "گڍ" سڏيندا آهن. ميرن پارڪر ۾ ڪوبه قلعو نه جوڙايو.اهي گڍ نئين ڪوٽ جي قلعي کان شروع ٿي "ڪُڏيءَ" قلعي تي اچي پيهه ٿا ڪن. انهن جي ترتيب ۽ بيهڪ هڪ بهترين دفاعي لڪير جوڙي ٿي جتان سموري ٿر جو بچاءُ بهتر نموني ڪري سگهجي ٿو پاڪاڻ ته اها دفاعي لڪير ٿر جي بلڪل وچ مان گذري ٿي جنهن وسيلي ڏکڻ اُتر ۽ اوپر محفوظ ٿي وڃن ٿا .انهن قلعن ۾، نئون ڪوٽ شهر کان 3.5 ڪ م اوپر طرف ، مٺيءَ جي رستي تي نئون ڪوٽ قلعو مٺيءَ جا قلعا(شهر جي وچ وارو قلعو ۽ گڍي)، اسلام ڪوٽ جو قلعو سينگاري جو قلعو ، چيلهار جو قلعو ڏيپلي جو قلعو ۽ ڪُڏيءَ جو قلعو شامل آهن. ان کانسواءِ ٿرءِ ٻئراجي علائقي جي سنگم تي اڏيل شهر امراڻي ۽ هاٽوڪي عمرڪوٽ ۾ به گڍ آهي جيڪو ميرن جو نه پر ڪلهوڙن جو اڏايل آهي. انهن سيني قلعن ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ آهي ته اهي سيئي دفاعي مورچا آهن جن جي اهميت جيترو ان وقت هئي هن وقت ان کان به وڌي ويئي آهي. اهي سيئي قلعا جيڪي اڃا موجود آهن يا جيڪي مسمار ٿي ويا آهن تن جي بيهڪ جي اهميت کان انڪار جي گنجائش ئي ناهي. اچو ته هرهڪ قلعي تي بابت گفتگو ڪريون.

**فتح ڳڙهه يا مٺيءَ جو گڍ:** رائچند هريجن مطابق، سوڍن ڏن ڏيڻ بند ڪيو ته حشمت جمائڻ لاءِ پنهنجي بچاءَ لاءِ ميرن ٿر ۾ جدا جدا هنڌن تي قلعا ٺهرائڻ شروع ڪيا. پهريائين مٺيءَ وارو قلعو 1789ع ۾ ٺهيو. اهو قلعو هن وقت موجود ناهي. ان قلعي جو ماڳ موجوده ڊيزرٽ گيسٽ هائوس وارو هنڌ آهي. اهو قلعو ڪيترو ڪشادو هو تنهن بابت ڪا خبر ناهي نه ئي ڪٿي ان بابت لکت آهي. بيهڪ جي لحاظ کان لڳي ٿو ته اهو قلعو ميرصاحبان دفترطور ڪم آڻيندا هئا . هن قلعي جو نالو

فتح ڳڙهہ هوندو هو ۽ مٿي پٽ تي ننڍو قلعو "گڍي" رهائش ۽ دفاع لاءِ ڪم ايندو هو. اهو قلعو جنهن پوپان هاٽي اها پٽ گڍي نالي سان مشهور آهي. لفظ گڍي مونث آهي گڊ جو. چون ٿا تہ اتي نرا سوڍن جي راڄڌاني هوندي هئي جنهن جو ٽڪرانو هن وقت بہ موجود آهي. گڍيءَ جي نامڪار ايتري وڌيل آهي جو منيءَ ايندڙ هرصحافي توڙي گهومو لوڪ اتي وڃن ٿا ۽ تصويرون ڪڍي جڳ جهان سان ونڊين ورڇين ٿا. گڍيءَ جي اهڙي مشهوري ۽ من موهڻاٽپ بابت منيءَ جي شاعر حاجي محمد دل هن ريت چيو آهي.

برک آ پٽن ۾ منيءَ جي گڍي
اُچي سا اُتاهين منيءَ گڍي

اهڙي ريت هن وقت رڳو ٽڪرانو آهي باقي نہ ڪٽي ڪوٽ آهي نہ قلعو نہ ئي قلعيدار ۽ ڪلنگيدار. ڪلنگيون ۽ قلعن جا مڪين ڦرندا رهن ٿا ۽ اهو ڦيرو مسلسل ۽ مستقل آهي.

**اسلام ڳڙهہ يا اسلام ڪوٽ جو قلعو:** هي گڊ موجوده مين پرائمري اسڪول واري هنڌ تي هو جنهن کي جڏهن مالڪ خالي ڪري ويا تہ آهستي آهستي وقت جي وير وهائي وڃي شهر ۾ ٿهندڙ جاين ۾ سر سر ڪري لڳايو. هي قلعو 1795ع ۾ تعمير ڪرايو ويو. هن جي پيڙهہ ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي بہ چڱو خاصو موڪرو گڊ هو. هن قلعي ڪانپوءِ چيلهار جو گڊ تعمير ڪرايو ويو جنهن جو نالو "علي ڳڙهہ" هو. هن ڪوٽ کي بہ وقت جي چوٽ پنهنجي وير ۾ وهائي ڇڏيو ۽ ڪوئي نالو نشان نٿو لڀي سواءِ شهر جي پراڻين عمارتن ۾ لڳل ننڍڙين سرن جي. هن ڪانپوءِ 1800ع ۾ سينگاري ۽ ڪُڏيءَ جا ڪوٽ تعمير ڪرايا ويا. ڏيپلي جو قلعو بہ هن وقت ڌرتيءَ تان ڊڳين جي مٿين ڏندن وانگر گم ٿي ويو آهي.

**نئون ڪوٽ قلعو:** مير فتح علي خان جي وفات کان پوءِ مير غلام علي گادي تي ويٺو ۽ ان کان پوءِ مير ڪرم علي خان گاديدار بڻيو جنهن 1814ع ۾ نئون ڪوٽ اَڏايو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا 9 جلد جي داخلا مطابق "هي قلعو ميرپورخاص کان 63 ڪ م ڏکڻ اوڀر طرف واقع آهي ۽ 24.0 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 69.9 ڊگهائي ڦاڪن تي ڌرتيءَ جي گولي تي موجود آهي". سڀ کان پهرين تہ لفظ نئون ڪوٽ ڏيان طلب آهي تہ اهو نالو ڪيئن پيو. ڇا اتي ڪو پراڻو ڪوٽ اڳي موجود هو؟ يا وري ميرن بئراجي ايريا کان ٻاهر نڪري ڪو نئون ڪوٽ اڏايو هو تڏهن انهي گڊ تي اهونالو پيو. هيءُ قلعو ٿرپارڪر جي حدن ۾ آهي جڏهن تہ نئون ڪوٽ شهر ميرپورخاص ضلعي ۾ آهي. جنهن مان لڳي ٿو تہ شهر بعد ۾ آباد ٿيل آهي. شهر تي نالو بہ قلعي جي ڪري پيو آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مطابق "هن قلعي جي بيهڪ چوڪورشڪل جي آهي. ڪوٽ جي اترين ۽ ڏاکڻين ٻانهين 66 فوٽ جڏهن تہ اپرندين ۽ اولهائين ٻانهين 318 فوٽ آهي" انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ هن گڊ

بابت وڏيڪ هن ريت لکيل آهي، "ڪوٽ جي شاهي دروازي لاءِ ٻه برج ٺاهيل آهن. ڪنهنزماني ۾ ان جاءِ تي مضبوط ڪاٺ جو دروازو لڳل هوند و هو. ڪوٽ ڪي چوڏاري 12 فوٽ ويڪري فصيل ڏنل آهي جنهن تي چڙهڻ لاءِ ٻه ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. جتان پهريدار چڙهندا هئا. هن ڪوٽ جي حفاظت لاءِ 9 برج جوڙيا ويا جن مان ٻه مکيه ۽ دمدمي جي نگهبانيءَ لاءِ ، 4 برج ڪنڊن تي باقي 3 برج اتر،ڏکڻ ۽ اولهه جي ديوارن تي آهن. ڪوٽ جي دروازي پرسان اندرئين پاسي ڏاڪڻيون ٺهيل آهن جتي هڪ گول گنبذ واري ڪوٺي ڏاڪڻين پٽ وٽان ٺهيل آهي.خيال آهي تہ اتي بارود رکيو ويندو هو. اهڙي قسم جون تجر نما ڪوٺيون ڏاڪڻين ديوار جي ٻاهران بہ ٺهيل آهن. هن ڪوٽ جي اترئين پٽ سان رهائشي حصي جا ڦٽل آثار مليا آهن. ڪمرن جو پٽيون ٻڌل آهن جن تي اڇو پلستر ٿيل آهي ۽ سامان جا ڪٻٽ پڻ ڏنل آهن. شاهي دروازي جي اندرئين دروازي وٽ ٻنهي پاسن کان محرابدار ڪوٺيون پهريدارن لاءِ ٺاهيل آهن."

شيخ خورشيد حسن پنهنجي ڪتاب "هسٽاريڪل فورٽس آف پاڪستان" ۾ نئون ڪوٽ شهر ميرپورخاص کان 65 ڪ م جي مفاصلي تي ڄاڻايو آهي.هُن قلعي جي شهر کان رخ کي اتراولهہ ۾ ڏسيو آهي جيڪو درست ناهي. قلعو شهرجي اوڀر ۾ آهي. .هن پٽين جي ٿولهہ 15 فوٽ لکي آهي. ان کانسوءِ اشتياق انصاري بہ سنڌ جي ڪوٽن ۽ قلعن بابت تحقيق ڪئي آهي. انهن سيني لکتن مان قلعي بابت تفصيل ڏسي سگهجن ٿا.

گم ٿيل قلعن ۾ پارڪر جو چندن گڍ بہ آهي جنهن بابت ڪيئي من ڪٿائون آهن . اهو گڍ پٿرمان اڏيل هو ۽ ڪارونجهر جبل اندر هو ۽ تاريخ نويسن جي بقول ان کي انگريزن جي توبخاني پارڪر جي جنگ آزاديءَ دوران اُڏائي ڇڏيو.

**عمرڪوٽ جو قلعو:** ٿر ۽ ٻئراج جي سنگم تي جوڙايل شهر عمرڪوٽ ۾ واقع آهي. هن قلعي بابت انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ هن ريت احوال آهي،"هي قلعو22.25 اترويڪرائي ڦاڪ ۽ 69.47 اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي عمرڪوٽ شهر ۾ واقع آهي. دفاعي لحاظ کان هي قلعو ريگستان جي ڇيڙي تي جوڌپور کان حيدرآباد ايندڙ مک شاهراه تي قائم آهي". عمرڪوٽ قلعي جي دروازي مٿان هڪ نشان کي ڪن محققن منڊيءَ جو نشان سڏيو تہ تيج سنگهہ سولنڪي ان نشان کي سورج ونسي راجپوتن جو ٺهرايل ڪوٺيو آهي. هن قلعي اندر ميوزيم ۽ ريسٽ هائوس تعمير ٿيل آهي. قلعي جي وچ تي هڪ نگهباني منارو ٺهيل آهي جنهن تي توپون لڳل آهن . ڪوٽ اندر ٿرپارڪر جي انگريز ڊپٽي ڪمشنر ايچ اي واٽسن جي قبر آهي. قلعي مان پاڙيءَ جي نيڪال جو سرشتو بہ بهترين آهي. انهي قلعي بابت مختلف رايا آهن جن جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ ايري اچي ٿي تہ هيءُ جڳاندر جهونو "گڍ امراڻ" آهي. جنهن کانپوءِ پرمارسوڍن ۽ سومرن قلعو تعمير ڪرايو ۽ موجوده قلعو ڪلهوڙن اڏايو.

**سينگاري جو ڳڍ** اسلام ڪوٽ کان اٽڪل 25 ڪ م اوڀر طرف سينگاري ڳوٺ ۾ واقع آهي. جنهن جي بہ پيڙھ جا نشان رهجي ويا آهن قلعو وقت جي سگهاري وير جي ورچڙهي ايئن گم ٿي ويو آهي جيئن ان جا بادشاھ گم ٿي ويا.

**ڪُڏيءَ جو قلعو** تعلقي ڇاڇري ۾ مبارڪ رند ويجهو ڳوٺ ڪُڏيءَ جي ڀر ۾ آهي. جنهن جو بہ رڳو پيڙھہ جو نشان بچيو آهي جنهن تي بيٺل ڪرڙ جا وڻ زماني جي بي ثباتيءَ جي رڙيون ڪري ثابتي پيش ڪري رهيا آهن. هنن سڀني قلعن جو هي ٿورڙو تعارف هو جڏهن تہ ايندڙ ليکن ۾ هرهڪ قلعي بابت تفصيلي وچور سان احوال اوريو ويندو جيئن وڌيڪ تحقيق ٿئي ۽ هي تاريخي اهڃاڻ محفوظ بہ ٿي سگهن.
هي ڪوٽ ۽ قلعا جيڪي تاريخي اُهڃاڻ آهن پر اهي صرف حاڪم فردن يا قومن جي تاريخ جو اُهڃاڻ آهن سي ياد ٿا ڏيارين تہ حاڪم سدائين عوام کان الڳ مخلوق ٿي رهيا آهن ۽ سندن قلعبندي ۽ isolation جديد وقت ۾ بہ جاري آهي ۽ غريبن ۽ محڪومن لاءِ سندن ڪوٽن ۽ قلعن تائين اڄ بہ پهچ ناممڪن يا مشڪل آهي پرقلعبندي جو اهو اُهڃاڻ ٻڌائي ٿو تہ محڪوم بہ ڪڏهن بدلجي حاڪم ٿي پوندا آهن ۽ ڌرتيءَ جا ڌٽي ڌرتيءَ جي رکوالي ڪندا آهن تہ پوءِ ڌاريا حاڪم اجگر قلعن جي باوجود پنهنجو وجود باقي رکي نہ سگهندا آهن. سڪندر مقدوني بہ هتي آيو پر اڄ سندس پونيرن مان ڪنهن کي بہ پتو ناهي تہ اسين ڪو سڪندر جو اولاد آهيون جڏهن تہ سيوهڻ اڄ بہ اُتي موجود آهي ۽ اها ڳالهہ اسان کي وڌيڪ همٿائي ٿي تہ پنهنجي ڌرتيءَ سان ۽ وطن سان پيار ڪريون ۽ قدرت جي انهي تبديلي جي قانون ۾ ويساهہ رکون جيئن اياز چيو آهي تہ:

جي تو اڄا نہ ڄاتو آ ڪير ديس واسي
تنهنجو جنم اڄايو تنهنجي مٽي اٽاسي
آيو ويو سڪندر، سيوهڻ اڄا اُتي آ،
هُو ڪير ٿر ڏس ڪڙو آ ويندا رهيا وناسي

# سنڌي ٻوليءَ جا ٿرِي لهجا ۽ محاورا: هڪ جائزو

**ٿرپارڪر: تواريخي پس منظر**

ٿرپارڪر ڌرتيءَ جو انتهائي نرالو خطو آهي جنهن جي ريت جو هر ڪٽو رتن آهي. جتي جي هر پٽ پاڳو نتي آهي جتي جو هر ڏهر ڏياوان آهي، جتي جي هر وستي ، هر واهڻ هر ڳوٺ ۽ ڏاٽي ڳٽن سان پرپور آهي. اهي سمورا ڳڻ صدين کان هڪ صدري سلسلي وسيلي، پيڙهيا پيڙهي منتقل ٿيندا اچن ۽ ٿر ۾ رائج ٻوليون ٻـ اِن ڀهڳڻ ثقافت جو اُهو سون سريکو سروپ آهن. جتي جي گهٽا گهٽيءَ متعلق جيتري گهٽي جاکوڙ ۽ جستجو ڪجي اوترو گهٽ ۽ جيترو تحقيق جي تارازيءَ ۾ تور تڪ ڪئي ويندي اوترو ئي هتان جا اهي املهه موتي جرڪندي نظر ايندا. انهيءَ ورثي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ کان اڳ اچو تہ ڏسون تہ ٿرپارڪر جي هِن سون سريکيءَ ڌرتيءَ جي تاريخ ڇا آهي. سنڌي ٻولي جي تاريخ ۾ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو " ٿر" سنسڪرت لفظ "سٿل" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي بيٺل پا نہ وهندڙ يعني خشڪ ملڪ (جتي درياهہ ڪونهي) انهيءَ سٿل جو اُچار اول ٿري ٿيو "ٿل" يعني خشڪ زمين (ضد، جل معنيٰ پاڻي) ۽ ٿل جو اُچار ٿري ٿيو ٿر".

محترم رائچند هريجن تاريخ ريگستان پاڳي پهرئين ۾ لکي ٿو " ٿر ڪي ريگستان بہ چون ريگ = واري + آستان جاءِ يعنيٰ واريءَ جي جاءِ. هِن پاڳي ۾ واريءَ جون پٽون گهٽيون آهن پٽ کي ٿر جا ماڻهو ٿري چوندا آهن تنهنڪري پٽن يعني ٿرين واري پاڳي کي ٿرين جو ملڪ يا ٿر جو ملڪ ٿري چوندا آهن جنهن مان ، "ٿر" لفظ نهيو آهي.

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جڏهن ٿر ۾ موجود Coal Field ٿهريو هاليپوٽو ۾ ڪاري سون جي Exploration جو افتتاح ڪرڻ آئي هُئِي تہ هُن فرمايو هو:

Someone has told me that cream of milk is said Thurr in Sindhi and as the sea withdrew from this area, the cream appeared and the people started to call it Thur

هِن ڌرتِيءَ جي مالوند پٽيءَ جي اُتر ۾ بڻراجِي علائقو ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ، اولهہ ۾ بدين ۽ ميرپورخاص ضلعو ۽ اوير ۾ هندستان جو صوبو راجستان آهي. تنهنڪري هيءُ خطو انهن علائقن جي اثرات هيٺ رهيو آهي. هتي پرمار سوڍن جي حڪمرانِي رهي آهي جيڪي ڪافي عرصو هِن خطي تي راڄ ڪندا رهيا آهن انهن سوڍن جي زبان ڍاٽڪي هڻ ڪري هتان جي اڪريت پڻ ڍاٽڪي ڳالهائو

رهي آهي. تنهنڪان پوءِ جئين ئي سومرا دورسگهه وڻي ٿو ۽ سومرا وڳهه ڪوٽ کان وٺي عمرڪوٽ تائين قلهجي ويا ۽ عمرڪوٽ ڪي اُنهن پنهنجي قوت جو ماڳ بڻايو.
اِن ڪانپوءِ وري سوڍن پنهنجي سگهه ڪي سهيڙي عمرڪوٽ تي راڄ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انگريزن جي ڪاهه تائين هِتي سوڍا حڪمران رهيا تنهن ڪانپوءِ انگريز آيا اُنهن بہ هِن پرڳڻي کي ٻن حصن ۾ انتظامي طور ورهايو. ڏاڪڻو حصو پُڄ مان ڪنٽرول ڪيو ويندو هو ۽ اُترئين حصي جو مک مرڪز عمرڪوٽ هوندو هو جنهن کي گڏ امراڻ بہ چيو ويندو هو:

گوريان ڪيهر لڪيان، سوڍو چتر سُجاڻ،
بڙ جهڪيا لانبي ٽڻان، آيو گڏ امراڻ

ائين اهو علائقو ٻن حصن واري انتظام ڪانپوءِ وري هڪ ٿيو ۽ اڳتي هلي ضلعي ٿرپارڪر قائم ٿيڻ سان اجان بہ وڏيڪ محدود پيس منظر جي حوالي ٿيو ۽ محترم رائچند هريجن مطابق ٿرپارڪر کي طبعي لحاظ کان ڏسجي ٿو تہ اُن جا 9 پاڳا آهن پر زميني صورتحال کي ڏسجي تہ ٿر جا هِي 11 پاڳا آهن:

1. **<u>ڪاٺڙ</u>**: ڇاڇري شهر کانوني اوپر طرف ٿورو ۽ اُتر طرف گيڏڙي تائين، هِن پاڳي کي ڪاٺڙ چوندا آهن. هِن پاڳي ۾ واريءَ جون پٽون ننڍيون آهن ۽ وڏا ۽ ڊگها وڻ گهٽ آهن هِن ۾ ڇاڇري جي اُتر وارو پاڳو اچي وڃي ٿو.
2. **<u>ڪنٺو</u>**: هِن ۾ ڇاڇري تعلقي جو ڏاکڻو پاڳو ۽ ننگرپارڪر تعلقي جو اُتر وارو پاڳو اچي وڃي ٿو. هتي جي زمين پلي ۽ آباديءَ لائق آهي جنهن ڪري کيتي سُٺي ٿيندي آهي.
3. **<u>پاٺر</u>**: هي اهو پاڳو آهي جيڪو ڪنٺي کان ڏکڻ ۾ ۽ پارڪر جي اتر ۾ ان سان لڳو لڳ آهي.
4. **<u>پارڪر</u>**: هِن ۾ ننگرپارڪر تعلقي جو ڏکڻ وارو پاڳو اچي وڃي ٿو. زمين سنئين ۽ ڪکرالي آهي. هتي واريءَ جو پٽون ڪونہ آهن. رائو گهڻو آهي. ڪارونجهر ٽڪري هن ئي پاڳي ۾ آهي.
5. **<u>سامروٽي</u>**: هن ۾ مٺي تعلقي جو ڏکڻ اولهہ ۽ ڏيپلي تعلقي جو اُتر وارو پاڳو اچي وڃي ٿو. هِتي جِي زمين پلي آهي.
6. **<u>ونگو</u>**: هن ۾ ڏيپلي تعلقي جو الهندو پاڳو اچي وڃي ٿو.
7. **<u>وٽ</u>**: هِن ۾ ڏيپلي ۽ مِٺي تعلقن جا ڏکڻ وارا پاڳا اچن ٿا. هِي زمين جو ٽڪرو ڪڇ جي رڻ سان دنگئي ۽ ويجهو آهي. جنهن جي ڪري هتي پاٽي تانگهو آهي.

8. **ڪس**: ٿرجي اها پٽي جيڪا ٻئراجي ڏرتيءَ سان لڳو لڳ آهي تنهنکي ڪس چوندا آهن. ڪس جا ماڻهو ٻہ ڦرندڙگهرندڙ مزاج رکندا آهن مرضي پوندي آهي تڏهن ٻئراج ڏانهن هليا ويندا آهن
9. **مهراڻو**: اڳوڻي مهراڻ نديءَ جي وهڪري جي پر واري پاڱو آهي. هِن ۾ ڇاڇري تعلقي جو اولهہ ۽ عمرڪوٽ تعلقي جو ڏکڻ اوپر وارو پاڱو اچي وڃن ٿا.
10. **ڍاٽ**: هِي سڄي ٿر جي وچ وارو ٽڪرو آهي. هِن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو ٿورو ٽڪر، ڇاڇري تعلقي جو گهڻو پاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ڪُجهہ اُتريون پاڱو اچي وڃن ٿا. هِن جي ڪري سڄي ملڪ کي ڍاٽ بہ سڏيندا آهن ۽ رهاڪن کي ڍاٽي چئبو آهي.
11. **اچڙو ٿر**: هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو اُتريون ڪنارو ۽ کپري تعلقي جو اُتر اوپر وارو پاڱو اچي ٿو ۽ اڳتي خيرپور رياست ۽ جيسلمير تائين دنگ اٿس. هِن کي بوئٽ ۽ ڊيئا بہ چوندا آهن هتي آبادي گهٽ ۽ ماڻهن جي بستي ڇڊي آهي.

## ٿر ۾ رائج ٻوليون ۽ زبانون

ٿر جي ٿڏيءَ ريت وارو، روح کي راحت ڏيندڙ خطو ونگي کان وٺي ٻڙ تلاءِ ۽ ڦولپري تائين، رحمڪي بازار کان راڙڪوئي تائين، ڏينسي ۽ ڏوتڙ کان ڳيڙي تائين، وسيع ۽ عريض ڦهليل ڌرتيءَ تي مختلف زبانون ڳالهائڻ وارن ماڻهن جو بسيرو رهيو آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ هِيءُ خطو پڻ گهڻ ٻوليائي خطو آهي جنهن ۾ ڪنهن دور ۾ سنڌي، ڍاٽڪي، گجراتي هندي مارواڙي، پارڪري، اوسواڙي، لوهارڪي ٻوليون رائج رهيون آهن انهن مان ڪجهہ ٻوليون ۽ زبانون متروڪ ٿي چُڪيون آهن، جئين هندي، گجراتي، سنسڪرت ورهاڱي کانپوءِ تمام اڻ لکي وڃي بچي آهي اجا بہ گجراتي ڪُجهہ ذاتين ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جيئن گجراتي ڪميونٽِي جا ماڻهو جن جي اڪثريت صفائي سُٿرائي جهڙي عظيم ڪم سان وابستہ آهي. اُهي هِي ٻولي ڳالهائين ٿا پر ان جي صورت ٻوليءَ جي حد تائين آهي، اها لکي نٿي وڃي نہ ئي لکپڙهہ جو ڪو جوڳو انتظام آهي. هنڌي پڻ ڪُجهہ ماڻهو لکن ٿا يا ڄاڻن ٿا پر اُها بہ ڌرمي ڪتابن تائين محدود آهي. لوهارن جي برادري جيڪي پاري نگر جا مالڪ هئا پر سمنڊ هٽڻ ۽ ٻين انقلابن جي ڪري اُهي لوهارڪي ڪرت ۾ لڳي ويا آهن.ڪولهين کي بہ پنهنجي ٻولي آهي جيڪا سندي برادري اندر ڳالهائي وڃي ٿي هيءُ بہ مارواڙي ۽ پارڪري جو امتزاج آهي. ڍاٽڪي ٻولي پڻ ٿر ۾ اڌ کان وڌيڪ آبادي ڳالهائي ٿي ڍاٽڪي کي ڪي ودوان الڳ ٻولي ڪري مڃين ٿا ڪي گجراتيءِ مارواڙيءَ جو لهجو چون ٿا تہ ڪي عالم سنڌي جي پيٽ ڪري ڪوٺين ٿا جئين محترم گريئرسن لکيو آهي:

”عام رواجي حساب سان تہ سنڌيءَ جا چار لهجا آهن. جئين معياري (وچولي) سرائڪي، ٿريلي ۽ لاڙي. “ ٿريلي” ٿر يا ريگستان ۾ ڳالهائجڻ واري سنڌيءَ جو نالو آهي جيڪو سنڌ جي اُڀرندي واريءَ سرحد تي موجود رڻ پٽ آهي، جيڪو راجپوتانا کان سنڌ کي جُدا ڪري ٿو. اُن جو هڪڙو پيو بہ ٿورو مختلف نالو آهي. “ ٿريچي.” مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي ڍاٽ چوندا آهن. ان ڪري هِن لهجي کي ڍاٽڪي بہ چوندا آهن. محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ ساڳي راءِ جو آهي. “ ڍاٽڪي ٻولي، آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ ۽ راجستان جي ثقافت کي ڳنڍيندڙ وچين ڪڙي آهي. ڪي راجستاني پهاڪا، دانائي جا گفتا ۽ عوامي افسانا، ڍول مارئي وغيره ڍاٽڪي ذريعي سنڌ ۾ رائج ٿيا. ٻئي طرف سنڌ جا مثال ۽ پهاڪا، داستان ۽ افسانا بلڪ بيت ۽ شعر راجستان طرف رائج ٿيا. راجستان واري پاڳي ۾ آباد سنڌ جي قومن ۽ قبيلن سنڌي ٻوليءَ کي اِن طرف مشهور ڪيو.”

ڍاٽڪي پهريائين گجراتي، هنديءَ جي اثر هيٺ رهي آهي. پر جڏهن کان اُن سان سنڌي جو ميل ميلاپ وڌيو آهي تہ پوءِ اُها سنڌيءَ جي رڳ ۾ رڳيل نظر ٿي اچي. باقي اُها انفرادي طور ٻولي آهي جيڪا زبان ٽيڙ تائين پهچڻ ۾ اجا گهڻي محنت جي گهرجائو آهي.

پارڪري: هِي ٻولي ٿرپارڪر واري خطي ۾ ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي امتياز کانسواءِ ڳالهائي وڃي ٿي هيءُ گجراتي جو هڪ لهجو آهي هيءُ بہ اجا ٻولي آهي. زبان بنجڻ لاءِ ڪي بہ ڪوششون نہ ٿيون آهن. ڪولهي برادري ، سڀ جي سڀ هيءَ زبان ڳالهائي ٿي هن ٻوليءِ جي وياڪرڻي جوڙجڪ بہ بنيادي آهي ۽ خصوصا پڇاڙين جو ملڻ ۽ اُن مان نوان لفظ ٺهڻ ۽ فعلي صورتن جي بيهڪ اڀياس لائق آهي.مثال:

ڪارونجهرني ڪور، روڙي لاڳي رليا مٽي،

ماٿي ٿهُوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو.

هِن ۾ ڏيپ لفظ ڏيئي جي لاءِ آهي. ۽ اُن ۾ ’تو‘ پڇاڙي ملائي صفت بنائي وئي آهي. هِن ٻولي ۾ ڪٿي “س” کي “خ” ۽ هہ ڪري بہ اُچاريو ويندو آهي جئين:

مسلمان کي چون مُخلو

سارو کي چون حارو

سنڌي: ٿر جي اتر اولهہ واري حصي ۾ اڪثر ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا جنهن تي جيڪڏهن غور ڪيو ويندو تہ اُها سنڌي ٻوليءَ لاڙي لهجي کي وڌيڪ ويجهو نظر ايندي ۽ اُن جي جهيلار ڏکهي هوندي جيئن:

معياري : ڇا ٿو ڪرين؟

ٿري: ڪُڇاڙو ٿو ڪريين؟

ٿر ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ۾ ڍاٽڪي، گجراتي، پارڪريءَ هنديءَ جا لفظ پڻ شامل ٿي ويا آهن يا اُن جي نحوي ساخت تي پڻ اُن جو اثر پيو آهي.

ان ڪانسواءِ ٿر ۾ ڪجهه ذاتيون اهڙيون جيڪي سڄيون جو سڄيون ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿيون. مثال طور ڪولهي پارڪري ڳالهائين ٿا، مينگهواڙ ڍاٽڪي ڳالهائين ٿا پرانهن ۾ لهجا مختلف آهن. ڀيل پڻ ڍاٽڪي ڳالهائين ٿا پر اُن جو گهاڙيٽو مينگهواڙن يا ڪافي مسلمانن جي ڍاٽڪيءَ کان مختلف آهي. ڀيلن جي ڍاٽڪي تي جهنگل ۽ اُن ۾ ٿيندڙ شڪار ۽ شڪار جي اصطلاحن ۽ اُتان جي ڪلچر جو گهرو اثر آهي. گجراتي ڪميونٽيِ جنهنجو صفائي سُٿرائي سان تعلق آهي اُنهن کي بہ پنهنجي ٻولي آهي.

**ٿر ۾ رائج سنڌي جا لهجا:**

ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شروعات سومرن جي دور ۾ ٿي جڏهن پٽن ۽ پانن ڳاهن وسيلي ڏاهپ، سخاوت ۽ سورهيائي جا داستان لوڪ تائين رسايا ۽ ٿر ۾ بہ سنڌيءَ جو رواج پيو جيڪو سمن جي دور ۾ سگهارو ٿيو ۽ ڪلهوڙا دور ۾ سهيڙجي پنهنجي بلوغت واريءَ صورت کي پهتو ۽ اڄ تائين اُهو سلسلو جاري آهي هاڻي تہ مواصلات جي وسيلن جي سُڌرڻ سان ميڊيا جي ترقي ٿي آهي ۽ سنڌي ٻولي اڃا بہ وڌيڪ ترقي ۽ ڦهلاءُ ڪري رهي آهي. اُن سان گڏوگڏ ٻين ٻولين جي سُوڌ سنوارو وارو ڪم بہ شروع ٿيو آهي.

هونئن تہ سنڌي سڄي ٿر جي مختلف حصن يعني چئني تعلقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي پر سنڌي ڳالهائيندڙن جي اڪثريت ڏيپلي ۽ مٺي تعلقي ۾ آهي ۽ اُن کان سواءِ ننگرپارڪر جو سرحدي علائقو جيڪو مِٺيءَ سان مليل ٿو. تنهن ۾ پڻ سنڌن ڳالهائيندڙن جي اڪثريت آهي پر انهن سيني پاڳن جي سنڌيءَ جي ڀوڙهائي سان اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ مُهراڻي ۽ ونگي جي سنڌيءَ جو لهجو الڳ آهي، سامروٽيءَ جي ماڻهن جي سنڌي نياري آهي تہ وٽ جا وانگي انتهائي رسيلي سنڌي ڳالهائين ٿا جنهن ۾ جهنگلي جيوت ۽ مالداري سان واسطو رکندڙ انيڪ اصطلاح شامل آهن. ڪنني جو سنڌي لهجو نيارو آهي تہ ڪاٽڙ جي پاسي جي ڪمت جي پنهنجي سُڃاڻپ آهي. ڍاٽڪي جن جي مادري زبان آهي تن جو سنڌي لهجو مختلف آهي مثال طور سمورا ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ اعرابن جي استعمال ۾ زير جو استعمال گهٽو ڪندا آهن ۽ لفظن جو جزم سان اُچارڪندا آهن جيئن:

صُبح کي صبوح چون

ڪرُ کي ڪر چون

انهن ڏار ڏار پاڳن ۾ جملن جي نحوي سٽاءُ ۾ فرق پُڻ آهي. مثال طور سامروٽي جا ماڻهو هن ريت ڳالهائيندا آهن:

تو ڪئين ڪرس يعني تون ڪئين ڪندين

اهو سمورو ڪم اُن صدري صندوق ۾ بند آهي جيڪا صدين کان هِن خطي جي انهن ادبي ماڻهن کي پٽن پانن ۽ چارڻن وسيلي ۽ لوڪ گيتن ۽ ڳيچن وسيلي سانڍي ۽ سانپيو اچي. تنهنڪري اِن زباني ورثي جي دستاويز بندي ڪرڻ ضروري آهي. جيئن اسان پنهنجي ادبي سرمايي ۾ موجود لوڪ ڏاهپ جي هيرن جواهرن کي محفوظ ڪري سگهون.

## مددي ڪتاب:


1. تاريخ ريگستان        را ئچند هريجن
2. برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو ترجمو ڊا ڪٽر فهميده حسين
3. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا    ڊاڪٽر غلام علي الانا
4. سنڌي ٻولي ۽ اد ب جي تاريخ  ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

# چندن گڏ چاوو ڪيو

الله سائين ننڍي کنڊ جي سموري ڌرتيءَ کي انتهائي مالامال ۽ ڀڳڙ بنايو آهي جنهن ۾ ڪيترا خزانا ۽ گُڻ رکيا آهن جو صدين کان هڪڙو قبضاگيري ۽ ڪاهن جو سلسلو اچي پر ننڍي کنڊ جي اُنهي شاهوڪاريءَ جي ”ڪج جبيني“ ۾ ڪو فرق نه آيو آهي. اُتر کان اولهه کان ڪيترائي قبضا گير آيا جن حُڪمراني ڪئي، مال لُٽڻ لاءِ هٿ پير هنيائون. الائي ڇا ڇا ڪٺي ويا پر هِن ڌرتيءَ جي سون سريکيءَ معيشيت ۾ ڪو ڦيرو نه آيو. 15 هين صدي ۾ يورپي سُلطنت شاهي دنيا ۾ پکڙي. ڪولمبس ”نئين دُنيا“ ڏانهن رُخ ڪيو ته ننڍي کنڊ ڏانهن وري پُرتگالي ناکوئو واسڪوڊي گاما سهي سنبهي روانو ٿيو جڏهن هُو هتي پهتو ۽ سمنڊ ۾ پنهنجو ٻيڙو ڇڏي شهرن ۾ گهمڻ ويو ته هُن اُتي جي مندرن ۾ سون ۽ چانديءَ جا ٿهيل بُت ڏٺا جن جي اکين ۾ هيرا به لڳل هئا. اهو لقاءُ ڏسي پورچوگيز کان رڙ نڪري ويئي ته مارا! هتي هيترو ساروزر زيور آهي جو ماڻهو اُن کي خيرات به ڪن ٿا. انهيءَ نظاري جو هوڪو جڏهن هُن وڃي يورپ ۾ ڏنو ته سموريون يورپي ڏُريون ، ور ڪنجي انهي ڏن ميڙڻ جي هٻچ ۾ ، ڇتي جي گگ لڳل، ڪنهن وايون ٻتال جانور وانگر ڪاهي پيون ۽ پاڻ ۾ وڙهيون رڇيون. ڪي پڇي ويون ته ڪي بچيون. جيڪا ڏُر سيني چوتن ڪانپوءِ بچي اُهي هئا برطانيہ وارا جن پهريان واپاري بنجي ڪلڪتي جي قاسم بازار ۾ ديرو دمايو ۽ پوءِ ڏيهي ماڻهن کي ويڙهائيندا ويا پنهنجي حڪومت کي وڌائيندا ويا. مغل پنهنجي نااهلين ۽ ڏاڍاين جي ڪري پوئتي پوندا ويا تان جو بهادرشاهه ظفر جهڙو ڪمزور ۽ نبل حاڪم دهليءَ جي تخت تي نالي ماتر حڪمران طور وڃي بچيو. انهيءَ سڄي ڪيس دوران ماڻهن ۾ بي چيني وڌندي رهي جنهن جي نتيجي ۾ مختلف هنڌن تي انگريزن خلاف ڦڏا فساد ٿيا ۽ 1857 ۾ اهڙي اضطراب جو مثال ملي ٿو جنهن ۾ فوجي ۽ ڏيهي ماڻهن گڏجي بغاوت جو ڏنڊو ڪنيو ۽ انگريز جا ڏند کڙڪائي ڇڏيا پر ڪنهن مضبوط جي اڳواڻيءَ جي غير موجودگي جي ڪري اُها ڪوشش پنهنجا متوقع نتيجا ڏيئي نه سگهي هئي. انگريزن انهي بلوي کي ”غدر“ سڏيو هو پر مقامي آباديءَ اُن هلچل کي ”آزاديءَ جي جنگ“ سڏيو هو ۽ آزادي جي جنگ جي لهر سڄي ننڍي کنڊ ۾ پکڙيل هئي. دهليءَ جي جنگاهه کي تي ته وڏا وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ ان کي ايئن ڪري پيش ڪيو ويو جڻ اهو بلوو ئي اڪيلو پونچال هو جيڪو بنيٺ تي پڙڪيو. جڏهن ته مختلف هنڌن تي اهڙيون بغاوتون ٿيون پر جيئن ته دهليءَ کي ئي مٿي رکٺو هو ان ڪري اسانجي تاريخدانن ايڏانهن ڏيان نه ڏنو. اهڙين بغاوتن مان هڪڙي بغاوت ٿرپارڪر جي پارڪر واري علائقي ۾ به ٿي هئي.

ٿرپارڪر، جنهن تي اُن وقت سوڍن جو سڪو هلندو هو ۽ سنڌ جا حڪمران ٽالپر هئا جن سان ملي ڪري انگريزن ڪجهه معاهدا ڪري مُداخلت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ٿرپارڪر کي به پنهنجي هٿ هيٺ ڪيو. ويڙهايو حڪومت ڪريو جاگيرون ڏيو ۽ ماڻهن کان ڪرائي جي قاتل وارو ڪم ونو.

خان بهادر ۽ راءِ بهادر جا لقب ڏيئي” ڏيهي ماڻهن کي ڏيهي ماڻهن هٿان سزائون ڏياريو “ جي حڪمت عملي رائج هئڻ باوجود ٿر ۾ انگريز سامراج خلاف بغاوت جي لهر هئي ڇاڪاڻ تہ ٿر جي ماڻهوءَ ڌرتيءَ کي تياڳ ناهي ڏنو. انگريزن جي واريءَ ۾ ٿر ۾ نڪر راجپوتن جا ننڍا ننڍا رجواڙا هئا جيئن عمرڪوٽ، ڇاڇرو، پوڏيسر، ويراواه ، هنجتل ۽ ڪيرتي وغيره. انهن جا اڳواڻ ڪي انگريزن سازش ڪري پنهنجي وس ڪيا هئا تہ ڪي جوڌا اهڙا هئا جن انگريزن جي آڻ نہ مڃائي هئي تن هتي پارڪر جي ڌرتيءَ تي 1857 ۾ اهڙي جنگ ڪئي هئي جنهن جو مثال ڪٿي بہ نٿو ملي ڇو تہ دهليءَ واري جنگ يا بغاوت ۾ سکيا ورتل فوجي هئا جن بغاوت ڪئي پر هتي نڪر ۽ سندن حامي ڪولهي ڀيل ۽ ٻيون قومون هيون جن انگريزن کي ڇٽا ڇڊايا هئا انهي جنگ کي پارڪر ۾ آزادي جي جنگ سمجهيو ۽ سڏيو وڃي ٿو جنهن ۾ ڌرتي واسين رت جورڱ ڏيئي وطن سان وڃن جي تاريخ ۾ پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪيو هو ۽ چندن گڍ جهڙو سندن دفاعي مورچو بہ سندن لاشن ڪانپوءِ انگريزن جي فوج ڍاهي پٽ ڪيو تڏهن تہ مقامي ڪويءَ جي واتان هي لفظ نڪتا؛

چندن گڍ چاوو ڪيو جوڌي مچائي جنگ

لڙيو ساٽ ڪلياڻ رو، اوٺان رجپوتان نان رنگ

يعني چندن گڍ قربان ٿي ويو جوڌن تمام وڏي جنگ ڪئي جنهن ۾ ڪلياڻ سوڍي جو ساٽ بہ لڙيو ڪين رنگ شابس هُجي. انهي اُپار جو احوال انتهائي اهميت وارو آهي جيتوڻيڪ تاريخي ڪتابن ۾ اُن جا حوالا آهن پر اُن بابت گهڻو تفصيل سامهون اچي نہ سگهيو آهي. انهي ڪوشش جي ڪٿا هن طرح آهي.

انگريز حڪمران مختلف حيلن بهانن ڏيهي ماڻهن کي تنگ ڪندا رهندا هئا پر ماڻهو اهو سور سهي ويندا هئا پر هڪ ڏينهن اها نفرت انتهائي شدت سان سامهون اچي ويئي. ٿيو ڇا جو اُن وقت ٽيليگراف ڪاتي وارا تار جو نيٽ ورڪ تعمير ڪري رهيا هئا تن جي ڪامي ڪارندن ڪِن ڪولهي عورتن سان ڇيڙڇاڙ ڪئي. ٿر جو ماڻهو اهڙي ڇُراند کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ماڻهن اچي مقامي راڻي کي دانهن ڏني. راڻي ”ڪرڻ جي“ ۽ سندس ڀاءُ پوپت سنگهہ، ويراواهہ جي راڻي لاڏو سنگهہ ۽ ٻين گڏجي پنهنجا 2 هزار ساٿي گڏ ڪري 15 اپريل 1859 تي انگريز ڪان آزاديءَ جو نعرو هنيو. پوليس ٿاڻي تي حملو ڪيو، ڪاردار جي ڪچهري کي باهہ ڏنائون، خزانو لٽيائون، تارون ڪٽي مواصلات جي نظام کي درهم برهم ڪري وڌائون. اُن وقت جي مختيارڪار مُنشي ڏيئي مل اها خبر حيدرآباد موڪلي . خبر 19 اپريل 1859 تي حيدرآباد پهتي. ڪرنل ايوانس حيدرآباد جو اسٽيشن ڪمانڊر هو تنهن هڪدم ٽرڊ بلوچ رجمينٽ جي هڪ ونگ کي ننگرپارڪر وڃڻ جو حڪم ڏنو. توپخانو ڪراچيءَ مان روانو ٿيو. 24 اپريل 1859 تي ڪرنل ايوانس کي حڪم مليو تہ پاڻ وڃي سيني فوجن (ڏيسا، حيدرآباد ۽ ڪڇ کان ايندڙ) جي ڪمانڊ سنڀالي. انهي حُڪم تحت هو روانو ٿيو ۽ پنهنجي موڪليل لشڪر سان 30 اپريل تي اسلام ڪوٽ وڃي مليو جتي ڪيس

ٿرپارڪر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ بہ مليو. ڪيترا مددگار سوڍا ۽ ٻيا عمرڪوٽ جي راڻي جي هٿ هيٺ ساڻس اچي مليا. سپ کان پهرين ڏيسا جي فوج ننگرپارڪر اچي پهتي جنهن جي اڳواڻي ميجر ڪُئلي ڪري رهيو هو. انهي فوج تي 1 مئي 1859 تي حملو ٿيو جنهن کي اُنهن منهن ڏنو تہ ٻئي ڏينهن وري حملو ٿيو تنهن تي گولاباري ڪئي ويئي جنهن جا نڪاءَ ڪرنل ايوانس 50 ميلن جي مفاصلي تي ٻُڌا. 2 مئي تي ڪرنل ايوانس ويراواه پهتو ڏٺائين تہ سڄو شهر خالي هو فقط هڪ سامي رهيل هو هو ٻئي ڏينهن واٽ تي پوڏيسر جاڪر سمٽجي ۽ هيجي پنهنجي ماڻهن سان گڏجي ڪرنل ايوانس سان مليا ۽ کيس آگاهہ ڪيائون تہ سمورن کوهن ۾زهر وجهرايو ويو آهي جيڪا ڳالهہ بعد ۾ سچ ثابت ٿي. 3 مئي تي ننگرپارڪر ۾ سخت مُقابلو ٿيو. ڪارونجهر ٽڪريءَ تي راڻي چندڻ سنگهہ جو اڏايل ”چندڻ گڍ“ سامراجي توبن جي گولاباري اُڏائي ڇڏيو. ڏيهي جوڌا وڃي جبل ۾ لِڪيا ۽ ڪي مارواڙ طرف ڀڄي ويا. انگريزن شهر تي قبضو ڪيو راڻو ڪرڻ جي، لاڌو سنگهہ ۽ ٻيا گرفتار ٿيا. ماحول ۾ ماٺار ڇانئجي ويئي ڪرنل ايوانس پنهنجي پيش قدمي کي اڳتي جاري رکيو ۽ 18 مئي تي پوڏيسر جي نڪرن جي ساٿ سان هُن ننگرپارڪر کان 66 ميل جي فاصلي تي ”ڪيجراڙلو“ جي ڪئمپ تي حملو ڪيو. ڪيترائي ماڻهو قتل ٿيا، قيد ٿيا ۽ ڪي ڀڄي ويا جن کي ڳولڻ لاءِ ڪافي هڻ هٽان ڪئي ويئي پر ناڪامي نصيب ٿي. نيٺ ڪرنل ايوانس واپس موٽيو.

اِنهيءَ سڄي جنگي ماحول دوران لاڌو سنگهہ جو پُٽ اُڏيسنگهہ ٻاهر ويل هو واپس آيو پئي جڏهن ڳوٺ ”راڻي واڙي“ پهتو تہ سندس گهوڙو ڳوٺ ۾ وجندڙ دهل جي ٿاپ سان پئدا ٿيندڙ رڌم کي ڪن ڏيئي بيهي رهيو ۽ نچڻ لڳو. هڪڙو ڪولهي جيڪو ننگرپارڪر کان واپس اچي رهيو هو تنهن کيس طعنو ڏيندي چيو، ”تون اتي پيو گهوڙو نچائين، تنهنجو پيءُ جيل ۾ پيو آهي“. اهو ٻُڌي اڏيسنگهہ مينهن واءُ ڪري اچي ننگرپارڪر پهتو ۽ پنهنجا ساٿي گڏ ڪري جيل تي ويو. جيل ٽوڙي سمورن قيدين کي آزاد ڪرايائين پوءِ بندوق لوڏيندو تروٽ جي تنبوءَ ڏانهن ويو اچا تنبوءَ جي ويجهو ئي مس پهتو تہ ڪاوڙجي جوش وچان ڪٽي جو فائر ڪيائين. تروٽ فتح جي مزي ۾ محو ٿي سُتو هو. فوج وڃي ڇڪي هئي ڪو بہ سپاهي موجود نہ هو سو تروٽ تنبوءَ مان ڦاٽ ڪائي نڪتو ۽ ڀڄي وڃي لاڏيئي نالي ميگهواڙجي گهر ۾ اچي پيو جنهن کيس رڳڻ لاءِ پيل کلن ۾ لڪايو.

نڪرن جڏهن تروٽ کي نہ لڌو تہ هُنن کيس مارجي ويل سمجهي ڪچهريءَ تي حملو ڪيو جنهن ۾ انگريز فوج جا ڪيترائي سپاهي مارجي ويا. اهڙو ماحول ۽ مانداڻ ڏسي نڪرن جو حوصلو وڌيو ۽ ٻيا بہ ڪيترا نڪر اچي ساڻن مليا ۽ بهادريءَ سان ويڙهہ ڪيائون. اُنهن ۾ ويراواه جو راڻو لاڌو سنگهہ، ننگرپارڪر جو راڻو ڪرڻ جي، رامجي ورڻ، اُڏيسنگهہ، ڪلجي، پونجو مهاسنگهہ ۽ روپلو ڪولهي سرِفهرست هئا. ايئن رڻ گجي راڙو ٿيل پارڪر جي پوتر ڌرتي جي بهادري ۽ امرويرتا کي ڪنهن ڪويءَ هن ٻوليءَ ۾ چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

چندن گڏ چاوو ڪيو ، جوڙي مچائي جنگ
لڙيو ساٽ ڪلياڻ رو اوٺان رجپوتان نان رنگ
رنگ ڪلا، رنگ مهاسينگا، رنگ پونجل، رنگ سگهلي راڻ
رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا، رنگ سوڍا راڻ

ڪرنل ايوانس ڏانهن هڪڙو قاصد موڪليو ويو جيڪو ڳوٺ ڏينسي وٽ وڃي ڪين رسيو ۽ فساد جي خبر ڏنائين. اهو اطلاع ملندي ئي فوج موٽي اچي 18 جولاءِ 1859 تي ننگرپارڪر شهر جو گهيرو ڪيو. راڻو ڪرڻ جي ۽ سندس وزير وغيره شهر ڇڏي وڃي جبل ۾ لڪيا. راڻي جا تي انتهائي بااعتماد ۽ ويجها صلاحڪار سيٺ مهاوجي لهاڻو هنس پوري ٻاوو ۽ روپلو ڪولهي جبل ۾ راڻي کي رسد وغيره پهچائيندا هئا ۽ خبر چار پُڄ ڏيندا هئا. جيئن ئي اُن ڳالهه جي خبر تروٽ کي پئي ته هُن روپلي کي گهرائي جاگير ۽ پينشن جون لالچون ڏنيون ته راڻي جو ڏس ڏئي ۽ گرفتار ڪرڻ ۾ سرڪار جي مدد ڪري پر هُو صفا پڙ ڪيڏي بينو ۽ ”نه“ کي آڏا نو ڪوٽ آهن “ سو اهڙي انڪار تي گوروڪاوڙجي پيو ۽ روپلي کي تمام گهڻو تشدد ڪري ڦاسي چاڙهيو ويو پر هُن وفادار ڪولهيءَ پنهنجي ڏيهه جي حاڪم تي ڪو چندو پوڻ نه ڏنو. انگريزن پاسو بدلائي سيٺ مهاوجي ۽ ٻاوي هنس پوريءَ کي گُهرائي لالچون ڏنيون ۽ اُنهن دغا ڪري راڻي کي گرفتار ڪرايو. راڻي جي گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ سندس وزير به گرفتار ٿيو ۽ ٻيا ٺڪر به گرفتار ٿيا. ايئن انگريزن نه رڳو پارڪر جي آزاديءَ جي جنگ کي چيپاٽيو پر جيڪي گوري فوج جا مددگار ٿيا هئا يا جن تابعداري قبول ڪئي تن کي جاگيرون ڏنيون ويون. پوڏيسر جا ٺڪر هن حملي ۾ انگريزن جا مددگار هئا. ڪرنل ايوانس 23 آگسٽ 1859 تي هُنن جي خدمت جو اعتراف ڪندي سفارش ڪئي ته پوڏيسر جو ڳوٺ جنهن جي ساليانو پيداوار 300 رُپيا آهي سو هِنن کي ۽ سندن اولاد کي هميشه لاءِ ڏنو وڃي. جن کي 6000 ايڪڙ زمين ملي. جن آڻ نه مڃي تن جون جاگيرون ضبط ڪيون ويون جن ۾ ننگرپارڪر جو راڻو ڪرڻ جي ۽ ويراواه جو ٺڪُر اُڏيسنگهه پٽ لاڏيسنگهه سرفهرست آهن. پيٿاپور جي ٺڪر جي زال ڦول ٻائي بغاوت وقت پوليس کي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهايو ۽ رسد پُهچائي هئي تنهنڪري ڪيس حياتي پر لاءِ 2 هزار ايڪڙ ڀل معافي جاگير ڏني ـ اُڏيسنگهه ٺڪر جڏهن سڀ آچون نه مڃيون ته ڪيس 3 سال عُمرڪوٽ ۾ نظربند ڪري رکيو ويو ۽ آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ سال ڪانپوءِ وفات ڪري ويو. اُڏيسنگهه جي وفات ڪانپوءِ سندس پُٽ سامت سنگهه کي 1887 ۾ عمرڪوٽ ۾ منعقد ٿيل راڻي وڪٽوريا جي گولڊن جوبليءَ دوران 6000 ايڪڙ سيڪنڊ ڪلاس جاگير ڏني ۽ ننگرپارڪر جي راڻي جي وارثن کي 3000 ايڪڙ ٿرڊ ڪلاس جاگير ڏني وئي.

سيٺ مهاوجي جي خدمتن عيوض ڪرنل ايوانس پنهنجي خط نمبر 233 مورخ 20 آگسٽ 1859 ۾ سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن لکيو ” مهاوجي تمام عزت وارو لهاڻو ۽ يُج جو واپاري آهي. اُتي هن کي ڪرنل ٽريولن چڱي ريت سُڃاڻي. اسانکي ۽ اسانجي لشڪر کي پارڪر پُهچائڻ ڪانپوءِ تمام

ڪارائتي مدد ڏني اٿس. خبرون ڏيڻ ۾ توڙي رسد پهچائڻ ۾ هي دور انديش آهي. هن جي صلاحن ڪانسواءِ اُنهي وقت ليفٽيننٽ ڪرنل تروٽ بہ اسان جون سڀئي گهرجون پوريون ڪري نہ سگهي ها“.

(رائچند هريجن)

ڪمشنر سنڌ سر بارٽل فريئر انگريزن جي وفادار ماڻهن يعني جنگ ۾ مدد ڪندڙن لاءِ ممبئي سرڪار کي سُفارش ڪئي. جنهن تي بمبئي سرڪار خط نمبر 1560 مورخ 7 اپريل 1860 ۽ خط نمبر 2039 مورخ 12 مئي 1860 ۾ لکيو تہ هيٺيون زمينون ۽ انعام ڏنا وڃن ٿا.

1) ڦول ٻائي زال صورت سنگهہ رهندڙ پيٿاپُور۔ تقريبا 7 هزار ايڪڙ زمين ۔ ڍل معاف تاحيات. هِن زمين جي ڪُل پيداوار 400 رُپيا هئي.
2) عمرڪوٽ جو راٺو ۔ ڳوٺ ڪاوڙا۔ 6 هزار ايڪڙ زمين ۔ ڍل تاحيات معاف ۔ هڪ تلوار تحفي طور جنهن جي ماليت 120 رُپيا هئي.
3) مهاوجي لوهاٺو۔ ڳوٺ ڪاسبو۔ 8 هزار ايڪڙ زمين ۔ ڍل تاحيات معاف

مهاوجي جي وفات بعد ”چارهر“ يعني چار هارين جي پوکڻ جيتري زمين اُن جي ٻن زالن کي تاحيات مليل هئي. هُن جي مرڻ ڪانپوءِ اولاد نہ هئڻ ڪري اها معافي رد ڪئي ويئي.

هنس پوري ٻاوي کي جبل جي سڄي اُپت تاحيات معافيءَ ۾ ملي. مرڻ ڪانپوءِ اُن جو ڪو بہ اولاد نہ هو. هن جنگ ۾ ڍاٽ جي ڪيترن ئي سوڍن بہ انگريزن جي مدد ڪئي تن کي بہ زمينون، معافيون ۽ پروانا مليا.

لاڏيو ميگهواڙ جنهن تروٽ کي پناهہ ڏني هئي اُن کي بہ معافي ۾ زمين ملي، جيڪا هِن وقت (تاريخ ريگستان لکڻ وقت) سندس پوٽي واگهلي وٽ آهي جيڪو حال حيات آهي.

راڻي ڪرڻ جي ۽ اُن جي وزير تي بغاوت جو ڪيس هليو پئي جيڪو 1860 ۾ ختم ٿيو. راڻي کي 14 سال ”ڪاري پاڻي“ جي سزا ملي ۽ وزير کي 10 سال قيد ڪيو ويو. راڻي جي وارثن ۾ هِن وقت (تاريخ ريگستان لکڻ وقت) راٺو اچل سنگهہ ولد رڻڇور سنگهہ پارڪر جو راٺو آهي.

روپلي ڪولهي وطن سان وفاداري ڪئي هئي تنهنڪري سندس نالو اڄ بہ ماڻهن جي زبان تي آهي ۽ اهو ئي هُن لاءِ امر انعام آهي.

اها سڄي روئداد اهو ٻڌائي ٿي تہ اِها اُن جنگِ آزادي جي هڪ ڪڙي episode هئي جيڪا 1857 ۾ دهليءَ مان شُروع ٿي هئي پر اُن کي هتي پهچڻ ۾ 2 سال لڳا ڇاڪاڻ تہ ان وقت مواصلات ۽ معلومات پهچائڻ جا وسيلا ايترا سڌريل نہ هئا. ۽ صحراءِ ٿر جي ماڻهن 1859 ۾ حُب الوطنيءَ، همت ۽ بهادريءَ جو ثبوت ڏيندي هڪ نئين جنگِ آزاديءَ کي تاريخ جي سيني ۾ سندور جيان سجائي، جان ۽ مال جي قرباني ڏيئي ، پنهنجي ڌرتيءَ جو مان مٿاهون ڪيو ۽ قربانيءَ جي هڪ لازوال تاريخ جو حصو بڻجي ويا. انگريزن غداريءَ عيوض جن ماڻهن کي زمين ڏني اُنهن جو نالو نشان بہ ناهي پر روپلو ڪولهي اڄ بہ ماڻهن جو هيرو آهي. پارڪر جا ماڻهو اڄ بہ لاڏو سنگهہ،

اُڏيسنگھہ ۾ راڻي ڪرڻ جي جا نالا احترام سان وٺندا آهن. مهاوجي لوهاڻو هنس پوري ٻاوو ۾ لاڏو ميگھواڙ ڪنهن ڪي ياد بہ ناهن ۾ جيڪڏهن ڪيرڪين ياد ڪري ٿو تہ بہ غدارن جي لسٽ ۾ ياد ڪيو وڃين ٿو. ٿر جيِ اها حُب الوطني ۾ حميت صدين کان قائم دائم آهي.

# علم تواريخ ۾ ٿر جي تواريخ جا تذڪرا

منجهان منهنجي رُوح، جي وڃي ساڄن وسري
مرُ لڳي لوءَ، ٿر ٻاٻيهو ٿي مران
ايسا ڪوئي نا ملا، جا سي هو من ڪا لاگ
سب جڳ جلتاديکا، اپني اپني آگ

—

ادب جي ٻڳُهڻ ۾ رنگ برنگي دنيا سان واڳيل دوستو!
اوهان سڀني تي سلامتي هُجي

هيءُ جلندڙ جڳ ڪروڙين اربين ورهين کان هڪڙي آڳ ۾ جلي رهيو آهي، آڳ جنهن ۾ ويراڳ سان گڏوگڏ سُهاڳ جي سرهائي ۾ انساني نسل جي اوسر لاءِ روشني موجود آهي، جيڪا ڪيس پنهنجي مُقرر ٿيل منزل ڏانهن وٺِ وڃي رهي آهي ۾ تاريخ بن جي اُن آلي ڪاني وانگر سدا جلندڙ ڪائنات جو قومي ترانو آهي، جنهن ۾ تعريف جا تاڪيا بہ آهن تہ طنز جا تير بہ، مخالفت جون مهميزون بہ آهن تہ ملامت جا مڻ بہ. تاريخ راسوڙي جهڙو رقص بہ آهي تہ گذري ويل دورن تي ثبت هنيل ڪُتبي تي لکيل ڪهاڻيءَ مٿان ٻيهي پڙهيل شامِ غريبان پُڻ آهي. اهڙي شامِ غريبان، جنهن ۾ نسلن جو درد سمايل آهي ۾ صدين جو قرض چُڪايل نظر اچي ٿو پر وري ڪنهن نئين دور لاءَ نئون فرض ڪاريهر وانگر ڪر کڻي ٻيهي ٿو رهي ۾ ايئن تاريخ جو تاڃي پيٽو اُٽجي تيار ٿئي ٿو.

دوستو!
ڳالهہ اڳتي وڌائڻ کان اڳ اچو تہ ڏسون تہ ”تاريخ“ آخر ڪهڙي بلا آهي جنهن کي ايترو مٿي کنيو ويو آهي.
جيمس جوائس جي لفظن ۾ ”تاريخ اهڙو ڀوائتو سپنو آهي، آئون جنهن مان جاڳڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان“
تاريخ جي هڪ معتبر نالي Cicero مطابق ”تاريخ گذري ويل وقت تي گواهہ آهي، جيڪو حقيقت کي نروار ڪري ٿو ياداشت کي جيئرو رکي ٿو ۽ روزمرهہ جي زندگي ۾ سونهون ٿي ڪم اچي ٿو“ پر وري يورپ جي نامياري ليکڪ ۽ تاريخ جي وڏي نانءَ ائڊورڊ گبن چواڻي، ”تحقيق! تاريخ انسان ذات

جي ڏوهن، مُورڪائين ۾ بدقسمتين کان ڪُجھ وڌيڪ وٺ جو نالو آهي“. يا جرمن فلسفي نطشي موجب، ”هر ماضي مذمت جوڳو هوندو آهي“. فريڊرڪ جيڪسن تاريز متعلق راءِ جو اظهار ڪري ٿو ته، ”هر دور پنهنجي تصور مطابق ماضيءَ کي پيش ڪري ٿو هر پنهنجي دور جي تناظر ۾ رهندي ماضيءَ جي تاريز لکڻ چاهي ٿو“. وري تاريخ جي وصف لغات جي ڪتابن ۾ هِن ريت لکيل آهي، ”تاريخ واقعن جو بيان آهي، جيڪو ڪنهن قوم يا خطي جو ظهور پذير ٿيل واقعن ڪي تاريخ وار بيان ڪندو هُجي“. انهن سيني ڳالهين مان هڪڙي ڳالهه نروار ٿئي ٿي ته تاريخ ڪنهن قوم يا علائقي ۾ ٿيل واقعن جو اهڙو رڪارڊ آهي جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ته انهن ماڻهن جي اُمنگن ۽ احساسن جي تصوير ڪشي آهي ته ڪٿي اُن تصوير کي بگاڙي اُن سماج جي اُن روپ کي لڪائي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهائي تاريخ سان ترڪِٽِي آهي ۽ اهو ئي تاريخ جو الميو آهي، جنهن جو مُکيه ڪارڻ اهو آهي ته تاريز لکڻ جي اداري جي شڪل رياست ڏياري ۽ رياست جيڪا تاريخ لکرائي سان قصيدي کان وڌيڪ ڪجھ نه هوندي هئي ۽ درباري مورخ بادشاهن کي ”ظِل الهي“ قرار ڏيئي اُن دور جي واقعن کي ايئن ڪري ويا آهن ڄڻ خوشحالي سببان کير ۽ ماکيءَ جون نديون اُٿڻ معاشري ۾ وهنديون هُجن. پر اُن جي باوجود سچ جي ڪا نه ڪا ڪِرن ڪتان اُنهن تعريفي احوالن مان ليئو پائيندي نظر ايندي آهي جنهن وسيلي اُن دور جي دُرست احوال جو کُر پير ۽ ڏس پتو ملي ويندو آهي ۽ ڏوريندڙ اُن اهڃاڻ کي ڏيان ۾ رکندي ڪنهن سچي احوال تائين وڃي پُهچندا آهن. هن ڪائنات جو اڪيلو سُونهون انسان ذات جو عقل آهي جنهن جي فهم ۽ شعور سان هُو دنيا بابت ڄاڻي ٿو. رنگ و بوءِ جي هي ڪائنات روح ۽ مادي جو سنگم آهي، مادي جي ست ڇڪ واري قوت آهي، روح جو ستُ آزادي آهي، مادي جو ست اُن کان ٻاهر ۽ هٽي ڪري آهي. روح جو ست پنهنجو پاڻ ۾ مضمر آهي جيڪو هُن کي اجهل ۽ آزاد بڻائي ٿو. دُنيا جي تاريخ روح جي تصور جي احساس کان شروع ٿئي ٿي ۽ چئي سگهجي ٿو ته، ”تاريخ روح جي زمان (Time) ۾ اوسر آهي جيئن فطرت مڪان (Space) ۾ تصور جي اوسر آهي. هر ڪو ماڻهو هر شئي جو اڪين ڏٺو ۽ ڪنن ٻُڌو شاهد نٿو ٿي سگهي. تاريخ اُنهن اکين ۽ ڪنن جو ڪم ڏيئي ٿي. جن گذري ويل وقت کي نه صرف ٻُڌو پر پلي پٽ ڏٺو به.

هاڻي اچو ته ٿر جي تاريخ جي تذڪرن جو تذڪرو ڪريون. ٿر ڪائنات طرفان هن ڌرتيءَ جي سيني تي لُڏندڙ ڪنمال جو مُک جهوڙو آهي، خوبصورت مانگ آهي جنهن ۾ موجود ويران ريگزار، بي آب و گياهه ڪوهسارن، ڪنڊيدار ٻوٽن ۽ وٽراهه ۾ رهندڙ سخت جان ماڻهن ٿر کي دنيا کان نيارو بڻايو آهي ۽ نيارپ تي هر ڪو ريس ڪري ٿو. ريگستان يا ٿر هوندڻ بظاهر نوٽ ڌرتيءَ طور پيش ڪيا ويا آهن پر اها حقيقت آهي ته دنيا جون سموريون تهذيبون انهن ريگزارن جي پُرپرن واري داٽن جي مٽيا مان اُپريون آهن. اسان جو هي ٿر جو خطو به اهڙو ڳُٺوان خطو آهي جنهن جي ڏيا ڏيها ڏيهه مشهور آهي. هن خطي جو ذڪر تاريخ ۾ ملي ٿو پوءِ اهي تاريخون ڪنهن ڏيهي جاڪوڙي جهونجهار

جون لکيل هُجن يا ڪنهن پرڏيهي ڪاموري جا لکيل گزيٽيئر ۾ هيو احوال. سيني پنهنجي وٽ آهر ٿر جو ذڪر ڪيو آهي.علي بن حامد ڪوفي ”چچنامي“ ۾ ٿر ڪي ياد ڪيو آهي, تاريخ معصومي لکندڙ بہ ٿر کي وساريو نہ آهي. سمن سومرن ارغونن ترخانن جو احوال لکندي سيد محمد طاهر نسياني هن خطي کي سنياريو آهي تہ برصغير جي نامياري حڪمران اڪبرِ اعظم جي بوئا گلبدن بيگم ”همايون نامي“ ۾ ٿر کي دلچسپ لفظن سان ياد ڪيو آهي. مير شير قانع ٺٽي واري ”تحفتہ الڪرام“ ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي عمرڪوٽ پڌارڻ واري واقعي کي چٽيو آهي پر ٿر جي تاريخ تي سڀ کان پهريون تفصيلي ڪتاب ضلعي عملدار ڪپتان اسٽينلي نيپيئر ريڪس Memoir on Thurr and Parkur_Districts of Sindhلکي تاريخ جي تذڪرن ۾ خوبصورت اضافو ڪيو آهي. ڪاڪي ڀيرو مل ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ لکي ٿر ۾ ٺڪرن جي حڪومت جي طريقہ ڪار ۽ ٿر جي مجموعي احوال جو ذڪر ڪيو. عمرڪوٽ جي لائق ٽيپدار تيجسنگهہ سولنڪي ”امرڪوٽ_سنڌ جو اتهاس“ لکي تاريخ احوال سان گڏوگڏ ثقافتي صورتحال جي پُڻ تصوير ڪشي ڪئي. محتم منگهارام اوجها ”پراڻو پارڪر“ لکي اُن م نہ رڳو تاريخي ماڳن ۽ واقعن جو ذڪر ڪيو آهي پر ان سان گڏوگڏ ان مالها ۾ لوڪ ڏاهپ جا موتي پُڻ پوئيا جن جي چمڪ ۽ دمڪ اڄ بہ جڳ کي جرڪائي رهي آهي جيئن:

اسين گر را مورلا, ڪانڪر پيٽ پران
رُت آئي نہ ٻولان, هينئون ڦاٽ مران

مسڪين جهان خان مُتعلق مجني بلوچ جو لکيل ڪتاب بہ هڪ سهڻو تاريخي تذڪرو آهي. ڪرنل جيمس ٽاڊ برِصغير جو سمورو ٿر پيرن مان ڪڍيو ۽ اُن جي احوال کي ٽن جُلدن جي شڪل ۾ ”Annals and Antiquities of Rajasthan“جي نالي سان پڙهندڙن تائين پُهچايو. سرڪاري عملدارن ”اُنا مينهن ملير“ ۾ ”ٿر“ جهڙا يادگار ڪتاب شايع ڪرايا, جن وسيلي ٿر جي تاريخ جا ڪافي لکيل گوشا نروار ٿين ٿا يا وري آرڪيالاجي کاتي جي هڪڙي ڪاموري ,Thar: Land“ History and People”لکي ٿر جي احوال کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو. اُن ڪانسواءِ ڪيترن ئي رسالن, ميگزينن توڙي روزاني اخبارن ۾ ٿر جي تاريخ جو تذڪرو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڇاپيو ويو آهي, جنهن کي پڙهي هن سدا ملوڪ ڌرتيءَ بابت ڪا نہ ڪا پروڙ حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر سڀ کان وڌو ڪم ٿر جي مرڪزي شهر ڇيلهار سان تعلق رکندڙ اُستاد رائچند هريجن (رانوڙ) جو آهي, جنهن تاريخِ ريگستان ٻن ڀاڱن ۾ لکي نالي جي مصران چٽي ڇڏي آهي. اهڙو تفصيلي احوال اڄ تائين وري نہ لکيو ويو آهي, ٿر جي سموري تاريخ نويسي جي عمارت جو بنياد بہ انهي هڪڙي تاريخدان جي لکيل تاريخ تي بيٺل آهي. تنهنڪري ڪيس ٿر جو Herodotus

چئبو تہ وڏاءُ نہ ٿيندو. ٿر جي ايتري تفصيلي تاريخي تذڪري ڪانپوءِ بہ ڪافي گُمنام گوشا آهن جيڪي موجوده دور جي تاريخدان کان وڌيڪ لکڻ جي تقاضا ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ ٿر جي پلاري پوڻ ۽ بہ جڳاندر جهوني آهي. جنهن ۾ پهرين صدي عيسوي ڌاري پاري نگر جهڙو پر ڪنڊين پڌرو بندرگاه هو جتي هاڪ رکندڙ هاڪڙو وهندو هو جنهن لاءِ چيو وڃ ٿو تہ اهو ڪاوڙجي منهن متي خُشڪ ٿي پاتال ۾ ببهي ويو ۽ اڄ بہ سرسوتي جي صورت ۾ اربين کربين ورهيہ هن جهوني ڌرتيءَ جي تهن هيٺيان موجود آهي تڏهن تہ کوکراپار ريلوي اسٽيشن کان پندرنهن ڪلوميٽر اُتر ٿر ۾ سومون سمو ڳوٺ ۾ ڪوتايل ٽيوب ويل ۾ پاڻي جو ايترو دٻہ قاتل آهي جو ٻارنهن سو فوٽن کان وڌيڪ اونهائي مان بہ پاڻي ارڙاٽا ڪري ججهي مقدار ۾ نڪري آيو آهي جو ماڻهو اُن کي مُعجزو سمجهن ٿا.

ٿر ۾ ڪيئي وڏا ڏُڪار ڇپني (سنبت 1956 جو شديد ڏُڪار) جي صورت ۾ ظاهر ٿيا يا لُوس جي شڪل ۾ وبائون ويهہ وهائينديون رهيون. همايون هندستان مان ڀڄي هن ڌرتي تي لڪيو ۽ اڪبر جهڙو ناميارو بادشاهہ بہ عُمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. مغل اڏاوت جي فن جا ابا هئڻ جي باوجود اڪبر جي جمڻ جو يادگار ڇو نہ ٺهرائي سگهيا. ميرن هن علائقي ۾ نئون ڪوٽ ڪان ڪُڏيءَ تائين گڍ ٺهرايا، جيڪي دفاعي اُهڃاڻ هئڻ سان گڏ ٿر ڪي ٻن حصن ۾ بہ ورهائين ٿا. برطانيہ جي گورن بہ پنهنجو وارو وڄايو ڊاڪٽر پالن جهڙا شهري شعور رکندڙ ڪامورا مقرر ٿيا، جن ٿر جي شهرن ۾ بازارون ٺهرائي اُنهن کي وسايو ۽ ترقي ڏياري. هي علائقو اُن لحاظ کان بہ نرالو ۽ نيارو آهي تہ 1857ع واري بغاوت ۾ دهليءَ کانپوءِ جنهن ماڳ تي بغاوت پڙڪو کاڌو هو سو ننگرپارڪر هو. پارڪر جي هن رڻ ڪيتر ۾ ٽيل انهي بغاوت کي چٽڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ڏيسا ڇانوڻين کان ڪٽڪ ڪاهي آيا هئا ۽ اُن ۾ روپلي جي ڏيکاريل وفاداري ۽ بهادري اڄ بہ تاريخ جي جهروکن ۾ موجود آهي. ساڻيهہ جي سڪ جو مشهور ڪردار مارئي اڄ تائين اها اهميت رکي ٿو جو ٻيو ڪوئي ڪردار حُب الوطني ۾ اُن سان برُ ميچي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ مارئيءَ مارن سان ڪيل اُن ازلي وچن کي نہ صرف پاليو تاتيو پر نڀايو بہ. بقول شاهہ لطيف:

الست بربڪُم، جڏهن ڪن پيوم
قالو بليٰ قلب سين، تڏهن تتِ چيوم
تنهن وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين

دوستو!

ان وچن کي سچائيءَ سان نڀائڻ جي ڪٿا جي سچي صورت جو نالو تاريخ آهي. اڄو تہ ماضيءَ جي واقعن کي مجيل معيارن مُطابق پرکي پنهنجي نئين تاريخ لکون، جيڪا اسانکي نہ رُڳو ماضيءَ جو آئينو ڏيکاري پر مُستقبل ڏانهن وِک وڌائڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿئي. جنهن قوم پنهنجي تاريخ کان مُنهن

موڙيو تنهن قوم گهڻو لوڙهيو ۽ نيٺ ڏرتيءَ جي سيني تان ميسارجي ويئي. ان جو ذڪر به نه رهيو آهي. دُنيا جي داستانن ۾ مون پنهنجي نقطه نگاهه کان تاريخ ڪي ڏنو ۽ توهانجي آڏو پيش ڪيو. توهان مونکي ٻُڌو تنهن لاءَ توهانجي مهرباني ۽ ادبي سنگت مٺيءَ جي دوستن خاص ڪري دليپ ڪوٺاري، جن هيءُ موقعو ڏيئي جيڪو مان ڏنو تنهن لاءَ سندس لک لائق.

مُحبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو

حق موجودُ___ سدا موجود

(ادبي سنگت پاران استاد رائچند جي ڏهاڙي جي مناسبت سان ڪرايل ليڪچر)

# پاڻي ناهي پنڌ گهڻو.....

ٿر ۾ جيتري تهذيبي گهٽاگهٽي آهي، امن آهي، سُک شانتي آهي . مهذب سماج آهي تتي ڪجھ مسئلا، ڪجھ مشڪلاتون ۽ ڪجھ للڪارون آهن جيڪي ٿر جي ترقيءَ جي راه ۾ رنڊڪ آهن. ٿرجي مسئلن کي ڏسجي ٿو تہ ٿرمسئلن جو گھر رهيو آهي .ٿر ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتون ۽ اهنج آهن .ٿرجي ماڻهن جي  کي انيڪ للڪارون ڪر ڪنيو سامهون بيٺيون آهن. انهن سيني شين تي الڳ الڳ ليڪن ۾ بحث مباحثو ڪبو تہ انهن مسئلن کي ڪيئن نبيري سگجهي ٿو.ڏکيائين ۽ اهنجن تي ڪيئن قابو پائي سگهجي ٿوللڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي تياري هئڻ گهرجي. انهن سيني عنوانن تي ڏارڏارقلم کڻڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ موضوع ايترو تہ وسيع ۽ ڳوڙهو آهي جو ان جي وچور ۾ وڃڻ ڪانسواءِ ان بابت لکڻ اڪارث آهي. ٿر جي مسئلن ۾ غربت تہ هوئڻ ئي وڏو مسئلو آهي پر ان ڪانسواءِ خدمتن جي شعبي سان لاڳاپو رکندڙ ڪافي ڪم ڪارآهن جن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. انهن مسئلن ۾ پاڻي جو مسئلو سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ پهرين ترجيح جهڙو مسئلو آهي. ٿرءِ پاڻي هڪبئي کان وڇڙيل ٻئي اهڙيون ڌريون آهن جن کي ڪنهن اهڙو سراپ ڏنو آهي جو صديون اڳي جيئن ڌار ٿيا آهن تيئن وري سولاملي ناهن. پاڻي ٿر لاءِ سڀڪجھ آهي تہ ٿر بہ پاڻيءَ لاءِ تڙپي ۽ ترسي ٿو. هاڻي تہ موسمي ڦيرگهير جا اهڙا ڦيراڦريا آهن جو يا تہ ٿرکي پاڻي ججهو ملندو يا وري ٿر ويترويران ٿي ويندو. جن جي اندر ۾ اڃ هوندي آهي ، پٽائيءَ جي بقول پاڻي انهن لاءِ اُڃيو هوندو آهي پر شايد ٿر جي اندر ۾ اڃ ناهي جيئن ڪوئلي جي کوٽائي واراڪڙڪ ڏين ٿا تہ پاتار ۾ 3 ناروهن ٿا جن ۾ اٿاه پاڻي آهي. ٿرجي اندروجو اهو پاڻي متان ٿر ڏانهن ايندڙپاڻي کي روڪيندو هجي.  تنهن ڪري اجا ٿر تاساري تاڙي وانگر پاڻيءَ لاءَ تڙپي پيو.ٿرپنهنجي اُڃ اجهائڻ جي ضرورت کي جن ضرورتن سان پورائو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تن ۾ برساتي پاڻي، کوهن جو پاڻي، ٽيوب کوه، آر او پلانٽ ۽ دريائي پاڻي جي پائيپ لائن آهي.انهي جي باوجود ٿر ۾ پاڻيءَ جو مسئلو جيئن جو تيئن آهي .انهن سيني ذريعن وسيلي ليندڙپاڻي ضرورت کان گهٽ آهي. آرهڙ جي گرم موسم ۾ جڏهن پاتار جو پاڻي بہ هيٺ لهي ويندو آهي تہ پاڻيءَ سان لاڳاپيل ڪيترين بيمارين وبا جي صورت اُڀڙڪي پونديون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ انساني جانيون زيان ٿي وينديون آهن.

پلرپاڻي آڳاٽو وسيلو آهي جنهن سان پيئڻ جي پاڻيءَ توڙي مال کي پاڻي پيئارڻ جو پورائو ڪرڻ لاءِ مختلف بندوبست ڪيا ويندا هئا. شروع ۾ جيڪي ڳوٺ آباد ٿيا تن جي نالن ۾ لفظ ”سر“ پڇاڙيءَ طور ڪم آيو آهي جيئن ويساسر، پيماسر، راوت سر. لفظ سر جي معنيٰ  برسات جي پاڻيءَ جي گڏ ٿيڻ جو قدرتي هنڌ. چئوماسي جي مند ۾ جڏهن مينهن پوندو آهي تہ ڳوٺن ۾ توڙي جهنگ ۾ برسات جو پاڻي گڏ ٿئي ٿو.اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ان کي محفوظ نٿو ڪيو وڃي ۽ اهو ضايع ٿي وڃي ٿو.ڳوٺن

۾ آباديءَ جو پاڻي وهي هيٺاهين وارن هنڌن تي بيهي ٿو يا وري مسجدن وغيره جا اڱڻ وسيع آهن ته اتي به پاڻي گڏ ٿئي ٿو جنهن کي ڳوٺاڻا پيري پيئڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا.اهو پاڻي پلر ۾ منو هوندو آهي پر هيٺ مٽي ۾ پيو ڪن ڪچرو گڏٿيڻ سان صاف پاڻي جي دائري مان خارج ٿي وڃي ٿو. پلرپاڻيءَ جا آباديءَ جي آسپاس يا ان کان ٻاهر جهنگ ۾ جيڪي گڏٿيڻ جا هنڌ آهن تن جا الڳ الڳ نالا آهن جيئن ڊهو، ٽوپو، تلي يا ڏهري، ترائي وغيره. ڊهو ۾ ٽوپو برساتي پاڻيءَ جي گڏ ٿيڻ جا مختصر ماڳ آهن جن ۾ پاڻي جو ٿورو مقدار گڏ ٿئي ٿو.ڊهي ۾ ٽوپي مان گهڻو ڪري پيئڻ جي پاڻي جي ضرورت جو پوراءُ ڪبو آهي ياوري چوپائي مال جا ننڍا ڦروغيره پاڻي پيئن ٿا ڇاڪاڻ جو اهڙا ننڍڙا نياڻ گهرن جي ويجهو واري پٽ يعني اجهور ۾ هوندا آهن. جهنگ ۾ به ٽويا ۾ ڊها ٿين ٿا پر تمام گهٽ. جهنگ ت ۾ ترايون آهن جن ۾ پاڻي ججهي مقدار ۾ گڏ ٿئي ٿو. ڪٿي ڪٿي اهو پاڻي چار چار مهينا به هلي ٿو. ترا ين جا نالا به رکيل آهن مثال طور، راڻاسر، پڙائي، ليتاڙو، ڏنهين، پڌريو، وغيره . ترائي اهڙو گڏيل نواڻ آهي جنهن جي آسائش جي اجهي ڪيترائي ڳوٺ هوندا آهن ۽ ڳوٺاڻا ان جي صفائي سُٿرائي وغيره جو پاڻ خيال رکندا آهن ۽ ترا ين جي پاڻيءَ جو دارومدار انهن ۾ موجود چيڪي مٽيءَ جي تهه تي هوندو آهي پر جيڪڏهن ان جي غير ضروري هٿ چراند ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ ترائي خراب ٿي وڃي ٿي ۾ پاڻي نٿي جهلي. اهڙي هٿ چراند ڪڏهن ڳوٺاڻا مٽي ڪيڻ لاءِ ڪندا آهن ته ڪڏهن وري روڊ رستا ناهڻ لاءِ بنا ڪنهن تور ماپ ۾ ليکي چوکي جي اهي ترايون ناس ڪيون ويندڙيون آهن. روڊن جي آسپاس جون ترايون يا ته ختم ٿي ويون آهن يا وري ترايون نه رهيون آهن ۾ پاڻيءَ جو ڪو ڇڏو بنجي چڪيون آهن. ان ۾ اين جي او جي نالي ۾ هلندڙ پروجيڪٽن پويان چرين وانگر اڏامندڙ ادارن به وسان نه گهٽايو. انهن ترا ين جي مرمت جا پروجيڪٽ بنا ڪنهن فني يا سماجي صلاح مصلحت ناهي جن ٺيڪيدارن يا ڳوٺاڻن کي ڏنا تن ترائي کي مڙئي ڪوٺي خراب ڪري، ڪوڙا بل ڪيدائي ڪائي ڇڏيا. اهڙين سمورين مرمت ٿيل ترا ين جي هن وقت جيڪڏهن جاچ پڙتال ڪبي ته هرهنڌ پيڻنگ نظرايندي. انهي سموري عمل سان ٿر جي زميني سطح کي وڏو هاڃو رسيو آهي. برساتي پاڻي به ميگهارت جي مهربان ٿيڻ تي آهي جي ونو ته واه واه! نه ته سرسڃا لڳا پيا هوندا ۾ مارواڄ جي ماري هيٺ اڇي ويندا.

کوهن وسيلي زمين مان پاڻي ڪيڍي پيئڻ ، گهريلو استعمال ۾ مال لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. سيپ کان وڏيڪ پاڻي هن ذريعي سان حاصل ڪيو وڃي ٿو. هن وسيلي سان پاڻي حاصل ڪرڻ جون پنهنجون رڪاوٽون ۽ حدون آهن جن جا بدلجندڙ دور سان ڪجهه حل به ڪڍيا ويا آهن پر اهي به جٽادار نه آهن. هڪ ته پاتار جو پاڻي گهڻو اونهو آهي. جيڪو پاڻي کوهن وسيلي ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو سو سيمي جو پاڻي آهي تنهنڪري ان جو مقدار گهٽ آهي. مٿان وري ٿر ۾ جر جي پاڻيءَ جا نار اڀياسبا ته اهي ڏکڻ اولهه ڪنڊ کان شروع ٿي اتر اوڀر ڪنڊ ڏانهن وڃن ٿا . ڏکڻ اولهه ۾ پاڻي زمين جي مٿاڇري کي ويجهو آهي ته اتراوڀر ۾ وري اهي نار تمام اونها آهن. ٿر جي وچ واري علائقي يعني

ڪننڍي ۾ جر جي پاڻيءَ جي سطح وچٿري آهي. پارڪر ۾ جر جي پاڻيءَ جو دارومدار برساتي پاڻيءَ تي آهي ڇاڪاڻ جو اتي ڪارونجهرچپر يعني ٽڪرين جي سلسلي مان جيڪو پاڻي ندين جي صورت ۾ وهي اچي ٿو ان جو وڏو مقدار رڻ ۾ ضايع ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪو پاڻي زمين ۾ جذب ٿئي ٿو اهو وري پاتاري پاڻيءَ کي چڪارڪري ٿو. جڏهن گهٽ برساتون پونديون آهن تڏهن پارڪر ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ٿي پوندي آهي. کوهن مان پاڻي ڪڍڻ جو جيڪو طور طريقو آهي تنهن سان پاڻيءَ ۾ گند ڪچرو ججهي مقدار ۾ شامل ٿي وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ کوه وارڻ واري رسي يا ورت سان سارڻ مان گڏهن جي لڏ ۽ رسي جي تاندورن سميت ڪيترين ئي گنديون شيون اچي پاڻيءَ ۾ شامل ٿين ٿيون جيڪي مختلف بيمارين جو سبب بنجن ٿيون. انهي سان گڏوگڏ ، اڪثر ڳوٺن ۾ جر جو پاڻي ٻاڙو آهي يا کارو آهي. انهي پويان ڳوٺن تي نالا بہ پيا آهن جيئن: کارو حبيب، کاريو نرا. . ڪٿي ڪٿي اهو پاڻي ايترو کارو آهي جو گرمي جي مند ۾ جيڪي پکي اچي پيئن ٿا اهي بہ مري ٿا وڃن. ان ڪانسواءِ ٿر جي پاڻيءَ ۾ ٻيون معدني شيون جهڙوڪ فلورائيڊ، ۽ سنکيو وغيره بہ شامل آهن جن جي ڪري ڏندن جون بيماريون، پيٽ جون بيماريون، گردن ۽ مثاني جون بيماريون ۽ سنڌن جو سور جهڙيون بيماريون عام جام آهن. ڪجهہ ڳوٺن ۾ جتي بجلي وغيره آهي اتي اونها هٿ پمپ يا پاڻيءَ ۾ اڊيڏل پمپ (submersible pump ) جن کي عرف عام ۾ ”سمرپمپ“ چيو وڃي ٿو تنهن جا تجربا بہ ڪيا ويا آهن پر اهي تمام ٿورن ڳوٺن ۾ آهن.

رورس آسموسس پاڻي کي ري لوڻ (desalinate) ڪري پياڪ بنائڻ جي حرفت آهي جنهن کي دنيا ۾ آخري اپاءَ طور استعمال ڪيو ويندو آهي. ٿر ۾ بہ انهي حرفت جا محمد خان جوڻيجي جي دور ۾ وچوٽي ۽ مانپائيءَ جي ٿڙ ۾ تجربا ٿيا. ان ڪانپوءَ ڪن غيرسرڪاري ادارن انهي حرفت تي هٿ پڪو ڪيو ۽ ڪجهہ ڳوٺن ۾ اهڙا پلانٽ لڳايا . اهي سمورا پلانٽ هن وقت هلندڙ ناهن. ماضيءَ جي حڪومتن بہ ڪن شهرن ۾ اهو تجربو ڪيو پر اهو ڪو جٽادار ثابت نہ ٿيو. تازو ٿر جي ڪافي ڳوٺن ۾ ۽ مٺي شهر ۾ بہ اهڙا پلانٽ لڳايا ويا. مٺي شهر واري پلانٽ جي ايشيا جي وڏي پلانٽ طور مشهوري ڪئي وئي پر پوءِ ڏٺي بہ ان ڳالهہ تان ڦري ويا ۽ انهن رٿائن ۾ مسئلا پيدا ٿيندا رهيا. ڪنهن بين الاقوامي اداري جي رپورٽ مطابق ٿر جي ڳوٺن ۾ لڳل اهڙن پلانٽن مان اڌواڌ مختلف سببن جي ڪري بند پيا آهن. ڪجهہ ڳوٺن ۾ سازدا جي دور ۾ ٽيوب کوه لڳايا ويا ۽ پوءِ ان ۾ ضلعي حڪومت واڌارو ڪيو. کول اٿارٽي بہ اهڙيون رٿائون جوڙايون. ٽيوب کوهن وارين رٿائن مان اهي هلندڙ آهن جيڪي ڳوناڻن جي پاڻي جي ضرورت کي پورو ڪن ٿيون ۽ جن ۾ ڳوناڻا دلچسپي وٺن ٿا يا جن رٿائن کي ضرورت وقت سرڪاري مدد ملي ٿي.

دريائي پاڻي وسيلي بہ ٿرم پاڻي جي شروعات چيلهہ بند وٽان ڪيڊيل پائيپ لائن وسيلي ڪئي وئي. ٻي لائن نئين کوٽ کان مٺيءَ تائين شروع ٿي ۽ اڳتي ننگرپارڪر تائين ڪم هلندڙ آهي. اسلام ڪوٽ تائين پاڻي اچي ٿو. اهو پاڻي تمام ٿوري آباديءَ جون ضرورتون پوريون ڪري ٿو. نئين

ڪوٽ ۾ منيءَ جي وچ وارن مهراڻي جي ڳوٺن کي بہ ان لائين جي ٽانڪن مان پاڻي ملي ٿو.پر اهو پاڻي يا تہ گڏهن جي جنبڻ تي پيپل ڪين جي صورت ۾ آهي يا وري سنهي سيپڪڙي ڪمزور جسم وارين ٿري عورتن جي مٿي تي ۽ ڪڇ ۾ ڪنيل دلن جي صورت ۾ آهي جيڪو بذات خود هڪ ڏکيو عمل آهي.

انهي سموري وچور ۾ ڪجھ ڳالهيون اهم آهن. جيڪي هن ريت آهن:

- ”جديد “ سڏجندڙ دور ۾ پاڻيءَ جي اڄ بہ ٿر ۾ ڪوٽ آهي. ان جي پورائي لاءِ جيڪي رٿائون ۽ منصوبا ڪم آنداويا آهن اهي ٿر جي پاڻيءَ جي ڪوٽ کي پورو ڪري نہ سگهيا آهن
- مقدار جي لحاظ کان پاڻي تہ گهٽ آهي پر معيار جي لحاظ کان بہ ناقص آهي يعني ٻاڙو آهي، کارو آهي يا ميرو آهي يا معدنيات مليل آهي
- پاڻي ڪڍڻ، پيڙڻ ۽ سنڀالڻ جي ڪم ۾ عورت تي تمام وڏيڪ بار آهي جيڪو آبادي جي اڌ حصي کي ٻُريءَ طرح متاثر ڪري رهيو آهي. جيستائين عورت جي مٿي تان گهڙو نٿو لهي تيستائين ترقي جون سڀ دعوائون بي معنيٰ آهن.
- پاڻيءَ جي ڪري ڪافي بيماريون ٿين ٿيون جن سان ٿرجي ماڻهن جو صحت بابت خرچ وڌي وڃي ٿو پر انهن جي عام تندرستي خطري هيٺ اچي وڃي ٿي. اهو عمل غربت جي دوزخ ۾ واڌارو ڪري ٿو
- پاڻي جي انتظامڪاريءَ تي ماڻهن جو جيڪو وقت سيڙجي ٿو اهو ڪين ٻئي ڪم ڪار کان روڪي ٿو. نتيجي ۾ سندن آمدني گهٽجي وڃي ٿي جيڪا بہ غربت ۾ واڌارو ڪري ٿي.

اهي تہ چند ڳالهيون هيون پر اها فهرست ڊگهي آهي. پاڻي سان لاڳاپيل سمورين ڳالهين ۽ مسئلن کي نظر ۾ رکندي، سرڪاري ادارا، غيرسرڪاري ادارا راڄن جي ماڻهن ۽ فني ماهرن جي صلاح سان، پاڻيءَ بابت اهڙو جامع منصوبو جوڙين جيڪو ٿرمان پاڻي جي مشڪلاتن کي هميشہ هميشہ لاءَ ختم ڪري ڇڏي. ان سان صحت جا مسئلا بہ گهٽجي ويندا تہ غربت گهٽجڻ جو ڪم بہ اڳتي وڌندو.اهو ڪم جيترو جٽادار بنيادن تي ڪيو ويندو اوتروئي وڌيڪ لاپدائڪ ٿيندو ۽ ٿر ۾ خوشحالي ، سُک ۽ سرهائي آڻيندو.

# کوهه ۽ اُنجي انجنيئرنگ ۾ اُن سان لاڳاپيل لفظ

ٿر اِهڙو ورياسو، باراني خطو آهي جنهن جي خوشحالي ۾ ساوڪ ڪنهن زماني ۾ اهڙي اوج تي هئي جو اُن جي نامڪار مُلڪان ملڪ مشهور هوندي هئي، ۾ سمورو خطو ڪنهن وقت سمنڊ هو ۽ ڪارونجهر جي جوڙجڪ ظاهر ڪري ٿي ته اهو جبل 3.5 ارب سال جهونو آهي جڏهن هن ڪائنات ۾ هڪ جيوي (Unicellular) جيوت مس موجود هئي. پوءِ اهو پاڻي هٽندو ويو ۽ خشڪي نروار ٿيندي ويئي تان جو سنه 1. عيسويءَ دوران هتي دنيا جي مصروف ترين سمنڊ ڪناري جا اهڃاڻ ملن ٿا. جتي ٻيڙيون هلنديون هيون ۽ پارڪر جي ٽاڪرو ۾ مٺيهاڻي ڏرتيءَ تي ناريل به ججهو ٿيندو هوجيئن سڏونت سارنگا جي مشهور قصي ۾ ذڪر اچي ٿو.

**پاري ننگر ڪان پڌاري، ڪرجو پڳوئا ويس،**
**جنهن گهر ناريل رونڪڙو تنهن گهر ڪرجو اليڪ،**

اهو پاڻي نه صرف مٿاڇري تان هٽندو ويو پر زمين اندريون پاتار جو پاڻي به هيٺ ويندو رهيو ۽ ٿر هڪ اُڃاريءَ ڌرتي طور سُڃاڻپ ماڻي ۽ پاڻي جي اها سطح ڏکڻ اولهه ڪنڊ کان اُتر اوير ڪنڊ ڏانهن رُخ رکندڙ آهي. يعني اهو اولهه ڏکڻ ڪنڊ واري علائقي يعني وَٽ ۾ پاڻيءَ جي سطح ويجهي آهي ته اوير اُتر ڪنڊ ڏانهن يعني ڇاڇراٽي واري علائقي ۾ اُها هيٺ هلي وڃي ٿي ۽ اهو اثرزميني مٿاڇري جي اوير ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿو. جيئن جيئن آبادي آباد ٿي ته ماڻهن پنهنجي جياپي لاءِ پاڻي حاصل ڪرڻ جا مُختلف طور طريقا ڳولهي لڌا جن ۾ هڪ ذريعو هو برساتي پاڻي ۽ ٻيو ذريعو زير زمين پاڻي آهي ۽ زمين مان پاڻي ڪڍڻ بابت جيڪي لفظ، اصطلاح ۽ ٻيون وٿون ٻوليءَ ۾ داخل ٿيون انهن جي اُپٽار ڪرڻ ضروري آهي جيئن بدلجندڙ دور جي دز ٻوليءَ جي انهي ذخيري کي دونهاٽي ڪنهن وقت جي هندستاني نوابن وانگر گم نه ڪري ڇڏي.

زير زمين پاڻي ڪڍڻ لاءِ ٿر ۾ " کوهه" ئي وڏو وسيلو آهي جنهن جا مختلف قسم آهن. کوهه کي تڙ، ويرو، ويري چئبو آهي ۽ لفظ ويري يا ويرو ۽ عربي لفظ بئر ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي . بئر جي معنيٰ پڻ کوهه آهي ۽ ٿي سگهي ٿو بئر، بگڙ جي بير ۽ وير ۽ ويرو ٿيو هجي يا وري سنڌي لفظ ويري جو اثر عربي زبان تي هجي. لفظ بير جو ذڪر شاهه لطيف جي شعر ۾ پڻ آهي.

**بير ڪنيائون برن ۾، پيارين پهون،**
**سنجن سائيڪن، تي وڏيءَ ويل وهون،**
**پايو جر جنڊن ۾، ڪوڏان ڪن ڪهون،**

## ڏينهون ڏينهن نئون، مونکي ورهه ويڙهيچن جو.

اهڙي طرح کوهه کٽڻ جو طور طريقو ۽ انجنيئرنگ به مختلف دورن ۾ مختلف نمونن رهي آهي. شروع شروع ۾ ڏلهه ڏيئي، واري هٽائي ،کليل کڏ Open pit وانگر کوهه تيار ڪيو ويندو هو۽ اهو تمام ڏکيو ڪم هوندو جيئن اڄڪلهه سڄي دنيا ٿر جي ڪوئلي ۾ اکيون وجهيو ويٺي آهي پر اهو به اونڌي ٻانڌي واري طريقي سان نڪرندو سو وڌن گبرن جي اچا دال ڳري نه سگهي آهي.اهڙيطرح اڳتي هلي کوه کوٽڻ جي طريقي ۾ انقلابي تبديلي آئي جنهن جو سهرو رواتسر جي ميان عبدالحق جن جي سر تي آهي. مالڪ کيس جنت نصيب ڪري، جنهن(9x13) المعروف نَوتيري سِر ايجاد ڪئي ۽ اونڌي ٻانڌي جي ٽيڪنڪ وسيلي کوهه تعمير ڪيا ويا.انهيءَ ٽيڪنڪ سان ٻڌل ٿر جو پهريون کوه راوتسر ۾ مولانا صاحب پنهنجي نگرانيءَ هيٺ ٻڌارايو.

اونڌي ٻانڌي ۾ مٿان کان هيٺ کوهه کوٽبو ويجبو آهي ۽ گڏوگڏ سِرَ هٽندا ويندا آهن ۽ سر جي ماپ 13x9 هئڻ جي ڪري اُها بلڪل گول گهيرو ناهي ٻيهي ٿي ۽ سر ۾ سر ڳنڍجي مضبوط ٿي وڃي ٿيءِ اُتان سر ڪِسڪڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. زمين جي سطح کي ويجهو پاڻي به موجود آهي جئين وٽ جو علائقي ۽ ڏيپلي تعلقي جي ڪجهه حصي ۾ پاڻي ايترو ته ويجهو آهي جو ڪٿي ڪٿي گوڏا کوڙي جانور اُن مان پاڻي پيري سگهي ٿو ۽ ان جي ڪري گوڏانگڙي ڳوٺ مشهور ٿيو ۽ ڪٿي وري اهو زير زمين پاڻي ايترو مٿي آهي جو ٿورڙي زمين کوٽي کڏو ناهبو ته پاڻي ظاهر ٿي ايندو جنهن مان ڪتو به زبان وسيلي پاڻي آسانيءَ سان لَڪِي سگهي ٿو انهي جي ڪري هڪ ڳوٺ تي نالو به ڪُتاني پيو. ڪن علائقن، جئين چاچراتيءَ جو اُتر اوير وارو علائقو اونهي پاڻيءَ جي ڪري مشهور آهي جتي ڪن ڳوٺن ۾ کوهه سُٺ پُرهه (350 فوٽ) اونها آهن ته ڪٿي سَو پُرهه (550) اونها آهن جن کي ترتيبوار سانيڪا ۽ سوئيڪا يا سوپرسا چيو وڃي ٿو. لطيف سائين پڻ مٿئين بيت ۾ سائيڪن جو ذڪر ڪيو آهي، ڪٿي کوهن کي پار پُڻ چيو ويندو آهي. پار اهڙا کوهه آهن جن ۾ سال جا ڪُجهه مهينا پاڻي موجود هوندو آهي ۽ تک جي ڏينهن ۾ اُهي سُڪي ويندا آهن پار جو اڪثر پاڻي مِنو هوندو آهي پر تمام ٿورو هوندو آهي چاڪاڻ ته اُهو سيمي جو پاڻي Seepage Water آهي ۽ ٿر ۾ جيڪا به انساني آبادي ٿي آهي ان جو محور ۽ مرڪز اهي کوهه، پار، ويرا يا ويريون ۽تڙ رهيا آهن تنهنڪري ڳوٺن جي اڪثريت ۾ تڙ، کوهه، پار، ويرو يا ويري ۽ ڪٿي پڇاڙي طورته ڪٿي اڳاڙيءَ طور شامل آهي جيئن: وليءَ جو تڙ، وليءَ جي ويري، ڪيمي جو پار، تڙ حمير وغيره. جتي پاڻي منو نڪتو آهي ته انهن آبادين جا نالا به پاڻيءَ جي نسبت سان رکيا ويا، جئين منو تڙ يا منڙيو ۽ ڪاري پاڻي هجڻ جي ڪري ڪارو ۽ ڪاريو نالا رکيا ويا جئين ڪارو جاني ، ڪاريو غلام شاهه وغيره.

ڪوهه کوٽيندي وچ ۾ پٿريلو تهه ايندو آهي جنهن کي " روهڙي" چوندا آهن ۽ اُها روهڙي ڪوهه جي اڏاوت ۾ سنگ ميل جي حيثيت ۾ رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته جيترو پٿر مضبوط هوندو اوترو اهو باقي اڏاوت کي سوگهو جهلي بيهندو. ڪوهه ۾ عام طور 3 کان 4 روهڙيون اچن ٿيون ۽ روهڙي جي انهي مضبوطي واري حيثيت سبب ٻوليءَ ۾ " روهڙي ڏهڻ" جو اصطلاح مروج ٿيو ۽ اهڙو ماڻهو جنهن جو ارادو لڏندڙ هوندو ۽ اُهو پنهنجي عمر کان هتي ڪري قدم کڻندو يعني پيريءَ ۾ ٻارن جهڙا ڪم ڪندو ته چوندا ته فلاڻي جي روهڙي ڏهي ويئي آهي ۽ روهڙيءَ ڏني کان هر ڪو پرتي ٿي ويندو آهي.
ڪوهه جُڙي راس ٿيڻ تي .پاڻي پڌرو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪوهه جي تر ۾ ڪنڊي جي ڪاٺ ۾ ٺهيل چرخ هنيو ويندو آهي جنهن کي چرخ ڳارڻ چيو ويندو آهي .چرخ ڳارڻ جو عمل انتهائي مهارت وارو ڪم آهي جنهن لاءِ ڪاريگر کوهاڻي جوهجڻ ضروري آهي. عام طور اهو چرخ ڪنڊي جي ڪاٺيءَ مان ٺاهيو ويندو آهي ۽ ورهاڱي کان اڳي گجرات صوبي جي سانڪي واري علائقي مان هڪڙو مضبوط پٿر آڻي لڳايو ويندو هو ۽ هن وقت اُن جي جاءِ سمينٽ سان سرن جي مضبوط اڏاوت والاري آهي جنهن کي ڪوٺي سڏيو ويندو آهي ۽ اونڌي ٻانڌي ۾ سرن جي جاءِ سيمينٽ جي firm والاري آهي جنهن کي عام ماڻهو "فرمو" سڏين ٿا. ڪوهه تيار ٿيڻ ڪانپوءِ اُن تي اڏون ۽ اوڙايا اهاءَ ٺاهيا ويندا آهن. اڏون اُهو حوض آهي جنهن ۾کوه مان ٻاهر ڪڍيل پاڻي ڀهريائين وڏو وجي ٿو جتان پوءِ مال کي پيارڻ لاءِ اوڙايا اُهاءَ ڀريا وڃن ٿا ۽ اڏون مان جن Channels وسيلي پاڻي اواڙن ۾ وهايو ويندو آهي تنهنکي نِڪ چئبو آهي. شروع شروع ۾ اواڙا مٽيءَ مان ٺاهيا ويندا هئا پر هاڻي پڪين سِرن ۽ سيمينٽ مان مضبوط اواڙا اڏيا وڃن ٿا. اواڙي کي چوڌاري ڪنڊي هوندي آهي ۽ دروازو پڻ چاڙهيو ويندو آهي. پر ڪوهه واري پاسي ڪاٺيون رکي اهڙو لنگهه ٺاهيو ويندو آهي جنهن تان ماڻهو ضرورت وقت ٽپي وڃي سگهي پر مال نه ٽپي سگهي انهي لنگهه کي سينگاري چئبو آهي.
اڳئين وقت ۾ ڪوهه مٿي ٻڇانگي ڪاني ڪوڙي "ڪُهڙ" ٺاهي ويندي هئي. هاڻي اُن جي جاءِ سيمينٽ مان ٺهندڙ ڪُهڙ والاري آهي. ڪُهڙ جن ڪاٺين يا ٿنين تي ڪوڙي ويندي آهي تن کي "ڪَر" چئبو آهي ۽ ڪُهڙ جي ٻڇانگ واري وچئين حصي تي" ڦرهڙي" يعني سڌي پٽي لڳائي اُن تي ٻه ڪاٺيون هنيون ونديون آهن جن کي" مڪڙا" چئبو آهي.مڪڙن وسيلي ڪُهڙ تي "ڀُوڻ" چاڙهبو آهي. ڀوڻ هڪ سادي ڪَلُ آهي جنهن بابت شاهه سائين هن ريت فرمايو آهي:

ڀُوڻ ڀُڻڪو نه سُڻان، ٻُري نه ٻڪر دانهن
ميان ماروئڙن جا، اونها ڏنم آنهن،
جن سانيڪا ٿي سنجيا، سي ڏئي ڪيڙي ڪانهن
پکا ڪٽي پر انهن، جيڪس لڏيو لوئڙيا رهين،

ڀوڻ مڪڙن تي هڪ سنهي ۽ سڌي ڪاني وسيلي چاڙهيو ويندو آهي. اُن ڪانيءَ کي "اوڙڪ" چئبو آهي ۽ اوڙڪ جنهن سوراخ مان لنگهائبو آهي اُن کي " ساڻ" چئبو آهي ۽ ساڻ کي گسڻ کان بچڻ لاءِ

اُن ۾ اڳ لوهہ جون "آٽيون" لڳايون وينديون هُيون. هاڻي آٽين جي جاءِ ڳاڏين ۽ موٽرن مان نڪتل بيئرنگ ڦيٽين والاري آهي ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ ڳاٽ گهٽجي وڃڻ ڪري بار هلڪو ٿي وڃي ٿو ۽ انهي ڳاٽ ڪي وڏيڪ هلڪو ۽ لسائيندڙ بڻائڻ لاءِ تيل ۽ مکڻ جو "وانگ" ڏنو ويندو آهي. ڪوهہ هلڻ دوران اوڙڪ جي گهڪي سببان پوڻ جو پُٽڪو ٻُڏڻ ۾ ايندو آهي. پوڻ ڪنبدي جي ڪاٺيءَ مان جنبدي چاڙهي ناهيو ويندو آهي پُر ان ۾ اوڙڪ ڪونيٽ يا ٻير جي سڌي ۽ بغير انگ يعني نڪتل ڇيت جي ڪاٺيءَ جو هنيو ويندو آهي. اوڙڪ جو ذڪر پٽائي جي شاعريءَ ۾ ڪجهہ هن ريت آهي.

پني ٽاپُٽڪن ، اوڙڪ اباڻن جا،
چڙهيو ڪٽي چوڦريون، سانيڪا سنجن،
تساريون تڙن تي، پايو گهنڊ گهڙڻ
سويريون سهڙن، ڪينءَ ۾ ڪيڙين جون.

ڪوهہ جي مُنهن ڪان وٺي اُن ڇيڙي تائين، جيستائين "ڪوسايا" وينڊا آهن يعني ڪوهہ جيتري ساڳي مفاصلي واري رستي کي "سارڻ" چئبو آهي ۽ سارڻ جي ڇيڙي کي" سارڻ جو مٿو" چوندا آهن ۽ مُنهن واري حصي کي " مُنهيون" چون. مُنهيين تان جڏهن ڪوسايا هڪلي "ڪيليو" الله تو آهر ڪري تہ اِن کي " اوڪاهڻ" چون ۽ "هئوڪاري" ڪانپوءِ جئين پاڻي ڪوس مان اڏونءَ ۾ هاربو آهي تہ ڳوسي وڏي آواز سان "ميلهہ" چوندو آهي ۽ ان ميلهہ ڪاري، هؤڪاري ۽ اوڪاهہ جي آواز ۾ آهنگ آهي ۽ اُن ۾ اهڙو تہ ڪن رس آهي جو سمورو سٽاءُ يعني ڳوسي ڪيليو ۽ پاڻهياريون ۽ ٻيا ماڻهو لطف اندوز ٿيندا آهن ۽ اهو آهنگ سندن لاءِ همٿ ۽ ٽيڪو آهي. دُنيا جا سمورا ڏکيا علائقا جن ۾ زندگيءَ جا حالات مشڪل هوندا آهن ماڻهو پنهنجي گُذارن يا مال جي سانگي هلندا رهندا آهن، تن علائَقن ۾ انهيءِ قسم جا آهنگ ۽ آڪاٽيون سرجنديون آهن جيڪي ماڻهن کي مشڪلاتن ۾ سهاري جو ڪم ڏيندا آهن. ۽ اُهي انهي املهہ ورثي کي نسل در نسل منتقل ڪندا رهندا آهن. دنيا جو سمورو لوڪ ادب اِن ريت سرجيو، وڌيو ويجهيو ۽ اُسريو آهي.

هاڻي اچون ٿا ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ واري عمل تي ،جيڪو ڪم پنهنجو پاڻ ۾ پيچيدو ۽ مُشڪل آهي ۽ اُن ۾ ڪيتريون ئي شيون ۽ ٽيڪنيڪون شامل آهن جن ۾ وقت گُذرڻ سان گڏ وگڏ ماڻهن جدت پڻ آندي آهي پر بُنيادي ڍانچو ساڳي آهي .ڪوهہ مان پاڻي ڪڍڻ ۽اُن سان لاڳاپيل لوازمات جو ذڪر ڪندي ٿر جو پلوڙ شاعر محمد هگُورجو هِن ريت اظهار ڪري ٿو:

ادا ڪهڙيون ڪريان ڳالهيون، اباڻن جي اپارن جون،
پيارڻ مال لئي مارن، سندي حيلن هزارن جون،
وهائين تيڻ تڙ تاڳا، پيارين مال ڪري ساڳا،

هلائين وهٽ، ڍڳا، ڏاگا، ڪوساين ڪوڏوارن حون،

"ڪوڙائي" "ڪوس" ڪشي هيڪر، "ٻُنيي" ۾ سو ٻڌن ٻيهر،
ورائي" ورت" ونڻ اڪثر، ڏٽي جي ناڻ ڏئارن جون،

"پاڇاريون"، 'آڙنگا'، 'ڳاٽا'، ٻڌن 'سيرڻ' سُنا سانٽا،
'ڪوسايا' کي تڪا مانا، ڪرن، 'ڪيلين' خسارن جون،

ادب سان 'ڪوس' اوڪائي، وجي ڪيليو وهٽ ڪاهي،
'ڦرهوڙي' ڪوس جي آئي، عجب آواز اُچارن جون،

'سينگاريءَ' ڪاٺ سينگاري، چڙهن سوالا وڪون واريو
ڏسن پاڻي وهڻ ساري، 'نڪن' نارن، نظارن جون

'اُبيڙان' ڪوس پري تاٽي، 'اڏوءَ' ۾ سووجهن آٽي،
اوازين ريت هٽن چاٽي، اچي پاڻي اُجارن جون

آوازا ائين پري واري، سمورو مال اچن ساري،
ادا " محمد" انهي باري، سندن سوچن شعارن جون

کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ واري سموري ستاءَ جو نالو "تيڙ" آهي ۽ جيئن تہ هر هڪ پنهنجي مال ۽ ضرورت مطابقِ کوهہ هڪ ترتيب سان واريندو آهي تنهنڪري اُن عمل کي "وارو وارڻ" ۽ 'کوهہ هلائڻ' بہ چئبو آهي. انهيءَ سڄي مرحليوار عمل لاءِ جن شين جي ضرورت پوي ٿي تن ۾ "ورت"، " ڪوس " " ڪوسايا" " گوسي" ۽ "ڪيليو" اهم جاءِ والارين ٿا.
" ورت" شروع ۾ ڳائي يا ماهي چم کي ڇِهي يعني نفاست سان سنهو چيري اُن جو تندو ٺاهي پوءِ "ٽُڙ"يعني ٽيڙي يا تہ سَري کري پيچائبي آهي اُها ايتري تہ سُوَٽ ۽ 'آڪري' يعني سخت هوندي آهي جو نہ کُلندي آهي. ورت جو شروع وارو ڇيڙو جيڪو ڪوس ۾ ٻڌبو آهي تنهنکي کي " ٻُنيو" چئبو آهي ۽ ٻُنيِ لفظ جي معنيٰ شروعات يا منڍ آهي لفظ ٻُنيِ ۽ عربي لفظ منبع ۾ بہ ڪا هڪجهڙائي محسوس ٿئي ٿي. ورت جي ٻئي ڇيڙي کي "پوڇڙو" يا پوڇيندو چيو ويندو آهي. اڄڪلهہ ورتون نائلون ۽ ٻين رسين مان ٺاهيون وڃن ٿيون. باقي ڪٿي ڪٿي اڃان بہ چم جي ورت

جو رواج آهي، ورت هلڻ سان گسندي آهي ۽ جيڪڏهن اُن جي هڪ سَرِ يا سڙهي ٽٽندي آهي تہ اُن ڪي اُن جاءِ تي ننڍي سڙهي هٽي ڳنڍيو ويندو آگهي ان کي " ڇنيان" هٽڻ چوندا آهن. جيڪڏهن سَڄي سَرَ ٽُٽي ٿي تہ ٻہ سڙهيون هٽي ڳنڍيو ويندو آهي جنهن کي" سنڌو هٽڻ" چوندا آهن. جيڪڏهن ٽيئي سَرُون هڪ ئي هنڌ تان آڌ ٻرٽ ٽٽي پون تہ پوءِ اُتي ٽنهي سَرُن کي ملائي سنڌو هنيو ويندو آهي. اِن سنڌي کي "جهيرٽو" سنڌو چيو ويندو آهي. اهو سنڌو ملائڻ انتهائي ڪاريگريءَ جو ڪم آهي جئين ڪوري سُٽ کي اُميريءِ سان ڳنڍيندا آهن . اُميري ڳنڍ جو اُهو قسم آهي جنهن ۾ سنڌو نظر نہ ايندو آهي.لطيف سائين بہ هيئن فرمايو آهي،

**هو ڇننئي، تون م ڇن، پاءِ اُميري اُن سين.**

ورت ۾ جيڪا شيءَ ٻڌي کوهہ ۾ ٻوڪي طور پاڻي ڀرڻ لاءِ واربي آهي تنهنکي 'ڪوس' چئبو آهي . ڪوس جا مختلف قسم ٽين ٽا جئين ڇهہ ٻاڙيو ڪوس، ننڍو ڪوس، جنهن کي چڙهي يا چڙسي چوندا آهن ڪوس شروع ۾چم مان ٺاهيو ويندو آهي پر هاڻي ٽائرن جي ٽيوب جو ربڙ ڪوس طور استعمال ٿيئي ٿو جنهن لاءِ پوڙهن ۽ جهور ترين جي ناقداڻي راءِ آهي. تہ " ابا ربڙ بيماري پکيڙي ٿو". ڪوس ۾ اُن جي سڄي گهيردار ڪناري تي ننڍڙا سوراخ ٺاهيا ويندا آهن جن وسيلي ڪوس" ڪوڙائيءَ " ۾ ڪشي قابو ڪيو ويندو آهي .انهن سوراخن کي " آڪ" چوندا آهن ۽ ڪوس آڪڻ بہ انتهائي سيبتائي جو ڪم آهي. مختلف ماپن جي ڪوسن ۾ آڪن جو تعداد گهٽ وڌ هوندو آهي جيئن 16 ۽ 21 وغيره.

ڪوس جهڙي" ڪراس" جهڙي ڪاٺيءَ ۾ قابو ٻڌو ويندو آهي تنهنکي "ڪوڙائي" چوندا آهن. ۽ ڪوڙائي جي ڇيڙن ۾ سوراخ هوندا آهن ۽ انهن سوراخن ۾ هڪ رسي وڌي ويندوي آهي ۽ ڪوس ڪوڙائي ۾ انهيءَ رسي وٽ ڪشي قابو ڪيو ويندو آهي. جنهن رسيءَ سان ڪوس ڪشيو ويندو آهي اُن کي" ڪشڻ" چئبو آهي. ڪشڻ عمومن سُٽ جي هوندي اهي جئين اُن کي سولائي سان ڪشي سگهجي ۽ ڪشڻ ڪانپوءِ اُها سِري پنهنجي جاءِ بہ نہ ڇڏي. ڪوڙائيءَ جو ٻيو پاسو جيڪو ورت جي ٻنيي سان جوڙيو ويندو آهي. اُن ۾ لوهہ جو هڪ اوزار هوندو آهي جنهن کي" منهر" چئبو آهي. ۽ اُن کي ٻُڙ پڙ چوندا آهن. ٻُنيي جي ڇيڙي تي ڪاٺيءَ مان ٺهيل" ڦِنڊِڪ" هوندي آهي. يا ڳنڍ ڏنل هوندي آهي جئين ٻُنيو پنهنجي جاءِ تان سِرڪي نہ وڃي. هڪ ننڍڙي رسي سان ٻُنيي کي منهر سان ڳنڍيو ويندو آهي. جوڙڻ جي انهي سموري عمل کي "ٻُڙ ڏيڻ" چئبو آهي. ٻُڙ ڏيئي ورت کوهہ ۾ واري ويندي آهي ۽" ڪوسايا" تيار هوندا آهن. ڪوسايا اُنهن وهٽن يا جانورن لاءِ اسم اجتماع طور ڪم ايندو آهي جيڪي کوهہ مان پاڻي ڪيڻ لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. ڪوساين ۾ ڍڳا، اُٺ ۽ گڏهہ استعمال ٿين ٿا. ڪوساين کي ڪاٺيءَ جي پاڃاريءَ ۾ جوڙي هلايو ويندو آهي. ڍڳن جي جوڙي

وهندي آهي، اُٺ اڪيلو ڪوس ڇڪيندو آهي. گڏهه ٻه چار ۽ ڇهه عدد واري ۾ ٻڌا ويندا آهن. جيڪڏهن تيڻ وڏو آهي ته پوءِ ڪوساين جون ٻه ٻه جيٽون يا جوڙيون تيار هونديون آهن ۽ هڪڙي جيٽ جي ٽڪجڻ تي ٻي جيٽ جوٽي ويندي آهي. ڪاٺ جي پاڃاريءَ ۾ ” آڙنگا“، ” سيرڻ“ ۽ ” ڳاتا“ لڳل هوندا آهن پاڃاريءَ ۾ ٻه ڪاٺ جون پٽيون هونديون آهن مٿين پٽيءَ کي “پاڃاري” ۽ هيٺين گول ڪاٺيءَ کي“ ترهاٽ” چوندا آهن. ڪوسايي کي پاڃاريءَ ۾ وجهي اُن جي ڪنڌ جي ٻاهرئين پاسي رسيءَ يا چمر مان وٽي ٺاهيل ” سيرڻ“ هٽي قابو ڪيو ويندو آهي ته ٻئي طرف ڪنڌ جي اندرئين پاسي ڪاٺيءَ جي ڪليءَ جهڙو ٺهيل ڳاتو هنيو ويندو آهي. ۽ پاڃاري جي وچ ۾ چمر يا رسيءَ مان ٺاهيل آڙنگو لڳل هوندو آهي جنهن ۾ ورت جو پوڇڙو وجهي، ڪاٺيءَ مان ٺهيل هڪ ڪليءَ سان قابو ڪيو ويندو آهي اُن ڪلِيءَ کي “ڪيلي” چئبو آهي. ڪيلي ۽ ٻئڙ، ٻئي شيون واري جي هن سموري عمل ۾ مُک پُرزي (Linchpin) جي حيثيت رکن ٿيون. هاٽي کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو سامان تيار آهي ۽ “گوسي” يعني جيڪو همراهه کوهه تي بيهندو اُهو ورت واريندو ۽ ورت جي ڪُجهه تيز ٿيڻ ڪانپوءِ ورت کي پير ڏيئي واريندو ۽ ورت مڪمل وري وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن ڪوس پاڻي تي پُڄندو آهي ته گوسي ڪوس کي“ جانڪون” يعني لوڏا ڏيئي “سنجي” سينڇي ڀريندو ۽ ڀريل ڪوس جا نڪ ۾ محسوس ٿيندو ته واقعي ڀريل آهي، پوءِ “ڪيليو” يعني جيڪو همراهه ڪوسايا ڪاهيندو اُهو اُهو ڪوسايا ڪاهي ڪُهڙ کي ويجها آڻيندو ۽ ڪيلي وجهي“الله تو آهار” ڪئي ويندي آهي. ۽ اُن جي موٽ ۾ ٻيو ساٿي“ ڏٽي منهنجاتون” وراٽنيدو ۽ ڪيليو ڪوسايا هڪلي جڏهن “سارڻ” جي مٿي تي ويندو ۽ ڪوس کوهه جي منهن مان ٻاهر اچڻ تي گوسي اِشاري طور آواز ڪندو جنهن کي هؤڪار يا هڙڪارو چيو ويندو آهي. هؤڪارو يا هڙڪار ڪرڻ جا مختلف آواز آهن جئين هَؤ!! هَؤ!! هَئو ڀچا، وريا پانهون، پانهون، ڀچا ڀچا ۽ هاٽي ڪُجهه ماٺهو سبحان الله ٻه چون ٿا. واري وارڻ جي انهيءَ عمل تي غور ڪبو ته اُهو پيچيدو ۽ ڏکيو آهي پر جنهن طريقي سان اُن کي نباهيو وڃي ٿو. تنهن ۾ اُهو عمل مزيدار بڻجي پوي ۽ هر هڪ اهن مان لطف اندوز ٿئي ٿو.

آوڙا ڀرجي ويندا آهن ته ياڳيا مال کي نينهن مان نالون ڪري ڇيڪاري ,پاٽي پيئڻ جي ڪوٺ ڏيندا آهن. ڪن موسمن ۾ڏڻ “تسي” تي پيهو ڪرڻ يعني هر ٻئي ڏينهن پاٽي پيئڻ ايندو آهي ۽ مالوند ياڳين کي مال سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي پنهنجي زبان آهي جنهن جو ذڪر ٻئي ڪنهن ليک ۾ ڪيو ويندو.

کوهن ۾ گرميءَ جي موسم ، زير زمين پاٽي هيٺ لهي ويندو آهي ۽ گهٽ پاٽي هجڻ ڪري ,واري هلندي ساهي پٽي ويندي آهي جئين وري پاٽي مٿي چڙهي اچي ان ساهي پٽڻ کي ’آڪاري ڏيڻ‘ چئبو آهي. باقي جن کوهن ۾ پاٽي ججهو آهي يعني“ اُبيڙ ”آهن تن ۾ مسلسل وارو وهندو رهندو آهي. ڪن کوهن ۾ وري کوهه جي تري ۾ پاسن تان خال هوندو آهي تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هيءُ کوهه “پڪي پئل” آهي . گهڻو وقت رهجي ويل کوهه يا ڦٽل کوهه کي “ياڙو” چوندا آهن. ۽ جنهن کي کوهه جي

اڏاوت دوران اُن ۾ ورو ڪڙ پئجي وڃي تہ اُن کي “ آنٽيو” يا وروڪڙو وارو کوهہ چوندا آهن. ٿر ۾ اڪثر کوهن ۾ کارو پاڻي آهي يا وري پاڻي ۾ فلورائيڊ ۽ سنکيئي جو مقدار ججهوآهي جنهن ڪري ٿر ۾ سنڌن جي سور جون بيماريون بہ عام جام آهن ۽ ٿري ماڻهن جي ڏندن جو رنگ ميرانجهو ٿيئي ٿو. ڪٿي ڪٿي تہ اهي کوهہ اهڙا کارا آهن جو گرمي جي موسم ۾ پاڻي پيئڻ سان پکي بہ مريو ٿا وڃن تنهنڪري اِهڙن ڳوٺن تي هُڙيا مار نالو پڻ پيو.

جن ماڻهن جو مال ججهو ۽ ڪٽنب قبيلووڏو آهي اُنهي جو تيڻ بہ وڏو هوندو آهي پر جن کي صرف گهريلو استعمال لاءِ ٿورو پاڻي کپي اُهي مختصر وارو واريندا آهن جنهنکي “سيٽڙي” چئبو آهي ۽ سيٽيڙي ۾ ڪوساين جي بجاءِ ماڻهو ورت ڇڪيندا آهن.انهن ۾ اڪثريت عورتن ۽ ٻارن جي هوندي آهي.

واري سان لاڳاپيل رسين يعني ورت وغيره کي سيٽ پڻ چئبو آهي ۽ اُهي رسيون ورتون آڙنگا ۽ سيرڻ، وارو وارڻ کانپوءِ کوهہ تي ڪُهڙ جي کر ۾ يا ٻئي ڪنهن کونٽي ۾ ٽنگي ڇڏبا آهن ۽ وري کوهہ وارڻ جي وقت استعمال ڪبا آهن پر جڏهن مارو ماڻهو اوچتو ڪنهن ڏکر يا ٻيءَ آفت يا حملي سبب هجرت ڪري هليا ويندا آهن تہ اهي سيٽ اُتي رهجي ويندا آهن .چوتہ ماڻهو پيادل ايترو بار نہ کڻي سگهندا آهن اهڙي صورتحال کي شاهہ سائين بيان ڪندي فرمايو آهي تہ مارو ماڻهو لڏي ويا آهن ۽ پنيءَ جي ويل پوڻ جوسُريلو آواز بند ٿي چڪو آهي ۽ پاڻي سنجڻ واريون سرتيون هليون ويون آهن ۽ تڙ جي ٻنهي ڪنڌين تي پئل سيٽ سندن انتظار ۾ ڪاڙهي ٻَٽ ۾ ڪڙهي ۽ سڙي رهيا آهن.

پني جي پوٽن، تن جو پيچ پُٽڪو نہ سُڻان
سنجڻ واريون سنيون، وڃي ويڙهہ ورن،
پيا سيٽ سڙن، تڙهي ٻنهي ڪنڌين.

کوهہ تان پاڻي پرڻ لاءِ پاڻهياريون متيءَ جا دلا ۽ ٽامائي ٽانو پرڻ ايندبون آهن متيءَ جي ٽانون ۾ مَٽُ ’، ’دِلو’ ۽ ’گگر’ تي ٽانو آهن .جن ۾ مٽ سڀ کان وڏو دلو وچولو ۽ گگر ننڍي ٿئي ٿي. ٽامائي ٽانون ۾ پاڻي جي مقدار جي ترتيب سان ’منگهتو’، موريو’ ’هيل’ ۽ ’لوٽي’ آهن . کي عورتون هڪ دلو متي تي ۽ گگر يا هيل ڪڇ ۾ کڻن پرڪي نوجوان ناريون متي تي ٻيلهڙو ڪري کڻن ۽ ٻيلهڙا کڻي قطار ۾ لاڏ مان لڏي هلندڙ عورتون جي چال جو ڏيک انتهائي خوبصورت منظر آهي .جيڪو ڳوٺاڻي زندگيءَ جي جمالياتي جهلڪ جو اهم حصو آهي. انهيءَ ٻيلهڙي جي خوبصورتي کي نظر ۾ رکندي شاهہ ڪريم هن ريت فرمايو آهي،

پاڻيهاري سر ٻيهڙو جر تي پکي جئين

## اسان سڄڻ تئين، رهيو آهي روح ۾

مٽي تي دِلا ٺڪائي رکڻ ۽ مٽي کي دلي جي سنئين سڌي بار کان بچائڻ لاءِ وچ ۾ ڪپڙي مان ٺهيل خوبصورت سينهوڙا ۽ سينهيون رکيون وينديون آهن جن ۾ جهوڙا جهاپا ٻڌل هوندا آهن اهڙي منظر کي سنڌ جي عوامي شاعر سرويچ سُجاولي هن ريت چٽيو آهي.

سُرما پاٽي، ڏيئي ڦٽيون، پاٽي پرڻ لاءِ پدمٽيون،
گڏجي هلن پنج ست ڇٽيون، هيڏن ڪنڌن سان ڪا ميٽيون
ڪن کي نٿون ،ڪن ويندڙا، سر تي سمورين سينهڙا
گُجرين پريا پاٽي گهڙا، ڪن ڪڇ تي ،ڪن ٻيلهڙا
هو لاڏ مان لڏنديون اچن، لاڏليون مهراڻ جون

عورتن ڪانسواءِ ساندارن، ڪوانئين ۽ پخالن وسيلي پاٽي پريو ويندو آهي. جتي گهر کي ويجها آهن ۽ زمين سنئين سڌي آهي اُتي ماڻهن پائيپ پڻ لڳائي ڇڏيا آهن. ۽ ويچارين عورتن تان اهو بار لهي ويو آهي.
کوهہ وارڻ واري سڄي عمل جي پيچيدگي ۽ مشڪلات ٿري ماڻهن جي زندگيءَ جو لازمي حصو رهي آهي. ۽ ان سموري عمل جو ٻوليءَ تي اثر پڻ ٿيو آهي. ڪيئي پهاڪا ۽ اصطلاح پڻ ٻولي جو حصو بڻجي ويا آهن جئين.

- ورت وري ويئي باقي پوڇڙو بچيو آهي:
  معني: ڪجھ عمر گذري ويئي آهي باقي ٿورو حصو بچيو آهي. يعني عمر جو آخري حصو آهي.
- پاڏو ٿيڻ : ڦٽڻ يا ويران ٿيڻ
- اُڙڪي وڃڻ: ٽڙڻ يا اُبتيون سبتيون ڳالهيون وڃڻ، سنئون رستو ڇڏي غلط رستو وٺڻ
- جبڪي اڏونءَ ۾ هوندو سو آواڙي ۾ ايندو. يعني انسان جي جيترو سوچ سمجهہ هوندي اوترو ئي هو اظهار ڪندو. ماڻهوءَ جو رويو سندي ظرف جو عڪاس هوندو آهي.
- ڪيلي نڪرڻ: زندگي بي ربط ٿيڻ

# آرون ابر آسري.......!!

ٿرءِ پاڻيءَ جو پاڻ ۾ روح ۽ جسم وارو تعلق آهي. ٿرپاڻيءَ ڪانسواءِ تڙپي ٿو ۽ پاڻيءَ جي اهميت ڪي ڏسڻو آهي ته ٻه ٿر جي پٽن ۾ ڏسجي جڏهن لوءَ لڳندي آهي، لڪ تپندا آهن. زبان تڪاءُ ڏيئي نڪرڻ جي سانباهي ۾ هوندي آهي چوته ٿر ۾ آرڙهڙ جي ڏينهن ۾ يعني هلندڙ مند ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ ٿي ويندي آهي. جر جو پاڻي يا سڪي ويندو آهي يا ٿر وڃي جهلبندو آهي. ڪٿي ڪٿي ته اهڙا ڪاراپاڻي به آهن جن ڪي پيئڻ سان پڪي پسو به پراڻ تياڳي ڇڏين. اها آنڌ مانڌ ، اُڃ اڪير آهي جيڪا ٿرءِ پاڻيءَ ٻنهي جي رشتي ڪي ڪانه ڪا معنيٰ ڏئي ٿي جيئن روح جسم ڪي معنيٰ عطا ڪري ٿو ته جسم وري روح ڪي اظهاري ٿو. ٻئي هڪٻئي ڪانسواءِ بي معنيٰ ۽ بي رس ۽ بي چس آهن. ٿر ۾ پاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ڪي جيڪڏهن ڪٿجي ٿو ته ان ۾ جيڪا تڙپ ۽ تاس نظراچي ٿي سا انتهائي ڳوڙهي آهي. ٿرپاڻيءَ لاءِ سيئي مندون تڙپي ٿو جيئن تاڙو پلر پاڻيءَ لاءِ پڪاريندي، تنواريندو آهي ته منداڻتا مينهن موتي اڇ هر جيو جو سيو تنهنجي لاءِ سڪي ٿو. آرن جهڙا پتڪڙا جيت جڏهن اهڙي تئونس ۾ تڙپي، ريهون ڪن ٿا جڏهن هرڻ اڪن جي ٻه پنيءَ جي ڪائڻ ڪان پوءِ اڃ ڪڙهي، ريت جي سراب ۾ پاڻيءَ جو سهائيندڙ خواب جاڳندي ڳولڻ لڳي ٿو ته جيڪا ڪيفيت جُڙي ٿي سا پٽائيءَ جي لفظن ۾ هن ريت بيهي ٿي:

سارنگ ڪي سارين، ماڻهو مرگهه، مينهون،
آرون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سمونڊ ۾، نئين سج نهارين،
پلر پيارين ته سنگهارن سُک ٿئي

سمنڊ جي سپ جي جيڪا سڪ آهي سائي ٿر جي ماڻهوءَ جي پاڻيءَ لاءِ ڇڪ آهي.دنيا ۾ لفظ پاڻي مستعمل آهي پر اسان وٽ مذهبي تفريق وانگرپاڻي به ڪاري ۽ مٺي ۾ ورهايل آهي. 1947ع ڪانپوءِ به مُني صدي گذري آهي پر اڄ به سنڌ جي ڳوٺن جو عمومن ۽ ٿر جو خصوصن مسئلو پاڻي آهي. هزارين ماڻهو آهن جن ڪي هڪ گلاس به اهڙو پاڻي ميسر ناهي جنهن ڪي ترقي جي دنيا جا دعويدار صاف ۽ محفوظ سڏين ٿا.اهڙين حالتن ۾ اچو ته ڏسون ته ٿر جي ماڻهوءَ وٽ پاڻيءَ جا ڪهڙا ذريعا آهن ۽ هو ڪيئن پاڻي حاصل ڪري ٿو.ٿر ۾ پاڻيءَ جو مکيه ذريعو پاتار جو پاڻي آهي. جيڪو ٿرجي ڏاکڻين حصي ۾ زميني مٿاڇري ڪي ويجهو آهي ته اترايرنديئن حصي ۾ اونهو آهي. انهي ڪي زمين مان ڪيڻ جو روايتي طريقو ڪوه مان واري ڪيڻ واري عمل سان آهي. اهو عمل پنهنجي پر ۾ هڪ پُيچ گهڻ رخي اهڙو سرشتو آهي جنهن ڪي اپياس جي ضرورتآهي. اهڙواپياس دلچسپيءَ ڪان خالي نه هوندو. پر هتي اسين مند جي مدنظر، مينهن جي مطهرپاڻيءَ جي ڳالهه ڪنداسين جنهن ڪي

ڀلرچئبو آهي. ڀلرپاٽي جي سموري سرشتي سان ٻه هڪڙو مرحلي وار فطري عمل ڳنڍيل آهي، جنهن بابت اسان جي ڪلاسيڪي توڙي موجوده دور جي شاعرن اظهاريو ۽ اوريو آهي. شاهه لطيف سُر سارنگ ۾ ڀلرجي ڀالوٽ جي جيڪا ڳوٺ ڳرهي آهي تنهنجي اوٽ ۾ انساني رويي ۽ فطرت جي حسناڪيءَ جو حسين داستان موجزن آهي. مينهن جي مند واري عرصي کي چئوماسو چوندا آهن. انهي چئوماسي ۾ ، ڪافي زمانا هرهڪ شئي پنهنجي ٽائم ٽيبل سان ٿيندي رهندي هئي. ماڻهو مختلف ڳڻپن وسيلي نڪٽ ۽ انهن جا پڪ ڳٽي مينهن جي اچڻ جي اڳڪٿي ڪنداهئا.”روهڻ“ جا ڏينهن تپندا آهن جيئن هينئر سج سوانيزي تہ نہ سهي سوا ڪلوميٽر تي اچي پهتو آهي.”مگسر“ ۾ هوائون لڳنديون آهن ۽ پيرن جو ڇاٽو ٿيندو آهي. ”آڊ“ جو پڪ جيڪڏهن ڊڀڪندو تہ مينهن اچي ويندو آهي نہ تہ نہ. ان ڪانپوءِ ”وايا“......”وڏووايو“ ” ننڍو وايو“ ............ايندا آهن جن ۾ مينهن وسندو آهي. انهي دوران ماڻهو تاراستارانهاري، ٻياانيڪ سوڻ ساري ميگهارُت جي درست مهل بابت اڳڪٿيون ڪنداهئا، پر جڏهن ڪان آبهوا جو ڦرڪو ڦريو آهي تڏهن ڪان مند جي مانڊاڻ ۽ منڊل جي سُرمنڊل جون ساريون سنڀالي ڪابہ اڳڪٿي ڪري نٿي سگهجي. جيئن ئي مان سون جا ڏينهن ڏيهہ ۾ ڏيکائي ڏين ٿا تہ پٽ ڏٽي سارنگ کي سارلهڻ جي گذارش ڪندي ڀياسن لاءِ ڀلر وسائڻ جي گهرج ڪري ٿو جيئن وطن وسي پوي،ان جي سستائي ٽٽي ۽ سنگهارن سُک ٿئي:

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اُجين جي،
پاٽي پوڄ پٽن تي ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

برسات جي مانڊاڻ جي شروعات اُترمان ڪڪرن جي قطارن سان ٿئي ٿي جيڪا سٽائي واءَ لڳڻ سان مٿي چڙهندي ايندي آهي. انهي مانڊاڻ کي ”لهڻ“ چئبو آهي. آهستي آهستي ان ۾ ڪنوڻ ڪجڪڻ لڳندي آهي. اُتر جي ڪنوڻ کي ”ٻڪراڙ“ ڪنوڻ چئبو آهي. اها لهڻ جڏهن وسڻ شروع ڪندي آهي تہ پوءِ ڪڪرن مان وسندڙ پاڻيءَ جون لارون ۽ ڏارون وسڻ لڳنديون آهن جن کي ”ڏاروڙا“ چئبو آهي. جيڪڏهن اهي ڏاروڙاڪٽي گهٽي وقت لاءِ بيهي رهيا تہ پوءِ چوندا آهن تہ ”نهو ٻڌي“ وسي رهيو آهي. برسات جي اهڙي لهڻ ۾ جڏهن ڪنوڻ زور ٿيندي آهي يعني بجلي چمڪات ڪرڻ لڳندي آهي تہ ان جي روشني جي ڏورکي ”سيلهو“ چئبو آهي. سيلهو لڳي زمين تائين پهچي جيئن ئي مٿي ڪڄندو تہ وڏو ٺڪاءُ ٿيندو آهي. ايئن اهو مينهن مخلف روپن ۾ وسندو رهندو آهي. بادلن جي برهہ منڊل جي انهي روپ سروپ کي پٽائيءَ نينهن سان ڀيٽ ڏني آهي:

مينهان ۽ نينهان اکر ٻئي هڪڙي،
وسڻ جا ويس ڪري تہ ڪڪر ڪن ڪيهان
بادل ٿي بيهان جي آگم اچڻ جا ڪريين

مينهن ۽ نينهن جو اهو نرمل نظارو جڏهن وسڻ شروع ڪندو آهي تہ سنهيون ڦڙيون پوڙ پوڙ شروع ڪنديون آهن جن کي "ڇنڊون" چئبو آهي. ڇنڊ ڇنڊ وڏندي ويندي آهي ۽ اها پوءِ وڏڦڙي ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. پلر جي پالوٽ ٿيڻ لڳندي آهي. سيئي سر پلر جي انهي ريل ڇيل سان ڀرجي تارٿي ويندا آهن.ترايون ۽ ٽوپا بہ ٽمتار ٿي پوندا آهن. وسندڙ برسات هلڪي ٿي سنهي سنهي بوند وسڻ لڳي ۽ مسلسل اهڙي بوند پوندي رهي تہ ان کي "جُهڙ" چئبو آهي. جيڪڏهن جهڙ نہ رڳو محبت جي ماريل نيڻن وانگر ٽمندو رهي پر اهي سنهيون بوندون ،ڏينهن هجي تہ سج کي ڍڪي ڇڏين تہ ان کي "سرلو" چئبو آهي. سرلي جهڙ بابت سنڌ ي شاعريءَ جي ٽمورتيءَ جي حقيقي شاعر خليفي نبي بخش جو هي بيت انتهائي ملوڪ منظر پيش ڪري ٿو:

جهڙڦڙجهورجهڪور, سج سرلي ڍڪيو
قاسم اُترپارڏي ڪڪرڪاريءَ ڪور
چڙهي ڏونگرچوٽيين, ڪن ٽهوڪا مور
اُنو آب اتور, ڍٽ پٽ ڪُهنبا ڍڪيا

سرلي جا اها ست, گاه کي تمام جلدي واڌارو ڏيندي آهي. سجي لهڻ پري هجي ۽ ان مان ڪوهڪ اڌ ڪڪر اچي وسي پوي تہ پوءِ چئبو تہ "ليڙ " وٺو آهي. ليڙ جي لارن جا ڏاروڙا بہ ڌرتي کي سائي چادر پهرائڻ ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندا آهن. برسات جيئن ئي پوندي آهي تہ پٽن جي لهوارن پاسن ، جن کي پاڃون چئبو آهي تان پاڻي اوڙيهر ڪري وهڻ لڳندو آهي. اهي اوڙيهر جڏهن وڏندا آهن تہ پهرين نئن نهندي آهي جيڪڏهن ميگهہ پاڻ گهڻو موڪيو تہ پوءِ اها نئن زمين ۾ وڏو ڦاٽ ٽاهيندي آهي جنهن کي ڏرڙ چوندا آهن. اهڙاڏرڙ هميشہ ججهين برساتن ۾ ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ايترا اونها هوندا آهن جو زمين جي جابلو يا ٽاڪرائين تهہ تائين پهچندا آهن جنهن کي روهڙي چئبو آهي. اهڙو مشهو ر 1992 واري زور برسات ۾ ٻاراچ ڳوٺ جي ويجهو ڦاٽوڙ واري هنڌ تي ٿيو هو ۽ ڪجهہ وقت لاءِ زميني رابطو بہ متاثر ٿيو هو. نئن پاڻي کي هيٺاهين ڏانهن ڪٽي ويندي آهي جيڪويا تہ تليءَ ۾ وڃي چوڙ ڪندو آهي يا وري ترائي کي تارڪندو آهي. ٿر جي پارڪر واري ڀاڱي ۾ ڪارونجهر جابلو سلسلو آهي جنهن مان تمام گهڻو پاڻي وهي نڪري ٿو. جيڪو 16 ندين جي صورت ۾ ايترو پاڻي ڪٽي اچي ٿو جو سمورو پارڪر ان تي آباد ٿي سگهي ٿو. ڪجهہ ڊئم ٺاهيا ويا آهن پر پوءِ بہ ڪافي پاڻي ضايع ٿي وڃي ٿو جنهن کي محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي. برڪا ۾ بجلي جي ڪرڻ کي "وڄ" ڪرڻ چئبو آهي. ڀٽائيءَ وڄن کي وسڻ جي ترغيب ڏني آهي. شيخ اياز انهي ڪان متاثر ٿي پنهنجي هڪڙي ڪتاب جو نالو " وڄون وسڻ آئيون" رکيو آهي. وڄن جو واڄو ملڪي ۾ خوشحاليءَ جي منادي ثابت ٿئي ٿو. جن مهنگي لاءِ ميڙيو هوندو آهي تن جا ٻئي هٿ مٿي تي هوندا آهن ۽ ايئن ڏڪاريا ڏيہ مان سيئي موڏي مري ويندا آهن.

مينهن جو اهو مانداڻ جنهن سال ڪجهه دير ڪندو آهي ته ان لاءِ "آڪو پايو" بہ ڪبو آهي جنهن ۾ گهران گهر ڪجهه نہ ڪجهه داڻا وغيره گهري ڪٺا آهن ۽ انهن مان گڏيل پٽ تيار ڪيو ويندو آهي. گهڻو ڪري اها سرگرمي پاڙي جي "نياڻ" يعني ترائي وغيره تي ڪئي ويندي آهي جنهن دوران نياڻ جي صفائي بہ اجتماعي طور ڪئي ويندي آهي.

اترجا ڪاراڪر جڏهن لال لبيس ڪري، وڏڦڙو وسائيندا آهن تہ پوءِ پرديس ويل پرين اچي "مينهن جي مامن" وانگر نازل ٿيندا آهن. آگم جي انهي سموري انگ ڪان پرينءَ جو رنگ مٽي هوندو آهي.. سيڻ هوندا آهن تہ ٿي روح ۾ رنگ رچندو آهي. ٿر جي ڌرتيءَ تي جڏهن برڪا جون پهريون بوندون ڪرنديون آهن تہ ان مان هڪڙي املهہ سڳنڌ نڪرندي آهي جيڪا انسان کي پنهنجي اصليت ۽ مٽي سان رشتي ڪي ياد ڏياري ڇڏيندي آهي. تنهنڪري تہ اردوءَ جي شاعر چيو آهي:

روک سکو تو بارش کي پهلي بوندون کو روکو

کچي مٽي تو مهکي گي يہ هي مٽي کي مجبوري

اهڙي طرح هيءَ مند شديد اڄ جي مند آهي جنهن ۾ ٿري ماڻهو مرگهلا،پکي پسو جيت جڻا سڀئي سارنگ کي ساريندا آهن. سارنگ جڏهن سينگارڪري ايندو آهي ، وڄون سموري سنڌ، هند، ڪڇ ڪنار، سمورو ايشيائي پاڳو وسي پوندو آهي تہ پوءِ حالتون خوشحاليءَ ڏانهن وڌڻ لڳنديون آهن. ٻيءَ صورت ۾ هتان جي اڄ جي ڪري ماڻهومُڄ تي پوندا آهن جن کي ڪيئي بيماريون معاشي پِڇ ڪِڍي، پالهو ڪري ڇڏينديون آهن. ٻئي طرف ، جڏهن فطرت پنهنجو نظارو پسائيندي آهي تہ وهلوئي وچان غم گوندر گذري ويندو آهي. برساتن جو مانداڻ جڏهن وسي اُڪامندو آهي تہ پوءِ ڪيئي رنگ رچي پوندا آهن . سموراگس ،گام، ويئريون ۽ وڍ، ساوڪ جي سائي چادرسان اوڍجي ويندا آهن ۽ هر هنڌ سُرهاڻ ۽ سرهائي پکڙجي ويندي آهي.

# مينهان ساکي مارڳو

ساک پت اهڙو املهه گڻ آهي جنهن تي صدين کان انسانيت ناز ڪندي آئي آهي. ساک پت کو هڪ ڏينهن ۾ قائم نه ٿيندي آهي پر انهي کي جُڙندي جُڙندي سال لڳي ويندا آهن. ساک پت فردن جي به ٿيندي آهي ته قومن قبيلن ذاتين ۽ راڄن جي ٿيندي آهي. راڄ پاڳ هوندا آهن يعني انهي جو هڪٻئي سان گڏجي رهڻ وارو سماجي عمل پاڳ يا خوشقسمتي چورائي ٿو. زماني ۾ جيڪي ڳالهيون ۽ کهاوتون تجربي ، مشاهدي ۽ هنڍائڻ کانپوءِ کريون ثابت ٿينديون آهن تن جي ساک پت ملڪان ملڪ مشهورٿي ويندي آهي ۽ هرهڪ اهڙين ڳالهين کي مثال طور چئي ، پنهنجي من جي مام سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. دنياجي ديومالائي قصن ۾ اهڙي ڏاهپ ۽ ساک جا اُهڃاڻ ملن ٿا تيئن اسان جي ٿر جي لوڪ وڃا ۾ عقل جا اهڙا نقطا بيان ٿيل آهن جن کي صديون گذرڻ باوجود ڪٽ نه لڳو آهي نه ئي وقت جي دز مٽن کو ميرچاڙهيو آهي. اهڙي ڏاهپ ننڍڙن پر خوبصورت شعرن جي صورت ۾ بيان ڪيل آهي. انهن ٻولن جي سچائي، سگهه ۽ ساک کي نظر۾ رکندي، انهن ڪلين کي ساکيون سڏيو ويندو آهي. ساکي گفتگو جو اهڙو اثرائتو انگ آهي جو انهي وسيلي پنهنجي مدعاکي پليءَ پت اوري سگهجي ٿو ۽ سامهون واري کي پنهنجي ڳالهه بابت قائل ۽ مائل ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن دور ۾ انهن ساکين جو ايترو ڏاڪو ۽ دٻدٻو هوندو هو جو بادشاه ۽ انهن جا ايلچي وغيره ساکين وسيلي هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه ڪنداهئا ۽ اهو بحث ايترو ته بهترين سفارتي رنگ ۾ هوندو هو جو ڪوڙاڪسارا سيئي مرحلا خيرخوبيءَ سان طئي ٿي ويندا هئا. سگهڙن ۽ لوڪ ڏاهپ جي پارکن انهي فن کي عوام ۾ لاٿو ۽ فطرت جي مظهرن، ريتن رسمن ۽ زندگي جي ٻين انيڪ تجربن کي ساکين وسيلي بيان ڪرڻ شروع ڪيو ته اها ڪلا به عوامي بنجي ويئي. جيڪا ڪلا به اڪثريت جي ڳالهه ٻولهه يا ترجمانيءَ کان پري رهي ٿي انهي ڪلاءِ فن جو جياپو ڪو جٽادار ناهي. ساکين جو اهو فن سگهڙن سان گڏوگڏ ڪيرت جي ڪوڏين به سرانجام ڏنو جيڪي ڪينر ڪيريءَ ۾ ٽنگي ، سڏيون ٽنگون ڪيو سُتانه هونداهئا پر اهي سونهاري صبح سان اهو واڄو وڄائيندي، خلق کي يادگيرو ڏيارينداهلنداهئا ته ستااُٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري. انهن پاڻن جو اهو پيرنه هوندو هو جو اهي ڪينر جي ڪا ڪسي ڪن. اهي به انهن ساکين جي سچ جا رکوالا هونداهئا. ننگر ننگر گهمنداڦرنداماڻهن کي جاڳائڻ جو ڪم ڪندارهنداهئا. هاڻي ته انهن لوڪن جو به اهڙو اڇي حال ٿيو آهي جو جيسين سچ جو تڙڪو سندن ننڊ نٿو ڦٽائي تيستائين سندن خرگوشي خواب جاري هوندو آهي . اهڙين ساکين بابت ڳالهه ٻولهه ڪندي، مينهن بابت ساکي زبان تي تري ٿي اڇي ته اڳي جڏهن مينهن پوندو هو ته انهي بابت خبرون چارون پانڌيڙن کان پڇبيون هيون، سيءُ پوندو هو ته اڪن ۾ ساڙ نظر ايندو هو سخي ماڻهن جي خبر گهرندڙ فقيرن کان پوندي هئي ۽ سورهيه جنگ

۾ جيترو وڙهياهوندا، کين لڳل ڌڪ انهي معرڪي جي مان ۾ سچ جي ساک ڏيندا. انهي ڳالهه کي ساکيءَ ۾ هن ريت چٽيو ويو آهي:

مينهان ساکي مارڳو سيئان ساکي اڪ،

ڏاتارساکي منگتا،سُورهان ساکي ڌڪ.

مارڳ واٽ کي چئبو آهي .اڪ اهڙو ٻوٽو آهي جيڪو سيءَ جي ساڙ کي سيءَ کان پهرين نروارڪندو آهي. سيءَ جو سيءَ کان ديرسان اٿرچارجي وڻ تي ٽيندو آهي. گهرمنگت آئي ڏاتارخالي نہ موٽائيندو آهي. گيدي ۾ ڪاٺر کي ڌڪ پٺيءَ ۾ لڳندا آهن جڏهن تہ سورهيہ سيني ۾ يا سامهان ڌڪ سهندو آهي.

ڪي شيون زماني ۾ هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم هونديون آهن . هڪڙي شئي هوندي تہ ٻي شئي بہ نظرايندي نہ تہ گم ٿي ويندي. ڪي شيون وري ڪن شين جي اچڻ سان گم ٿي وڃن ٿيون جيئن ڏينهن ايندو آهي تہ رات گم ٿي ويندي آهي. اونده جي گم ٿيڻ کي روشني چيو ويندو آهي. فطرت جي هن پرئي پندارم اهڙاجوڙاءِ جهٽ بہ آهن تہ هڪٻئي جا ابتڙ ۽ توڙ بہ آهن. ڏاتاريعني دان ڏيندڙ سخي ماڻهو هوندا آهن تہ اتي ئي منگتا موجود هوندا آهن. سخيءَ کانسواءِ مڱڻهارجو هجڻ بي معنيٰ آهي .جتي تل ترايون تارهوندا آهن اتي هنجهہ پکي ملندو آهي. راجا هوندا آهن اتي ئي رس رهاڻيون ٿينديون آهن. مورک يا بيوقوفن ۾ تہ خالي بحث هلندا آهن جيڪي وقت جو زيان هوندا آهن.انهي گفتارجي گوهرکي سگهڙن هن ريت پوتو آهي:

داتا اُتي منگتا، سروراتي هنس،

راجا اُتي رهاڻيون، مورک اُتي بحث.

عقل جا اهڙانقطا وندرورونهن سان گڏوگڏ ڏاهپ جو ڏس آهن جن مان معنيٰ جا موتي ميڙي سگهجن ٿا خاص ڪري نوجوان نسل جڏهن پنهنجي وڏن جي واتان اهڙيون ڪارائتيون ڳالهيون ٻُڌي ٿو تہ اهو انهن کي سيني ۾ سانڍي اڳتي وڌي ٿو ۽ پنهنجي ايندڙ نسل کي منتقل ڪري ٿو. لوڪ ڏاهپ جو اهو وکران ريت پٺي پُراڻو نئون ٿئي ۽ ٽن پيڙهين ۾ هلندو رهي ٿو.

ڳائڻ وري اهڙو ڳوڙهو ڪم آهي جو هرهڪ چاهيندو آهي تہ آئون بہ ڳائيان پر ڪنٺ ڪلاجي ڪويسرن هن علم کي بہ رياضت پريوڪري پيش ڪيو آهي جو هرڪنهن جي دال نٿي ڳري، پوءِ بہ هرهڪ وهنجڻ وقت جو ڳائڻو آهي يعني باٿ روم ۾ جهٽڪي ٿو پر ڳائڻ لاءِ سڀ کان پهرين سُريلو گلو کپي نہ تہ ڪم نہ هلندو. گلو جي چُري پُري پيو ڪندو تہ پوءِ ڪير اهڙي ڳائڻ لاءِ پنهنجي ننڊ ڦٽائيندو. چوري بہ ڏکيو ڪم آهي جنهن لاءِ شاه لطيف بہ جوڳي ٿيڻ جو شوق رکندڙن کي چورن جي ڪان سبق پرائڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي تہ ,”جي پائنين جوڳي ٿيان تہ سک چوران کي ذات“ چاڪاڻ تہ انهي ڪم ۾ سجاڳي ۽ سياڻپ گهرجي نہ ڪم نہ هلندو ۽ ماڻهو سدائين ڪاٽ ۾ هوندو. گهر ۾ گهرڌياڻيءَ کي جيڪڏهن رڌابندي نہ ايندي ۽ هوءَ بنا ڪنهن وهنت ۽ ويئٽ جي ڪم ڪندي

تہ پوءِ ڏاڪون پڪا. مڙس آٽيندو ٻڪي چُڪي، زال وجائيندي ڀهرين ڇڪي تہ پوءِ گهاٽوئي گهاٽو. انهن ٽنهي شين جي اڪارٿپٽي تي اظهاريندي، ڪنهن سگهڙ هن ريت چيو آهي:

ڪنٺ بنا گائيي، مت بنا چور،

تريئا تريوڙبنا، تيني رپنا روڙ

انهن نقطن ۾ جيڪا ساک سمايل آهي تنهنجو ساکي زمانو آهي.ڪائناتي سچ ايئن جُڙندا آهن. اهڙين ساکين جي ساک ۾ ڪا تبديلي نہ ايندي آهي تنهنڪري اهڙي من موهيندڙ صلاح هرڪنهن جي من کي آئڙندي آهي.

ٿر ۾ جنهن سماج ۾ ماڻهو رهندا آيا آهن انهي سماج ۾ عورت جو مان مرتبو چڱو آهي. عورت جي حقن جو بہ خيال رکيو ويندو هو ۽ ريتون رسمون وهان وڏاڻا وندرورونهن سمورين سرگرمين تي عورت حاوي نظر ٿي اچي. ڇوڪري جيئن سامئبي هئي تہ انهي کي پرڻائڻ لاءِ تياري ٿيندي هئي ۽ ڇوڪريءَ جو بغيرشاديءَ جي انتظار ۾ وهڻ عيب جهڙو ۽ بار سمجهيو ويندو هو. پٽ کان وڌيڪ ڇوڪريءَ جو خيال رکيو ويندو هو.ان لاءِ مناسب ور ۽ گهرچوندڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون هيون. انهي ڪم ۾ ڪجهہ جاگيرداراڻين رسمن ڏڦيڙوڌو ۽ ڇوڪرين جي شادين جا المناک پهلو بہ سامهون آئيا پر اهڙي عمل کي هرڪنهن ننديو آهي. ڪچي ڦلي وٽن ۾ لڳل هوندي آهي، انهي دوران جيڪڏهن ڏُواءُ يعني خراب واءُ لڳو تہ پوءِ اُپت چڱي نہ ٿيندي. پائرن جي وچ ۾ ڪا عورت جهيڙي جو سبب بڻي تہ بہ نقصان ٿيندو. مينهن جو مانداڻ مٿل هوندو ۽ مٿان جي اُڳتيو واءُ لڳو تہ بہ مينهن جو ماحول ڦٽي ويندو. انهي ماجرا کي سگهڙن هن ساکيءَ ۾ بيان ڪيو آهي:

گهرنينگر، ٻوجهہ گهٽوڪچي ڦُلي، ڏُواءُ،

پائيان وچوڙوماهيلي، مينهان اُڳتيو واءُ،

گهرجي ڇت جيڪڏهن اوڇي هجي ۽ مٿان بار گهٽو هوندو تہ پوءِ سدائين ان جو جوکو ۽ اون رهي ٿي. بقول رائچند صاحب جي تہ برسات ۾ اهڙي ڇت ڊهڻ جو پئو رهندو آهي. هن ساکيءَ ۾ گڏيل ڪٽنبي سرشتي جي تبديلي جي ڳالهہ ڪئي ويئي آهي تہ پائر تيستائين گڏ هوندا آهن جيستائين منجهائن ڪنهن جي شادي نٿي ٿئي. ڇاڪاڻ جو شاديءَ کان پوءِ پرڻيل ڌار ٿي پنهنجو گهر آباد ڪري ٿو. مينهن جي ماحول کي اوپر کان لڳندڙهوا ڦٽائي ٿي.

ڪي ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي وساري بہ نہ وسري سگهنديون آهن. ٿر جي ڌرتي تہ اهڙي ڌرتي آهي جنهن کي ڪوبہ ماڻهو جيڪو اتي جائو آهي وڏو ٿيو آهي سو قطعي وساري نٿو سگهي. مورپکي ٿر جي سونهن آهن.هن وقت مورن ۾ بہ بيماري جون ڳالهيون ٻُڌجن ٿيون، نہ تہ مور طبعي طور مئل ڪنهن بہ نہ ڏٺو هوندو.بازارنہ چاڻ ڪيترين شيون معاشري ۾ اهڙيون بہ متعارف ڪرايون جن مان ڪيئي خرابيون بہ پيدا ٿيون آهن. ڏاها چون ٿا تہ مورن ۾ اها بيماري فارمي ڪڪڙين جي ڪري پيئي آهي. انهي گمان بابت اڀياس جي ضرورت آهي، هاٿي اهڙو جانور آهي

جنهن کي خلاصو جهنگل ڪپي جنهن ۾ هو پنهنجي گنيرچالي جا سموراگوهر ۽ جوهر ڏيکاري، دشمن جيڪي چوي ان تي ڪو ڌڪ نہ ٽيندو پردوست جو ٻوليل ڪڙو وڻ يا ڪُوڙ يعني بد ڳالهہ ڦٽ ڪري وجهندو آهي ۽ ماڻهو ايئن ڪوڪڙ لڳندو آهي جيئن حسين بن منصور حلاج پنهنجي دوست شبليءَ پاران گل لڳڻ تي رڙيون ڪيون هيون.اهي سيئي ڳالهيون اڻ وسرندڙ آهي. ڳالهين جي انهي ڳوڙهائيءَ کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

ميهہ موران، بن ڪونجران، آنبان ڏار سوئان

وڻ سڄڻ، جنم پومي، وسرسي موئان

ايئن انهن گوهر گفتن ۾ مورن جو مينهن کي سارڻ، هاٿين جو جهنگل کي ياد ڪرڻ، انب جي ٽاريءَ تي وينل طوطي جو انب کي نہ وسارڻ، سڄڻ جو ڪڍيل ڳُوڙ اڻ وسرندڙ آهن. يعني جيستائين جيءَ ۾ جيءُ هوندو تيستائين اهي ڳالهيون نہ وسرنديون. ماڻهوانهن شين کي مري وساري سگهي ٿو. سچي ساک بيان ڪندڙاهڙيون سوين ساکيون ٿر جي لوڪ وچاجو املهہ ذخيروآهن جنهن ۾ انساني جذبن،روين ۽ سماج جي مختلف پاسن جي نياري اُپٽار ڪئي ويئي آهي. انهن کي ٻڌي، پڙهي ياد ڪري يا هنيين سان هنڊائي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو.اهو الڪ ثقافتي ورثواهڙن موتين سان مالامال آهي.

# مينهان ۽ نينهان، اکر ٻئي هڪڙو

مينهن جي رحمت هن ڪائنات لاءِ سدائين اهميت واري رهي آهي. انسان مينهن وسڻ لاءِ سدائين آسائتو رهيو آهي، ڪڏهن انهي رحمت جي تکي رهڙ اچي ٿي وڃي ته پوءِ ٻوڏ جي صورتحال ۾ سموري جيوت متاثر ٿي پوي ٿي جنهن جي واهر ۾ ڪيئي ادارا ۽ ادارڙيون ماڪڙ وانگر نڪري ٿيون پون، متاثرن جي نالي ۾ پنهنجا پيٽ يا پاڪيٽ ڀري، مڇي متاريون ٿي پون ٿيون. سنڌ ۾ گذريل ڏهاڪي دوران جيڪي ٻوڏون ٿيون تن ۾ اهو ڏنڊو دل کولي ڪيو ويو تان جو انهي ڪم ڪندڙ سنڌي سماجي ڪارڪن کي هرڪو ڏن داتا چور ۽ ٺڳ سمجهي پاسو ڪرڻ لڳو نتيجي ۾ سموري انڊر فنڊنگ مدي پئجي ويئي، جنهنجو نقصان سڄيءَ سنڌ ڀوڳيو. اهو موضوع وري ڪنهن ٻئي ڀيري، اڄ اچو ته ڏسون ٿر ۾ مينهن بابت ڪو مذڪو چيڙيون ، جنهن ۾ ماضي به ياد ڪريون ته مستقبل جي اوک ڊوک لاءِ اک ٻوڙايون.

ٿر ۾ مينهن انتهائي خوشي ۽ سياڳ جي نشاني آهي، جنهن کي مختلف نمونن سان ملهايو ويندو آهي. هن وقت ته سائنسي اوزارن وسيلي مينهن لاءِ اڳڪٿيون ڪيون وينديون آهن. ماضيءَ ۾ ته مارو ماڻهو پنهنجي لوڪ ڏاهپ جي صديون پراڻي تجربي جي آڌار تي ، اهي اڳڪٿيون ڪندا هئا.

آرهڙ جي لُکن ۽ جهولن کان پوءِ، مينهن جي مند جي کي سارڻ شروع ڪبو هو. مئي، جون جولاءِ جي مهينن ۾ مينهن ترايون تار ڪندو هو ته ورهيه ڀلو جي نه ته ڏڪاريا سُڪ سالي جيڪا شدت اختيار ڪندي هئي ته ڪارو ڏڪار جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ان ۾ راڻين جا ڪنگڻ ڍرا ٿي پون ٿا يعني سندن جسم جو ماس ڇڻي وڃي ٿو ۽ سندن ڏٻرائي ڏولائي جو اهڃاڻ ٿي اڀري ٿي. راڻيون بادشاهن جي گهرن ۾ هجڻ ڪري سدائين خوشحال هو نديون آهن جڏهن انهي خوشحال طبقي تي اهڙا ڏينهن اچن ته پوءِ عام لوڪ جو ڪهڙو حال هوندو. انهي ڪيفيت کي ذهن ۾ رکندي، ڪنهن ٿري شاعر هن ريت خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

**ٻيجا سڀ ورڇڻا، متي ورڇي ڪاڙا ميهه**

**تين ورڇي ڀوپت ڏلين، ساجن ٿين ڇيهه**

يعني ٻيا سيئي ورڇي ڪک تي بيزار ٿين ٿا، پر اي ڪارا ميگهه تون ڪک تي هٽ نه ڪڍجان. جيڪڏهن تو هٽ ڪڍيا ته راڄ ڏٽي به رلي ويندا ۽ سڄڻ به ڏلي ڏور ڏيهه وڃي آباد ٿيندا.. مينهن جي اهڙي اهم حيثيت، ٿرين کي مند تي مينهن جي سار سنڀار ڪرڻ جو سبق سيکاري ٿي. اهي وٽن ٽٽن ، پکين، هوائن ، ڪڪرن، چوپائي مال ۾ مينهن جون نشانيون ڳوليندي ، اڳڪٿيون ڪندا آهن.

آسمان ۾ جڏهن اُڀ ٿيندي ۽ موگهون منهن ڏيکاريندين ته سمجهيو ويندو ته هاڻي بارش ايندي

**اُڀ تائين آسرو موگهان تائين مينهن**

**ساسو تائين ساسرو، سالان ڪوڙو نينهن**

يعني جيئن اُڀ تي ۽ هلڪيون هلڪيون ڀچون آسمان ۾ هلڻ لڳيون ته مينهن جو آسرو ٿيو ۽ موگهون نڪتيون ته برڪا برسندي. اهڙي ريت سس سهري جي حياتي جوائي تي قرب هوندو، باقي سالن جو نينهن مڙيئي ڏيکائي لاءِ هوندو آهي.

چانڊوڪي راتين ۾ جڏهن چنڊ جي چوڌاري ڀڙ جنهن کي ڪونڌاريو يا ڪونڊو چون، ڏسڻ ۾ اچي ۽ ڀڙ ۾ تيز روشني جنهن کي جرهيڙي چون، هجي ته پوءِ پڪ برسات ايندي. آڀ ۾ تتر ڪرڙي ٿئي ته برڪا جو اهڃاڻ آهي. انهي کي شاعرن هن روپ ۾ اظهاريو آهي:

**تتر ڪرڙي واڏڙي، وڏوا ڪاجل ريک**

**او ورسي، او ور ڪري، تي ۾ مين نه ميک**

يعني تتر ڪرڙي واريون ڪکريون، ۽ بيوه عورت جي اک ۾ ڪجل ريک اهڃاڻ آهن، هڪڙي وسندي ٻي مڙس ڪندي، جنهن ۾ ڪو تر جيترو ڦير فرق ناهي.

آڪاتيءَ جو ڏڻ ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ هڪڙو ڏينهن هارين جي پرپ جو هوندو آهي. ان ڏينهن متيءَ جون گُلهڪيون ٺاهي پاڻيءَ سان ڀري ، چئني طرفن ڏانهن جي رخ ۾ رکي ڇڏبيون آهن. جيڪا گُلهڪي اڳ ٽٽي ۽ پاڻي هاراٽو ته سمجهو اها ڏِس سڀ کان اڳ وسندي. جهرڪيون ريل ۾ ويهي، وهنجڻ لڳنديون آهن ته ان کي به مينهن وسڻ جي نشاني سمجهيو ويندو آهي. ماڪوڙيون ٻرن مان نڪري، ننگرا ٺاهي هلڻ لڳنديون آهن يا وري، آنا کڻي ٻئي طرف هجرت ڪرڻ لڳنديون آهن ته به مينهن جي نشاني آهي. ڪونيٽ ۽ ٻاٻوري ۾ سنهي گذر لڳندي آهي جنهن کي لُنئين چئبو آهي، اها به بارش اچڻ جي نشاني آهي. ايئن ڳائي مال ۾ به ڪجهه اهڃاڻ نروار ٿيندا آهن جن کي ڏسي برسات جي اڳڪٿي ڪئي ويندي آهي جيئن، مال جو هڪبئي کي زبان سان چٽڻ، وٿاڻ ۾ بيهي پيرن سان ڌوڙ اُڏائڻ.

مهينن کي ڳٽپ لاءِ، نکتن ۾ ورهايو ويو آهي. جيڪي 15 ڏينهن جي عرصي جا ٿيندا آهن. روهڻ ۾ جيڪڏهن تمام گهڻي گرمي ٿئي ۽ مگسر ۾ واءُ لڳي ته ان ڪانپوءِ آدِ ۾ مينهن اوس اچي.

**روهڻ تپي، مگسر وائي**

**آدِ ڊيوڪي، مينهڙلو آئي**

ايئن مانداڻ مچڻ لڳندو آهي. اتر اوير ڪنڊ تا ن ڪنوڻ ڪنوڻ لڳندي آهي، ته اهڙي ٻڪرار ڪنوڻ ۾ سيئي وچوڙيل هڪبئي جي هنيين ۾ ، ڀڳي هڏ وانگر هري پوندا آهن ۽ مور به پنهنجي من جي محسوسات کي پراسرار ڪوڪ سان اظهاريندو آهي، جنهن جو پڙلاءُ سموري سرشتيءَ ۾ گونج پيدا ڪري وجهندو آهي اها گونج اهڙين دلين ۾ دهڪاءُ وجهي ڇڏيندي آهي جن جا بالم ڏور ڏيهه هوندا آهن ۽ اهي دليون مور سان مخاطب ٿي هن طرح جي اندر اور ڪرڻ لڳنديون آهن:

**تون ڏونگر رو موريو پيسڻ رين ڪجور**

## تين سين چڙهڻ ڍوڪڙو مين سين بالم ڏور

اي ڏونگر جا موريا، تون رات جو ڪجور جي وڻ تي چڙهي رات ڪٿي ٿو وڃين، توکي چڙهڻ ويجهو ۽ سولو آهي، اسان ڪان تہ بالم ڏور آهي. يعني هن مينهن جي من موهيندڙ مند ۾ اسين ڪيڏانهن وڃون. اهو ٻڌي مور پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجھ هن ريت ٻولي ٿو:

**هون ڏونگر رو موريو ڪانڪر چوڻ ڪران،**
**گاج گڙوڪي نہ ٻولان، هنيون ڦاٽ مران**

ڪٿي ڪٿي وري اهو ڏوهو هن طرح آيو آهي:

**امي گر را مورلا، ڪانڪر پيٽ ڀران**
**رت آئي نہ ٻولان، هنيون ڦاٽ مران**

اسين گرنار جي ڏونگر جا مور آهيون، ڪڪرا چُڳي پيٽ جو دوزخ ڀريون ٿا. موسم ڀرجي ايندي آهي تڏهن ڳالهائيندا آهيون. جيڪڏهن ايئن نہ ڳالهايون تہ هنيون ڦاٽي مري پئون. جن جا بالم پري آهن انهن جي شڪايت بجا ۽ گرنار جا مورپڙ جي سنهن داڻن تي گذارو ٿا ڪن، اهي عياش ناهن. موسم اچي ٿي تہ اها ڪوڪ اجهل نڪري وڃي ٿي ڇاڪاڻ تہ فطرت سان سندن ازلي ناتو آهي.

اتر جا اوهيرا جڏهن اگوندرو آب اوتيندا آهن تہ مارون جا سمورا گوندر گم ٿي ويندا آهن، مهانگي لئہ ميڙيندڙ موڏي ۾ ڏڪاريا ڏيھہ مان الوپ ٿي ويندا آهن، سنگهارن ۾ سک سرهائي جي وائي ورندي آهي.

ڪڪرن سان بہ ڪافي اصطلاح ۾ لفظ واڳيل آهن.سنهيون پڇون جن ۾ پاڻي هوندا آهي تن کي پاڻيهاريون چئبو آهي. برسات پئجي ويندي آهي وري ٻوبان پاڻي ڀريل ڪڪر تيز تيز پيا ايندا آهن تن کي ليڙ چئبو آهي. برسات وسندي ڪڪر بيهي وڃي ۽ برڪا جون بوندون هڪ جاءِ تي بيهجي وڃن تہ انهن کي ڏاروڙا چئبو آهي.پاڻي ڀريل ڪڪر جيڪي پري کان پڌرا هوندا آهن تن کي لڳھ چئبو آهي. اتر جي برسات جي ان سموري مانداڻ کي اسان جي سڀني ڪلاسيڪي شاعرن ڳايو آهي. شاه لطيف پڻائي س سارنگ ۾ اهڙي منظر ڪشي ڪئي آهي جڻ اسڪرين تي ڪو منظر هلندو هجي.

**آگميو آهي لڳھ پس لطيف چئي،**
**وٺا مينهن وڏڦڙا ڪيو ڏڻ ڪاهي**
**وهوم لاهي آسرو الله مان**

ٿوري ٿوري وقفي سان وسندڙ اوهيرن جو بہ ذڪر سنڌي شاعري ۾ آهي تہ سرلي جُهڙ جي ڳالهہ بہ ڪئي ويئي آهي جنهن ۾ برسات وسڻ دوران سج ڍڪجي ويندو آهي پر روشني موجود هوندي آهي. خليفي نبي بخش ان منظر کي هن ريت بيت بند ڪيو آهي:

**جهڙ ڦڙ جهور جهڪور, سج سرلي ڍڪيو**
**قاسم اتر پار ڏي ڪڪر ڪاريءَ ڪور**
**اپي سارنگ سامهان ڪن ٿهوڪا مور**
**اُتو آب اتور, ڍٽ پٽ کهنبا ڍڪيا.**

ائين مينهن سان مارن ماڻهن جو اهڙو نينهن آهي جنهن جي ور وراڪي ۾ اهي سُڪ لڳا پيا آهن. مينهن ۽ نينهن جي انهي روايت کي صدين کان ڳائيندا وڄائيندا اچن . مينهن مارو لوڪن لاءِ خوشيءَ جو مُهري آهي جنهن سان ڪافي آسون اميدون پيدا ٿين ٿيون. مينهن جا ڏينهن ڦريا بہ آهن ۽ بقول ماموئي فقيرن جي تہ سيارا وسڪارا بہ ٿيا آهن. يا وري جيڪو چئوماسي جو مينهن مئي مهيني ۾ وسند وهو سو جون ۽ هاڻي جولاءِ ۾ وسڻ لڳو آهي. آگسٽ ۽ سيپٽمبر جون برساتون تہ سال کي ٻاڙمير جي اٺ جي ڦر ڏيڻ واري وقفي وانگر ڌگهو ڪري ٿيون ڇڏين. ٻاڙمير جي اٺ لاءِ چيو ويندو آهي تہ انهن مان ڪو نسل اهڙو بہ آهي جيڪو 24 مهينا ڳڀ کڻي هلندو آهي پوءِ ويامندو آهي.

هن سال بہ لڳي ٿو تہ برساتون پاڇڙ آهن. هاري هر سنباهي ويٺا آهن پر اتر جي ڪڪرن جي ڪنڌرن جو انتظار آهي. سائنسي جا سڪنڊرڻ سيڪاريندڙ چون ٿا تہ آبهوائي ڦير گهير موسم جي ڦونٽي ڦيري ڇڏي آهي ۽ اها پنهنجي موڊ اچڻ تي وسي ٿي يا بنهہ اهڙو ڏڪار آڻي ٿي جيڪو هرهڪ شئي کي متاثر ڪريو ڇڏي. اهڙين حالتن ۾ ڪهڙو اثر ٿئي ٿو يعني جڏهن سنيون برساتون پون ٿيون تہ پلسرو ٿئي ٿو. ان امونگرو ٿئي ٿو. ڪڪ پن گاه پنو بہ ججهو ٿي پوي ٿو. ٻي صورت ۾ جڏهن ميگها رُت منهن موڙي وڃي ٿي تہ جر جو پاڻي هيٺ هليو وڃي ٿو، نتيجي ۾ آبي ڏڪار ٿي پوي ٿو جيڪو وڌندي سوڪهڙي ۾ تبديل ٿئي ٿو ۽ سوڪهڙي جي شدت ۽ گهڻ مدتي ٽڪاءُ اڳتي هلي ڪاري ڏڪار جي صورت ۾ ڪر ڪڍن ٿا. روڊن رستن جي نهڻ، موبائل فون جي عام واهپي، غير سرڪاري ادارن پاران سڪ سالي گهٽائڻ بابت هلايل مختلف رٿائن، سرڪار پاران رليف جي ڪٽڪ وغيره جي ڪري، ڏڪارن جو اثر گهٽ نظر اچي ٿو. خاص ڪري ٽرانسپورٽ جي بهتريءَ سان اناج توڙي مال جو چارو آسانيءَ سان دستياب آهن. جن جي ڪري مال ۽ ماڻهو ڏڪار جي سٽ سهي وڃن ٿا. ان جي باوجود موجوده حالتن جي پيش نظر راڄن جي ماڻهن کي سخت حالتن مان سبق پرائيندي، صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. پلسري ۾ ٽيل گاه کي بچائي محفوظ ڪري رکن جيئن ضرورت وقت مال کي چاري سگهن.. وٽن جي واڍيءَ کي راڄ پاڻ روڪين. جن ڳوٺن ۾ اهڙي ٻڌي ٽيل هوندي آهي اُتي هن وقت بہ سيمون ڏسڻ وٽان آهن جيئن: وروائي، منڙيو سومرا وغيره

برسات جي ضايع ٿيندڙ پاڻيءَ کي محفوظ ڪيو ويجي. ٻنين کي واري تي پوکيو وڃي جيئن انهن جي زرخيزي قائم رهي. گهرن جي ويجهو پٽل اجهور واري زمين جيڪا گڏه گابي جي چرڻ لاءِ رکيل هوندي آهي، تنهنکي پوکڻ کان پاسو ڪيو وڃي. ڪاڏي جي ڪوٽ دوران خصوصن ۽ عام رواجي حالتن ۾ عمومن ٿر جي ٻاجين ۽ ڏٽ جو واهپو وڌايو وڃي ۽ ٻارڻ تي پيدا ٿيندڙ شين جي استعمال کي ختم ڪيو وڃي يا گهٽايو وڃي. هاڻي مند ٻرجي آئي آهي، اڳڪٿي آهي ته هن سال 20 جون کان برساتون پونديون ۽ سوڻ سٺ به سمڪ ڏين ٿا ته هيل ٿر ۾ مينهن موچارا پوندا ۽ مارو خوش ٿيندا ۽ خوشحال ٿيندا مالڪ مهر ڪري مينهن کي موڪليندو ته ملڪ آباد ٿي پوندو، مارو سک جو ساه کڻندا . اُتر جي کنوڻ سندن زند گيءَ ۾ خوشحالي آڻيندي جيئن ناميارې سنڌي شاعر، صوفي صديق ”صادق “ فقير سومري فرمايو آهي:

وٺو مينهن وڏڙو، جهان جهان ڪري جهڪور،
موچاري ملير جون، مينهون ٽِلن مور،
هاديءَ لاٿا هور، ولهارن وس ٿي.

# پاڻي اور پرمارلاپي تو ليجي گھڻو

ٿرپارڪر، جيڪو نيارو سُڪ ساليءَ وارو باراني علائقو آهي جنهن لاءِ ڪنهن وقت لفظ Desert گهڙيو ويو پر اُن کان بہ اڳي ڪرنل جيمس ٽا ڊ هن علائقي کي لفظ Masusthali سان منسوب ڪندي "مارو ٿر" قرار ڏنو هو يعني "مارينڊڙ ٿر". پر جيڪڏهن اُتان جي رهاڪن جي سڀاجهي ۽ امن پسندي ڏانهن ڏسجي ٿو تہ مارو ٿر جي معنيٰ نهڪندي نظر نٿي اچي پر ڇا ڪجي ٽاڊ ڪرنل انگريز هو تنهنڪري اُن جي ڪڍيل نتاڪَ کي رد ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي هِن علائقي جا مارو ماڻهو انتهائي ملنسار ۽ دُنيا جي اڪيلي سول سوسائٽي آهن ٻيون سول سوسائيٽون مڙئي ڪپڙن ڍڪيون نظر ٿيو اچن منجهن ٻيو گهڻو ڪجھ نظر ايندو سواءِ سِولتيءَ جي.

مارو ماڻهن جو ملڪ مارو واڙ ڪڏهن نوڪوٽن تي بہ مشتمل هو ، ڪڏهن شايد مهاساگر بہ هو تہ ڪڏهن وري دُنيا جي خوبصورت ۽ ٻيري ٿُري ساموندي بيچ (Beach) بہ هو جنهن ۾ پاري ننگر جهڙا پر ڪنديِن پڏرا شهر هئا جيڪي عيسوي سن جي شروعات دوران بہ بهترين بندر گاھ طور ڄاتا سُڃاتا ويندا هُئا جتي راهومن جي بازار هوندي هُئي جنهنڪ ي "راهو مڪي بازار"چيو ويندو هو. جتي "ونگا بازار" بہ هوندي هئي . اهو ٿر جڏهن کان پاڻي کان محروم ٿيو تڏهن کان اُن جو تصور "مارو ٿر" وارو اُڀريو جنهن ۾ جر جو پاڻي يا تہ دستياب نہ هوندو هو يا وري ڪڙو ۽ کسارو هوندو هو. پاڻيءَ جي اها صورتحال جڏهن پُراڻي دور ۾ ڪنهن ٿري شاعر محسوس ڪئي تہ هُن هِن ريت اظهاريو.

پاڻي اور پرمار لاپي تو ليجي گهڻو
ڏيوڙيي ڏن مال،هووي تو ڏيجي گهڻو.

يعني ٿر ۾ توهان کي پر مار راجپوت ملي وڃي تہ بہ کيس پاڻ سان گڏ ڪڻو جيڪڏهن پاڻي ميل تہ بہ ضرور ڪڻو. توهان وٽ جيڪڏهن ڏن دولت هجي تہ ڏيڻ کي گهڻو جي هِيءُ دوهو ٻن رُخن کي ظاهري ڪري ٿو هڪ تہ ٿر ۾ توهان کي جيڪڏهن ڪنهن شيءَ جي ضرورت آهي تہ اُهو پاڻي آهي جيترو بہ ملي اوترو هٿ ڪريو ۽ پرمار جيڪو وچن نباھ وارو آهي اُن جو ساٿ ملي تہ بہ ضرور حاصل ڪريو باقي پنهنجي مال مان وڏو حصو ڏيئرن کي ڏيو تہ جيئڻ اُهي جڏهن ساهرن وڃن تہ معاشي سگهارپ ڪٽي وڃن ۽ نئين گهر ۾ سندن آواز سگهارو هُجي ۽ ڪين ڪير هيٺو نہ سمجهي اِن قسم جو حساس ٿر اڄ پاڻيءَ جي لحاظ کان ساڳي مشڪل ۾ آهي. ٿر ۾ پاڻيءَ جي موجودگي، مسئلن ۽ پاڻي حاصل ڪرڻ جي طور طريقن کي ڇڪاسبو تہ ٿر ۾ پاڻي جا مکيہ وسيلا هن ريت نظر ايندا.

1. جر جو پاڻي، 2. پلر پاڻي، 3. دريائي پاڻي

1. جر جو پاڻي .... ٿر ۾ جر ڪٿي هيٺ تہ ڪٿي مٿي آهي ڪٿي کارو تہ ڪٿي مِٺو آهي ڪٿي اونهو آهي تہ ڪٿي تانگهو آهي. ٿر جو ڏاڪڙو پاڳو جنهن کي پٽائي سائين" پاٿر" سڏيو آهي تنهن ۾ پاڻي زمين جي سطح کي ويجهو آهي ۽ ٿر جو اُتر اوپر ڪُنڊ وارو علائقو جنهن کي پٽائي "ڪاٺڙ" سڏيو آهي تنهن ۾ پاڻي اونهو آهي باقي وچ واري ٿر يعني "ڪنني" ۾ پاڻي جي اونهائي وچٿري آهي. ذائقي جي لحاظ ٿر ۾ جر جو %90 پاڻي کسارو آهي. ٿر ۾ ڳوٺ آباد ٿيڻ جو سلسلو بہ کوهہ کٽڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ ڳوٺن مان اڪثر ڳوٺن جا نالا کوهن پويان آهن يا پاڻيءَ جي ذائقي پويان آهن جيئن ميگهي جو تڙ، جيسي جو پار، وليءَ جي ويري، کارو حبيب، ڪلٺهار مِٺو وغيره ائين کوهہ اڪيلو مکيہ ذريعو آهي جر جي پاڻيءَ کي ڪيڻ ۽ پاڻيءَ تائين پهچ تمام مشڪل ڪم آهي ۽ پاڻي ڪيڻ لاءِ هر هڪ گهر جو تمام گهڻو وقت ۽ وسيلا خرچ ٿين ٿا جنهن ڪري غربت جو بار اجان بہ وڌي وڃي ٿو چاڪاڻ تہ هڪ گهراڻي جي پاتين کي 4_6 ڪلاڪ تڙ تي گُذاراڻا پون ٿا تڏهن وڃي اُنهن جي پاڻيءَ جي ضرورت پوري ٿئي ٿي ۽ پاڻي ڪيڻ جي ان ڪم ۾ عورتن جو اهم ڪردار آهي جيڪو مِٿن اضافي بوجهہ آهي . کوهہ جي انجنيئرنگ شروعات ۽ ڏُکي هوندي هئي ۽ اُڇيڙ ٻانڊو ٻڌڻ ۾ وڏي مشڪل ٿيندي هئي ۽ ڪيترائي ٻانڌارا هُن دُنيا خيرباد چئي هليا ويندا هئا پر جڏهن راوتسر جي ميان عبدالحق چانڊئي "نو تيرهي" سر ايجاد ڪئي ۽ "اونڌو ٻانڌو" شروع ٿيو. هاڻي تہ سيمينٽ ڪنڪريٽ ۽ لوهي سيخن وسيلي گول چِلا (Firms) ناهي اُن مان کوهہ تيار ڪيا وڃن ٿا پر پوءِ بہ کوهن مان پاڻي ڪيڻ اج بہ ڏُکيو ۽ وڏو مسئلو ۽ مامرو آهي. ٽيوب ويل وسيلي پاڻيءَ ڪڍيو ويندو آهي جنهن جو پهريون تجربو ساز دار وارن ڪيو هو پر اُهي سمورا ٽيوب ويل بند پيا آهن تنهن کان بہ اڳي ايوب خان جي دور ۾ "پن چڪيون" wind nills لڳيون هيون پر فني خامين ، سار سنڀال نہ هئڻ ۽ هوائن جي رخ کي صحيح نہ سمجهڻ جي ڪري اُهي بہ گم ٿي ويون ۽ هِن وقت انهن جو ڪو نالو نشان ناهي، ضلعي حڪومت ڪجهہ ڳوٺن ۾ ٽيوب ويل لڳرايا يا چند ٽيوب ويل ڳنڍي پاڻي فراهمي جون اسڪيمون تعمير ڪرايون ۽ ڳوٺاڻن جي تنظيمن VOs حوالي ڪيون اُهي رڻائون اج بہ هلن پيون. هٿ پمپ بہ لڳايا ويا پر اهي اهڙن هنڌن تي لڳايا ويا جتي پاڻي زمين جي مٿاڇري کي ويجهو هو.

اُن ڪانسواءِ ماڻهن پاڻ هڪڙو تجربو ڪندي کوهن تي اڌ ٻُڏل پمپ submersible pumps لڳايا آهن جيڪي پڻ چڱي ريت راڄن جي ضرورت پوري ڪري رهيا آهن پر جر جو پاڻي جيئن تہ اڪثر کارو آهي تنهنڪري چيو ويندو آهي "هڙيا مار حجامن وارو" يعني حجامن جي ڳوٺ جو پاڻي پيئڻ سان هُڙيا پڪي مري پون ٿا. جر جي ان کاري پاڻي تي بہ ماڻهو گُذارو ڪن پيا. ٿر جي جر جي پاڻي ۾ ڪيمائي مادا جهڙوڪ فلورائيڊ ۽ ٻيا لوڻ وغيره ٿين ٿا تنهن ڪري اُن مان ڪافي بيماريون ٿين ٿيون. پر جيئن تہ پر ڪاواهہ ناهي تنهنڪري ويچارا مارو لوڪ انهي تہ گذارو ڪري رهيا آهن.

2. پلر پاڻي ....پلر پاڻي جو ٿر ۾ وڏو ڪم آهي ڇ جنهن سال ٻه 300 ملي ميٽر برسات پوي ٿي ته اٽڪل 10 ڪروڙ ملين ليٽر پاڻي وسي ٿو جيڪو نه رُڳو پيئڻ جي ڪم آٽي سگهجي ٿو پر چوپائي مال گهرو ڪم ڪار زراعتي مقصدي لاءِ ڪم آٽي سگهجي ٿو پر هن وقت پر پاڻي گڏ ڪرڻ جو مقدار هڪ اپياس مطابق ٪006. 0آهي جيڪو جيڪڏهن 0.25 سيڪڙو ڪيو وڃي ته سڄو سال پيئڻ جي پاڻيءَ جي ڪاتنگي نه رهندي برسات جي مُند ۾ هر ڳوٺ جي سيمن ڪان وٺي آبادين جي ميدانن تائين. پلر پاڻيءَ جا انچر تي وڃن ٿا پر اُهو پاڻي ضايع ٿئي ٿو. اُهو پاڻي ڪيترين ئي ندين جي صورت ۾ وهي اجايو وڃي ضايع ٿئي ٿو. صرف ڪارونجهر جبل مان 16 نديون وهن ٿيون جن مان ڪن جو پاڻي گڏ ڪري ڪارج هيٺ آندو وڃي ٿو پر پوءِ به تمام گهڻي مقدار ۾ پاڻي وهي ضايع ٿي رڻ ۾ وڃي پوي ٿو اهڙي طرح سيني ڳوٺن ۾ اهڙيون لاتعداد نديون آهن جيڪي برڪا تت ۾ ارڙاتا ڪري وهن ٿيون جنهن جي ڪري نه رُڳو پاڻي زيان ٿي وڃي ٿو پر زمين ۾ ڏرڙ ٿي پون ٿا ڇ زميني ڪاٽ جي ڪري زميني مٽاچرو خراب ٿي وڃي ٿو.

پلر پاڻي گهرن ۾ ننڍي پئماني تي گڏ ڪيو وڃي ٿو پر حڪومتي سطح تي اجا اُهو نظر انداز ڪيل شعبو آهي. ڳوٺ سطح تي پلر پاڻيءَ جا قدرتي هنڌ ترايون, تلاءُ, توبا, ڍها ڇ سَرَ آهن جن ۾ گڏ ٿيل پاڻي 4 ڪان 6 مهينن تائين رهي ٿو ڇ گهڻو ڪري چوپائي مال پيارڻ لاءِ ڪم اچي ٿو.

3. دريائي پاڻي...دريائي پاڻي ڪو ايترو گهڻو ناهي ڇو ته ٿرپارڪر پُڇڙيءَ ڪان ٻه پر انهون رهيو آهي ڇ منجهس ڪو واهه ياشاخ ناهي صرف ڪجهه هنڌن تان مِني پاڻي جي پائيپ لائين اچي ٿي جنهن مان پيئڻ جو پاڻي ڪجهه آباديءَ کي نصيب ٿئي ٿو اهڙي لائين نئون ڪوٽ ڪان مني ڇ پوءِ اسلامڪوٽ ڪان ٿيندي ننگرپارڪر وڃي ٿي پر ننگرپارڪر پهتي ناهي . ٻي لائين ڇيلهه بند ڪان ڇاڇرو وڃي ٿي ڇ ٽين لائين عمرڪوٽ ڪان ڪينسر اچي ٿي. ڏوڏارو ڪان ڏيپلو ويندڙ لائين بند پئي آهي ڇ خراب آهي. انهي پاڻي کي ماڻهو پاڻ لاءِ نعمت سمجهن ٿا ڇ صرف مِنو پاڻي انهي درياه پاڻي کي سمجهوي وڃي ٿو جن ڳوٺن ۾ گرميءَ جي مُند ۾ جر سُڪي وڃي ٿو اُتي جا ماڻهو شهرن مان پاڻي جا ٽئنڪر خريد ڪري وٺي وڃن ٿا ڇ ذخيرو ڪري رکن ٿا ڇ صرف پيئڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. درياهي پاڻي کي پهچائڻ لاءِ جيڪڏهن سنجيده ڪوششون ٿين ها ڇِ هيستائين جيڪا ٻه لاڳت سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن پاڻيءَ جي مد ۾ ڪئي آهي اُها دريائي پاڻي ٿر آڻڻ تي لڳائي وڃي ها ته هيستائين ٿر ۾ درياهي پاڻي شايد آساني سان مُيسر هجي ها.

پاڻيءَ کي مني ڪرڻ جون ڪوششون پڻ ڪيون ويون آهن هِن ڏس ۾ غير سرڪاري ادارن سڀن ڪان پهرين RO پلانٽ متعارف ڪرايا پر اُهي ٻه گهڻو وقت نه هليا وري سنڌ حڪومت ڪن وڏن شهرن ۾ وڏا وڏا RO پلانٽ لڳرايا پر اُنهن ٿرين جي اُڄ اُجهائڻ ۾ ڪو اهم ڪردار ادا نه ڪيو. هِن وقت سنڌ حڪومتي وري مختلف ڳوٺن ۾ ROپلانٽ لڳرائي رهي آهي اُهي شال جٽادار رهن ڇ راڄن جي ضرورتن کي پورو ڪن جيئن مسلسل هلندا رهن نه ته ڪٽي ڪروڙين روپين جي لاڳت

ٻُڌي وڃي ۽ ٿري ويچارا جتي بيٺا هُئا اُتي ئي رهجي وڃن وري سندن ڪلهي تي ورت ڪوس هجن ۽ اُهي گڏ هيون هجن اُهو ئي وارو اُها ئي ڪيلي يعني ساڳي سسئي ساڳيا سور، پيا پٽين پاڻ ۾.

محمد خان جوڻيجي جي دور ۾ به پاڻي مِٺي ڪرڻ جون به اهڙيون اسڪيمون "وجوتي" ۾ "مانبائي جي تڙ" ڳوٺن ۾لڳيو ن هيون پر اوهي به بند ٿي ويون ۽ اسڪيمن جا پيِنل اُن ديس روانا ٿي ويا جيڏانهن پن چڪين جا پرپرواز ڪري وڃي چڪا آهن.

اهڙي ريت ٿر ۾ اها ته پاڻيءَ جي عام رواجي حالتن جي صورتحال آهي باقي ڏُڪاري صورتحال ۾ ته جر جو پاڻي هيٺ هليو وڃي ٿو يا سُڪي وڃي ٿو. ڪافي ڳوٺن ۾ پاڻي جي اها کوٽ ان حد تائين وڌي وڃي ٿي جو اُتان جا ماڻهو پنهنجو مال ڪاهي ٻئي طرف لڏي وڃن ٿا. پيئڻ جو پاڻي به ڪو هين پنڌ ڪري آندو وڃي ٿو ۽ پاڻي جي ان سموري پوڙنا ۾ ٿر جي اٻلا عورت جيڪي ڪجهه ڀوڳي ٿي اُن جو اندازو هُن خود ڪي ئي آهي ٻيو ڪير صدين جي ان سور کي سمجهي نٿو سگهي. پاڻيءَ جي اُها ڏکيائي واري صورتحال ڏُڪار رساليءَ دوران وڌيڪ ڏُکي ٿر وڃي ۽ ماڻهن به بيماريون وغيره وڌي وڃن ٿيون. ٿر جي ماڻهن کي اڪثر پيٽ جون بيماريون، سنڌن جي سور جون تڪليفون، گُردن جون تڪليفون، ڏندن جو بيماريون پاڻي جي ڪري ٿين ٿيون. سندن پاڻي جي مسئلي کي ڪڍهن ايترو ڳوڙهائيءَ سان نه ڏٺو ويو آهي وقتي حل ڳوليا وڃن ٿا پر ڪو اهڙو جامع حل نه ڳوليو ويو آهي جو مٿي تي گهڙو کڻڻ لهي وڃي ۽ هو سُکي زندگي گُذري ٿر پاڻيءَ جي انهي ڳنڀير صورتحال جي حل لاءِ ڪجهه صلاحون عرض آهن

- ٿر ۾ جر جي سموري پاڻيءَ کي ليباريٽري ۾ چڪاسيو وڃي ۽ جيڪو پاڻي پيئڻ لائق ناهي اُن بابت ماڻهو کي آگاهه ڪيو وڃي.
- جر جي پاڻي کي ڪيڻ لاءِ نت نئين ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ لاءِ عوام جي مالي مدد ڪئي وڃي جيئن submersible پمپ جن کي عوام "سمر پمپ" سڏي ٿو نه ته سچي عمر کوهن جو پاڻي جيڪو ورت سان ڪيترين ئي غلاظتيون اندر وڃڻ جي ڪري گندو ٿي وڃي ٿو اُهو ماڻهن جي صحت کي متاثر ڪندو رهندو ۽ ماڻهن جي معيشيت تي به خراب اثر ڇڏيندو رهندو.
- ٿر ۾ پاڻيءَ جي موجود سيني وسيلن جر توڙي پلر پاڻيءَ جي مڪمل سروري ڪرائي اُن جو تفصيلي پروفائيل جوڙيو وڃي هر ڳوٺ جي حدن اندر وهندڙ برساتي ندين جي رُخ ۽ پاڻي جي مقدار جي دستاويزبندي ڪئي وڃي.
- پلر پاڻي گڏ ڪري ڪم آڻڻ لاءِ غير سرڪاري ادارن سان گڏوگڏ حڪومتي ادارا به دلچسپي وٺن ۽ پنهنجي ترقياتي اسڪيمن جي ڦانڊ (portfolio) ۾ پلر پاڻي گڏ ڪرڻ جو رٿائون شامل آهن.

- کوئلي جي تهن ۾ يا اُن کان هيٺ جيڪي پاڻي جا تهہ آهن تکن کي سُڪارج ڪندي ٻاهر ڪڍيو وڃي ۽ اُهو پاڻي زرعي مقصدن لاءِ بہ ڪم آڻي سگهجي ٿو.
- مختلف هنڌن تي چيڪ ڊئم ٺاهيا وڃن جيئن جر جو پاڻي ٻيهر تار ٿيندو (Recharge) رهي ۽ پارڪر ۾ اهڙا ڊئم ڪن هنڌن ٺهيل آهن پر پوءِ بہ پارڪر جو ڪافي پاڻي ضايع ٿئي ٿو پوري ٿر ۾ اهڙا چيڪ ڊئم ٺاهي برساتي پاڻي کي ڪتب آندو وڃي.
- جيڪڏهن ممڪن ٿئي تہ ٿنهي پائيپ لائينن جو دائرو وڌائيندي سڄي ٿر تائين درياهي پاڻي وني وڃڻ جو دائرو وڌايو وڃي باقي جتي پاڻي پهچي نٿو سگهي اُتي راڄن جي ماڻهن کي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ وسيلي باؤزرس ذريعي پاڻي پهچائڻ جو ميڪا نيزم جوڙيو وڃي.
- پاڻي جي ڪم ڪار جا جيڪي بہ نوان تجربا ٿين ٿا تن کي وسيلا وڃائيڻ کان اڳ اُنهن جو قابل عمل هجڻ جو اڀيا ڪرايو وڃي جيئن اسان مسلسل تجربن مان گُذرڻ جو بَڪُ نہ بڻجون.
- پاڻي اُن جي بناوت، غلامتن، ڪيمائي مادن يا لوڻياٺ جي نقصانن فائدن بابت عوامي سطح تي وسيع جاڳرتا ڦهلائڻ لاءِ جوڳا انتظام ڪيا وڃن.
- اهي چند گذارشون آهن جن وسيلي ٿر ۾ پاڻيءَ جي مئسلي آساني سان مُنهن ڏيئي، ٿري ماڻهو وڃي پيئڻ جي محفوظ پاڻي تائين پهچي کي يقيني بنائي سگهجي ٿو.

# ڏڪاريا ڏيهه مان موذي شال مرن

پٽائي جڏهن متين سٽ لکي هوندي تڏهن يقينن ڪيس ڏڪار جي نالي ۾ ٿيندڙ هڻ هٽان، وٺ وٺان ۽ ڦرلٽ ضرور ذهن تي تري آئي هوندي ته سڪ ساليءَ دوران ڪيئن مصيبتون منهن ڪڍن ٿيون جن ۾ قدرتي آفتون به هونديون آهن ته ماڻهوءَ پاران پيدا ڪيل مصيبتون به ڪر ڪڍي نروار ٿينديون آهن. سندس متيون بيت، سندس ان خيال جي منظر ڪشي ڪندي ، انسانن پاران پيدا ڪيل صورتحال تي رد عمل ظاهر ڪري ٿو.

ٿر جي موجوده ڏڪاري صورتحال جي پس منظر کي ڏسبو ته هِن وقت هلندڙ صورتحال اُن سلسلي جي ہی ڪڙي آهي. پهرين ڪڙي اڄ کان 6 مهينا کن اڳ ’بگهڙ ڙي بگهڙ‘ واري جعفر ٻڪرار واري رڙ جيان ٿر جي وارياسي ڌرتيءَ تان ڪرب ڀري ڪوڪ ٻڌجي تڏهن اُٿي هئي، جڏهن مختلف چئنلن جون ڇتري لڳل ٽئنڪ نما گاڏيون مٺي شهر جي چونڪ تي ائين اچي بيٺيون هيون، جيئن فلسطين جي ڌرتيءَ تي سدائين ٽئنڪون نظر اينديون آهن. اُها صورتحال جيئن خبرن جو موضوع بڻي ته هرهڪ ڏُر ٿر جهڙي ڏورانهين ڌرتيءَ تي ڪاهي اچي ڪڙڪي ۽ پنهنجا پنهنجا پروگرام ڪري، پنهنجي وجود جي ثابتي ڏيئي وري ماڳ موٽي ويئي ۽ ائين ڇهه ماهي اڳ وارو ڏڪر لت ڪوڙي سُمهي پيو. اُن وقت به ٻارن ۾ ٿيندڙ موت کي تمام گهڻو بحث هيٺ آندو ويو هو ۽ ميڊيا ۾ ڇپجندڙ ابهم ٻارن جي مرڻينگ تصويرن انساني ڍال (human shield) جو ڪم ڏيکاريو ۽ مقامي حڪمرانن کان وٺي دوست ملڪن جي نمائندن ۽ سفيرن طور ڪم ڪندڙ تمام گهڻين شخصيتن ٿر اچڻ جي تڪليف ورتي ۽ اُهي مارو ماڻهو ڪين ياد اچي ويا، جيڪي عام حالتن ۾ گهٽ ياد ايندا آهن. ٿر جي يادگيريءَ لاءِ ڏڪاري حالتن جو ٿيڻ يا ڪوئلي جي ذخيري متعلق ڪنهن نه ڪنهن موضوع جو اُٿڻ ضروري ٿي پيو آهي. عام رواجي حالتن ۾ ٿر کي جيڪو ڏيان گهربل آهي، اُهو به نٿو ملي تڏهن ته اهڙيون حالتون پيدا ٿين ٿيون. جنهن جي خبرن کي بنياد بڻائي صورتحال کي سلجهائڻ بدران ڏينهون ڏينهن منجهايو ۽ اينگهايو پيو وڃي. ٿري مسڪين مارو ماڻهو ملوڪن پاران ڪيڏجندڙ انهي شڪار ۾ موت جو شڪار ٿي رهيا آهن، يعني سندن سون سريکو ۽ پنڻ ۽ پاپ کان ڪوهين ڏور ڪلچر تاراج ٿي رهيو آهي. جنهن جي موت تي هرهڪ حساس ماڻهوءَ کي تڪليف به آهي ته حيرت به. ڇاڪاڻ ته ٿر ۾ غربت جي پراڻي تاريخ ۽ انهن قدرتي مصيبتن جي گهڻي وقت اچڻ جي باوجود ٿر پنهنجي ثقافتي حرمت کي بچايو آهي، يعني ٿر ۾ نه ته ڏوهه وڏي ويڄهي سگهيو آهي نه پنڻ وغيره. حيرت ان تي آهي ته هرهڪ ڌر ٿر جي درد کي محسوس نٿي ڪري ۽ رڳو رليف رليف ۽ رليف ڏيئي، ٿري ماڻهوءَ جي مزاج کي خودداريءَ مان نيڪالي ڏياري پستي ۽ ذلت جي نه ختم ٿيندڙ عِلت ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. هرهڪ ڌر مٺيءَ جهڙي نسبتاً خوشحال شهر ۾ پنهنجي موجودگي

ڏيڪاري, فوٽو ڪڍرائي هلي وڃي ٿي يا دسترخوان لڳائي ماڻهن کي مفت جي ماني ٿي هيرائي هلي وڃي ٿي ۽ ٿر لاءِ کي بہ جٽادار اُپاءَ نٽا ورتا وڃن. تڏهن ئي تہ ڏڪار جي روڊميپ جي ٻي ڪڙي شروع ٿي آهي ۽ نہ چاڻ ڪيتريون ڪڙيون اڃا هلن ۽ اُهي ڪيتريون ڪوڙيون ۽ ڪساريون هونديون تن جي هِن وقت ڪٿ نہ ٿي ڪري سگهجي. ٻي ڪڙيءَ دوران بہ جيڪو وڏو معاملو مسلسل ميڊيا جي زينت بنيل آهي, اُهو سول اسپتال مٺي يا ٻين اسپتالن ۾ مرندڙ ننڍي عمر جي ابهم ٻارن جو موت آهي. هڪ خبر مطابق گذريل 11 مهينن ۾ 275 ٻار فوت ٿيا آهن يا وري هڪ ٻيءَ خبر تہ گذريل 49 ڏينهن ۾ ٿيل 96 موتن ۾ 89 ٻار آهن. ٻارن جي موت جي خبر ائين هلي ٿي تہ هيترا ٻار ڏڪاري صورتحال يا غذائي قلت جي ڪري فوت ٿي ويا يا سُرخي هلي ٿي تہ اڄ فلاڻي ڳوٺ ۾ هڪ ٻارڙو فوت ٿيو ۽ اهڙيءَ ريت غذائي کوٽ ۾ مرندڙ ٻارن جو تعداد هيترو ٿي ويو آهي. خبرن جي پڙڪندڙ اها ٻاهہ ايترو تہ تيز ۽ شديد آهي, جو ڪا بہ تصديق يا تحقيق ڪرڻ کانسواءِ ئي اخبارن ۾ اهو اِشو مسلسل رپورٽ ٿي رهيو آهي تہ ٻئي طرف حڪومت سميت مختلف ادارا ۽ ڏريون رليف ورهائڻ يا رليف جون رٿائون ٺاهڻ ۾ مصروف آهن. ٿر ۾ اها صورتحال اصل صورت ۾ ڪيئن آهي يا اُن جي اصلي حقيقت ڇا آهي يا مسئلي جي شدت ڇا آهي ان بابت ڪا سنجيدگي نظر نٿي اچي. ميڊيا جي قوت اهو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي تہ سرڪاري مشينري متحرڪ ٿي وئي آهي.

هرهڪ نڪري پيو آهي ۽ اسپتالن جا يا ٻين امدادي ادارن جا دورا ڪيا پيا وڃن ۽ اهڙن دورن چڪاس ۽ نظرداريءَ جي عمل کي تيز تہ ڪيو آهي, پر اُن سان گڏوگڏ روزمره جو ڪم ڪار بہ متاثر ٿئي ٿو يا اُهو ڪم ڪار ڪندڙ جيئن اسپتالن جو عملو وغيره آهي اُهي ڏاڍي ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ اچي وڃن يا روينيو جا ڪامورا رليف جو ڪم ڇڏي VIP پروٽوڪول ۾ لڳي وڃن ٿا. هن قسم جي صورتحال کي انتهائي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ, سنڀالڻ ۽ حل ڪرڻ جي ضرورت آهي نہ تہ مسئلو وڌندو رهندو ۽ انهيءَ سيريل ڊرامي جون قسطن پٺيان قسطون ايندڙيون رهنديون. ڇاڪاڻ تہ هِن وقت اُهو عام روايتي ڏڪار ناهي جنهن لاءِ لفظ ڏڪار ٿر ۾ رائج ٿيو هو جيتوڻيڪ ٿر ۾ ڏڪارن جي تاريخ تمام گهڻي پراڻي رهي آهي. پر موجوده صورتحال گهڻ رُخي نظر اچي ٿي ۽ ڊِ هڪڙو ڏڪار نہ پر ڪيئي 'قحط ساليون' محسوس ٿو ٿئي, جيڪي خود هڪ پيچيده قحط سالي ۽ قحط الرجالي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. تنهنڪري اچو تہ ڪجهہ نظر ماضيءَ تي بہ وجهون تہ گذريل زمانن ۾ قحط ساليءَ ڪهڙا ڪيس ڪيا ۽ اُنهن کي حڪومتن ڪيئن منهن ڏنو ماڻهن ڪيئن منهن ڏنو يا ڀوڳيو. هِن وقت تہ حڪومتن سان گڏوگڏ غير حڪومتي ادارا بہ سرگرم عمل آهن ۽ ماڻهن جي ڄاڻ جي سطح ۾, مواصلاتي وسيلن وڌڻ جي ڪري واڌارو بہ آيو آهي. انهيءَ ڪلائيميٽ چينج هتي سڄي صورتحال کي بدلائي وڌو آهي, جتي دنيا ۾ Climate Change سڄي ماحول تي ڇاپ ڇڏي آهي, تتي ڪميونيڪيشن وري انساني راءِ جي ماحول بہ تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي.

ٿر ۾ جيڪي ٻه وڏا مشهور ڏڪار پيا، تن ۾ ڇپنو (1899ع) ۽ چنوو (1939ع) جا ڏڪار آهن، ۽ اُنهن کي ڇپنو ۽ چنوو انهيءَ ڪري چيو وڃي ٿو ته ان وقت ننڍي کنڊ ۾ سنبت جو سن رائج هو ۽ ڇپنو سنبت 1856 ڇپن ۾ ۽ چنوو 1896 سنبت چنوو ۾ ٿيو. انهن ڏڪارن کي ڪارا قحط چئي سگهجي ٿو ڇو ته انهن ۾ سيڪجهه سُڪي ٺوٺ ٿي ويو هو ايتريقدر جو وڻن جون ڪاٺيون به سُڪي ويون هيون ۽ انهيءَ کان اڳ به جيڪي وڏا ڏڪار رهيا آهن، تن ۾ 1556ع، 1574ع، 1632ع، 1770ع، 1815ع، 1869ع، 1876ع، 1958ع، 1987ع، 1999ع، 3_2002ع جا ڏڪار آهن. انهن ڏڪارن کي ماڻهو ويچارا ڏٽ ڏونئرا ڪائي سور جو ساٿو ڪندا هئا ۽ پنهنجي اجهن ۾ آباد رهندا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن لاءِ اهو غم گوندر به وڏي وٿ هو. بقول ڀٽائي:

ڪني ڪني ماڙهوئين، گوندر وڏي وٿ،
ٻڏي گوڏ گرٿ، ساٿو ڪجي سور جو.

حڪومتي سطح تي برطانيوي بينڪيت دوران اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ پهرين ڪميشن جنرل سر رچرڊ استراچي جي اڳواڻي هيٺ 1880ع ۾ ٿهي. (پروفيسر مراد علي راهمون جو مضمون) جنهن ۾ ماڻهن کي امداد ڏيڻ ۽ ماڻهن جي گذران لاءِ ڪي اهڙا ڪم ڪار شروع ڪرڻ جي سفارش ڪئي ويئي ته جيئن ماڻهو ڏڪاري صورتحال مان مٿي نڪرن ۽ پاڻيرا ٿي سگهن. ٻي ڪميشن 1898ع ۾ سر جيمس لائل جي سرواڻيءَ هيٺ مقرري ڪئي وئي ۽ ٽين ڪميشن 1900ع ۾ سر انٿوني مئڪڊونيل جي اڳواڻيءَ هيٺ قائم ڪئي ويئي، انهي ڪميشن ۾ به رليف جي ڪمن ڪانسواءِ مقامي وسيلن کي ڪتب آڻڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي ته زرعي بئنڪ قائم ڪرڻ جي سفارش ڪي ويئي آهي اُن سان گڏوگڏ زراعت جي سڌريل طريقن جي ڳالهه پڻ ڪئي ويئي آهي.

اهڙي طرح 1987ع واري ڏڪار جي اسيسمينٽ دوران جيڪا تحقيق محترم عارف حسن ۽ ٻين پاران ڪئي ويئي تنهنجي نتيجي ۾ ترديپ پروجيڪٽ شروع ٿيو جيڪو رليف پروجيڪٽ مان وڏي ويجهي رورل سپورٽ پروگرام تائين پهتو ٻيا به ڪيترائي ادارا قائم ٿيا يا موقعو ڏسي ٿر ۾ ڪم ڪرڻ آيا. ان ڪانپوءِ ڊزاسٽر جي انتظامڪاري لاءِ ادارا ٺاهيا ويا. جيڪي ملڪي سطح، صوبائي سح کان وٺي ضلعي سطح تائين موجود آهن. 2003ع ۾ مٺيءَ ۾ ميڊيا ۽ ضلعي حڪومت پاران سيمينار ڪيو ويو جنهن ۾ به تمام سٺيون سفارشون مرتب ڪيون ويون هيون ۽ اُنهن مان ڪن تي عمل ٿيو ڪي اڃا به عملي شڪل جي انتظار ۾ آهن.

گذريل قسط دوران ڏڪار بابت هڪڙي ڪاميٽي ٺاهي وئي، جنهن ۾ چونڊيل نمائندا، صحافي ۽ ٻين شعبن جا ماهر شامل آهن، جن ڏڪار جي مستقل حل لاءِ هڪ جامع پاليسي ۽ ٿر بابت ترقياتي اداري جي تجويز مرتب ڪئي، جيڪا اڃا دستور سازن جي آشيرواد جي منتظر آهي.

ڏڪار جي صورتحال انتهائي پيچيدي آهي. تنهن کي سمجهڻ لاءِ ڏڪار کي چئن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. (1) موسمياتي ڏڪار (2) زراعتي ڏڪار (3) آبي ڏڪار (4) سماجي اقتصادي ڏڪار.

انهيءَ چاڻ جي روشنيءَ ۾ ڏسون ته ٿر ۾ آخر ڪهڙو ڏڪار آهي؟ ۽ ان جي شدت ڪيتري آهي؟ جٽادار حل لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا وڃن؟ اسان کي نظر ايندو ته ٿر ۾ جيڪا صورتحال آهي، اُها پيچيدي ۽ سيني قسمن جي ڏڪارن جو گڏيل روپ آهي، يعني موسمياتي ڏڪار ته آهي، ته زراعت جي ڪس ڪسر پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. آبي ڏڪار ته ٿر جو پهرئين نمبر جو ڏڪار آهي. هن وقت به هر ماڻهو 'پاڻي پاڻي' ڪندو نظر اچي ٿو.

باقي سماجي اقتصادي ڏڪار جي شدت ۽ صورتحال جاچڻ لاءِ انتهائي ڳوڙهي تحقيق جي ضرورت آهي، ڇو ته ٿرپارڪر جو 10 طبعي پاڱن (ڳس، مُهراڻو ونگو سامروٽي، وٽ، ڪنڊو پارڪر، ڍاٽ ۽ ڪاڇڙ ۽ رڻ ۾ ورهايل هيءُ ڀهڳڻ خطو اٽڪل 2400 ڳوٺن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ اٽڪل 12 لک ماڻهو رهن ٿا. وسيلن سان مالامال هِن خطي ۾ باراني پوک ڪانپوءِ چوپايو مال گذران جو وڏو وسيلو آهي ۽ ٿر ۾ هڪ شخص وٽ اٽڪل 5 جانور آهن. 162 قسمن جا ٻوٽا ٻوٽيون گاهه ۽ وڻ اهه موجود آهن. 9000 چورس ڪلوميٽرن جي ڌرتي هيٺان 175 بلين ٽن ڪوئلو موجود آهي. ڪارونجهر جبل جو گرينائيٽ ۽ پارڪر جي چيني مٽيءَ جا قيمتي ذخيرا به وڏو اثاثو آهن. ته ڏيپلي ۽ پارڪر جون لوڻ جون ڍنڍون به نفعو ڏيندڙ قدرتي دولت آهن. ثقافتي ورثي ۾ ته هيءُ خطو دنيا جو شاهوڪار ترين علائو آهي، جنهن ۾ جين ڌرم وارن جا ڏهرا، ميرن جا اڏايل گڍ، جوڳيءَ جي مڙهي، ڪانڌل ڪوٽ جو ٽڪرانو ۽ مارئيءَ جو کوهه به ملڪان ملڪ مشهور آهن.

ايترو مالامال خطو ڪيئن ٿو اهڙي صورتحال جي ور چڙهي جو اُتان جا ٻڪايل مائرن جي پيٽ مان اهڙي صورت ۾ پيدا ٿين ٿا، جو ابهم وهيءَ ۾ جهان ڇڏي ٿا وڃن، ڪيترين ئي ڳورهارين عورتون ويم دوران موت جيو واڳونءَ جي ور چڙهي ٿيون وڃن. ڪاڙ واري پٽيءَ ۾ ڪئنسر جا وڏيڪ ڪيس ڇو ٿا دريافت ٿين؟ انيڪ انسان فلورائيڊ ۽ سنکيو ملايل پاڻيءَ واپرائڻ وسيلي هڏن جي سنڌن جي بيمارين يا گردن جي گرد آلودگيءَ جو شڪار ٿي ڊائليسس تي هليا وڃن ٿا، جتان پوءِ آهستي آهستي موت جو وڏو ۽ نه پرجندڙ وات کين ڳڙڪائي وٺي ٿو. بلا جي ڏنگجڻ جي علاج ڪانپوءِ واقعا گهٽيا آهن، پر اجا به اها مصيبت موجود آهي. ڪيترن ئي انسانن کي پيئڻ جو صاف ۽ مِٺو پاڻي مُيسر ناهي، مِٺو پاڻي ته درڪنار پر ڪڙو پاڻي به ڇڪ جي ڏينهن ۾ کُٽي وڃي ٿو پٽائي جنهن خطي کي پائر سڏيو آهي، تنهن ۾ پاڻي زمين جي سطح کي ويجهو آهي ته ڪاڙ ۾ کوهه اونها آهن. زراعت صرف باراني آهي ۽ ڪي وڻ ٽڻ ته خطري هيٺ آهن يا ناپيد ٿي چڪا آهن. ڪاڏي ۾ روايتي ڏٿ ڏونئرن جي ڏوئي جو واپر اڄ ختم ٿي چڪو آهي ۽ پاڻ ملايل پاڄيون مهانگي قيمتن تي خريدي ڪائڻ جي ريت رائج ٿي چڪي آهي. چانهه جو چسڪو به سرس ۽ سوايو آهي ته ڪٿي نري

جي لعنت بہ سماج ۾ زهر ڦهلايو آهي. مال ڍڙين جي ڪري مال جو وڪرو وغيره آسان ٿيو آهي تہ روڊن رستن ۾ گاڏين جي جڄهائي چورن لاءِ بہ سهولت پيدا ڪئي آهي. هر روز مختلف ڳوٺن مان چوري جون خبرون اچڻ ٿيون. هن خطي جي جٽادار حل لاءِ ضروري آهي تہ هتان جي وسيلن کي ٽرين جي پلائيءَ لاءِ ڪتب آڻيندي اهڙيون رٿائون جوڙيون وڃن جو وقت بہ وقت ٿيندڙ ڏڪار محسوس ٿي نہ ٿين يا وري ڏڪارن جي نالي ۾ سياست نہ ٿئي يا ڏڪارن جي مدد جو لبادو اوڍي ٿر جي پُر امن ماحول ۾ ڪي انتهاپسند ڌريون نہ ڪاهي پون پوءِ اُهي مذهبي انتهاپسند هجن يا مارڪيٽ جا انتهاپسند. جن لاءِ ئي شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

ڏڪاريا ڏيهہ مان موڏي شال مرن.

انهيءَ لاءِ ڪجهہ تجويزون عرض آهن:

- ٿر جي گهڻ رخي ۾ ڀڄڻ ڌرتي، ماحول، آبهوا، قدرتي وسيلن، ثقافتي ورثي تي جامع تحقيق ٿيڻ گهرجي.
- ميڊيا ٿر جي صورتحال کي نروار ڪرڻ ۾ اهم ڌُر رهيو آهي، ان کي بہ گهرجي تہ خبرون هلائڻ ۾ نشر ڪرڻ ۾ تحقيق جي پهلوءَ کي مدنظر رکي.
- ڪاڏي جي ڪوٽ، پاڻيءَ مان ٿيندڙ بيمارين بابت خاص اُپاءَ ورتا وڃن. ڪاڏي جي ڪوٽ جا ڏڪار ڪانسواءِ بہ سبب آهن. پاڻيءَ مان ٿيندڙ بيمارين جو بہ ان صورتحال ۾ وڌو هٿ آهي.
- ڪوئلي ڪيڻ جي هلندڙ ڪم دوران پاڻيءَ جي انتظامي ڪاريءَ جو ڪم عوام لاءِ بہ ڪيو وڃي، جنهن ۾ برساتي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ جا طور طريقا ۾ سهوليتون شامل هئڻ گهرجن.
- انهيءَ لاءِ ٿر ۾ موجود آبي وسيلن جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ هڪڙو جامع آبي خاڪو (comprehensive water profile) جوڙيو وڃي.
- صحت جي ڏس ۾ خصوصاً عورتن ۾ ٻارن تي ڌيان ڏنو وڃي، ڳورهارين عورتن لاءِ غذائي پلان ۾ اُن جي چڪاس جو بندوبست ڪيو وڃي ۾ ڳوٺائين عورتن کي توڙي مردن کي صحت جي بنيادي اصولن ۾ بچاءَ جي اُپائن جي تعليم ڏئي جاڳرتا پکيڙي وڃي.
- ڪاڏي جي ڪوٽ ختم ڪرڻ لاءِ فوڊ بئنڪ هجي، جيڪا ڪوٽ وقت ڳوٺاڻن کي ڪاڌو مهيا ڪري.
- چوپائي مال جي واڌاري لاءِ، چوپائي مال جي صحت بابت جاڳرتا ۾ واڌويجهہ لاءِ جوڳا انتظام ڪرڻ سان گڏوگڏ سيمن جي تقدس کي بہ بحال ڪيو وڃي. پٽل سرڪاري زمين، آسائشن ۾ گئوچرن ۾ اجهورن تي قبضي کي سنگين ڏوهہ قرار ڏيندي جوڳيون سزائون ڏنيون وڃن ۾ قبضا خالي ڪرايا وڃن.
- فيصلي سازيءَ ۾ عوامي نمائندا شامل هوندا آهن، تن کي متحرڪ ڪيو وڃي ۾ ڳوٺاڻن جي راءِ کي فيصلي سازيءَ جي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي.

- غير سرڪاري ادارن جي ڪردار کي وڏيڪ منظم ۽ مربوط ڪيو وڃي، جيئن اهڙو ڪم ماڻهن لاءِ ڪارائتو ٿئي ته اثرائتو پڻ.
- ٿر فطرتي پارڪ آهي، اُن ۾ شڪار وغيره جي هر قسم جي سرگرميءَ تي پابندي هڻندي مرندڙ ۽ ناياب ٿيندڙ جهنگلي جيوت کي بچايو وڃي.
- سموري عمل کي موثر ۽ شراڪتي بڻائڻ لاءِ ڳوٺاڻن جون ڪاميٽيون ناهي سندن شموليت کي يقيني بڻايو وڃي.
- مال لاءِ چاري جي موجودگيءَ سان گڏوگڏ ماڻهن کي گذران جا وسيلا به مهيا ڪري ڏنا وڃن، جيئن انهن جي قوت خريد به مضبوط ۽ مناسب ٿئي.

تجويزن جو اهو سلسلو اڃا به اڳتي هلي ٿو پر طوالت کان بچندي گذارش ٿي ڪجي ته ٿر جي ذڪار کي سنجيدگيءَ سان سنڀاليو وڃي نه اُن ۾ ڪا سنسني خيزي پيدا ڪئي وڃي، نه گليمرائيز ڪيو وڃي، نه وري سرڪار بنا تياريءَ ۽ تحقيق جي ترقيءَ جا واهڙ وهائڻ شروع ڪري، جو ته ائين ڪرڻ سان ٿر جي ترقيءَ بجاءِ ڪن ٻين جي ترقي ٿيندي ۽ ٿري ويچارا به الائي ڪهڙا ڏينهن ڏسندا.

جُه سي لوڙائو ٿيا، جني پر رهن،
مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو.
(شاهه)

# ٿرپارڪر ۾ اوچتي پيدا ٿيل صورتحال ، سبب ۽ حل

ٿرپارڪر جنهن جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت، سونهن ، سوڀيا، سخاوت، سجاڳي، سوروير تا سيني کان نرالي آهي. هن خطي ۾ موجود واريءَ جون ڀٽون، پارڪر جو سنواتو مٿيهاڻو ميداني پٽ، ڪارونجهر جو جڳاندر جهونو جبل، رڻ ڪڇ جي لوڻاٽي ڏُہڻ، رڻ سان لڳندڙ حياتياتي جيوتي گهاٽا گهٽيءَ واري وٽ جي پٽي، ٻئراجي پٽ سان لڳندڙ ڪس جي ڪور، ڪنني ۽ وٽ جي وچ ۾ سامروٽي جو پرڳڻو ڪاڻڙ جو اونهي پاٽيءَ وارو علائقو ڪاڻڙ . پارڪر ۽ ڪنني جي وچ ۾ ڍاٽ جو ڍول پاڳو سامروٽي ، پارڪر، مهراڻي ۽ ڍٽ جي وچ ۾ ڪنني جو پرڳڻويا مرڪزي ٿر، ٻئراجي خطي جي منهن ۾ ايندڙ مهراڻي جو ملهائتو ملڪ اهڙا حصا آهن جيڪي گڏجي ٿرپارڪر جي هستيءَ کي وجود بخشين ٿا.
ٿرپارڪر جي آبهوا سياري ۾ سرد، اونهاري ۾ گرم، وسڪاري ۾ خوشگوار ۽ بهار ۾ خوشبودار ٿئي ٿي. گرميءَ جي مند ۾ ڏينهن پلي ڪيڏو بہ گرم ٿئي پر رات پرڀڻءَ جي نهٺن نيٽن وانگر ٺريل رڻ جهڙي ٿئي ٿي. ٿرپارڪر جي ماڻهن جي مزاج ۾ ساڻيهہ جي سڪ، انسانن سان الفت، امانتداري، حيا حلم، جهڙا املهہ گڻ اتم حد تائين موجود آهن.
ٿرپارڪرتي ڪيترائي حاڪم آيا جن ۾ ڪي ڏيهي هئا تہ ڪي پرڏيهي پڻ، جن کي چند ڏينهن اقتدار نصيب ٿيو پر پوءِ سندن حالت اهڙي ٿي جو اڄ سندن ڏس پتو بہ نٿو ملي.
هتان جو انتظام بہ مختلف هنڌن...... ڀڄ،حيدرآباد، عمرڪوٽ، ميرپورخاص ........مان گهمندو ڦرندو 1990ع ۾ اچي هڪڙي نامياري عورت مٺان المعروف مٺي پاران ٻڌايل سندس نالي سان مشهور ٿيل شهر مٺي اچي پهتو. هن ضلعي ۾ انتظامي طور پهرين 4 تعلقا ... مٺي، ڏيپلو،چاڇرو ۽ ننگرپارڪر هئا، جن ۾ وري مٺي تعلقي مان ڪجهہ ٽپن تي مشتمل اسلام ڪوٽ تعلقو ۽ ڇاڇري تعلقي جي ڪجهہ ٽپن تي مشتمل ڏاهلي تعلقو نروار ڪيا ويا. سيني تعلقن جا هيڊڪوارٽر ساڳي نالي واري شهر ۾آهن جڏهن تہ رڳو ڏاهلي جو هيڊڪوارٽر ڪيمي جي پار ڳوٺ ۾ آهي. هن باراني خطي جو ڪجهہ ديهون نهري پيچ تي پڻ آهن.
گرم آبهوا واري هن علائقي جي ماڻهن جو گهڻو تڻو گذران يا ٿڻ تي آهي يا وري ڪڻ تي، يعني باراني زراعت ۽ ڏڻ ڏارڻ تي آهي. برسات پوڻ کانپوءِ ٿرپارڪر جي ڌرتي گل وگلزار بنجي پوندي آهي، سمورا پٽ سائي گاه جي ڪيمخواب جي چادر اوڍيل ڪنوار جيان نظر ايندا آهن. انهن نظارن کي ڏسندڙ اکيون عمر ڀر اهڙن من موهيندڙ منظرن کي وساري نہ سگهنديون آهن. هتي ايرندڙ وڻن ۾ ڪنڊي، ڄار، روهيڙو، ڪرڙ، اڪ، ٻوهہ، ڪپ، ٿوهر، ڦوڳ،ڪانڪهہ، گانگهيٽي، گگرال، ڪونيٽ، ٽانڪارو، موراڙي ۽ ٻيا وڻ ٽين ٿا جيڪي مال جي چاري توڙي انسانن لاءِ غذائيت جو بہ ڪم ڏين ٿا. ولين ۾ ڇيڙاول، گدراول، ٽوها ول، ڇانهان ول، ڀڳڙاول، گهوڙاول، ۽ گاهن ۾ انيڪ قسمن جا گاه ۽ ٻوٽا

ٿين ٿا. اهي ڳاهه ٻوٽا ٽوڙي وڻ ٽڻ موسمي ۽ آبهوائي سٽن کي سهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جيتوڻيڪ کي ٻوٽا گهٽجندا وڃن ٿا جهڙوڪ ڦوڳ، ٿوهر ۽ ڪانڪهه وغيره. ڪي نوان وڻ پڻ ٿوري عرصي ۾ ٿر جي ريتيلي ڌرتي کي ڍارين وانگر ڀيلي رهيا آهن، اهڙن وٽن ۾ ديوي نمايان آهي.

جانورن ۾ چوپائي مال ڪانسواءِ ، بارگير جانور ۽ جهنگلي جانور به آهن . جهنگلي جانورن جو تعداد ڏينهون گهٽ ٿيندو وڃي ۽ اهي اڻلڀ ٿيندا وڃن، جيئن هرڻ، روجهه، سهو وغيره. جنهنجو مکيه سبب ٻاهر جي ماڻهن پاران اچي شڪار ڪرڻ آهي. اڻلڀ جيوت ۾ جهنگلي گڏهه پڻ آهي، جيڪو ننگرپارڪر جي رڻ ڪڇ واري پٽيءَ ۾ لڀي ٿو.پکين ۾ مور، تتر، ڪانءُ، ڳيرو، ڪبوتر، ڳڳهه، پيرب، ۽ پرديسي پکي تلور اچي وڃن ٿا.

موسمي ڦيرگهير جي نعري نروار ٿيڻ کان اڳ به ٿرپارڪر ۾ آبهوائي ۽ ماحولياتي تبديليون اينديون رهيون آهن. اهڙين تبديلين ۾ ڏڪار، سڪ سالي يا ڪارو قحط قابل ذڪر آهن. ڪڏهن ڪڏهن ماڪڙجا ميڙاڪا به هن علائقي کي ڀيليندا رهيا آهن. وسڪاري جي مند جي پڇاڙيءَ وقت جڏهن ڳاهه سڪل هوندو آهي تڏهن انساني غفلت ۽ لاپرواهيءَ جي ڪري ڏنءُ لڳڻ جا ڇڙوڇڙ واقعا ٿيندا آهن، پر باهه لڳڻ جا اهڙا واقعا تمام گهٽ واقع ٿيندا آهن. باهه لڳڻ جا مهينا مئي ۽ جون جي مهينن ۾ ٿيندا آهن ، جڏهن تيز هوائون لڳنديون آهن. ان لاءِ ماڻهو چوندا آهن ته انهي وقت دوران ٽانڊو اڏامي ٿو. انهي قسم جا باهه جا واقعا به ماڻهن جي لاپرواهي ۽ غلطي جو نتيجو هوندا آهن. ٻوڏ جا وقعا بنهه نه هئڻ جي برابر ٿين ٿا. ڏڪار اهڙو مظهر آهي جيڪو وقفي وقفي سان واقع ٿئي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ بک، بدحالي، بيماريون پيدا ٿين ٿيون. تازو غذائي قلت سببان ٻارن جي موت جي صورت ۾ پيدا ٿيل هنگامي حالت تي بحث ڪرڻ کان اڳ اچو ته هن علائقي ۾ سڪ ساليءَ جي تاريخ تي هڪ نظر وجهون.

ٿرپارڪر ۾ جيڪي مشهور ڪارا ڏڪار آيا آهن تن ۾ ڇپني جو ڏڪار، چنو ڏڪارانتهائي ڀُرو ۽ ڀيانڪ اثر رکندڙ قحط ٿي گذريا آهن جن ۾ نه انسانن لاءِ اناج هو نه ماڻهن لاءِ چارو جيتوڻيڪ ماڻهن وٽ پئسو وغيره موجود هو پر اناج ۽ چارو اڻلڀ هئا. ايئن هر ڏهاڪي ۾ 3 يا 4 سال ڏڪاريل رهندا آيا آهن. 1987، 1988 دوران پيدا ٿيل ڏڪاري صورتحال مختلف ڌرين جو ڌيان ڇڪايوءِ غير سرڪاري ادارن جي شروعات ٿي، ٿرپارڪر رورل ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ جهڙو منصوبو عمل ۾ آندو ويو جيڪو اڳتي هلي ٿرديپ جي نالي سان نروار ٿيو. ان کان اڳ ٻانهن ٻيلي جي نالي سان هڪ تنظيم ٿر پارڪر ۾ ڪم ڪري رهي هئي . هڪڙو عام ڏڪار ٿئي ٿو ته ٻيو ڪارو ڏڪار. ڪاري ڏڪار ۾ راڻين جا ڪنگڻ ڍرا ٿي پوندا آهن يعني ڪاڏي جي ڪوٽ ايتري شديد ٿي پوندي آهي. قحط ساليءَ جي اهڙي ڪننتا کي فارسي شاعر شيخ سعدي هن ريت بيان ڪيو آهي:

**چنان قحط سالي، شد اندر دمشق**

**ڪه ياران فراموش ڪردند عشق،**

يعني هن سال دمشق جي شهر ۾ اهڙي ڪاري قحط ڪر ڪنيو جو يارن عشق ڪرڻ ڇڏي ڏنو. عشق ٻه ڊئو سان آهي، بک ٻيڇڙو ٿول آهي دانا ديونا ڪريو ڇڏي. ساه کي سدائي ٻچيي جي ٻگولا رهي آهي ، بکئي پيٽ حسن جي حس ٻه گهٽ ڪم ڪندي آهي . جيئن شيخ اياز فرمايو آهي:

**سدا آهي ساه کي، ٻچيي جي ٻگولا،**

**ڊئو بنا ڊولا، ڪانهي ساڃهه سونهن جي.**

سوڪهڙي جي بک ۽ بد حالي ماڻهوءَ کان الائي ڇا ڇا کسي ٿي ڇڏي. ماڻهو پنهنجو الهه تلهه وڪڻي پنهنجي ۽ پنهنجي مال جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪري ٿو. جڏهن قصو اجا اڳتي ٽپي ٿو ته هو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي ، پر ڌرتي تي وڃي پکا اڏي ٿو. ٿر ۾ پوندڙ ڏڪار ۾ پڻ اهڙي لڏپلاڻ واري صورتحال پيدا ٿئي ٿي.

موجوده هنگامي حالت جو مکيه روپ ٻارن جو موت آهي. يقينن ابهم ٻارن جو ايئن مرڻ هڪ وڏو سانحو آهي، جنهن جي جيتري ننڊا ڪجي گهٽ آهي. انهي واقعي جو مکيه سبب کاڌي جي کوٽ بيان ڪيو پيو وڃي، جيڪو ڪنهن حد تائين درست آهي پر ٻيو اهم سبب سٺي حڪومتداريءَ جو فقدان آهي.اها سموري ڳوٽ اجا تائين اونهو اسرار آهي. سرمائيواد جي بازار جيڪا بنگلي سان اچي لڳي آهي تنهن دنيا جي هر شئي کي ٻوليءَ تي چاڙهي ڇڏيو آهي. وڪروءِ وکرو لڳو پيو آهي. دنيا نفعي پويان ڇتي تي ڪاهي پيئي آهي. ڪارپوريشنس جي ڪاري حڪمرانيءَ هيٺ هلندڙ دنيا جو مارڪيٽي چرخوابتو گهمي يا سبتو ٻاٻاڻي گهرٽ وانگر ٻنهي پڙن مان اٿو تي ڏئي. نفعي جو ڪٽيو ڪائيندڙن وري ٻيا ادارا ٺاهيا جيڪي پاڻ کي غير منافعي بخش لڪرائي جيڪو نفعو ڪمائين پيون يا دنيا جي هلچل ۾ پنهنجو ڪردار نباهي رهيون آهن تنهن تي هاڻي سڄي دنيا ۾ آڱريون ڪڄڻ لڳيون آهن. آبهوائي ڦير گهير يا ڪلائيميٽ چينج جي بينر هيٺ ٻه دنيا ۾ ڪافي ڌنڌو شروع ٿيو آهي. کاڌي جي کوٽ بابت کاڌي بابت عالمي ادارو ٻه پنهنجي رپورٽن ۾ معلومات ڏيندو رهندو آهي..ٿر ۾ کاڌي جي کوٽ پيداٿيڻ ڪو انوکو واقعو ناهي. هن وقت ته ڪافي روڊ رستا آهن، مواصلاتي نظام ٻه موجود آهي، مال لاءِ چارو ٻه ميسر آهي نه ته اڳي جڏهن قحط ۾ ڪڻ داڻي جي قلت هوندي هئي ته ماڻهو ڏٿ کائي گذارو ڪندا هئا، تنهنڪري کين ڏوٿي سڏيو ويندو هو. ڏٿ وڻن ٽڻن ۾ ٽيندڙ اهڙا ميوا يا پاڙون وغيره هوندو هو جيڪو اڪيلي رڇ طور واپرايو ويندو هو. اهو ڏٿ غذائي ضرورت کي پورو ڪندو هو ۽ ماڻهو ڏڪئي وقت کي ڏٿ جي زور تي ڪاٽي ايندا هئا. ڏٿ ۾ جيڪي وٿون شامل هيون تن ۾ پيرون، ڏونرا، پڪا، پپون، پرٽ، مرٽ، مريڙو ٻگرو سڱريون، ڪونيٽ جا پڙلا، ڦوگيسي، پُسي، ڪونٻير وغيره قابل ذڪر آهن. کاڌي جي کوٽ بابت جيڪي رٽائون هلن ٿيون تن ۾ عالمي ادارن پاران شروع ڪيل "راڄن جي سرواٽي هيٺ هلندڙ شديد غذائي کوٽ بابت رٽا" مشهور آهي، جنهن تحت هڪڙ و سائنسي پروٽوڪول ڪتب آڻيندي، بک سٺيل ٻارن جي درجي بندي ڪندي سندن پرگهور لڏي ويندي آهي. اهڙي غذائي قلت سڄي دنيا ۾ پکڙجندڙ آهي. سنڌ جون

سموريون ٻهراڙيون توڙي شهرن جي اوسن پاسن ڪان آباد پيڙهيل طبقا انهي غذائي ڪوت جو شڪارآهن. صحت جي سهوليتن جو نہ هجڻ ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جهڙي نعمت ڪان محرومي انهي مامري کي اجا بہ وڌائي ٿي.

ٿرپارڪر جي موجوده صورتحال بہ ان قسم جي غذائي ڪوت جو نتيجو ۽ انتظامي نا اهلي جو چٽو مثال آهي جنهن کي ميڊيا نہ ڄاڻ ڪهڙي ايجنڊا تحت ايترو مٿي کنيو آهي جو هڪ اخبار سرخي لڳائي تہ ٿر ۾ ماڻهو ڇوڏا ۽ مرچ کائڻ تي مجبور. ان ڪانسواءِ چينلن جون ڊش لڳل گاڏيون مکيہ هندن تي ايئن منيءَ ۾ بيٺل نظر ٿيون اچن جيئن جنگ جي ميدان ۾ ٽئنڪون بيٺل هونديون آهن. ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٿينديڳالهہ اتي وڃي پهتي آهي جو هاڻي تہ صورتحال جو تير ڪمان مان نڪري چڪو آهي، جن تير هنيو نہ تن جي وس ۾ رهيو نہ انهن جي اختيار ۾ جن کي لڳو. سيد ۽ پير هڪٻئي تي الزامن هڻڻ ۾ پورا آهن. هي وقت الزام بازيءَ بدران بالغ نظر سرواڻي جو مظاهرو ڪندي، مسئلي کي حل ڪرڻ ۽ ان لاءِ ڪي جٽادار اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي، جيئن ايندڙ وقت ۾ اهڙي حالت پيدا ٿيڻ يا ڪرڻ جو ڪنهن کي موقعو نہ ملي.

1. ٿرپارڪرضلعي لاءِ هڪڙو جامع ڪنٽينجنٽ پلان هجي جنهن ۾ سمورن پهلوئن کي نظر ۾ رکندي رٿابندي ڪئي وڃي جيڪو پلان اڳي جڙيل آهي ان ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪندي ، علائقي جي ضرورتن مطابق بنايو وڃي. ٿرپارڪر جي حيادار ثقافت جو ان ۾ خاص خيال رکيو وڃي، خاص طور رليف جي ڪم ۾ اهڙو طريقہ ڪار اختيار ڪيو وڃي جنهن سان ماڻهن جي عزت نفس محفوظ رهي.
2. سهائتا جو ڪم ٻن حصن ۾ ورهائيندي، ڇوٽي ۽ ڊگهي مدت جي رٿابندي ڪئي وڃي. انهي رٿابندي ۾ مقامي وسيلن توڙي مهارت کي پڻ ڪتب آندو وڃي
3. ايماندار، ديانتدار ۽ غير جانبدار ماڻهن تي مشتمل واهرڪاري ۽ بحالي جون ڪاميٽيون ٺاهيون وڃن. انهن ڪاميٽين جي تربيت ڪئي وڃي. انهن ڪاميٽين ۾ عورتن جي نمائندگي کي يقيني بنايو وڃي.
4. روڪ امداد ڪان پاسو ڪندي، سمورين رقمن کي ترقياتي رٿائن ۾ تبديل ڪيو وڃي. اهڙين رٿائن ۾ مکيہ منصوبا پيئڻ جي پاڻي، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، تعليم، چوپائي مال جي سار سنڀال ۽ واڌ ويجهہ جا منصوبا هئڻ گهرجن.
5. واهرڪاري ۽ بحالي جي ڪم ۾ صرف ايماندار ۽ ساک وارن عملدارن کي لڳايو وڃي. انهي ڪم ۾ رُڌل ڪامورن کي پروٽوڪول جي ڪم ڪان آجو ڪيو وڃي
6. سيني اسپتالن ۾ غذائي ڪوت جي نگهباني جا خاص وارڊ قائم ڪيا وڃن
7. اسڪولن ، ڪاليجن ۽ مدرسن ۾ پڙهندڙ ٻارن جي صحت جي نگهداشت جو خاص خيال رکندي، وقت بہ وقت انهن جو ماهر ڊاڪٽرن ڪان معائنو ڪرايو وڃي

8. ٻورهارين عورتن جي صحت ۽ غذائيت جي باقائد گيءَ سان نگهباني ڪئي وڃي. جم ۽ ان ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن تائين ، ماءُ ۽ ٻار جي سائنسي اصولن پٽاندر سار سنڀال ڪئي وڃي.
9. قابل ٻوناٽين عورتن جي دائي طور تربيت ڪرائي وڃي. جيڪي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون هتان جي ڊوميسائيل جي ڪوٽا تي چونڊيا ويا آهن تن کي واري واري سان هتي مقرر ڪيو وڃي ۽ ڊاڪٽرن کي گهرجي تہ اهي انهي خدمت کي فرض سمجهندي، ڌرتيءَ جو قرض لاهڻ لاءِ رضاڪاراڻي جذبي سان اڳتي اچن.
10. راڄن جي ماڻهن کي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سکيا ڏني وڃي ۽ انهن جي تنظيم ڪاري ڪرڻ لاءِ سهوليتڪاري ڏني وڃي. اهڙي تنظيم سازي ڪانپوءِ انهن تنظيمن کي مستقل بنيادن تي هلايو وڃي
11. غير سرڪاري تنظيمن کي بہ اسپيشلائيزيشن جي لاڙي کي لبيڪ چوندي ڪو هڪ يا بہ ڪم پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ گهرجن ۽ سيئي اين جي اوز گڏجي هڪ گڏيل پليٽفارم وسيلي ماڻهن جي مدد ڪن ۽ هڪٻئي جي سهائتاڪار طور ڪم ڪن نہ ئي هڪٻئي جي رقيب طور يا ڇتاپيتي ڪندڙ طور.
12. پيئڻ جي صاف پاڻي جو فوري انتظام ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ڪافي بيماريون آهن جن جو سبب رڳو صاف ۽ مٺي پاڻيءَ جو نہ هجڻ آهي. انهي ڪم لاءِ رورس آسموسس پلانٽ، برساتي پاڻي کي گڏ ڪرڻ ۽ واهن جي پاڻي کي پائيپ لائين وسيلي پهچائي ، مسئلو حل ڪري سگهجي ٿو. راڄن جا ماڻهو بہ ان ۾ پائيواري وارو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.
13. چوپائي مال ۾ بيمارين جا انيڪ سبب آهن جن ۾ غذائي قلت، موسمي وائرس، ٻاهران آيل مال مان لڳندڙ بيماريون اهم آهن. ڪراچي يا ٻين مال پڙين تان جيڪو مال موٽي ٿو اهو جيڪڏهن متاثر هجي ٿو تہ باقي سڄي ڳوٺ جي مال تي بہ ان جو اثر ٿئي ٿو.
14. متاثر چوپائي مال کي ٽڪا لڳا يا وڃن، ٿر ۾ جيڪي مال جا ڊاڪٽر بيروزگار آهن انهن کي روزگار ڏيندي ٿر جي وڏن ڳوٺن ۾ اسپتالون کوليون وڃن. ان سان گڏوگڏ راڄن جي اهڙن ڏاهن جي بہ سائنسي بنيادن تي تربيت ڪرائي وڃي جيڪي مال جي بيمارين جو علاج ڪري رهيا آهن. انهن جي تجربي ۽ لوڪ ڏاهپ مان تمام گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.
15. هٿ جي هنرن کي صنعت طور هتي ڏياري وڃي جيئن معاشي پاڙيرائيءَ ڏانهن وک وڌي سگهي
16. ٿرپارڪر ۾ ماحولياتي سير تفريح ( Ecoturism)کي متعارف ڪيو وڃي.

17. ٿرپارڪر جي پڙهيل ۽ هنرمند نوجوانن کي سکيا ۽ روزگار ڏياريو وڃي. يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ ٿرپارڪر جي غريب شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وڃي نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ڪين فِي کان آجو قرار ڏنو وڃي

18. سيني ادارن ۾ ٿرپارڪر جي شاگردن جي داخلا توڙي روزگار ۾ شرطن جي نرمي ڪئي وڃي، خصوصن ميڊيڪل ڪاليجن ۾ نياڻين جي داخلا ۾ ان نقطي جو خاص خيال رکيو وڃي.

19. غربت کي غريب لاءِ مستقل نہ ڄاتو وڃي ، غريب شاهوڪار ۽ شاهوڪار غريب ٿيندا رهن ٿا ، اهو زماني جو دستور آهي. ماڻهن ۾ ان قسم جي جاڳرتا پکيڙي وڃي جيئن اهي پنهنجي عزت نفس کي قائم رکندي پنهنجي اهليت کي آزمائين ، موقعا حاصل ڪري پنهنجو مستقبل روشن ڪن.

20. چوپائي مال جي تحقيق لاءِ ادارا قائم ڪيا وڃن جيڪي ٿر جي حالتن سان مطابقت رکندڙ جنسن کي نروار ڪن. هترادو ٻج رکائڻ واري طريقي سان اهڙو ڪم آساني سان قابل عمل آهي.

21. ٿرپارڪر جي جامع ترقيءَ لاءِ مستقل بنيادن تي هڪ ادارو قائم ڪيو وڃي، جنهنکي ترقيءَ جي عمل سان گڏوگڏ تحقيق جو ڪم بہ سونپيو وڃي. گهڻ رخي تحقيق وسيلي هتان جي قدرتي وسيلن، ماحوليات، ثقافتي ورثي، لوڪ ڏاهپ وغيره کي نروار ڪندي ، علائقي جي جوهر کي علائقي جي ڀلي لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

انهن سيني ڪمن ڪارن ۾ ٿرجي رهاڪن ۽ گهٽگهرن کي اڳتي وڌي قدم ۾ قدم ملائي ڪم ڪرڻو پوندو تڏهن وڃي ترقيءَ جو خواب تعبير ٿيندو ۽ ٿر هڙن هاڃن ۽ ڦيڪارين کان محفوظ رهندو.

# ٿر جا ڏک ڏولاوا ۽ انهن جا حل

ٿر جيڪو ٿرپارڪر۽ عمرڪوٽ ضلعن جي انتظامي حد ۾ هڪ اهڙي ايراضيءَ تي مشتمل آهي جنهنجي اهميت تمام گهڻي آهي ڇاڪاڻ جو اها پٽيءَ نہ رڳومعدنيات سان مالامال آهي نہ رڳو ڏڪارن جو ڏيهہ آهي نہ رڳو جهنگلي جيوت جي فطرتي آماجگاه آهي پر هندستان جي سرحد سان لڳندڙپڻ آهي. ان کان سواءِ هن حصي ۾ ماضيءَ جي سُکيائيءَ مان ورثي ۾ مليل ذهني خوشحالي جو اُتم مثال آهي جنهن کي غربت جي غوراب گهلي نہ ڏوهہ جي تيزگام جو مسافر بڻايو آهي نہ ئي پنڻ جي پنج ڪٽيءَ تي هيرايو آهي. اهو خير جو ڪم ڏيساوري مدد سان هلندڙ غير سرڪاري ادارن ضرور ڪيو آهي جو انهن يا پنڻ جي ڪرت سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي يا وري قرض جي مرض ۾ مبتلاڪرڻ جا سمورابندوبست ڪيا آهن. اهي ادارا ڇو نہ ڪندا اهڙا ڪم ، جو اهي ڪم سندن داتا ڏُرين کين سونپيا آهن. ۽ داتا ڏريون وريون ڪارپوريٽ شعبي جو ٻڌيون ٻانهيون آهن. پنڻ تہ هونئن ئي انهن ادارن جي ثقافت ۾ آهي. ٿرجو اڳتي ملندڙ ڊرهن وارو اڇڙو ٽروري سانگهڙ ضلعي جو حصوآهي. خيرپور ضلعي جو ڪجهہ حصو بہ اهڙي باراني ٿر تي ٻڌل آهي جنهن جي ڪجهہ حصي کي اُپرنديون نارو آباد ڪري ٿو.

ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ واري ٿر کي موضوع بڻائيندي، اچو تہ ڏسون تہ هن علائقي سان صدين کان ڪهڙي ويڌن آهي. لکين ماڻهو مصيبتن مشڪلاتن مان ڪيئن گذرن ٿا؟اهي انهن مشڪلاتن کي ڪيئن منهن ڏين ٿا؟ هر دور جي حاڪمن ۽ حڪمرانن ٿر سان ڪهڙيون چٽرون ڪيون آهن؟هن وقت ٻارن جي موت جي خبرن سان گڏوگڏ ڏڪاري صورتحال جون خبرون گذريل ٽن سالن کان هلي رهيون آهن ۽ انهن خبرن جي نتيجي ۾ حڪومتي يا غير حڪومتي ادارن جي موٽ ڇا آهي؟ ان سموري عمل جو لاڀ ٿري ماڻهوءَ کي ملي ٿو يا اهي ويچاراانهي لاڀ مان رڳو پن جي پنج ڪٽيءَ تائين پهچن ٿا. ٿرجي مڙني مسئلن جو حل ڇا ۾ آهي؟هن وقت بہ ٿرجي انهي بحران جي جانچ پڙتال ۽ حل ڳولهڻ لاءِ سنڌ حڪومت اڳوڻي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ محترم فتاح ملڪ جي سربراهيءَ هيٺ هڪڙي ڪميشن جوڙي آهي جيڪا ٿر جي دوري تي آهي ۽ مليل سرڪاري هدايتن مطابق دوراڪري جاڻ حاصل ڪري رهي آهي. هن کان اڳ بہ هڪڙي اهڙي ڪميشن ، جسٽس رٽائرڊ زاهد قربان علويءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ٺهي هئي. انهي ڪميشن بہ سرڪاري ڪامورن، غيرسرڪاري ادارن جي نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي نئين نالي هيٺ متعارف ٿيندڙ ڌُرين کان بيان ورتا هئا،پر مختلف سببن جي ڪري ان ڪميشن جي رپورٽ بہ پڌري نہ ٿي سگهي.موجوده ڪميشن بابت بہ سماجي ميڊيا تي بحث مباحثو هلي رهيو آهي، جيڪو بہ دلچسپيءَ جوڳو آهي ۽ ڪيترن ئي پاسن جي نشاندهي ڪري ٿو. ان کانسواءِ، گذريل سالن جي آفت زدگيءَ واري صورتحال جاچڻ لاءِ مختلف

ڪاٺن جا عملدار به جاچ ڪرڻ ٿر کي لٽا ۽ موٽ ۾ انهن به پنهنجي بالا عملدارن کي رپورٽون پيش ڪيون هونديون. پر ان سموري عمل جو اڄ تائين ڪوخاطر خواه نتيجو نه نڪتو آهي سواءِ رليف جي ڪٽڪ جي ورهاست جي. جنهن جي ورهاست بابت به آڱريون نه پر هٿ ڪچي رهيا آهن ۽ وس وارا ادارا ڪاروائيون به ڪري رهيا آهن جن جون خبرون ميڊيا تي اچن پيون. گذريل ٽن سالن جي انهي هڻ وٺ دوران ڏڪار پاليسي ناهڻ تي به وڏا پروگرام ٿيا، ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن اداري ناهڻ جو ڊرافٽ به جوڙيو ويو پر ڪو به نتيجو نه نڪتو. زمين ته چري پر گل محمد نه چريو واري فارسي مقولي پٽاندر اسان وٽ به ساڳيو رينگٽ هلندو رهيو آهي. انهي سموري صورتحال ۾ مختلف ڌرين هڪٻئي تي الزام به لڳايا. پهريائين انهي صورتحال کي ميڊيا جي جوڙيل آڪاٽي چيو پر جڏهن مٿان ڪان حالتون بدليون ته اهي ساڳيون ڌريون ان صورتحال جو مک اسٽيڪ هولڊر ٿي نمودار ٿيون. غير سرڪاري ادارن پنهنجون ڪوڙيون سچيون ڪارڪردگي رپورٽون تيار ڪرائي، انهي صورتحال مان لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. ڪن ڌرين انهي راند جو حصو بنجڻ لاءَ قانون جو به ڪڙو ڪڙڪايو جيئن وهندي گنگا ۾ هٿ ڌوئي سگهن ۽ چڙهي دانگيءَ پنهنجو لولو هٽي سگهن. انهي احوال جو حال اورڻ لاءِ ڏسون ته ڪيئن اهڙو منظرنامو جڙيو آهي. ڪهڙيون ڌريون ان ڏيک جو ويک آهن. سڄي منظرنامي ۾ ٽي ڌريون نظر اچن ٿيون: ميڊيا، حڪومت ۽ غيرسرڪاري ادارا.

سماج ۾ جڏهن سماجي انصاف اڻ لڀ ٿي ويندو آهي ته پوءِ اهي سماج غيرمنطقي رخ ۾ هلڻ لڳندا آهن. سماجي ڪينواس تي سڀ کان وڏو ادارو سياست آهي جيڪو معاشري کي موهيي پٽ وانگر اڳواٽيءَ سان اڳتي وٺي وڃي ٿو ۽ سيني ادارن جي رهنمائي ڪري ٿو.پر هتي انهي اداري جو جيڪو حال آهي سو هاٽي پنجن سالن جو ٻار به پليءَ پت ڄاڻي ٿو. ٻيوادارو ڪنهن به سماج جي معيشيت يعني اتان جي اُپت هوندو آهي جنهن وسيلي سمورو سماج پنهنجي ڪرت جي ڪاروهنوار کي اڳتي وٺي هلندو آهي. انهن ادارن کي منظم نموني هلائڻ لاءِ سماج ۾ ماڻهن جو باترتيب هجڻ هوندو آهي جنهن کي سماجي تنظيم چوندا آهن. انهي سموري سماجي مانڊاڻ کي جيڪا شئي بلڪ هول وانگر پنهنجي گود ۾ کڻي هلندي آهي اها ان سماج جي تهذيب هوند ي آهي جنهنجي يادداشت کي تاريخ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. سماج جي انهن سيني عنصرن تي ان سماج جي ڀيهڪ يا جاگرافيءَ جو به اثر ٿيندو آهي. اهي چند عوامل آهن جن مان سماج نروار ٿئي ٿو. سياست جو ادارو جڏهن پنهنجو متعين ڪردار ڇڏي ٻيءَ ڪرت ۾ لڳي وڃي ٿو ته پوءِ ان جي جاءِ ٻيا ادارا اچي والارين ٿا. ٿر جي مسئلن مامرن مونجهارن کي جڏهن وقت به وقت ايندڙ وس وارن نظر انداز ڪيو ته پوءِ يقينن ڪا ڌر ته اٿندي جيڪا لوڪ جي دردن جي دانهن ڪوڪ کي واڪو ڪري وڃائيندي پوءِ کو خوشيءَ سان ورنائي يا مجبوريءَ ۾ موٽ ڏئي . ميڊيا ٿر جي دکن دردن کي ميدان تي آڻي دنيا جو ڌيان ڇڪائڻ سان گڏوگڏ وس وارن ٻوڙن ۽ ڪچن ڪنن تائين به پهچايو آهي. ميڊيا جو اهو ڪم

ساراه جوڳو آهي. حڪومتن ان تي پهريائين ڪو خاص ڌيان نہ ڏريو پر جڏهن دانهن ڪوڪ جو دائرو وڌيو تہ مڙئي هرڪو سرگرم ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ اين جي اوز سڀوريون ڪٿي ٿيون پنتي رهن ڇو تہ انهن جو کُلي دارومدار پن جي پنج ڪٽيءَ تي آهي. سموري ڳايل وچايل ترقيءَ جو محور داتا ادارن جا شرط ۽ پاليسيون هونديون آهن نہ ئي عوام جا اهنج يا ايذاءَ. اهي ادار رٿائن کي عوامي امنگن جي بجاءِ ٺاهڻ جي ، داني ادارن جي هدايتن پٽاندر عوام کي اهڙيون تنظيمون ۾ ماحول ٺاهڻ جي ترغيب ڏين ٿا جو عوام کي ڪو فائدو ملي سگهي. اهوئي سبب آهي جو اهي ادارا بہ ڪوخاص ٻوٽو ٻاري نہ سگهيا آهن نہ ئي ڪا عوامي مقبوليت ماڻي سگهيا آهن . سڄي خاموش فلم ۾ جيڪو سائيڊ رول آهي سو ان ڌر جو آهي جيڪا اصل ۾ متاثر ڌُر آهي. اهو آهي ٿر جوعوام. اڄ تائين جنهن نموني ٿر جي مسئلي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ان ۾ ٿري لوڪ اولين ترجيح تي نظر نٿا اچن. ڪامورا شاهي پاڻ کي قابل ٿي سمجهي ۽ جيڪو ڪم ڪري ٿي اهو ٿوري ۽ احسانمنديءَ وانگر ڳڻائي ٿي. غير سرڪاري ادارن وارا تہ ان دعويٰ جي هام هڻندي نظر ايندا تہ هتي جيڪي ڪير ۽ ماڪي جون نديون پيون وهن سي سندن ڇوڙ تي جاري ٿيون آهن. اهڙي سموري بيان بازيءَ مان عام ماڻهوءَ کي ڪو فائدو نٿو ٿئي. اچو تہ ڏسون ترت مسئلي يعني ٻارن جي موت جا ڪهڙا سبب آهن؟ يا وري سڄي مسئلي جو مستقل ۽ جٽادار حل ڪهڙو آهي؟

1. ٻارن جي موت جي انگن اکرن کي سڄي سنڌ خصوصن ڳوٺاڻي سنڌ جي تناظر ۾ ڇڪاسيو وڃي. ٻارن جي موت جو تجزيو ڪندي ان جا سبب نروار ڪيا وڃن. انهن سببن جي روشنيءَ ۾ ڪو حل ڳوليو وڃي.
2. عورتن خصوصن ڳورهارين ۽ ٿڃ ڏارائيندڙ عورتن جي غذائيت جو خاص خيال رکيو وڃي. انهي ۾ غربت جي ڪري جيڪي بہ رُڪاوٽون آهن اهي سرڪار ۽ غير سرڪاري اداراحل ڪرڻ ۾ ماڻهن جي مدد ڪن
3. ڳوٺاڻن ماڻهن ۾ هنگامي بنيادن تي صحت ۽ صفائي سُٿرائي جي جاڳرتا پکيڙڻ جو جامع منصوبو جوڙيو وڃي . ان منصوبي هيٺ ڳوٺاڻن جي صلاحيت جوڙي وڃي
4. غذائي قلت جي مسئلي کي ديسي وسيلن جي تناظر ۾ حل ڪيو وڃي. ٿر جي ڏُٿ کي ترقي وٺرائيندي، ماڻهن کي ڏُٿ واپرائڻ جي ترغيب ڏني وڃي. ان کان ڪو ٻيو بهتر ۽ جٽادار حل ناهي.
5. پاڻي ٿر جو سڀ کان اهم مسئلو آهي. ان لاءِ ڪو جٽادار حل ڏنو وڃي. هيستائين جيڪي بندوبست ڪيا ويا آهن سي اڻ پورا ثابت ٿيا آهن. ٿرم ڪوه، ٽيوب ويل، رورس آسموسس پلانٽ ۽ ڪجھ هنڌن تي دريائي پاڻي جي سهوليت آهي.پر ماڻهن جي پيئڻ جي پاڻي جي ضرورت جو بہ پورائو ناهي. ڪوه سڀ کان گهٽا آهن ۽ جر جو پاڻي انتهائي محفوظ پاڻي آهي.

پاڻيءَ تي تحقيق ڪري، جتي به پاڻيءَ جو جر مٿو آهي ان کي ٽيوب کوهن وسيلي ڪڍيو وڃي. برسات جي ضايع ٿيندڙ پاڻيءَ کي سڪارج ڪيو وڃي.

6. ڪارونجهر سلسلي جي 20 کن ندين ۽ 80 کن جبل اند موجود چشمن جي پاڻيءَ کي محفوظ ڪري ، پارڪر سمورو آباد ڪري سگهجي ٿو پر ان پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ روايتي اپروچ کان هٽي ڪم ڪرڻو پوندو.

7. ٿر فطرت جي پارڪ آهي جنهن ۾ ڪيئي ڪارائتا ٻوٽا، وڻ ٽڻ، پکي پکڻ ۽ پلوڙ جانور رهن ٿا. وڻن جي واڍي ۽ جانورن جي مارجڻ تي قطعي پابندي هئڻ گهرجي.ان لاءِ سڄي ٿر کي نيشنل پارڪ اعلانيو وڃي.

8. ٿرجي معدني وسيلن...ڪوئلي،گرينائيٽ، چيني مٽي ۽ لوڻ ... ڪڍڻ دوران ماحوليات جي بين الاقوامي اصولن جو خيال رکيو وڃي. خاص طور ڪوئلي جي کوٽائيءَ دوران ٿيندڙ ماحولياتي اثرات جو پورائو ڪرڻ لاءِ متبادل بندوبست ڪيا وڃن

9. ٿر جي سڀني وڏن ڳوٺن ۾ صحت جون سهوليتون قائم ڪيون وڃن. ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون ۽ پيرا ميڊيڪل عملي کي ٿر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مختلف ترغيبون ۽ سهوليتون ڏنيون وڃن. ڳوٺاڻين ڏاهين عورتن کي دائي سکيا سندن ڳوٺن ۾ ڏياري وڃي جيئن ويم جي عمل دوران ٿيندڙ مونجهارن جو ڪو ترت حل به ڳولهي سگهجي ۽ ويم دوران ضايع ٿيندڙ جانين جي تعداد کي گهٽائي سگهجي

10. ضلعي جو هڪڙو جامع ترقياتي پلان جوڙيو وڃي جنهن جي روشنيءَ ۾ وسيلن جي ڪٿ ڪئي وڃي.ضرورتن جي به نشاندهي ڪندي، ترقيءَ جي عمل کي ٽن مرحلن...ترت ترقي، وچئين مدي جي ترقي ۽ ڊگهي مدت جي ترقي ۾ ورهائي رٿابندي ڪئي وڃي. ان پلان ۾ وسيلن جي به نشاندهي ڪئي وڃي.

11. ترقيءَ جي سموري عمل ۾ چونڊيل نمائندن توڙي راڄن جي ماڻهن کي شامل ڪيو وڃي جيئن ماڻهو پنهنجي لاءِ ٿيندڙ فيصلن ۾ راءِ ڏيئي سگهن.

12. غيرسرڪاري ادارن جي ڪم کي باقاعدي بنائڻ لاءِ اهڙو ميڪانزم جوڙيو وڃي جنهن سان اهي رپليڪيشن کان بچن.انهن ادارن کي به سماجي جاڳرتا، تحقيق، نظرداريءَ جي ڪم تائين محدود رهڻ گهرجي. خدمتن پهچائڻ وارو ڪم حڪومت پاڻ ڪري، ايئن ڪرڻ سان ترقيءَ جو عمل وڌيڪ جٽادار ۽ لايدائڪ ٿيندو.

13. غربت گهٽائڻ لاءِ ، قرض جي ڪوڙڪيءَ ۾ جڪڙڻ بجاءِ، گذران جي متبادل وسيلن کي ڳوليو وڃي. دنيا جي ٻين باراني علائقن ۾ جيڪي غربت گهٽايو رٿائون هلن پيون انهن ۾ ٿر جي حالتن پٽاندر تبديليون ڪري، لاڳو ڪيو وڃي.

14. ٿر جي نوجوانن جي فني ڪم ڪار جي سکيا ڪرائي وڃي. انهي سلسلي ۾ حڪومت پاران ڪنيل ابتدائي قدم ساراهه جوڳا آهن. پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ جي دائريڪار ۾ ڪم کي وڌايو وڃي. نوجوانن کي انٽرپرينيوئرشپ کان آگاهه ڪندي, ضرورت وقت سيڙپڪاريءَ ۾ به مدد ڪئي وڃي.
15. ٿر جي ماڻهن کي گهرجي ته اهي پنهنجي علائقي, وسيلن ۾ مسئلن بابت ترت آگاهي رکن ۾ هر اهڙي ڪم ۾ وڏي اڳڀ حصو وٺن جيڪو سندن علائقي جي ترقيءَ بابت هجي.
16. ترقيءَ جي سموري عمل کي جٽادار بنائڻ لاءِ ان کي آئيني تحفظ ڏنو وڃي.

# عمر جا تو مل عيد ، سا سوءِ ورتيسين سومرا

پٽائي سُرمارئيءَ ۾ جيڪي ڳايو آهي سو عام جي دلين جي ڌڙڪڻ آهي. هيٺين طبقن جي دلي حال جي ڳالھ آهي جنهن مان سندن ڏکن ڏولاڻن ، هيٺائين، محرومين جي جهلڪ نظراچي ٿي. غربت جي اهڙي جهلڪ ڏيکاريندي، غربت کي اڏولتا جي صلاح ڏيندي ، پيرن تي پڪو ٿي بيهڻ جي تاڪيد ڪئي ويئي آهي. پٽائيءَ جي اها دل سان لڳندڙ ڳالھ عين فطرت آهي جنهن مطابق سوڀ مارئيءَ کي ملڻي آهي. عمر هيڏو هاڪارو بادشاھ هئڻ جي باوجود نہ رڳو هارائيندو پر سڄي عمر دنيا جهان جو لعنتاٽو بہ ڪٽندو. هيٺين ۽ هوند وارن طبقن جي ڳالھ ڪندي پٽائيءَ عيد کي اهڃاڻ بنائي ، پيش ڪئي آهي تہ غريب جي عيد ڪيئن ٿئي ٿي، امير ن جو عياشيون ڪيئن ٿين ٿيون. هي ڏينهن بہ عيد جا آهن . ڪي ماڻهو هن عيد کي فطري واري عيد چون ٿا تہ ڪي وري رمضان واري عيد تہ ڪي ننڍي عيد . هيءَ عيد شوال جي پهرئين ڏينهن تي ٿيندڙ عيد آهي. عيد تڏهن آهي جڏهن خوشي آهي. خوشي آهي تہ خريد بہ آهي نہ تہ اگهاڙن ڪهڙي عيد. انهي پس منظر ۾ پٽائي هن ريت اظهار ڪيو آهي:

عمر! جا تو مل عيد، سا سُوءِ ورتيسون سومرا<br>
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد<br>
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا

دنيا جنهنکي فطرت ”ملير“ بنايو تنهن کي ڪجھ ماڻهن پنهنجي چالاڪيءَ سان ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، ان جي سمورن وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي انهي ڪوشش دنيا کي دوزخ جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي.وسيلن تي راتاهي جي انهي ڪهاڻي جي شروعات چالاڪيءَ سان ٿئي ٿي ۽ چند چالاڪ ماڻهو دوکي دولاب ۽ ٺڳيءَ سان دنيا جي وسيلن کي ناهي ٺاڻنوکي پنهنجي گوڏن هيٺ ڏيئي وينا آهن. نتيجي ۾ دنيا ۾ اڻ برابري ٿي پيئي آهي. هوندوارا ۽ هيٺا الڳ نموني جي زندگي گهاري رهيا آهن . انسانيت جا سبق ڏيندڙ سمورا نظريا ڦري گهري ڏاڍي جو پاسو وٺن ٿا ۽ هيٺو ويچارو پاڻ وهيٺو بہ ٿٿو رهي ۽ بي وسي جي انهي ڪيفيت دنيا ۾ غربت جي ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندڙ آڳ جلائي ڇڏي آهي جنهن ۾ هرڪو جلي رهيو آهي. هرڪنهن جي ان طرح جلڻ جي ترجماني ڪبيرڀڳت جا هي لفظ ڪن ٿا:

ايسا ڪوئي نا ملا، جا سي رهي من ڪا لاڳ<br>
سب جڳ جلتا ديڪا، اپني اپني آڳ

غربت جي انهي آڳ دنيا جي ياڳ کي ويراڳ ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ سڄي دنيا عمومن، پراسرندڙ ملڪ خصوصن غربت جي انهي ڀوڙهي مسئلي کي منهن ڏيئي رهيا آهن. غربت ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ

بدران ويراويروڏي رهي آهي ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ ته ڪڏهن ڪهڙي ڪوپ ۾. انسانيت ان جو
بک بنجي، جلي رهي آهي. مٺان وري مارڪيٽ ۾ رنديءَ تي تيل جي ڇنڊي وارو ڪم ڪري
ٿو.جيترا به غربت گهٽائيندڙ نسخا آزمايا ويجن ٿا اهي نيڻانيٺ وڃي انهن ماڻهن کي لاڀ پهچائين ٿا
جيڪي غربت جا ”جهان خان “ آهن. اهڙي نفسا نفسيءَ ۾ عيدون ڪهڙيون هونديون خاص طور
انهن ماڻهن جون جن کي ڪنڌ ۾ غربت جو طوق پيل آهي. جن جا به ويلا آسانيءَ سان نٽا لنگهن. جن
کي پيٽ جو صاف پاڻي به ميسر ناهي، جيڪي سرڪاري اسپتالن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي، اڇيون
پيليون گوريون کائي مٿي علاج لاءِ وڃن ٿا ته ٻئي ڏينهن لاش کڻائي موٽن ٿا، جيڪي يا ته پيادا هلن
ٿا يا وري اهڙين سوارين ۾ چڙهن ٿا جن ۾ ساڻن گڏ چوپايو مال به چڙهيل هوندو آهي، سنڌن ونيون
ويم جا سور ڪائينديون جڏهن اسپتالن تائين پهچنديون آهن ته ڊاڪٽرصاحبان کين خطري وارو
ڪيس چئي اڳتي ڪٽي وڃڻ جي ”نيڪ صلاح“ سان نوازيندا آهن پر وٽن پاڙو نه هوندو آهي جو اهي
ڊاڪٽرن جي اهڙي نيڪ صلاح تي عمل ڪن. بيوسيءَ جي انهي ڪيفيت تي وري فطرت جي
رحمدل ڪُک پنهنجي ور مان انهن ويچارن جي واهر ڪندي آهي ۽ ڏسندي ڏسندي. ڊاڪٽرسڳوري
پاران قرارڏنل ڏکئي ڪيس جي چوٽڪارو اسپتال جي گهٽي اکرڻ ڪان اڳ ئي عام رواجي ويم جي
صورت ۾ ٿي پوندو آهي. فطرت جي اها چماٽ ان ”صلاحڪار“ جي منهن تي هوندي آهي جيڪو
پاڻ تان بار لاهڻ لاءِ، اهڙي نيڪ صلاح جي نوازش ڪندو آهي. غربت جي اوڙاه ۾ لڙهندڙ لکين
ماڻهن جي اها ڪهاڻي آهي جيڪا ڪيهون ڪري انسان ذات جو ڌيان ڇڪائي رهي آهي ته هي به
انسان آهن انهن لاءِ به ڪجهه ڪريو. رڳو پنهنجا گهر نه ڀريو. عيد انهن کي به ڪرٽي هوندي آهي
جنهن جي گهر ۾ ڪلو اٽي جو به نه هوندو آهي. غربت جي تورتڪ بابت دنيا ۾ ڪجهه ماڻ ماپا ٺاهيا
ويا آهن جن جو بنياد آمدني ۽ کاپو آهن جڏهن ته هاڻي دنيا ۾ اهو نروارٿي چڪو آهي ته غربت هڪ
ڳوڙهو ۽ موڙهل مسئلو آهي جنهن کي ايئن هڪ رخي ماپڻيءَ سان ماپي ۽ ڪچي نٿو سگهجي. ان
هوندي به دنيا ۾ انهن ماپن وسيلي غربت جي تور تڪ ڪئي وڃي ٿي. تازوئي هڪ اهڙي رپورٽ
پڌري ٿي آهي جنهن جو عنوان آهي، ”پاڪستان ۾ گهڻ رخي غربت بابت سال 2014۽ 2015ع “
جنهن ۾ سيني صوبن جي غربت اهيڃاڻن کي نروار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ غربت جي ڪافي
تفصيلي تصويرنظر اچي ٿي. رپورٽ بابت ڪنهن ٻئي ليک ۾ في الحال غربت جي انهي ”جن“ بات
ڳالهه ٻولهه ڪريون ٿا جنهن لکين انسانن جو جيئڻ جنجال بنائي رکيو آهي. سنڌ صوبي ۾ غربت
جي راڪاس جا ڳوڻن ۾ وڏيڪ لامارا آهن جتي 75 سيڪڙو آبادي ڇتي غربت ۾ رهي ٿي.
بلوچستان کان پوءِ سنڌ ٻئي نمبر تي غربت وارو صوبو آهي جنهن جي ضلعن ۾ غربت جي شدت
جداجدا آهي. عمرڪوٽ ۾ اها سڀ کان وڌيڪ يعني 84.7 سيڪڙو ڏيکاري ويئي آهي. ٿرپارڪر ۾
غربت جو گراف هيٺ مٿي ٿيندي. وري وڃي 84 سيڪڙو کي پهتو آهي. غربت جي اهڙي صورتحال
۾ ماڻهو ڪهڙي عيد ڪندا؟ عيد ته اميرن جي هوندي آهي، عيد ته انهن جي هوندي آهي جن جي

قوت خريد سندن خواهشن کان ٻه ”سرس ۽ سوائي “ هوندي آهي باقي انهن جي کهڙي عيد جيڪي غربت جي هندوري جي هاويءَ ۾ پيا لُڏن.
اهڙي طرح غربت جي اها ڪهاڻي انهن ضلعن جي لکين خاندانن جي ڪهاڻي آهي جيڪي رپورٽ ۾ ڳاڙهن نقشن جي صورت ۾ نروار ڪيا ويا آهن. انهن ضلعن ۾ رهندڙ لکين غريب خاندانن لاءِ عيد ڪي عيد بنائڻ لاءِ ڪا خاص واه نه هوندي پوءِ اهي ويچارا ڪٿان نه ڪٿان ”پن پنان“ ڪندا يا هٿ هٺندا جيئن سندن پاڙيسريءَ جي گهر ۾ پچندڙ سيوين جي ”وگهار“ جي سڳنڌ منجهن حسرت واراجذبا نه اپاري. ڪن ڪن ماڻهن کي وري بينظير ڪارڊ جا پئسا ملن ٿا پر انهن کي روڪڙا ڪرائڻ لاءِ جيڪا حالت بئنڪ جي ڏيڻ تي ٿئي ٿي سا ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ڪٿي ڪٿي وري ڪن غير سرڪاري تنظيمن ماڻهن کي پنڻ جي عادت سان سينگاريو آهي جنهن جي پيروي ڪندي ٿر جهڙي صاف سُٺري ڌرتيءَ تي مذهبي ڌريون پنهنجا امدادي سامان کڻي اچي پهتيون آهن. ڪن ڌرين وري پنهنجا دسترخوان لڳايا آهن. اهڙي طرح غربت ته گهٽجي ٿي يا نه باقي پنندڙن جو تعداد وڌندو وڃي ٿو. سرڪاري ادارن توڙي غير سرڪاري ادارن وٽ ڪي ٻه اهڙا انگ اکر ڪانهي جيڪي حقيقي غريب جي نشاندهي ڪن ۽ ان کي اهڙي طرح وسواري آباد ڪيو وڃي جنهن سان اهو غربت جي هن کوڙڪيءَ مان پنهنجو پاڻ آجو ڪري سگهي. سرڪاري امداد ي ڪمن ۾ جيڪا حالت هلي ٿي اها ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي پر هاڻي ته انهن غيرسرڪاري ادارن جو اٽ پاڪڙي سميت ڏرڙ ۾ آهي جيڪي شفافيت جا دعويدار هوندا هئا. غربت جي جتادار ۽ مستقل حل لاءِ دنيا کي سيفٽي نيٽس کان اڳتي سوچڻو پوندو جنهن لاءِ سڀ کان اول غربت جي حقيقي ڪٽ ڪرڻي پوندي ۽ انهي ڪٽ جي روشنيءَ ۾ ماڻهن کي مستقل نموني وسوارڻ جا اهڙا پروگرام جوڙڻا پوندا جن جي مدد سان ماڻهو غربت جي تحت الثريٰ مان متي نڪري سگهن. غربت گهٽائيندڙ سمورن پروگرامن جو مقصد غربت گهٽائيندڙ فيزنگ آئوٽ حڪمت عملي وارو هئڻ گهرجي. غربت بابت ٿيندڙ سمورن فيصلن ۾ غريبن جي راءِ به شامل هئڻ گهرجي. دولت جي جيڪا ڦرلٽ ۽ ڍڳن مٿي ڍڳ ناهڻ واري رجحان تي ڪا روڪ ٽوڪ رکي وڃي ۽ ناجائز نموني ذخيرو ڪيل ملڪيت کي نادار ماڻهن جي فلاح بهبود لاءِ استعمال ڪيو وڃي. اهي چند شيون آهن جن تي عمل ڪري وڏي سطح تي غربت مان ٻاهر نڪري سگهجي ٿو. راڄ سطح تي غربت جي واهر جو عيد جهڙن موقعن تي اهو حل آهي ته جيڪي سرندي ۽ هوند وارا آهن اهي پنهنجي اهڙن عزيزن قريبن ۽ پاڙيسرين کي عيد ڪرائڻ جو اهتمام ڪرائين جيڪي ويچارا اڻ هوند جي دائري ۾ اچن ٿا جن کي خوشي ۽ خريد وسري ويئي آهي. اهو سماجي فرض آهي سيني انسان مٿان لاڳو ٿئي ٿو. انهي عمل کي رضاڪاراڻي نموني اڳتي وڌائڻ کپي جيئن سماج ۾ رهندڙ هيٺا طبقا پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن ، انهن جي عيد به پرمسرت ٿئي، انهن جا ٻار به نوان ڪپڙا پائي عيدگاه ۾ وڃن. ايئن ڪرڻ سان سماجي هم آهنگي ۽ انسانيت جو پلوڙ مثال قائم ٿيندو. اسان جي معاشري جو اهو خاصو رهيو آهي

تہ اهو اوڙي پاڙي جو هڏڏوکي ۽ همدرد رهيو آهي. اوکي ۾ اهنج واري جي امداد ڪرڻ نہ رڳو ثواب جو ڪم آهي پر ان سان گڏوگڏ اهو انساني فرض آهي ۽ اعليٰ انساني اخلاق جو عظيم اهڃاڻ آهي. تنهنڪري سموري سماج کي مارئيءَ جي طبقي يعني هيٺين طبقي ڏانهن لاڙو رکڻ گهرجي. عمرجي نصيب ۾ سدائين رسوائي ۽ خواري آهي تنهنڪري ان طرف جهڪاءُ نہ هئڻ گهرجي. جيڪا عمرن جي عيد آهي سا پنائيءَ جي لفظن ۾ مارئي واري طبقي لاءِ سوڳ سمان آهي. ايئن ٻئي رستا ۽ رخ نروار ٿيل آهن .ماڻهوءَ تي اهو ڇڏيل آهي تہ هو ڪهڙو رستو چونڊي ٿو.

# ٿرجا ٻارڙ موت جا لامارا

ٿرپارڪر تي هن وقت ميڊيا مهربان آهي ۽ ٿر سنڌي اردو ۽ انگريزي اخبارن جون اُڪَت مار سُرخيون جوڙڻ ۾ ميڊيا کي مواد مهيا ڪري رهيو آهي. ٿر جي ڏکي زندگي ته سالن کان هئي پر مهرباني هن وقت اچي ٿي آهي ۽ اها به ٻارن جي موت جي نالي ۾ ڪئي پيئي وڃي. ٻارجيڪي معصوم آهن. ٻار جيڪي سيني ڦيرفرقن کان ڏورآهن. ٻارجيڪي سادا سوداءِ سچارآهن. مٿان وري جو اهي ٿري ٻارهجن ته پوءِ اهي گڏ ٻيڻاٽي وڃن ٿا. ٿرسماجهي ۽ حقيقي سول سوسائٽي آهي جيڪا هاڻي بازارجي واڳون وات ۾ آهي. اخباري رپورٽن مطابق اٽڪل 300 کان وڌيڪ ٻارهيستائين مري چڪاآهن ۽ انهن ۾ به اڪثريت نون ڄاول ابهم ٻارن جي آهي. سيني جي موت جو سبب اخبارون ٻُک ڄاڻائين ٿيون. ان کانسواءِ خبرن جي اڪثريت جو محور مٺيءَ جي سول اسپتال آهي. اها سموري ڪهاڻي اج کان اٽڪل ٽي سال کن اڳي شروع ٿي هئي ۽ زور شور سان جاري ساري آهي. ٻن ڏينهن جي ٻار کي به ٻُک وگهي مرڻ سان سلهاڙيو وڃي ٿو. سرڪاري ڪاموراءِ ڪامدار وري پنهنجو اُبتو موقف ڏين ٿا ۽ ايئن ٻڌالهائين ٿا جڻ مهمان هجن. ڪين علائقي جي ڪا خبر ئي نه هجي. هرڪو نوڪري بچائڻ جي چڪر ۾ آهي يا وري امدادي مال تڳائڻ جي تياريءَ ۾. باقي ماڻهن جي حياتيءَ جو اونو مڙئي پورو سارو آهي. اچو ته ڏسون ته ٿر ۾ انهن ابهم ٻارن جي موت ۽ ٻين ڏکيائين جا ڪهڙاسبب آهن ۽ ان جو ڪهڙو حل آسان حل آهي؟

- ٿر جي آبادي اٽڪل 15 لک کن آهي جيڪا سموري ٿر جي وسيع ريگزار ۾ پکڙيل آهي. ٿر ۾ پاڻي جا ذخيرا زمين ۾ اونها آهن جن ۾ ڪيئي ڪيميائي مادا مليل آهن ۽ اڪثر پاڻي کارو به آهي. کاري پاڻيءَ جي انتها اها آهي جو ڪٿي ڪٿي آرهڙ جي موسم ۾ اهو پاڻي پيئڻ سان پکي به مري ٿا پون تڏهن حجامن جي ڳوٺ جي پاڻيءَ تي هُڙيا مار نالو پيو ڇاڪاڻ ته انهي جي پيئڻ سان هڙياءِ جهرڪيون مري ٿا پون. گرميءَ جي مند ۾ اهو کارو پاڻي به زمين هيٺ تي وڃي ٿو ۽ ڪٿي سُڪي وڃي ٿو. پاڻيءَ جا نار هيٺ ٽيڻ سان زميني اوپڙپسم تي وڃي ٿي ۽ ڏرتي سڪي نوٽ بنجي وڃي ٿي.
- ٿري سماج فطري سماج رهيو آهي جنهن جو اقتصادي سرشتو به تي ڍاڪا اڳ تائين ”آهتپي “وارو هو جنهن ۾ شين جي ناهڻ جو معاوضو ”ورسوند “ جي صورت ۾ ڏنو ويندو هو. يعني ڪسب وارا ماڻهو جن کي هاڻي پروفيشنل چيو وڃي ٿو سي ضرورت جون شيون ناهي ڏينداهئا موت ۾ ڪين سال جي آخر ۾ ان ڏنو ويندو هو ۽ ايئن ڳاڏو پيو گهلبو هو. نندي ڪنڊ تي قبضي ڪانپوءِ جيئن ٿر تي قبضو ٿيو ته هتي به آهستي آهستي بازار جي جديد روپ منهن ڪڍيو ۽ نندڙانڍڙا هٿ ڪليا جن تي وکر ملندو هو پر ان وکر جي موٽ ۾ به شيون ڏنيون

ويندڙيون هيون جيئن گيهہ، اناج، ڪلون، هٽ جي هنرن جا وڙ وغيره. اهو سلسلو 80 کان پوءِ "بازارجي اقتصاديات " جي وڪڙ ۾ اهڙو آيو جو مارڪيٽ جو منهن کُلي پيو ۽ ان جو بُرپرڻ لاءِ "روڪڙ" جي ضرورت پيئي. نتيجي ۾ هر شئي وڪرو ٿيڻ لڳي. ماڻهن ڪمائڻ شروع ڪيو. اها تبديلي پنهنجي پر ۾ وڏي تبديلي هئي ڇاڪاڻ جو جتي ڪيروڪڻ گناه سمجهيو ويندو هو اتي نہ رڳو کير وڪڻڻ لڳو پر پاڻي مليل کير بہ ساڳي ناٽي ۾ وڪڻڻ لڳو. ڳالهہ اتي دنگ نہ ڪيو. کير ڇا پاڻي بہ وڪڻڻ لڳو ۽ هاڻي تہ اهو پلاسٽڪ جي بوتلن ۾ هرڳوٺ ۾ وڪري لاءِ موجود آهي. ان کان اڳي کيرڏونري ۾ غريب بہ پاڪي پائيوار هوندو هو. اڻ هوند وارن گهرن ۾ بہ جڏهن ٻار ڄمندو هو تہ هوند وارن جي گهران ان کي کارائڻ لاءِ مکڻ وغيره ملندو رهندو هو. ڳوناٽي زندگي شهرجڻ ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ کاڌي جو سمورو طور طريقو تبديل ٿيو.

- ٿرجي ماڻهن جي رهڻ ڪرڻ جو ڍنگ فطرت تي ڀاڙڻ بدران جڏهن شهرجڻ ڏانهن وڌيو تہ هنن جي کاڌي ۾ ڏٿ ڏونرن جي جاءِ سڙيل ٽماٽن والاري يا ڪچا ڳاڙها مرچ ۽ بصر اولڻ طور استعمال ٿيڻ لڳا جن جي غذائي قوت ايتري نہ آهي جيتري ڏٿ جي هئي يعني سگرين ، پيرن،ڏونرن،چيڙن، پپن،ڪونديرن جي هئي. اها کوٽ غذائي کوٽ ۾ تبديل ٿي ۽ ماڻهن جي کاڌي جي پيٽرن کي جيڪڏهن ڏسجي ٿو تہ هن وقت ماڻهن جي اڪثريت کاڌي جي نالي ۾ ڏلهي پيٽ ڀري ٿي پر انهي ڀرتيءَ جو ڪو خاص غذائي ڪارج ناهي.
- بازار ۾ جڏهن روڪڙ جي ضرورت وڌي تہ ماڻهن پنهنجي قوت خريد کي وڌائڻ لاءِ ڪمائڻ جي شروعات ڪئي پر موقعا تمام گهٽ هجڻ جي ڪري، ماڻهو ويتر قرضن جي ڄار ۾ وڪوڙجڻ لڳا. انهي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي سماجي ڀلائي جو ڪم ڪندڙادارن بہ پنهنجو پاڻ کي قرض ڏيندڙ ۽ وياج خورواڳن ۾ تبديل ڪيو ۽ ماڻهن جي انهي مجبوريءَ جو جيئن جو تيئن فائدو ورتو ۽ قرض جي اها ڪوڙڪي ڏينهون ڏينهن پڪڙجندي پيئي وڃي. انهي مقابلي ۾ بياادارا بہ لهي پيا آهن جهڙوڪ بئنڪون وغيره. ڇاڪاڻ جو بازار کي هلائڻو آهي.
- ڪائڻ پيئڻ جي سماجي رنگ ڍنگ ۾ عورت متاثرڏُر آهي جنهن کي کاڌو ديرسان ملي ٿو يا سيني ڪانپوءِ ملي ٿو. انهي ۾ اڃا بہ حالت سنگين ٿي وڃي ٿي جڏهن معاملو نئين پرڻيل ڪنوار جو اچي ٿو. اها هڪ تہ حجاب ۾ هوندي آهي ٻيو وري جيئن ڪيس اميدٿئي تہ پوءِ دل ڪچي ٿيڻ جي ڪري اهو حجاب وارو هاجو ويتر وڌي وڃي ٿو. ايئن ڪيس مناسب کاڌو نٿو ملي. هڪ تہ گهر ۾ کاڌو گهٽ مٿان وري جو ٻارپيٽ ۾ آهي تہ ڪيس وڌيڪ کاڌو گهرجي. نتيجي ۾ اڪثرڳورهياريون عورتون جيڪي پنهنجي اوائي ڄم ۽ 5يا 6 ٻارن ڄمڻ ڪانپوءِ

رت هيٺيون ٿي پون ٿيون ۽ سندن هيمو گلوبين سطح ڪري وڃي 3 تائين پهچي ٿي جيڪا موت جو الارم آهي

- ٿر ۾ اسپتالن جو ڪو وڏو انتظام ناهي .رڳو وڏن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اسپتالون آهن جن ۾ به ڊاڪٽرن جي ڪوٽ مثالي آهي. دوائن جي ڪوٽ ۽ حالت ته ان کان به اڳري آهي. ڳڻپير صورتحال تڏهن ٿي پوي ٿي جڏهن هزارين ڳوٺن جي آباديءَ لاءِ ڪا به گائناڪالاجسٽ ڪانهي. گائناڪالاجسٽ ته وڏي ڳالهه آهي پر محض ڊاڪٽرياڻي به ناهي. ڊاڪٽرياڻي ته ڇا پر پيرا ميڊيڪ عورت به ناهي. اڳي دايون هونديون هيون جن جو تجربو ۽ خداڪارڻ ڪم ڪرڻ جي جٻي جي ڪري مڙئي ڪجهه ضرورت پوري پيئي ٿيندي هئي پر هاڻي هڪڙو ته داين جو حال پورو سارو آهي مٿان وري معاوضي واري ڪم انهي خدمت کي هيٺو بنائي ڇڏيو آهي.
- حڪمرانيءَ جو سرشتو ته هونئن ئي تلومل جي اوطاق لڳو پيو آهي. ڪوبه مسئلا حل ڪرڻ ۾ سنجيده ناهي. هر ڪا حڪمت عملي ايڊهاڪ ازم جو شڪار آهي. محمد عثمان ڏيپلائي جي ڊرامي ”ٿر ۾ ڏڪار“ جو هڪڙو ڊائلاگ آهي جنهن ۾ وزير ڪاموري کان پڇي ٿو ته يه ڊڪار ڪياهي؟ ته ڪامورو وراڻي ڏي ٿو ته ٿر ۾ لوگ زياده کاتي هين تو زياده ڊڪارين آتي هين. “ هن وقت به هيڏي سندين صوورتحال جي موت ۾ اهڙا ٻول به ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا ته ” ٿر ۾ عورتون گهڻا ٻارجڻن ٿيون تنهنڪري وڏيڪ موت ٿين ٿا“ يا ”ٿر ۾ عورتون ٻارگهرن ۾ جڻن ٿيون تڏهن ٻار مرن ٿا“. اهو روي مسئلن کي حل ڪرڻ جي بجاءِ وبتر وڌائي پيو. صورتحال نيڪ ٿيڻ بدران بگڙندي وڃي.
- ٿر ۾ معدني وسيلا به ججها آهن جن ۾ ڪوئلو هن وقت گرم موضوع آهي. دنيا جو نظرون ٿر جي وسيلن ۾ آهن. هي سموري هاءِ گهوڙاٽر ڏانهن توجهه ته ڇڪائي ٿي پر ان سان جيڪو سماجي توڙي اقتصادي دباءُ وڌي ٿو ان کي انهي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڪيئي ڌريون ٿر ۾ اچي لٿيون آهن ته ڪيتريون پيون رت چوس ڌريو ن ڳاڙهه ڳلين ڳجهن وانگر ٿر جي ڪنواري ڌرتي تي لامارا ڏيئي رهيون آهن. الله سائين ٿر جي امن کي بچائي ٿرجي ماحول کي محفوظ رکي.
- صحت, خاص طور تي پئداش واري تندرستي يا شخصي صفائي سُترائي بابت جاڳرتا جو ڪو جوڳو بندوبست ناهي. ماڻهن کي بدلجندڙ سماج ۽ ان جي ضرورت بابت ڪا به ڄاڻ نٿي ڏني وڃي. کاڌي پيتي جي طورطريقي جي بهتري بابت به ماڻهن جي اڻ ڄاڻائي ڏسڻ وٽان آهي جڏهن اهي ڇيڙن جهڙي بهترين غذاڪان تي 2 رپيا ڪلو وڪڻي 20 رپيا ڪلو ۾ سڙيل ٽماٽا وني کائين ٿا. سماج ۾ جيڪا ڦيرگهير آهي تنهن بابت به ماڻهن ۾ ڪا خاص

تياري ناهي. غير سرڪاري ادارا بہ انهي ڏس ۾ ڪو خاص ڪردار نہ نباهي رهيا آهن رڳو بس هر ڪو نوڪري ڪرڻ يا بچائڻ جي چڪر ۾ آهي.

هاڻي ڏسون تہ انهي سموري ماجرا مان ڪيئن پار پئجي يا ٿر جي مرندڙ ٻارن جو زندگيون بچائجن. انهن سيني مائرن جي مستقبل کي محفوظ بنائجي جن جي ٻارن جو مرڻ بچڻ کان وڏيڪ يقيني آهي. حالتن جي سنگينيءَ کي بيان پيش ڪرڻ يا واويلا ڪرڻ سان مسئلا حل نہ ٿيندا آهن. انهي نموني مسئلا نروار ٿي پوندا آهن پر انهي صورتحال جو فائدو ڪي ٻيا وٺندا آهن ۽ انهن مجبورين کي پنهنجي مفادن ۾ ڪم آڻي پنهنجي تجوڙين کي ڀريندا آهن. هن صورتحال مان نڪرڻ لاءَ ڪجهه تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

- سموري ٿر ۾ غذائيت بابت تحقيق ٿيڻ گهرجي جنهن جي نتيجي ۾ اهڙي رٿا جوڙي وڃي جيڪا ٿر جي غذائي قلت جي مسئلي کي ماٺو ڪري ۽ پوءِ ختم ڪري. انهي رٿا جو محور بہ عورتون ۽ خصوصن ڳورهاريون عورتون هئڻ گهرجن . غذائيت جو جيڪو بہ پلان جڙي ان کي سختيءَ سان نافذ ڪيو وڃي.
- ماٺهن کي غذائيت، ڄم صحت، شخصي صفائي سُٿرائي بابت جاڳرتا ڏيڻ جو وڏي پئماني تي بندوبست ڪيو وڃي ۽ انهي سکيا ۽ صلاحيت جوڙڻ واري عمل ۾ سماج جي سيني طبقن کي شامل ڪيو وڃي. اهو عمل خيراتي نہ هجي پر شراڪتي هجي.
- ٿرجي سيني اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ڪ جي موجودگيءَ کي 24 ڪلاڪ يقيني بنايو وڃي. خاص طور گائناڪالاجسٽ ۽ ليڊي ڊاڪٽرن جو هجڻ ضروري آهي. انهي لاءِ حڪومتي، غيرحڪومتي ۽ راڄوڻي سطح تي ترغيب ۽ سهوليتڪاري هئڻ گهرجي.
- ٿر جي ڳوٺن جا فاصلا مکيہ اسپتالن کان پري آهن . اسپتالن تائين عورت مريضن جي اچڻ ۾ اين جي او توڙي سرڪار سهوليتڪاري ڏئي. ڳورهارين عورتن ۽ ٻارن جي صحت جو ويمو ڪيو وڃي.
- اسپتالن جي چڪاس جو عمل بهتر بنائي انهن جي ڪم ڪار کي موثر بنايو وڃي. ڳوٺن ۾ موجود داين کي سکيا ڏني وڃي ۽ سکيا جون سهوليتون ڳوٺن ۾ مهيا ڪري ڏنيون وڃن

اهڙي طرح تمام گهڻا ڪم آهن جيڪي حڪومتي ادارن، غيرحڪومتي ادارن ۽ راڄن جي سهڪار سان سرانجام ڏيئي، ٿر ۾ ٻارن جي موت جي طوفان کي ٻُنجو ڏيئي سگهجي ٿو.

# وڃي سڄيءَ ويڙهه مان، ڏُک ۾ ڏولائو

سُونهن ڀرئي سنسار کي سرجيندڙ مالڪ مهربان، هيءَ ڪنچن ون ڪائنات اُن عالم اصغر جي ڪارج لاءِ خلقي آهي جنهن کي عرف عام ۾ انسان سڏيو ويو آهي ۽ اُن وَٽ کي خلقي، الله تعاليٰ کيس "بيان" جي ڄاڻ جي سگهه سان نوازيو ۽ بيان جي اُها سگهه سندس شعور جو هڪ اظهاري ۽ ظاهري مظهر آهي جنهنجي اٿاهه اونهي پس منظر ۾ ، صدين تي پکڙيل، سندس نسلن جي ڪهاڻي پڙهي سگهجي ٿي ۽ اُن انساني ڪٿا جا قدم ٻوليءَ جي اُهڃاڻن وسيلي جئين پروڙيا ۽ پرکيا ويا آهن يا پروڙيا ۽ پرکيا ويندا، تيئن علم جي ٻئي ڪنهن روپ وسيلي گهٽ سمجهيا، سُڃاتا ۽ ڄاتا ويا آهن. اِهڙي طرح انسان کي عطا ٿيل علم جي املهه ۽ عميق خزاني جو اظهار ٻولين وسيلي ڪيوويو آهي ۽ ٻوليون ترقي ڪندي زبانون ٿيون، تنهنڪري ڪنهن بہ ٻوليائي پهلوءَ جي اڀياس جي معنيٰ داريءَ کان انڪار ۽ فرار ممڪن ئي ناهي. شاعري انسان جو اولين اظهار آهي ۽ نثر اُن کان بعد ۾ ظاهر ٿيو يعني انسان اول تہ سُريلو ۽ رسيلو رهيو آهي بعد ۾ هُو جوکم ڪٽندو اڳتي وڌندو بي سُرو ۽ بي رس بہ بڻبو آهي. ايئن زبان جي گهٽا گهٽي ۾ ڀهڳٽائپ جي اهميت مڃيل آهي. دُنيا جي هر زبان جي شاعري، اُنهيءَ زبان جي بقا ۽ خوبصورتي جي محافظ بڻي آهي.جنهن جو چٽو مثالاسان جي سموري اساسي سنڌي شاعري آهي،جنهن ۾ وري لطيف سائين جي ٻوليءَ جواسان جي زبان تي احسان اپر ۽ امونگروآهي، سندس بيتن ۽ واين ۾ پوتل لفظ اُهو خزانو آهن جنهن ۾ اسانجي قومي شعور جا ڪروڙين اربين ڪربين موتي محفوظ آهن، جن سبب اڄ بہ اسانجي ٻولي لفظن جي ذخيري سان مالا مال اهي ۽ اسان جي اظهار جي جُوجهہ اُنهيءَ وٽ سان ڇِنجهہ آهي. جنهن جي سُريلائي ڪن رس جي قرب مان ٿمتار آهي.

غلام محمد جنجهي ٿر جو نامور شاعر ٿي گُذريو آهي. سندس شاعريءَ جو جڏهن اڀياس ڪجي ٿو تہ اُن جا ڪيئي روپ ائين نکري نروار ٿين ٿا، جئين وڏڦڙو وسندي اُپ جي نيري ڪينواس تي قوس قزح اندلني رنگ اظهاريندو آهي. جن کي اسين ڏانگڙو بہ سڏيندا آهيون. جنهن ۾ روشني جا سيئي رنگ هوندا آهن.

ٿر جي هن نامور شاعر پنهجي شاعريءَ ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي آهي ان کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ هُو اِهڙو وينجهار شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي لفظ ڪم آندا آهن اُهي اهڙا هيرا ۽ موتي آهن جن جي جوت ۽ جرڪاءَ سنڌي زبان جي سچي ساک آهن، جنهن جي روشنيءَ جُون لاٽون صدين تائين ايندڙ نسلن کي ماڳ جو دڳ ڏسڻ ۾ مدد ڪنديون رهنديون. هن اڀياس ۾ سندس شاعريءَ مان صرف سُرمارئيءَ جو مطالعو آهي ۽ سندس سُرمارئي وطن جي محبت ۽

ڏرتي ڏٽين سان لڳاءُ جو اُهو آئينو آهي. جنهن ۾ ڌرتيءَ ۽ ڌرتي ڌٽين جي قدرن کي پروڙي . پرکي ۽ پُرجهي سگهجي ٿو. سُرمارئي مارن جي ذڪر سان شروع ٿئي ٿو.

**عمر ماروئڙن جا، پونگا ۽ پيٽيون**
**رهن اُتي راڄ ڪيو سي ٽانيڪا ٽوٽيون**
**ڪن رُوڙيون رهاٽيون، ماروئڙا ملير ۾،**

لفظ "پُونگو" ٿر ۾ اڏجندڙ ڪکاون گهرن لاءِ ڪتب ايندڙ عام لفظ آهي، جيڪو ٿر جي اڏاوتي نمونن جي سيني روپن (جهونپڙي، لانڍي ۽ چني) لاءِ گڏيل لفظ طور ڪم اچي ٿو. " رُوڙي" لفظ جي معنيٰ ،عمدو، خوبصورت، ٺاهوڪو يا موچارو آهي جنهن جو بُنياد گجراتي زبان ۾ ڪتب ايندڙ ساڳي لفظ آهي.

**ماروئڙا ملير ۾، ڪين ڏينهن ڪاپي،**
**اچي اويرا مال مان، پيئن جهڻ جهانپي**
**لُلر جي لاپي، ڏوٽي ڪتين ڏينهڙا**

"ڪاپي سان ڏينهن ڪيڻ" جو مطلب ڪفايت ڪرڻ يا اُڌارو آٽي گذارو ڪرڻ آهي ۽ هيءُ لفظ "ڪتڻ واريءَ ڪرت" جو پس منظر رکي ٿو. جنهن جي ڀڳٽائپ ۽ ٻوليائي شاهوڪاري شاهه سائين جي سُر ڪاپائتي جي روپ ۾ روشن سج جيان پرکندين پڌري آهي. سُٽ ڪتڻ ۽ ڪپڙو اُٽڻ جي ڪورين واريءَ ڪرت دوران جڏهن ڪچو سُٽ ڪتڻ يا اُٽڻ لاءِ ڏيندا هئا ته اُن کي ڪتڻ وقت ڪجهه بچائي به رکندا هئا. جيڪو پوءِ ضرورت وقت ڪاپائتي کي اُڌارو ڏنو ويندو هو. جئين ڪوٽ ٽوٽ ۾ پنهنجو ڪم جاري رکي سگهي ۽ ائين ڪاپو ڪرڻ ۽ ڪاپي سان ڏينهن ڪيڻ جو اصطلاح مروج ٿيو. لفظ جهڻ ڄمايل ڪير مان ٺاهيل لسيءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي جڏهن ته " لسي" ڪير مان ٺهيل مشروب لاءِ به ڪم ايندو آهي. لُلر هڪ ننڍو ٻوٽو آهي. جيڪو مريڙي واري خاندان سان تعلق رکي ٿو ۽ ڏُٽ جو هڪ قسم آهي ۽ ڏُٽ ٿر ۾ ٿيندڙ قدرتي گاهه ٻوٽا يا انهن جا ميوا آهن، جن کي عذائيت جي ڪوٽ دوران ڪچو يا پچائي يا ٻاڦي، هڪ رڃ طور استعمال ڪيو ويندو هو ۽ هاڻي اُنهن جو اُهو استعمال گهٽجي ويو آهي. باقي ٻئي ڪاڏي سان گڏ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

**ماريئون ان ميار سان، جا ڏوٽيئڙن جو ڏاڄ،**
**جا رسم آهي راڄ ۾،سنگهارن جو ساڄ**
**اميراٽيون عادتون، پنهوارن پهاڄ**

## لوئڙيا رين لاڄ، عمر رکج عزت سان

لفظ ساڄ، سازلفظ جي ڳالهايل صورت آهي، جنهن کي اوزاريا ٽيڪنڪ جي مفهوم ۾ ورتو ويندو آهي ۽ ميار ڏيڻ ئي ماڻهن جي ويڙهه جو طريقو آهي . ڇاڪاڻ تہ ٿري ماڻهو صدين کان پُر امن، اهنسڪ ۽ سفارتڪاريءَ جي آدابن جا ماهر رهيا آهن. تنهنڪري اُهي ميار کي تلوار وانگر استعمال ڪندا هئا ۽ ميار جي اهڙيءَ اثرداريءَ جو اُهڃاڻ لطيف سائين جي سُر مومل راڻي جي هن بيت ۾ ملي ٿوجڏهن راڻو مومل سان گڏ ٻئي ڪنهن کي ستل ڏسي ٻڙڪ بہ نہ ٻوليو هو ۽ ڪامر رکي راه وٺي روانو ٿي ويو هو. ان منظر کي لطيف سائين مومل جي زباني هن ريت بيان ڪيو آهي.

**سوڍا صبر تنهنجو لڄاين مرڪ**
**نہ ڪهڻ سي نڪ، ري رُڪ راڻي وڍيو**

“پهاڄ” جو لفظ ٻيءَ زال لاءِ ڪم ايندو آهي جيڪا پهرين زال جي حياتيءَ ۾ ئي ايندي آهي ۽ مُڙس پهرين زال کي رد ڪندي ٻيءَ زال سان بهتر ۽ اڳئين زال سان غيرمنصفاڻو سلوڪ روا رکندو آهي. تنهنڪري پهرين زال ٻيءَ زال کي پهاڄ سمجهندي آهي جنهنجي معنيٰ مد مقابل، يا Competitor وٺي سگهجي ٿي.

**ڪيڍبنديا ٽيون بند مان تہ وڃن ويڙهيچن**
**پيئڻ کير خوشيءَ مان مکڻ مان ماٽيئن،**
**چارين وڃي چاهہ مان ، ڇانگون سي ڇيلن،**
**عمر تون اُنهن، با الله ڪيڍ بند مان.**

ڇانگ لفظ مال جي ڌڻ يا ولر لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، خصوصا کير ڏيندڙ مال لاءِ هي لفظ ڪم ايندو آهي.

**ڏوٿي ڪٿين ڏينهڙا، ٿا اُبن تي اوهي،**
**ماني کائڻ محبت سان، ساڻ گهوگهن جي گوهي**
**لنبن کي لوهي، چانور چاڙهين سومرا**

“گوگهن جي گُوهي” جي ترڪيب جو مطلب هن ريت آهي تہ ڪير جڏهن تازو ٽٽان ڏهبو آهي ۽ اُن جو زورائتيون سيڙهيون هٽبيون آهن تہ گوگهہ ٿهندا آهن ۽گوگهہ ڏاڍا مٺا هوندا آهن. ۽ وري جهڻ مٿان جڏهن اُهي سيڙهيون زورائتيون هٽي ڦيڏرو ٺاهبو آهي تہ اُهو هڪ اعليٰ قسم جو مشروب ٿي پوندو آهي. جنهن کي ٿري چاهہ سان پئيندا آهن. “ لنب” گاهہ جو هڪ قسم آهي جيڪو ڏٿ طور استعمال ٿيندو رهيو آهي جنهن جو سنهو داڻو سوهي ڪيڏي، اُن جو پٽ رڌبو آهي تہ اُهو چانورن کان بہ اعليٰ ۽ اُتم ٿيندو آهي ۽ اُن ڪانسواءِ لنب سنهو هئڻ جي ڪري باهہ ڏانهن بہ حساسيت رکي ٿو ۽ جلدي باهہ پڪڙي وٺندو آهي. ۽ باهہ تمام جلد پڪڙجي ويندي آهي تنهنڪري ڪنهن بہ ڳالهہ جي جلدي پڪڙجڻ متعلق محاورو جڙيو “لنب ۾ ٽانڊو پوڻ”.

**سوير ڪائن سومرا، ٻگري جي ٻاتي**
**پيئن جهڻ جنهن مٿان، گهمري سان گهاتي**
**ڳُل ائين ڪاتي، عمر اباڻن سومرا**

“ٻگري جي ٻاتي” بہ ڪاڏي طور باقي تيارڪيل ڏُٿ جو هڪ قسم آهي، ٻگري جو ذڪر اڳ ئي مٿي ڪيو ويو آهي. ٻگرو جلدي پچندو  آهي تنهنڪري اُ ن جا ڪچاپن چونڊي اُنهن کي ٻاڦيو ويندو آهي. انهي کي ڪائي مٿان جهڻ پي تڪ ٽاري چڏبو آهي.

**عمر اباڻن سومرا، صدا ڪٽي سيل،**
**ٽڪي سنديءَ ٽيوڙتي، توهيا ڪئي هيل،**
**ساتر رب سبيل، مارن ميڙ مٿي ڪي**

“ٽيوڙ” لفظ سڱ بند ڪرڻ جي ڪاروهنوار ۾ ڪم ايندو آهي جنهن ۾ ٽي ڏُريون پاڻ ۾ سڱاوتي ڪنديون آهن. يعني “الف” ڌر پنهنجا اولاد “بي” کي ۽ بي ڌر پنهنجي اولاد “ج” کي ڏيندي آهي. تہ “ج” تنهنجو اولاد الف ڌر کي ڏيندو آهي، اهڙي طرح اِهو ٽڪنڊائون سڱاوتي رشتو “ٽيوڙ” سڏبو آهي ۽ ٽيئي ڌريون اڻ سڌي طرح هڪٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن.

**عمر اباڻن ۾ ڪانگها رن ڪاهون**
**گڏجان غلام محمد چئي اُنهن کي آئون**
**ويڙهيچن واهون، سوڙيون ڪر نہ سومرا**

ڪانگهارو لفظ مال سان لاڳاپيل آهي، جنهن مطابق ڪير ڏيندڙ مال ڪي شروعاتي 6 مهينن دوران "سُوئا" سڏايو ويندو آهي تنهنڪاپوءِ انهن ڪي ڪانگهارو سڏيو ويندو آهي ۽ ڪانگهارو ڪير گهاٽو ٿيندو آهي جنهن جو ڏونئرو ۽ مکڻ ٻئي عمدي قسم جا ٿيندا آهن.

**سوڙيون ڪر نہ سومرا، ريتون جي راڄن،**
**آهن ان ۾ عادتون، ڪچيون جي ڪاڇن،**
**اُهندر ڏين اباڻيون، لهہ تي جي لاڳن**
**پٽڪي جي پاڳن، ٻٽون ٻڌائن سومرا**

اُهندر لفظ شاديءَ ۾ تحفا تحائف ڏيڻ سان واسطو رکي ٿو. جنهن ۾ واسطيدار ڏُريون هڪٻئي کي ڪپڙا لٽا سبيل يا اڻ سبيل ڏينديون آهن ۽ اُهندڙ مڪمل تحفو هوندو آهي، جنهن ۾ ڪپڙن سان گڏوگڏ ٿول بہ هوندا آهن.

هي تہ چند بيت هئا نہ تہ صرف سُر مارئي جي بيتن ۾ لفظن جو خزانو آهي جنهن ۾ ٿر جي ريتن رسمن ۽ مال جي اصطلاحن کي عمدگيءَ سان چٽيو ويو آهي جيئن:

**ٻٽون ٻڌائن سومرا، پاڙي جي پرين،**
**ٻُسيون، چُسيون، چانئريون، ڏونريون ڪي ڏيئن**
**ڪوڙيون ڏين ڪٽيون، لپيٽي لوين،**
**گهٽو غلام محمد چئي ڏين ٿا ڏيجن**
**عاج ارٽين، سُوڏو ساٽيهہ سومرا**

ٻُسون، جُسيون، چانئريون، ٻاڪري مال جا پار ۽ اُهڃاڻ آهن تہ ڏونريون ڍڳيون ٿينديون آهن. ائين گهيٽا، ارٽ، ٻدو، تاسرا (تانگها) جهوڪ، (اُوني مال جي وهڻ جو هنڌ)، سرفو ڪرڻ (ڪفايت ڪرڻ) ڪانگ اُڏائڻ، اوچڻ (اوڍڻ جو ڪپڙو ڍڪ) ڪاڇو ڪيڻ (ول ۾ ٿيندڙ سنهي ڏاڳي نما واڌ) جيڪا اُنهن کي ٻئي وڻ سان وچي سلهاڙيندي آهي ۽ ڪاڇن ڪيڻ ڪانپوءِ ئي وليون ڦر جهلينديون آهن) پاهت(ڏينهن ڏهاڙي تي وچڻ ۽ ميار لاهڻ)، پيون (ڏُٿ جو هڪ قسم) گولاڙا، ٻاگيون، ڳم، ٻگنڊير (گاهہ ۽ ٻوٽا) ڪرپڻ (ڪنهن جو شدت سان انتظار ڪرڻ)،ٻهون(ٻڪريون)،سانئون(گاه جو قسم)، ڏوڏي (ڪير۾رڏيل رٻ) ٻُرٽ، ٻُرٽ، مڪٽي (گاهہ جا قسم) بير ڪٽڻ، اڏون ناهڻ، نڪون ۽ نيسارا رکڻ (ڪوهہ سان سلهاڙيل لفظ) جُون، ليڪ (جيت جيڪي وارن ۾ پئجي ويندا آهن).

اهڙي ريت سندس شاعري لفظن جو اڪٽ ڀنڊار آهن جنهنجي جيتري واڪاڻ ۽ وياڪياڻ ڪجي اوتري گهٽ آهي جڏهن انهن جي اسرار کي اپياسبو تڏهن اُن مان معنيٰ جا ڪيئي موتي ظاهر ٿيندا ويندا ۽ سنڌي ادب جو املهه ادبي ذخيرو مالا مال ٿيندو ويندو.

وڃي سڄيءَ ويڙهه مان، ڏُک ۽ ڏولائو
لهي راتاهو، ٿين سُک سانڍيهه ۾

# ابر سنڌي اوت.........!

شاعري انساني اظهار جو اُهو لطيف ڍنگ آهي جنهن جو روپ ۽ رنگ مڙني اظهاري ذريعن کان نيارو ۽ پيارو آهي جو جُڳن کان انسان پنهنجي اندر جي اُڌمن، احساسن، تصوراتي شڪلين کي لفظن جي قالب ۾ ڪڙي، من جي ماجرا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اِهڙن لطيف اظهارن جي شاعريءَ نسل انساني جي خيال تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. شاعري جيڪڏهن دل جي ڌرتيءَ کي چيري ڦٽي نڪتل مِٺي آب جو اجهل ڦوهارو آهي. تہ اُها ايترو تہ وڻندڙ ٿئي ٿي جو هر هڪ اُن کي ياد ڪري وٺي ٿو ۽ اهڙي طرح پڙهيل، اڻ پڙهيل، ٻار ٻُڍا، عورتون توڙي جوان اُنِ وَٽ کي جهر جهنگ جهونگارڻ لڳن ٿا. سنڌي شاعري بہ اهڙن من موهيندڙ موتين سان ٽمٽار آهي جن جي جڙاداريءَ، انساني شعور ۽ سوچ تي گهر اثر ڇڏيا آهن. اساسي سنڌي شاعرن ۾ قاضي قادن، شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنايت، شاهہ عبداللطيف، خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو، صوفي صادق فقير، خليفي نبي بخش لغاري جا اظهاريل خيالات اڄ بہ سنڌي ماڻهن جي زبان تي ازبر آهن. ڪشنچند بيوس، ڪيئلداس فاني، شيخ اياز جهڙن شاعرن بہ شعر جي ميدان ۾ پاڻ موڪيو جن سنڌي خيال جي خزاني کي مالا مال ڪيو.

غلام محمد جنجهي بہ ٿرپارڪر جو اهڙو ئي نامور شاعر ٿي گُذريو آهي. جنهن جي شاعري جي اثر پذيري، موضوعن جي چونڊ ۽ ٻوليءَ جي شاهوڪاري کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ سندس شاعري سنڌي شاعريءَ جي انهي اساسي ورثي جي ڪڙي آهي. غلام محمد جنجهي پنهنجي شاعريءَ ۾ سُر سارنگ سر جي، مُندن موجن، مينهن جي مانداڻ ، ماڻهن جي من جي مانڊاڻ، چوپائي مال جي چُرپر، گاهن ٻوٽن جو ذڪر ڪندي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ پٽن جي پر ۾ رهندڙن لاءِ مينهن جو اچڻ ڪيتري اهميت رکي ٿو ۽ ابر جي اوت ڪيئن نہ سندن لاءِ سرهائيءَ جي علامت آهي جنهن **اچڻ سان ڳل قحط ڪٽجي وڃن ٿا:**

> **ابر سنڌيءَ اوت سان، ٽاريين قحط ڳُل،**
> **ڪائون ڪپايون ڪاڄ جو مهانگو ٿري ملهہ**
> **هٺن ٿري هُل، روزي مالڪ رسائين.**

غلام محمد جنجهي جي سرجيل سُر سارنگ ۾ ڪُل اٺيتاليهہ بيت آهن جيڪي مُختلف خيالن جون اهڙيون آرسيون آهن جن ۾ انساني احساسن جي جڳاندر جهوني املهہ وٿ جا اولڙا پسي سگهجن ٿا تہ مينهن جي اچڻ سان منظر ڪيئن هوندا آهن، سارنگ جي سينگار ڪرڻ سان سمورا ڏنار خوش ٿي پنهنجي مال کي ويجها ٿين ٿا ڇاڪاڻ تہ اُهي ڪيترن ڏينهن کان آسماني آب لاءِ سڪيا پئي ۽

پلرجي جي پوڄ پاڻيءَ جي پالوٽ منجهن آسودگي آڻي ٿي ۽ سندن سمورا اهنج ۽ اَهڪ ۽ ڏُک دور ٿي وڃن ٿا.

**مُند آئي مينهن جي، ڪيا سارنگ سينگار،**
**خوش ٿيا سڀ ڪنوڻ تي، ڏونرين پاس ڏٺار،**
**پيو ساهه سينن ۾، وهسيا ويرو تار،**
**ويچارا سنگهار، سڪيا گهٽو ٿي سارنگ کي.**

اهڙي طرح اگوندرو آب جڏهن ڌرتيءَ کي ريج ڏئي ٿو ته ڊِٺ پٽ کهنبا ڊڪي، ڪنوار ٻٽجي پون ٿا ۽ ولهارن جا ولهار اکين جي نور جو سامان مهيا ڪن ٿا. ڪيئي گاهه ڀوتا ٿين ٿا. جن ۾ ڪنڊيدار گاهه جهڙوڪ ڀُرٽ وغيره سان گڏوگڏ ڪوماڻو گاهه به ٿئي ٿو. جنهن کي مال وڏي شوق سان چري ٿو ۽ خاص طور کير ڏيندڙ مال ڪوماڻ گاهه چري، کير مان وهي اُٿي هلي ٿو ۽ سارنگ ۾ ساون پٽن ۽ پاساڙن تي ڪوريءَ جي ڪار، رڍن ٻڪرين ۽ ڏڳين لاءِ وڏي ڪشش رکي ٿي. سارنگ جي سانڻ سان ڏيهه سموري ۾ ڏُٽ جي وٽ عام جام ٿي پوي ٿي ۽ جڳ جون جُڪيون لهي وڃن ٿيون. گاهه جي گلزاريءَ جو ذڪر ڪندي، غلام محمد جنجهي ڀر و ڀُرٽ ۽ سانوٽيءَ جو به ذڪر ڪيو آهي. جيڪي به ٿر جا مشهور گاهه آهن.

**اسان اباڻن جو، پر م رکج پتار،**
**پٽن پٽن پيچ ڪر، وسن سڀ ولهار،**
**ڀرو ڀُرٽ سانوٽي، ڪوريءَ ڪر ڪار،**
**چاريون اسين چاهه مان، رڍون جت ريڀار،**
**پلر جي پالوٽ سان، ڪيٽن چاڙهه خمار**
**گهٽا غلام محمد چوي، ٿين ان انبار،**
**اسان پکن جي پاٽار، ڪر آسودي ابرسان.**

اهڙي طرح ڌرتيءَ جي سائي ڪُهنبي اوڍڻ سان چوپايو مال سرهو ٿئي ٿو. رڍون ٻڪريون ڏڳيون ۽ ٻيو مال ڪائي خوش ٿي وٿاڻن تي وري اچي ٿو. غلام محمد جنجهيءَ جي شاعريءَ ۾ سارنگ جي نسبت سان مال جي چُرپر جو ذڪر آهي ته ڪئين مال ۾ سرهائي اچي ٿي ۽ اُهو جڏهان وٿاڻن ڏانهن موٽ ڪندي، اجهور ۾ پهچي ٿو ته رايون ۽ سايون ڪيئن رنيون ڪري پنهنجي اندر جو اظهار ڪن ٿيون، چائلن جي چُٽڪڻ، ڪيئن پٽن کي مترنم بڻائي ڇڏي ٿو يعني ٿر جي فطرت پرئي مانداڻ ۽ چوپائي

مال جي ڪيڏي نہ وڏي معنيٰ آهي. چاڪاڻ تہ ٿري ماڻهوءَ جو گُذارن ميگھہ ملهارن جي برڪت سان اُڳندڙ پوکن ۾ ساوڪ جي برڪت سان ئِي ڪندڙ ڏڳَ مال تي آهي. جنهن ڪي اُهي سرهائي جي نشاني طور لال چوندا آهن.

**اڇيو اجهورن ۾، رايون رنيون ڪن،**
**ڪٽيا هئا قحط ۾، جوڪا جُٺي جن،**
**بيهي تن پٽن ، ڪوري ڪاڏي قرب مان.**

**ابر سندي آسري، ڳُنڊيون لک ڳُٽڪن،**
**ڏونريون سايون درن تي ، جهوريءَ ۾ جهٽڪن،**
**چاڻلون چُٽڪن ، بارش ڪر پٽن تي.**

اهڙي طرح ٿر ۾رهندڙ ماڻهن توڙي مال کي مينهن جي مانداڻ جي جيڪا اون ۽ الڪو هوندو آهي اُهو ٿريءَ رهواسين جي اکين ۾ ان آگم جي چمڪ کي ڏسي چٽي سگهجي ٿو جڏهن مينهن جي مُند اچي ٿي. ڪکرن جون ڪارون ڪنڊرون ڪري اُپ سينگارين ٿيون. ابر ۾ اُهاءَ ٿئي ٿو ۽ وڄ وراڪا ڏئي ٿي، ڪنوڻ کيل ڪري ٿي. اهو مانداڻ ۽ منظر ٿر رهاڪن لاءِ ڪنهن عيد کان گهٽ نہ آهي. مينهن پوڻ جي ان مانداڻ کي شاعر هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

**سڪيا گهٽو جي سارنگ کي، تني لٿي اُڃ،**
**پيچ پٽن تي برسيو بحرين ڪيا پُڄ،**
**پوڄ پلر پلٽيا، ريلون ڪري رُڄ،**
**ڪنوڻين ڏاڍي کيل سان، آندا ابر اُهڄ،**
**مديني تان موٽيون ، پوڻ ڏيئي پُڄ،**
**رب ڪيا رُڄ، آسودا ابر سان.**

سارنگ جون اهي سرهايون هرهنڌ تي نظر ايندِيون ۽ جڏهن ٿوري دير لاءِ بہ مُند دير ڪري ٿي تہ ماڻهن ۾ هڪڙو اُلڪو پيدا ٿئي ٿو تہ ڪٿي مالڪ جي مهر جي ٻاجھہ جو ٻُڙو اسان مٿان هٽائي نہ ڇڏي پوءِ تہ اسين ڪٿي جا نہ رهنداسين. ڏيھہ ۾ ڏولائو اچي ويندو چاڪاڻ تہ سارنگ سرهائي، سونهن، ساوڪ جو آڌيندڙ آهي جنهن جي اچڻ ساري مُلڪ جي مايوسي هڪ ڏڪ ۾ دور ٿي ويجي ٿي. سارنگ جي اهڙي سرهائي ڀري اهڃاڻ جو ذڪر غلام محمد جنجهي جي شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿو جنهن ۾ هُو ماڻهن جي سارنگ ڏانهن سڪ ۽ ڇڪ ۽ سڪ واريءَ ڪيفيت کي بيان ڪندي اهو

ٻُڌائي ٿو تہ انهن جو من ميگهہ ملهاريءَ ڪيئن نہ ماندو آهي ۽ ڏٺيءَ ڏر اُهي ٻيئي هٿ ڪٽي ڪيئن ٻہ ٻاڏائين ٿا. ٿر جا پڪي پکڻ، مال ۽ ماڻهو سمورا هڪ خيال تي هڪ آواز سان مالڪ کي پنهنجي دل جي دانهن ٻُڌائيندي عرض ڪن ٿا:

**سدا وسن مينهڙا، ڪري ميگهہ ملهار،**
**سڪيائيون ساٿيهہ ۾، ويتر ٿئي وسڪار،**
**ڏاتر ڪرين ڏورتون، منجهان ڏيهہ ڏڪار،**
**پلر سان پُر رهي، پٽن جي پاتار،**
**ڪاڻون پيئون خوش رهون آسن منجهہ اپار،**
**گڏجي غلام محمد چئي سرها ٿيون سنگهار**
**ٿري ڏيهہ ڏڪار، پکن پٽ رهائيين.**

اهڙي طرح غلام محمد جنجهي سُرسارنگ ۾ مينهن جي مانداڻ ۽ اُن لاءِ انساني آنڌمانڌ ۽ سڪ چِڪ جي عڪاسي ڪندي ٿر ۾ موجود چوپائي مال جي چُرپر جو ذڪر ڪندي، مينهن کي سرهائي جو اُهڃاڻ قرار ڏئي ٿو. جنهن سان ڏيهہ جو ڏولائو لهي ٿو ۽ سانگين سنگهارن ۾ سرهائي پيدا ٿئي ٿي ۽ سندن منهن تي مُرڪون موتي اچن ٿيون، سمورو مانداڻ خوشحاليءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿو ۽ ٿر جي زندگي روان دوان ٿي وڃي ٿي.

# قحط ٿارين ڪُل ......!

دنيا هن وقت جنهن گهٽ گهيڙتي اچي پهتي آهي انهي کان اڳتي دنيالاءِ للڪارون به وڏي ويون آهن چاڪاڻ جو دنيا ترقي به تمام گهڻي ڪئي آهي ته وري تباهيءَ جي سامان جوڙڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. ائٽمي هٿيارن کان وٺي ڪيميائي هٿيارن تائين ، حياتي بچائيندڙ دوائن کان وٺي نشيدارشين جي مختلف وڙن جي مارڪيٽ ۾ موجودگي، نفعي جي بند گليءَ ڏانهن ويندڙ اهڙي وات آهي جنهن تان هرڪو اوتڙ ٿو اولي. انهي هيچ فطرت جي وسيلن کي بي تحاشا ڪپايوآهي جنهن دنياکي ڪيترين ئي مصيبتن جي منهن ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اهي مصيبتون ڪڏهن قدرتي آفتن جي روپ ۾ ڪر ٿيون ڪڻن ته ڪڏهن وري انساني مصيبتن جي ارڙبلاانسان جي امن ۽ خوشحاليءَ واري دڳ تي وات ڦاڙي ويهي رهي ٿي.انهي ماجرادنياڀ ڪيئي قحط پيداڪري ڇڏياآهن. قحط الرجال ته هر هنڌ نظر ٿو اچي . ذهني قحط به دنياڀ ڪرڪنيو بيٺو آهي. اُتي وري آبي قحط، اوپڙجا قحط ۽ سماجي اقتصادي قحط به واڳونءَ جيان وات ڦاڙي دنيا کي ڳڙڪائڻ جي تاڙ ۾ آهن. اهڙن قحطن يا ڏڪارن ۾ ٿر ۾ هر پنجن سالن ۾ پوندڙين ڏڪارن جي ڳالهه به هن مند ۾ ميڊياجي زينت بنبي آهي. اهڙاقحط ڪيئن ويندا.اسانجي شاعرن انهن ڏڪارن بابت ڇاچيو آهي؟ اها ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان اڳ ڏسون ته شاعري ڇاآهي؟ انساني زندگيءَ سان ان جو ڪاروهنوار ڪيئن آهي؟

شاعري انساني اظهار جو اُهو لطيف ڍنگ آهي جنهن جو روپ ۽ رنگ مڙني اظهاري ذريعن کان نيارو ۽ پيارو آهي جو جُڳن کان انسان پنهنجي اندر جي اُڌمن، احساسن، تصوراتي شڪلين کي لفظن جي قالب ۾ ڪڙي، من جي ماجرا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اِهڙن لطيف اظهارن جي شاعريءَ نسل انساني جي خيال تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. شاعري جيڪڏهن دل جي ڌرتيءَ کي ڇيري ڦٽي نڪتل مِٺي آب جو اجهل ڦوهارو آهي. ته اُها ايترو ته وٽندڙ ٽئي تي جو هر هڪ اُن کي ياد ڪري وٺي ٿو ۽ اهڙي طرح پڙهيل، اڻ پڙهيل، ٻار ٻُڍا، عورتون توڙي جوان اُنِ وَٽ کي جهرجهنگ جهونگارڻ لڳن ٿا. سنڌي شاعري به اهڙن من موهيندڙ موتين سان ٽمٽار آهي جن جي جڙاداريءَ، انساني شعور ۽ سوچ تي گهر اثر ڇڏيا آهن. اساسي سنڌي شاعرن ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم. شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، صوفي صادق فقير، خليفي نبي بخش لغاري جا اظهاريل خيالات اڄ به سنڌي ماڻهن جي زبان تي ازبر آهن. ڪشنچند بيوس، ڪيئلداس فاني، شيخ اياز جهڙن شاعرن به شعر جي ميدان ۾ پاڻ موکيو جن سنڌي خيال جي خزاني کي مالا مال ڪيو.

غلام محمد جنجهي به ٿرپارڪر جو اهڙو ئي نامور شاعر ٿي گُذريو آهي. جنهن جي شاعري جي اثر پذيري، موضوعن جي چونڊ ۽ ٻوليءَ جي شاهوڪاري کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته سندس شاعري

سنڌي شاعريءَ جي انهي اساسي ورثي جي ڪڙي آهي. غلام محمد جنجهي پنهنجي شاعريءَ ۾ سُر سارنگ سر جي، مُندن موجن، مينهن جي مانڊاڻ ، ماڻهن جي من جي مانڊاڻ، چوپائي مال جي چُرپر، گاهن ٻوٽن جو ذڪر ڪندي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ٿرن جي پِير ۾ رهندڙن لاءِ مينهن جو اچڻ ڪيتري اهميت رکي ٿو ۽ ”ابرجي اوت“ ڪيئن نه سنڌن لاءِ سرهائيءَ جوا ُهڃاڻ آهي جنهن جي **اچڻ سان ڳُل قحط ڪنجي وڃن ٿا:**

**ابر سنڌيءَ اوت سان، ٽاريين قحط ڳُل،**
**ڪائون ڪپايون ڪاڄ جو مهانگو ٿري ملهه**
**هٿن ٿري هُل، روزي مالڪ رسائيين**

غلام محمد جنجهي جي سرجيل سُر سارنگ ۾ ڳُل انيتاليهه بيت آهن جيڪي مُختلف خيالن جون اهڙيون آرسيون آهن جن ۾ انساني احساسن جي جڳاندر جهوني املهه وٿ جا اولڙا پسي سگهجن ٿا ته مينهن جي اچڻ سان منظر ڪيئن هوندا آهن. سارنگ جي سينگار ڪرڻ سان سمورا ڏنار خوش ٿي پنهنجي ڏونرين يعني اڇي رنگ جي ڏڳين کي ويجهو ٿين ٿا . سنڌن سينن ۾ ساه پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته اُهي ڪيترن ڏينهن کان آسماني آب لاءِ سڪيا پئي ۽ پلرجي جي پوڄ پاڻيءَ جي پالوت منجهن آسودگي آڻي ٿي ۽ سنڌن سمورا اهنج ۽ اَهک ۽ ڏک دور ٿي وڃن ٿا.

**مُند آئي مينهن جي، ڪيا سارنگ سينگار،**
**خوش ٿيا سڀ ڪنوڻ تي، ڏونرين پاس ڏٺار،**
**پيو ساهه سينن ۾، وهسيا ويرو تار،**
**ويچارا سنگهار، سڪيا گهٽو ٿي سارنگ کي.**

اهڙي طرح اگوندرو آب جڏهن ڌرتيءَ کي ريج ڏئي ٿو ته ڍٽ پٽ کهنبا ڍڪي، ڪنوار ٻٽجي پون ٿا ۽ ولهارن جا ولهار اکين جي نور جو سامان مهيا ڪن ٿا. ڪيئي گاهه ٻوٽا ٿين ٿا. جن ۾ ڪنڊيدار گاهه جهڙوڪ ٻُرٽ وغيره سان گڏوگڏ ”ڪوماٽو“ گاهه به ٿئي ٿو. جنهن کي مال وڏي شوق سان چري ٿو ۽ خاص طور کير ڏيندڙ مال ڪوماڻ گاهه چري، کير مان وهي اُتي هلي ٿو ۽ سارنگ م ساون پٽن ۾ پاساڙن تي ڪوريءَ جي ڪار، رڍن ٻڪرين ۽ ڏڳين لاءِ وڏي ڪشش رکي ٿي. ڪوماٽو گاهه اهڙو گاهه جنهن ۾ ڪنڊو وغيره نه ٿي. سارنگ جي سائڻ سان ڏيهه سموري ۾ ڏُٺ جي وٿ عام جام ٿي پوي ٿي ۽ جڳ جون جُڪيون لهي وڃن ٿيون . گاهه جي گلزاريءَ جو ذڪر ڪندي، غلام محمد جنجهي ”ٻرُ و“ ”ٻُرٽ“ ۽ ”سانوڻيءَ“ جو به ذڪر ڪيو آهي. جيڪي به ٿر جا مشهور گاهه آهن.

**اسان اباڻن جو پِر م رڪج پيتار،**
**پٽن پٽن پيچ ڪر، وسن سڀ ولهار،**
**ٻرو ٻُرٽ سانوڻي، ڪوريءَ ڪر ڪار،**

**چاريون اسين چاهه مان، رڏون جت ريڊار**
**پلر جي پالوٽ سان، ڪيئن چاڙهه خمار**
**گهٽا غلام محمد چوي، ٿين ان انبار**
**اسان پکن جي پاٽار، ڪر آسودي ابرسان.**

ٻروٻرٽ، ڪوري گاه آهن. ڪيٽ ٿر ۾ پوڪجندڙزمين ياٻنيءَ کي چيو ويندوآهي. اهڙي طرح ڏرتيءَ جي سائي ڪُهنبي اوڍڻ سان چوپايو مال سرهو ٿئي ٿو. رڏون ٻڪريون ڏڳيون ۽ ٻيو مال ڪائي خوش ٿي وٿاڻن تي وري اچي ٿو. غلام محمد جنجهيءَ جي شاعريءَ ۾ سارنگ جي نسبت سان مال جي چُرپر جو ذڪر آهي ته ڪئين مال ۾ سرهائي اچي ٿي ۽ اُهو جڏهان وٿاڻن ڏانهن موٽ ڪندي، اجهور ۾ پهچي ٿو ته "رايون" ۽ "سايون" ڏڳيون ڪيئن رنڀون ڪري پنهنجي اندر جو اظهار ڪن ٿيون. چائلن جي چُٽڪڻ، ڪيئن پٽن کي مترنم بڻائي ڇڏي ٿو يعني ٿر جي فطرت پرئي مانڊاڻ ۽ چوپائي مال جي ڪيڏي نه وڏي معني آهي، ڇاڪاڻ ته ٿري ماڻهوءَ جو گُذارن ميگهه ملهارن جي برڪت سان اُڱندڙ پوکن ۽ ساوڪ جي برڪت سان ڏءَ ڪندڙڏَڳَ مال تي آهي. جنهن کي اُهي سرهائي جي نشاني طور لال چوندا آهن.

**اچيو اجهورن ۾، رايون رنڀون ڪن،**
**ڪٿيا هئا قحط ۾، جوکا جُٺي جن،**
**ٻيهي تن پٽن ، ڪوري ڪاڏي قرب مان،**

**ابرسندي آسري، ڳُنڍيون لک ڳُٽڪن،**
**ڏونريون سايون درن تي ، جهوريءَ ۾ جهٽڪن،**
**چائلون چُٽڪن ، بارش ڪر پٽن تي،**

اهڙي طرح ٿر ۾رهندڙ ماڻهن توڙي مال کي مينهن جي مانڊاڻ جي جيڪا اون ۽ الڪو هوندو آهي اُهو ٿريءَ رهواسين جي اکين ۾ ان آگم جي چمڪ کي ڏسي چئي سگهجي ٿو جڏهن مينهن جي مُند اچي ٿي. ڪڪرن جون ڪارون ڪنڌرون ڪري اُپ سينگارين ٿيون. ابر ۾ اُهاءَ ٿئي ٿو ۽ وڄ وراڪا ڏئي ٿي، ڪنوڻ کيل ڪري ٿي. اهو مانڊاڻ ۽ منظر ٿر رهاڪن لاءِ ڪنهن عيد کان گهٽ نه آهي. مينهن پوڻ جي ان مانڊاڻ کي شاعر هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

**سڪيا گهٽو جي سارنگ کي، تني لٿي اُڃ،**
**پيچ پٽن تي برسيو بحرين ڪيا پُڄ،**
**پوڄ پلر پلٽيا، ريلون ڪري رُڄ،**

**ڪنوڻين ڏاڍي ڪيل سان، آندا ابر اُهڃ،**
**مديني تان موٽيون ، پوٽن ڏيئي پُڇ،**
**رب ڪيا رُڃ، آسودا ابر سان.**

سارنگ جون اهي سرهايون هرهنڌ تي نظر ايندءون ۽ جڏهن ٿوري دير لاءِ بہ مُند دير ڪري ٿي تہ ماڻهن ۾ هڪڙو اُلڪو پيدا ٿئي ٿو تہ ڪٿي مالڪ جي مهر جي ٻاجهہ جو ٻُڙو اسان مٿان هٽائي نہ ڇڏي پوءِ تہ اسين ڪٿي جا نہ رهنداسين. ڏيهہ ۾ ڏولائو اچي ويندو ڇاڪاڻ تہ سارنگ سرهائي، سونهن، ساوڪ جو آڌيندڙ آهي جنهن جي اچڻ ساري مُلڪ جي مايوسي هڪ ڌڪ ۾ دور ٿي وڃي ٿي. سارنگ جي اهڙي سرهائي پرڀري اهڃاڻ جو ذڪر غلام محمد جنجهي جي شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿو جنهن ۾ هُو ماڻهن جي سارنگ ڏانهن سڪ ۽ ڇڪ ۽ سڪ واريءَ ڪيفيت کي بيان ڪندي اهو ٻُڌائي ٿو تہ انهن جو من ميگهہ ملهاريءَ ڪيئن نہ ماندو آهي ۽ ڏٽيءَ ڏر اُهي ٻيئي هٿ کڻي ڪيئن بہ ٻاڏائين ٿا. ٿر جا پکي پکڻ، مال ۽ ماڻهو سمورا هڪ خيال تي هڪ آواز سان مالڪ کي پنهنجي دل جي دانهن ٻُڌائيندي عرض ڪن ٿا:

**سدا وسن مينهڙا، ڪري ميگهہ ملهار،**
**سڪيائيون ساٽيهہ ۾، ويتر ٿئي وسڪار،**
**ڏاتر ڪرين ڏورتون، منجهان ڏيهہ ڏڪار،**
**پلر سان پُر رهي، پٽن جي پاتار،**
**ڪائون پيئون خوش رهون آسن منجهہ اپار،**
**گڏجي غلام محمد چئي سرها ٿيون سنگهار**
**ٿري ڏيهہ ڏڪار، پکن پٽ رهائيين.**

غلام محمد جنجهي سُرسارنگ ۾ مينهن جي مانداڻ ۽ اُن لاءِ انساني آنڌمانڌ ۽ سڪ ڇڪ جي عڪاسي ڪندي ٿر ۾ موجود چوپائي مال جي چُرپر جو ذڪر ڪندي، مينهن کي سرهائي جو اُهڃاڻ قرار ڏئي ٿو. جنهن سان ڏيهہ جو ڏولائو لهي ٿو ۽ سانگين سنگهارن ۾ سرهائي پيدا ٿئي ٿي ۽ سندن منهن تي مُرڪون موٽي اچن ٿيون، سمورو مانداڻ خوشحاليءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿو ۽ ٿر جي زندگي روان دوان ٿي وڃي ٿي. قحط سالي ڪٽڻ ۽ خوشحالي آڻڻ جو اهو تصور فطري تصور آهي جيڪو دنياجي قحط ڪاٽڻ توڙي ڪلائيميٽ چينج جي خراب اثرن کي گهٽائڻ لاءِ هڪڙو بهترين سبق پڻ آهي.

# هيءُ نہ منهنجو ديس، منهنجو ديس ملير ۾ !!

ٿرجيڪو امن جو گهر ۽ گهوارو آهي.ٿر جيڪو ٿر ۽ پارڪر تي مشتمل هڪ اهڙي سول سوسائٽي آهي جنهن جو بر ڪا بہ سول سڏائيندڙ سوسائٽي ميچي نٿي سگهي. ڏرتي تي سرڳ سمان هي ٽڪرو بہ هن وقت هڪڙي وڏي هڻ هٽان ۽ ڏوڪ ڏوڪان جي منهن ۾ آهي. شيخ اياز جنهن خطي کي ويڙهوتاڪائيندڙ خوبصورت ريشمي قالين سڏيو هو تنهنجي خوبصورتيءَ کي ڪهڙيون للڪارون درپيش آهن؟ هن ڌرتيءَ تي ڪنهن وقت ۾ هڪڙي ندي وهندي هئي جنهن کي سرسوتي چيو ويندو هو.اها ندي منهن ڪائو ڏيئي جو عميق ۾ هلي ويئي تہ ان کي ائٽڪن سنڌ گزيٽيئر ۾ "وچايل ندي " سڏيو هو.اها وچايل ندي ڪٽي "هاڪڙو" بہ سڏي ويئي آهي تہ ڪٽي گاگهرپڻ. ڪجهہ هندستاني ۽ ڪجهہ يورپي ليکڪن جي مقالن جي مجموعي کي سهيڙي انگريزيءَ ۾ "سرسوتي تهذيب" جي نالي سان ڇاپيو ويو آهي. انهي ۾ سرسوتي نديءَ بابت ليکن سميت آريائن جي اچڻ واري نظريئي کي بہ مدلل نموني رد ڪيو ويو آهي. اهو ڪنهن ٻئي دفعي هن دفعي جو اهو موضوع ناهي.ٿرجي ڏاڪڻين الهندئين ڪناري تان سمنڊ هو جنهن تي ساموئڊي شهر جهڙوڪ راهومن جي بازار، ونگي جي بازار ۽ پاري نگر جهڙاپلوڙ شهر بہ هئا. انهن شهرن جي ٽڪرائن توڙي ٻين نشانين کي جڏهن ڏسجي ٿو تہ انهن مان جيڪي اهڃاڻ ملن ٿا اهي امن ، آشتي، آرٽ ۽ جمالياتي ذوق جا اشارا ڏين ٿا.پر هن وقت جي شهرن جو اڏجڻ دنيالاءِ ڏينهون ڏينهن مسئلاءِ معاملا پيو پيدا ڪري. اسان جهڙن ملڪن جا شهر تہ ڪنهن ليکي ۾ ناهن پرسُڌريل سڏائيندڙ دنيا جا شهر بہ هرروز آزار بنجندا وڃن. گليءَ گهٽيءَ جو ڏوهہ تہ ڄڻ انهن شهرن ٻارڻ جي راند بنجي چڪو آهي. ان ڪانسواءِ اڇي لباس ۾ سفيد پوش بنجي ، شهري بابو جيڪي ڪرتوت ڪن ٿا تن جي حال جي حقيقت جڏهن بہ دنيا جي سامهون آئي آهي تہ لون لون ڪانڊارجي وڃي ٿو. هرشئي ۾ ملاوت ڪري وڪرو ڪرڻ، هڪڙي وڙ جا ڪيترائي وڙ ناهي ، گراهڪ کي ٻوڙو ڪري زوري وڪڻڻ، انساني عضون جو ڪاروبار، انسانن جو ڪاروبار، اهڙي طرح ڪيترائي ڪاروبار آهن جيڪي شهرن ۾ شروع ٿين ٿا ۽ پوءِ دنيا جي آبادي ءَ جي اڪثريت کي وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي وڃن ٿا.اهو سمورو ڪم ڪار دنيا کي اُپائيندڙن ۽ خريدارن جي ٻن طبقن ۾ ورهائي ڇڏي ٿو. شهرن جو اڏڻ ماڻهوءَ جي من پسند ڪرت بہ رهيو آهي پر ماڻهوءَ جي هٻچ جي ڪا حد ناهي تڏهن تہ چيو ويندو آهي تہ انسان جي کوپڙي اونڌي آهي جنهن جو پرجڻ ناممڪن آهي. اونڌي کوپڙيءَ ۾ پريل ميڄالي جي اعصابي جيوگهرڙن وسيلي انسان ڪائنات جي بہ وڏي اوڪ ڊوڪ ڪئي آهي.پر انهي اونڌي کوپڙيءَ ڪيترائي ڪُڌا ڪم بہ ڪرايا آهن. انهن ڪُڌن ڪمن جي فهرست ۾ هڪڙو سرمايي واد جو سرشتو بہ آهي جنهن ايئن شهرن جي وڌڻ ويجهڻ کي هٿي ڏني آهي. شهرن جو اهو سيلاب دنيا کي ايئن ڳڙڪائيندو پيو وڃي

جيئن سنڌوندي جي سمنڊ ۾ نہ وڃڻ ڪري، سنڌوءَ جي مهڳ واريون زمينون سمنڊ پيو ڳڙڪائي. شهرن ٺهڻ ۽ وڌڻ جي اها ٻوڏ جتي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪي آهي تتي ٿر ان کان بچيل ناهي. ٿر جنهن ۾ ڪنهن وقت تمام ٿوري آبادي هئي . امن امان هو. قدرتي ماحول ۾ زندگي تمام پُرسڪون ۽ فطرت جي ويجهو هئي. ننڍاننڍاڳوٺ هوندا هئا جن جا نالا پاڻيءَ جي نواڻن سان منسوب هوندا هئا ڇاڪاڻ جو ڪنهن بہ وسنديءَ جي آباد ٿيڻ جو بنياد پاڻيءَ جي دستيابي هوندو آهي. برساتي پاڻي جتي بيهندو آهي ان کي ”سر“ چوندا آهن ۽ ٿر جا آڳاٽا ڳوٺ سر جي پڇاڙيءَ سان نالن وارا آهن جهڙوڪ پوڄاسر، ڪجلاسر، گوگاسر، نبي سر، سانيا سر، وغيره آهن. ان کان پوءِ وري پڌري پاڻيءَ ۽ تانگهي پاڻيءَ وارا ڳوٺ اچن ٿا جن ۾ ”پار“ پڇاڙي طور آيل آهي. پار مٺاڃري کي ويجهو پاڻي جو ننڍڙو کوه آهي جنهن ۾ ٿورو پاڻي هوندو آهي. اهوپاڻي اونهاري جي موسم يعني آڙهڙ جي گرم ڏينهن ۾ سڪي ويندو آهي . ڪي ڪي کوه ايترو مٺاڃري کي ويجها آهن جو اتي ٿوري کڏ کوٽڻ سان پاڻي نڪري اچي ٿو. اهڙن کوهن ۾ ڏيپلي تعلقي جا ڳوٺ ”ڪُتاني“ ۽ ”گوڏانگڙي“ آهن. ڪتاني ۾ پاڻي ايترو مٿي آهي جو کوٽيل زمين مان ڪتو پاڻي لڪي سگهندو آهي. گوڏانگڙيءَ ۾ ٻڪريون وغيره گوڏا کوڙي کوٽيل کڏ مان پاڻي پي سگهنديون آهن. اهڙاپاڻيءَ جا نار ٿر جي اولهہ ڏکڻ ۾ آهن جڏهن تہ اتر اوڀر ۾ اهي نار هيٺ هليا ٿا وڃن. جن آبادين ۾ جر جو پاڻي کارو آهي انهن ڳوٺن ۾ کارو اڳياڙي ۽ پڇاڙي طور لڳي ٿوءِ مٺي جر واراهنڌ وري منو يا منڙيو جي اڳياڙي يا پڇاڙيءَ سان نروار آهن، جيئن کارو حبيب، کارو جاني، کاريوغلام شاه وغيره. منو ڍاپڙو، ڪلٺهار منو منڙيو سومرا وغيره. ايئن پوءِ ڪجهہ آباديون ماڻهن جي نالن ۽ ذاتين جي نالن سان مشهور ٿيون. انهن ۾ مردن توڙي عورتن ٻنهي جا نالا شامل آهن. جيئن دلن جوتڙ، صالح جوتڙ، مني، داديءَ جو تڙ، مانبائيءَ جوتڙ وغيره. اهو ڳوٺن جو سلسلو اڳتي هلي شهرن جو روپ ڌاري ٿو. شهر جيستائين ڪنهن رٿابنديءَ جي وروڪڙ ۾ آهن تيستائين رهڻ جوڳا آهن پر جڏهن اهي حدون اورانگهي وڃن ٿا تہ پوءِ ڪراچي ٿي ٿا پون ۽ ڪنهنجي پڪڙ يا ضابطي ۾ نٿا اچن. ٿر ۾ آڳاٽي زماني جي شهرن ۾ ڪانڌلڪوٽ جوشهر بہ هو تہ هنجتل جي بازار بہ هوندي هئي. جتان جا لڏي آيل ماڻهو هن وقت بہ هنجتليا سڏائين ٿا. ٿر جو سماجي خدمتگار مامو وشن بہ هنجتليو آهي.پاري نگرجو شهر بہ مشهور هوندو هو. جنهن جون بازارون ۽ ناريل جا وڻ ديومالائي قصن ۾ اجا تائين ڳايا وڃن ٿا. ڪس جي شهرن نوهٽي جو شهرهوندو هو. جتي هاٿي ساڳي نالي سان ڳوٺڙو آهي. ڪيرٿيءَ جو شهر هو ڪيسر مڪواٽي جي واريءَ ۾. امراڻو جيڪو ڪنهن وقت ۾ گڏ امراڻ جي نالي سان مشهور هو ۽ هن وقت اتي عمرڪوٽ جوشهر آهي. ان کانپوءِ جيڪي شهر آباد ٿيا تن ۾ سلاٽوشهر، جيڪو هاڻي اسلام ڪوٽ سڏجي ٿو ، مٺي شهر جيڪو ڪڏهن فتح گڏ بہ ڪوٺيو ويو هو پر اهو نالو بہ نہ هلي سگهيو ۽ مٺي اڄ تائين مٺي آهي. ڇيلي چارڻ جو ٻڌايل ڳوٺ بہ ڇيلهار جوشهر ٿي پيو آهي تہ ڏيپي ميگهواڙ جو آباد ڪيل ڳوٺ ڏيپلو بہ چڱو موچارو شهر آهي. جيتوڻيڪ ڏيپلي جي ميمڻن جي اڪثريت لڏي شهرن ۾ آباد ٿي

ڇڪي آهي. ڀر ڊاڪٽر شفيع جهڙاخدمتگار ۽ نيڪ انسان هتي ئي رهن ٿا ۽ ٿر جي ماڻهن جي چاڪريءَ ۾ رات ڏينهن مشغول آهن. ڀاري نگر جي پٽن ڀرسان ننگرپارڪر جو شهر آباد آهي جيڪو ٻه مختلف ويرن جي ور چڙهي ڪڏهن آباد ته ڪڏهن برباد ٿيندو رهيو آهي. هن وقت ننگر شهر جي به آبادي چڱي خاصي آهي. ڪانٽئي جو ڳوٺ نما ننڍڙو شهڙو به وڏنڊڙ ويجهنڊڙ شهر آهي ته ڏاني داندل جو ٻڏل ڳوٺ شهر ڏانهن وڌندو وڃي پيو. ويري جي واءَ به شهر جي سجاٽپ رکي ٿي. مبارڪ رند به ننڍڙو شهر نما ڳوٺ آهي. اهڙي طرح وڪڙيئي جو ڳوٺ, ڪروڙي جو ڳوٺ, جنجهي جو ڳوٺ, رڻپاريو, ڪيمي جو پار, ڪيتار, تڙدوس, ڊاڪلو اوڏاٽي وغيره اهڙا ڳوٺ آهن جن ۾ شهر تياري ٿي رهيا آهن. ٿر ۾ ويجهي دور ۾ ڦيريون بازارون انگريزن جي دور ٿيهون جن ڀويان مکيه محرڪ ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽرپالن هو. انهن بازارن کي پالن جون بازارون سڏيو ويندو هو. پالن ايترو ته محنتي ۽ عوامي لاڙو رکندڙ ڪامورو هو جو هن وڪٽوريا جي ڪولڊن جوبليءَ لاءِ سڏايل تقريب ۾ عمرڪوٽ ۾ سنڌيءَ ۾ تقريرڪئي هئي. ٿرپارڪر ۾ مواصلات جا وسيلا نه هئڻ جي برابر هوندا هئا. اُٺن گهوڙن کي سواريءَ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. بجلي وغيره به نه هوندي هئي. رستا به ڪچا ۽ اڙانگا هوندا هئا. 50 جي ڏهاڪي ۾، ٻي جنگ عظيم جي بچيل اوب جون جي ايم سي ٽرڪون هتي هلڻ شروع ٿيون جن جي شروعاتي مالڪن مان نالو حضرت گل پناڻ جو ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو. ان کان پوءِ مختلف ماڻهن انهن ڪيڪڙن جون ڪمپنيون ٺاهيون ۽ ٽرانسپورٽ جي ڪم کي وڌايو.آهستي آهستي ماڻهو شهرن ۾ آباد ٿيڻ لڳا.1985ع ۾ تجرباتي روڊ ٺهيو ۽ محمد خان جوڻيجي وزيراعظم جي حيثيت سان ايس آر ٽي سي بسن جوافتتاح ڪيو. اهو سلسلو جاري هو ته انهي ڏهاڪي ۾ بجليءَ به پنهنجا قدم ٿر جي ڌرتيءَ تي کوڙيا. مٺيءَ جو شهر روشن ٿيو. ان ڇرپر ۾ وڏي ڇرپر 1990ع ۾ ضلعو قائم ٿيڻ ۽ انجو هيڊڪوارٽر مٺي ٿيڻ سان ٿيو. اهو شهر جيڪو ان وقت 12 هزار آباديءَ جو شهر هو سو هاڻي لک کي ڪلهو هڻڻ لڳو آهي.ٿر جي انهن تبديلين بابت عارف حسن به 2007 ۾ لکيو آهي ته ”هتي مٺيءَ ۾ هن وقت 275 جيپ ٽيڪسيون آهن ۽ 50 ڪارون رڳو مٺي شهر ۾ آهن.“ هن وقت ٿرجي هرهڪ ڳوٺ ۾ جيپون موجود آهن. ان کان پوءِ ٻي وڏي تبديلي ، اسلام ڪوٽ کان اوڀر ۾ ٿهري جي تڙ ۾ سينري وٽ ڪوئلي جي ذخيرن جي محترمه بينظيرڀٽو پاران افتتاح ڪرڻ کان پوءِ ٿيو. اسلام ڪوٽ ۽ ان جي آسپاس آبادي وڌڻ لڳي. نتيجي ۾ ٻاهر جي ماڻهن به اچي زمينون ايتري ڳري اگهه ۾ خريد ڪيون جو مقامي ماڻهوءَ جو هٿ پير ڇيو ئي نٿو ڪري. ننگرپارڪر ۾ به زمينن جا اگهه وڌي ويا.اتي به ڪراچي ۽ ٻين شهرن جي ماڻهن زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون. مذهبي قوتن اچي مسجدون ۽ مدرسا خريد ڪيا آهن. غيرسرڪاري تنظيم جا نت نوان پروجيڪٽ شروع ٿيا ۽ آبادي وڌڻ لڳي. انهي سان شهرن ۾ هوٽل ۽ رهائش جو دنڌو به وڌيو.هن وقت رڳو مٺيءَ ۾ خانگي شعبي ۾ 10 کن گيسٽ هائوس ۽ هاسٽل آهن. ان سموري عمل جو جيڪو خراب اثر پيو اهو هي آهي ته ڏارين ماڻهن جي آبادي ٿر ۾ پير کوڙڻ لڳي آهي. زمينون ڏڙاڏڙ

وڪجي رهيون آهن. ڪنٽينرن ۾ هوٽل کلي ويا آهن. سيمن مان وڻ جي واڍي شروع آهي. گگرال سميت ڪيترائي وڻ ختم ٿي رهيا آهن. مورن ۾ بيماري آهي ته هرڻ جوءِ ڇڏي ويا.روجھ رهيا ئي ناهن. ڪارانانگ لڪي ويا آهن.انهن جي جاءِ ٻي گري ٻانڊوري لنڊيءَ والاري آهي. جنهن جو ڪيپيٽلزم وانگر ڪو گرپير ناهي.ائين شهري ڪرڻ جو اهو تيز عمل متان ٿر جي سولتي، امن ۽ آشتيءَ کي ٻڙڪائي وجي. شهر ته هوندا، ڪنٽينر ته هوندا، ڪلون ته هونديون پر نه ٿرهوندو نه ٿري هوندا. اهڙي ڪيفيت کي شيخ اياز هن ريت اظهاريو آهي:

هيءُ نه منهنجو ديس، منهنجو ديس ملير ۾،
آئون ڪٿيريءَ ويس، مور نه مٽيان سومرا

# ٿر آهي ٿڻ تي نہ ٿِي ڪڻ تي

خالق، خلق جي تخليق ۽ ڪائنات جي ڪارسازيءَ جي محور ۽ مرڪز انسان ڪي رکنديِ، سموريءَ ڪائنات کي اُن لاءِ باغيچي وانگر ٺاهيو. اُن باغيچي ۾ وري انسان پنهنجا پنهنجا ننڍڙا باغيچا جوڙيا يا جنسار ٺاهيا. انساني جنسار پڻ فطرتي جوڙ جي عڪس تان ڪنيا ويا يا وري فطرتي شين کي انسان پنهنجي سنگ ڪري انهن کي ”گهريلو“ بنايو ۽ پنهنجي فائدي خاطر اُنهن جي استعمال ۽ ڪارج کي ”جهنگلي“ جي دائري مان ڪڍي گهروٽڙو بنايو. هاڻي اهو چٽو چائو ٿي پيو آحي تہ انساني سماج جي اوسر ۾ ٻوٽن ۽ جانورن جي گهرو ٽڙائي (Domestication) کي پيڙه جو ڏاڪو سڏيو ويجي ٿو ۽ انساني سماج جي انهي اوسر جي پيڙهہ جو پٿر بہ سنڌ ماتري جي ماڻهن رکيو. دجلہ ۽ فرات جي تهذيبي فراواني جي دعويٰ هٿ نوکي هنيل ڪوڪو آهي. سنڌ ماتريءَ جو نيارو خطو ٿر هن وقت جنهن صورتحال مان گُذري رهيو آهي ۽ انساني ترقيءَ جي بُحران جي ور چڙهيل آهي تنهن کي ڏسي لُوںءَ ڪانڊارجي وجن ٿا تہ مارا وسيلن سان مالا مال هيءُ خطو هر ٻن ٽن سالن ڪانپوءِ ڏُڪار هاڻو ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ امداد جي نالي ۾ انيڪ بلائون مُنهن ڪڍن ٿيون ۽ هِن خطي جي اميري، امن ۽ فطري ڪنوارپ کي ڏسي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون يا وري هن پاڳي جي سادن سٻاجهن، مسڪين مارن سان مذاق ڪندي ,مدد جو نالو وٺي، ڪين پينو ٿيڻ ڏانهن ڌڪيو ويجي ٿو ۽ سندن عزت نفس مجروح ڪئي ويجي ٿو. حڪومت ۾ يا غير حڪومتي ادارن ۾ تمام ٿورا اهڙا هڏڏوکي ۽ همدرد اچن ٿا تہ اُهي ٿر جي اصل درد کي محسوس ڪندي پاڻ کي وڏين اختيارين ۽ وس وارن کي جٽادار جوڳا جتن ڪرڻ جا اُپاءُ وٺڻ لاءِ لکپڙهہ ڪن ٿا نہ تہ اڪثريت تہ ويچاري پنهنجي نوڪري بچائڻ ۾ پوري هوندي آهي يا وري وڏيون وڏيون پگهارون کڻي اسٽيجن تي پنهنجو پاڻ کي سماجي اڳواڻ مڃرائڻ ۽ فوٽو ڪڍرائي ڪيل خد متن کي دستاويز بند ڪرڻ جي چڪر ۾ هوندي آهي. هِن وقت سنڌ اهڙين سماجي اڳواڻن سان مالا مال جيڪڏهن اهي ” آپ اعلانيل“ سماجي اڳوڻ سچا هڏڏوکي هجن ها تہ هن وقت سموريءَ سنڌ جي، ٿر سميت ، جيڪا حالت نظر اچي ٿي سا نہ هجي ها. انساني اڳڀرائي بابت ناميارو ڏاهي مارٽن لوٿرڪنگ (جونيئر) جو چوڻ آهي تہ ”انساني اڳيرائي، نہ خودڪار آهي نہ ئي اڻ ٽر آهي“. اُها انساني ترقي هڪ اهڙي جامع ائپروچ لاءِ واجهائي پئي جنهن ۾ انساني سماج جي ڪمزورين ۽ هيٺائپ کي گهٽائي، انساني ترقي کي اڳتي وڌايو ويجي. ڏُڪارَ.....پوءِ اُهي قدرتي هجن يا ماڻهن جا ”هٿا سين گهتيوڙا (هٿن سان وڌل) ”چپنا“ هجن انساني اڳيرائي جي سفر کي ماٺو ڪن ٿا. ٿر جي موجود ڏُڪاري صورتحال ۽ اُن جي جٽادار حل لاءِ سنجيده ڪوشش ۾ هڪڙي ڪوشش ”چوپائي“ مال جي ترقي آهي . تڏهن ئي تہ چيو ويو آهي تہ ” ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ئي ڪڻ تي“. يا ”مال لال آهي“ پر ”ڏڻ تہ ڏٽي“ نہ تہ وڪڻ ڪٽي بہ مُنڍي تي ٽڪ آهي .هن

مضمون ۾ ٿر ۾ موجود چوپائي مال جي وسيلن جو ذڪر ڪندي ڏسنداسين ته اُن ڪي ٿر جي ڏُڪيائين ۽ هيٺائين کي دور ڪرڻ لاءِ ڪيئن سُڪارج بنائي سگهجي ٿو؟ ٿر جي موجوده صورتحال ۾ چوپائي مال جي حالت ڪهڙي آهي؟ ٿر جي چوپائي مال جي ترقي معاشي ترقي لاءِ ڪيترو اهم آهي؟ ٿر جي چوپائي مال جي ترقي کي معاشي قوت ۾ بدلائڻ لاءِ حڪومت، غير حڪومتي ادارا ۽ سول سوسائٽي ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا؟ ٿر جي هِن اهم وسيلي کي بچائڻ اُن جي پيار پري پالنا ڪري، ٿري ماڻهوءَ جي اڳيرائپ کي ڪيئن يقيني بنائي سگهجي ٿو؟ چاڪاڻ ته سڄي دُنيا ۾ انساني ترقي لاءِ ٿيندڙ مُختلف جتن قدرتي وسلين کي ڪتب آڻڻ جو ڏس ڏين ٿا. ٿر جي انساني ترقي چوپائي مال سان لازم ۽ ملزوم آهي. جيڪڏهن چوپايو مال ڏينهون ڏينهن ڏُکيو ٿيندو ويندو يا اُن جي اوسر لاءِ حالتون سازگار نه رهنديون ته پوءِ انساني ترقي هِتان ائين موڪلائي ويندي جيئن ڍڳين جا مٿيان ڏند. 2011_2012 جي حڪومت پاڪستان پاران جاري ڪيل اقتصادي سروي مطابق پاڪستان جي GDP ۾ چوپائي مال جو 12٪ حصو آهي. چوپايو مال مُلڪ جي 1/3 حصي جي آبادي جي گُذران جو وسيلو پُڻ آهي. ٿرپارڪر مال ۾ مالا مال آهي جنهن ۾ 2006 جي مال شُماري جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته هن وقت 6 ملين چوپايو مال ٿرپارڪر ۾ آهي (58٪ ٻڪريون، 21٪ رڍون، 14٪ ڍڳيون، 3٪ گڏهه ، 1.4٪ مينهون، 2.5٪ اُٺ ، 0.1٪ گهوڙا) اُن ڪانسواءِ ڪُڪڙيون به ٿرپارڪر ۾ پاليون وڃن ٿيون. جن جو تعداد 2 ملين چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح ٿرپارڪر جو چوپايو مال سڄي سنڌ جي مال جي لڳ ڀڳ چوٿين حصي جيترو چيو وڃي ٿو يا وري مُلڪ جي ڪُل مال جو 5٪ اهي. مال جي اها مالا مال دولت ٻڪرين، رڍن، ڍڳين، اُٺن، گهوڙن، گڏهن، ۽ مينهن تي مشتمل آهي. ٿر ۾ موجود ٻاڪرو، ريڍو، ڳائو ماهو، اوٺو گهوڙائون ۽ گاڏهو ڌڻ ٿر جي رهاڪن جي گُذر سفر جو مکيه ذريعو آهي يعني ٿريچن جو ڳناءُ " ڌڻ" تي آهي. انهيءَ سموري مال جي ثقافت ۽ هالو چالو الڳ آهي. هر هڪ جي ڦر ڏيڻ، ڦرن کي کير پيارڻ ۽ اُٽيڙڪرڻ جو الڳ الڳ عرصو آهي جيڪو سمورو دلچسپ ۽ اپياس لائق آهي. ٿر ۾ سڀ کان گهٽو ڌڻ ٻاڪرو آهي. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ٻڪري "وس به چري ته چڻٻ به نه سهي" يعني ٻڪريءَ کي سائو گاهه چرڻ جو شوق هوندو آهي. پر مينهن ڦُڙيون به کين ڏکيون لڳن ٿيون. ٿري ٻڪريون مختلف رنگن روپن جون ٿين ٿيون. جهڙوڪ: ڪاري ، اڇي، پٽيري، گورهاڙي، ڪبري، ريڍي، موگراني، اڇوني، لپڙي، گيڏياڪني، سيري، ڀلي، وغيره. ٻاڪري مال جي سائي ٿيڻ يعني ڄيڄڻ کي "ٻوڪجڻ" چوندا آهن. نر ٻاڪري ڦر کي ڇيلو ۽ماديءَ کي ڇيلي چوندا آهن. هر ڀاڳئي جي ولر ۾ هڪ عدد سانُ ڇيلو هوندو آهي. جيئن ٻڪريون وقت سر سايون ٿين. ٻڪري ٿور خرچو ۽ ٿور ڪايار ڌڻ آهي. جنهن لاءِ خُشڪ سالي ۾ ڪنٻيءَ جا پن، سنگري، ڪونيٽ جا پلڙا، پسنديده خوراڪ آهن. ٻيرين جي پنن کي سُڪائي تيار ڪيل "پلو" اُنهن جي پسنديده غذا آهي. ٻڪرين جا وار سال ۾ هڪ دفعو ڪتربا آهن. انهن وارن کي "ڏاس" چئبو آهي. ڏاس مان فراسيون، جالنگ، ڪاهيون تيار ڪيا ويندا آهن. مال کي ٻڌڻ يا ڏهائي ڪرڻ لاءِ نوجڻ

هٽڻ لاءِ رسا تيار ڪيا ويندا آهن. ٻڪري سال ۾ هڪڙو تور ڏئي ٿي. نر ڇيلا چاري سانڍي وڪيا ويندا آهن. خاص طور قرباني جي عيد اهڙن ڇيلن لاءِ وڏي مارڪيٽ آهي.

ريڍو مال بہ ٿر ۾ عام جام آهي. ريڍي مال جي ماديءَ کي ”رِڍ“ ۽ نر کي ”گهيٽو“ چيو ويندو آهي ۽ رڍ جي سائي ٿيڻ کي ”گُرجڻ“ چئبو آهي. رڍ سال ۾ ٻہ ڦر بہ ڏئي ٿي. رڍ جي وارن کي ”اُن“ کي چوندا آهن . اُن بہ دفعا سال ڪترِ ي ويندي آهي ۽ مقامِي مارڪيٽ ۾ معمولي اگهہ تي وڪرو ڪئي ويندي آهي. اڳي اُن مان کَتا، لوبون ٺاهيا ويندا هئا جن جو هاڻي رواج گهٽجندو پيو وڃي . ريڍڪ بہ ڪارائتو مال آهي پر خشڪ سالي ۽ بيماري جو ڪمزور آهي خاص طور ماتا جي بيماري جنهن کي مقامي مام ۾ ”ٽڏي“ چيو ويندو آهي. گهيٽا مڇي مواڙ ٿيڻ کي مقامي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيا ويندا آهن ۽ گهيٽيون سنياليون وينديون آهن. جيئن مال جي واڌ ويجهہ برقرار رهي. ڳائو مال بہ ٿر ۾ ججهو آهي. جيتوڻيڪ هيءُ ٿورو وڏو مال آهي. پر اُن جي ڪير ڏئي ۽ ڦر ڏيڻ کي لاڀائتو سمجهندي ڇڳي تعداد ۾ ڌاريو ويندو آهي. نرکي ”ڏڳو“ ۽ ماديءَ کي ڏڳي چوندا آهن. سال ۾ هڪ دفعو ڦر ڏيندڙ هِن جانور جي سائي ٿيڻ واري عمل ۾ پلي ورهيہ ۽ سُني ڪاڏ خوراڪ جو وڏو عمل دخل آهي. هِن جي ڦرن کي گابو ۽ گابي چيو ويندو آهي. ٿر جي ڳائي مال جا هن وقت جيڪي وارن جا ولر روڊن تي بئراجي ايريا ڏانهن ويندا نظر اچن ٿا ۽ ميڊيا جي ڪئمرائن جي قلب مان نڪري اخبارن، رسالن يا اسڪرينن جي زينت بنجن ٿا. تنهن جو خاص سبب اهو آهي تہ بئراجي علائقي ۾ سائو گاهہ ۽ مِنو پاڻي ملن ٿا جنهن ڪري ڏڳيون بهار جي سايون تي پون ٿيون. ۽ هڪ ”ٿُورُ“ نهي پوي ٿو. جيڪڏهن سُڪ ساليءَ ۾ پاڳيا ۽ ڏڳين کي ٿر ۾ روڪين ٿا تہ پوءِ تور ٿيڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري اُهي رڻابند رضاڪاراڻي هجرت ڪن ٿا. ٿر جي ڏڳيءَ جا پڻ ڪيترائي رنگ ۽ پار آهن جهڙوڪ ڏونري، سائي، رائي، موڙي، وغيره. وڏن سڱن وارو پارڪري نسل جنهن کي ”وِڊياري“ سڏيو ويندو آهي. تنهن جي نشانين کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ ”وڊياري“ نسل ۽ مُهن جي دڙي واري ڏڳي ۾ ڪا مشابهت اهي. ڏڳيءَ تي ڏڪار جو سڀ کان گهٽو اثر ٿئي ٿو ۽ سڀ کان وڌيڪ کونڊي چارو ڏڳي لاءِ ئي گهربل هوندو آهي. ڏڳيءَ جي ڪير جو ڏونئرو مشهور آهي ۽ اُن مان ولوڙي مکڻ ٺاڻي ٺاهيل گيهہ بہ مُلڪان مُلڪ مشهور اهي جنهن کي ”ڪرتائي گيهہ“ سڏيو ويندو آهي. ڪرتائي گيهہ جو رنگ ۽ بوءِ دل خوش ڪري ڇڏيندي آهي. ڏڳن کي هرڪا هڻ لاءِ بہ ڪتب آندو ويندو آهي. پر اهو اڪثر ڪري پارڪر ۾ رائج آهي. اُن ڪانسواءِ پاڻي ڪيڻ لاءِ وارو بہ هڪليندو آهي. ڏڳيءَ جو چم تمام قيمتي اهي پر مقامي مارڪيٽ ۾ سستو وڃي ٿو يا اُن کي ڇهي اُن مان واري وارڻ يعني کوهہ مان پاڻي ڪيڻ لاءِ وَرتَ ٺاهي وڃي ٿي.

ٿر ۾ ماهو مال تمام قليل انداز ۾ آهي ڇاڪاڻ تہ ماهي مال کي جالڻ لاءِ پاڻي ججهو کپي جيڪو ٿر ۾ اڻ لڀ آهي. علائقي جي گرم آبهوا بہ ماهي مال لاءِ سازگار نہ آهي. تنهن هوندي بہ سرندي وارا پاڳيا

مينهون ڏارين ٿا ۽ جن وٽ 10_20 ننگ مينهن جا هوندا آهن سي پنهنجو ”پاڏو“ بہ ڏاريندو آهن. جيئن مينهون پاڏي اچن تہ کين ڪا مشڪل نہ ٿئي.
اُوٺو مال جنهن لاءِ چيو ويجي ٿو تہ اُهو اوڳو مال آهي ۽ وڻ وڻ وات وجهندڙ وٽ آهي ۽ ڪڏهن بہ ولر ناهي نہ چرندو آهي ۽ جڏهن انسان جو من بہ اوٺي وڳ جيان قارون قارون ٿي پوندو آهي تہ انسان جي تڙڪي ٽٽڻ جا امڪان وڏي وجن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن لاءِ انيڪ لفظ آهن ۽ اُٺ کي سُڪي جو ٻيڙو بہ چيو ويندو آهي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ زماني بدلجڻ سان هِن ٻيڙي جي جاءِ لانگ چيسز جيپون والاري رهيون آهن يا وري ٽريڪٽر ٻنين ۾ ڪاهي پيا آهن. جن هٽي زمين جون مٿيون تهہ تاراج ڪري ڇڏيو آهي. اُٺ جو ڪير سٽيپ کان آجو ڪير آهي ۽ انتهائي نِرو آندو ويندو آهي. اُٺ جي ڦر کي گونرو (نر) ۽ گونري (مادي) چئبو آهي. اوٺاري اڪثر جهنگ ۾ وڳ سان گڏ رهن ٿا. چار، ڪونيٽ ۽ ڪنڊي اُٺ جي پسنديده خوراڪ آهن. اُٺ جي وارن کي مِلس چئبو آهي. جنهن مان انتهائي نفيس قسم جون شيون تيار ڪري سگهجن ٿيون. اُن کي چاري، چاري ۽ سانڊي، ڊوڙلا گهرايو ويندو آهي ۽ سوار جي تربيت يافتہ سُڪي اُٺ جو ناٽو وڏي ويندو آهي. اُن کي پاٽي ڪيڻ، هرپوڪڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. اُن ڪانسواءِ مقامي مارڪيٽ ۾ بہ وڪرو ڪيو ويندو آهي. ۽ جڏهن قيمت جي تيزي هوندي آهي تہ اُٺ مالڪ کي چڱا خاصا پئسا ڏياري ويندو آهي. اٺ تي بار ڪٽڻ لاءِ پلاڻ وڌو ويندو آهي ۽ سواري لاءِ پاکڙو ۽ ٻڙهو استعمال ڪيو ويندو آهي. گهوڙائون مال بہ ٿر ۾ ڏاريو ويندو آهي پر تمام گهٽ ڇاڪاڻ تہ اهو گهٽو ڪري سواريءَ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. گهوڙي جا ڪيترائي رنگ پار ٿين ٿا جهڙوڪ بور، ڪُميت، سُرخو پنج ڪلياڻ، وغيره. گهوڙي کي بہ سوار کان گُهمارائي ڊوڙ ۾ هلڻ جي تربيت ڏني ويندي آهي. جنهن ڪري اهڙن گهوڙن جو مُلهہ وڌي ويندو آهي. گهوڙي جي ساجامن ۾ تل، هنو، لغام، دُئال ۽ تنگ مکيہ آهي جن سان سجائي پوءِ چڙهي ڪئي ويندي آهي. گهوڙن جو جڏهن شوق هوندو هو تہ گهوڙا پري يعني گهوڙن جا ماهر هٿرادو ٻج رکرائيندا هئا. يعني Artificial insemination جو دستور هو. اِن وسيلي پنهنجي مرضيءَ جي رنگ جا ڦَر وٺندا هئا.
سيني کان اهم پر نظر انداز ٿيل جانور ”گڏهہ“ آهي جنهن تي جيترا بہ ڀهاڪا ٺهيل آهن يا چوٽيون هنيل آهن سي گڏهہ سان سراسر ناانصافي آهن. گڏهہ پورهيو ڪرڻ باوجود گڏهہ جي ترجيح سموري چوپائي مال ۾ آخر ۾ اچي ٿي باقي جڏهن سُڪار اچي ٿو ۽ پلي ورهہ ۾ ڪائي مڇي مواڙ ٿيئي ٿو تہ پوءِ نودولتين وانگر ٽِنون بہ جام ڏئي ٿو. هينگون بہ دل کولي ڪري ٿو تہ پُست بہ ڏاڍا هٽي ٿو. پاٽي ڪيڻ، پاٽي ڍوئڻ ۽ هرڪا هڻ کان وني الائي ڪيترا ڪم ڪارڪندڙهي جانور ڏُڪار م وڏ ۾ وڏ مُتاثر ٿئي ٿو ۽ هِن جانور کي مُفت جو مال سمجهي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. جيتوٽيڪ هي تمام قيميتي جانور آهي ۽ ٿور خرچو Cost Effective پڻ. جهنگلي گڏهہ تہ قيمتي وٽ آهي جنهن جا بہ داٽا رڻ ۾ آهن ۽ اها جنس خطري هيٺ آيل جنس آهي. گڏهن مان ٿيندڙ ڦرن کي کودو (نر) ۽ کودي (مادي) چيو وڃي ٿو. گڏهہ جا ڪيترائي انگ پار آهن. جهڙوڪ: سائو راڳو ڀوڙيو سيرو اڇوو وغيره

ٿر ۾ ڳوٺ سينهري درس ۾ ٿهرئي جي ٿر ۾ ڳڌهن جو اعليٰ نسل ٿئي ٿو جنهن کي سار سنڀال سان مالڪن بچائي به رکيو آهي. ٿر جي مال جو ٿر جي معاشي ترقيءَ ۾ تمام گهڻ اُپت آهي. ڇو ته انهي مان کير به حاصل ٿئي ٿو ته کلون پڻ، اُن جا وار مختلف شين ٺاهڻ جي ڪم اچن ٿا ۽ مال بار برداري توڙي سواريءَ جي وسيلي طور ڪم اچي ٿو ۽ مال سيمن کي چرڻ سان ڳڏوڳڏ پنهنجي نيڪال وسيلي اُنهن کي زرخيز بنائڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ مال ماحول دوست وٺ آهي. هڪ اندازي مطابق ٿر ۾ ساليانو 10 بلين جو کير حاصل ٿيئي ٿو ۽ 150 ميلن جي ماليت جي اُن ملي ٿي ۽ ٻين جانورن جي ڏاس يا مِلس هڪ ڪاٽي موجب 30 ملين کن جي ڇئي سگهجي ٿي جيڪا صرف مقامي استعمال ۾ اچي ٿي. جانورن جو کلون اٽڪل 48 ملين جون وڪرو ٿين ٿيون ۽ مال جو پاڻ ته رائگان وڃي ٿو سواءِ ان جي ته ماٺهو اُن کي گهريلو ڪمن ۾ ڪتب آڻين ٿا. مال جا هڏا به ڪمائتا آهن پر اُنهن لاءِ به ڪا مُناسب مارڪيٽنگ ناهي. 90٪ ٿرين جو سڏو يا اڻ سڏو گذران مال تي آهي ۽ ٿلهي ليکي مال جي اُپت جو ڪاٿو 1 بلين ساليانو آهي. سڀ کان اهم ڳالهه ته مال ڏارڻ، چارڻ، نهارڻ، پيارڻ، ڏهڻ جو جيڪو مرحلي وار عمل آهي. اهو ثقافتي جٽاداريءَ جو اهم مثال آهي ۽ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ الڳ موضوع آهي. انهيءَ سموري سگهه بابت هِن وقت گهڻ سمجهه ۽ لاپرواهيءَ جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي. پاڳيا مال جي جديد سائنس کان اڻ واقف آهن ته انهن اڳ موجود لوڪ ڏاهپ تي آڌارڪ دستورن کي به آهستي آهستي ڇڏڻ شروع ڪيو آهي. حڪومت پاران سهوليتن جي اڻاٺ آهي. چند ڊسپينسريون آهن جن ۾ يا ته ڊاڪٽر ناهي يا دوا ناهي غير حڪومتي ادار پڻ لائيو اسٽاڪ ڊيولپمينٽ کي پنهنجي ترجيح شعبو نٿا سمجهن ۽ سول سوسائٽي جي ته ڪهاڻي الڳ آهي ڇاڪاڻ ته سِول سوسائٽي ته سڄي جا سڄي شِهري پس منظر رکندڙ آهي. جنهن جو مالداري سان واسطو گهڻ آهي ۽ مالداري جي سموري فن کان اڻ واقف آهي. مالداريءَ لاءِ سُٺي برسات ۽ رکيل جهنگ سازگار ماحول جوڙي ڏيندا آهن. برسات وسڻ ته قدرت جو هڪ مظهر آهي باقي رکيل جهنگ کي انساني آباديءَ پنهي هٿن سان لٽيو آهي ۽ پاڳيا بي خبري جي ڪري مالداري جون جديد سائنسي حرفتون نٿا ڄاڻن. تنهنڪري مال اقتصادي سگهارپ جي بجاءِ، خصوصا ڏُڪار سائي ۾ بوجهه بنجي پوي ٿو ۽ انساني استحصال جي ور چڙهي وڃي ٿو يعني اُن جي بازار ڪري پوي ٿو يا بُک وگهي مري وڃي ٿو. ٽرانسپورٽ ۽ روڊ رستن جي سهوليتن جي اڻاٺ، وچوئي جو استحصال ڪردار، زمين جو اُڌيڙ، اُوپڙ جو مَدو ٿيڻ، پاڻيءَ جي کوٽ، سيمن جو تاراج ٿيڻ مارڪيٽ نه هجڻ، ڊيري فارمنگ جو نه هجڻ، گوشت خانن جو نه هجڻ، کير ڳڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ جي سهوليتن جو نه هجڻ اهڙا عوامل آهن. جيڪي مالداري جي اقتصادي ڪارج کي اڪارج بنائي رهيا آهن. جهڙي املهه دولت کي سُڪارج ڪرڻ لاءِ چند صلاحون پيش آهن جن تي عمل ڪري اسين ڏڪار جي ڏولائڻ کان به رڳو بچي سگهون ٿا "مينهن ۽ واٽيي" واري ڏِۓ جيترو ڍۓ به حاصل ڪري سگهون ٿا.

انهن صلاحن تي عمل ڪرڻ ڪو ايڏو وڏو مشڪل ڪم يا گڏهه پورهيو ناهي. اِهي صلاحون هن ريت آهن.

- ٿر ۾ مال جون اهڙيون جنسون ڏاريون وڃن جيڪي وڏيڪ کير ۽ گوشت ڏين ۽ ڏکي وقت ۾ ٿوري کاڌي تي بہ جالي سگهن.
- مال پيري ٿورو ڏارجي پر اُهو چڱي نسل جو هجي. دل کولي چارو چارجي مچائجي مواڙ ڪري اُن مان وڌ ۾ وڌ اپت حاصل ڪئي وڃي.
- سيمن جي سار سنڀال سخت ڪئي وڃي. گئوچر، آسائشون ۽ اجهور انساني لتاڙ کان بچايا وڃن. سيمن جي بچاءُ جو انتهائي مضبوط جوڙجڪي سرشتو ناهيو وڃي. سيمن جي بچاءُ جو انتهائي مضبوط جوڙجڪي سرشتو ناهيو وڃي ۽ اُن تي عمل درآمد لاءِ هرهڪ کي پابند ڪيو وڃي.
- سيمن، اجهوري، آسائشن جي لتاڙ وارن کي عبرتناڪ سزا ڏيڻ گهرجي.
- ٻنين کي واڙ ڏيئي اُنهن جي زرخيزي کي بچاويو وڃي.
- متبادل گاهہ ۽ چارو پوکڻ گهرجي جيڪو سوڪهڙي ۾ بہ جٽاءُ ڪري
- مال جي سار سنڀال لاءِ پاڳين جي جامع سکيا ڪرائي وڃي.
- مال ۾ سيڙپڪاريءَ کي همٿايو وڃي. مال پڙين کي ڳوناٺن جي پلي لاءِ مُنظم نموني هلايو وڃي صرف ٺيڪيدارن ۽ دلالن جي رحم ڪرم تي نہ ڇڏيو وڃي.
- مال جي بيهڻ لاءِ واڙن ۾ ڇانورا ناهيا وڃن ۽ مال کي وقت سر پاڻي پيياريو وڃي ڪوشش ڪري مِٺو پاڻي پيياريو وڃي.
- استال فيڊنگ يا ڪونڊي کاڌو وڌايو وڃي خاص طور ڏڪار جي ڏينهن ۾ ۽ حڪومت يا غير حڪومتي ادار مالدارن جي اِن سلسلي ۾ مدد ڪن.
- کير جي صاف ڪرڻ ۽ پيڪنگ ڪري مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ واري صنعت کي قائم ڪيو وڃي جيئن هتان ٻاهر ويندڙ کير هتي ئي استعمال ٿيئي ۽ ڇُرپر تي ايندڙ خرچ پکو پڻ بچي پوي.
- خاص نسل جيڪي اُپت وڏيڪ ڏين تن جي پالنا کي همٿايو وڃي.
- مال جي بيمارين لاءِ جوڳا اُپاءُ ورتا وڃن ۽ هر بيماري جو ٽُڪو قت سر لڳرايو وڃي.اِن سلسلي ۾ ڳوناٺن ۾ پاڳين ۾ جاڳرتا پئدا ڪئي وڃي.
- مال جي کير مان ٺهندڙ مختلف شين جي صنعتن کي بہ متعارف ڪرايو وڃي جيئن اڳتي هلي ادارو بنجي سگهن.
- مال جي وارن يعني اُن ، ڏاس، ماس ۽ کلن جي رڱڻ جي پروسيسنگ جا ڪارخانا کوليا وڃن.

- پاڳيائپ جي مختلف رُخن متعلق تحقيق ڪئي وڃي ۽ مالداري جي جديد سائنسي ٽيڪنڪن کي استعمال ڪرڻ سان گڏوگڏ پاڳياٽي عورت جي ڏاهپ کي ڪتب آندو وڃي ڇاڪاڻ جو ان وٽ مال سنڀالڻ جو سالن جو تجربو آهي ۽ عورتون سٺيون پاڳياٽيون آهن.
- مال کي ٻڏي چارڻ واري رُجحان کي وڌائڻ لاءِ جاڳرتا پکڙي راڄن کي متحرڪ ڪيو وڃي.
- مال جي تحفظ لاءِ مال جي ويمي کي متعارف ڪرايو وڃي.
- سرڪاري ۽ غير سرڪاري اداري جي ڪم ڪار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻن جون رابطي ڪاميٽيون ٺاهيون وڃن.

انهن سڀني صلاحن مشوري تي عمل ڪندي اسين مالداريءَ جي ايتري اوسر ڪري سگهون ٿا جو اهڙن ڏکين ڏينهن ۾ به مال اسان کي ڪم ايندو ته اُن سان گڏوگڏ اسان جي اقتصادي اُپت ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندو.

# ٿر ۾ هنرمنديءَ ان ۾ ٿري عورت جو حصو

فطرت ۾ هراها وٿ موجود آهي جيڪا انساني زندگيءَ کي بهتربنائڻ ۾ ڪو ڪردار نباهي سگهي، ڇاڪاڻ تہ فطرت اهڙي ماءُ آهي جنهن وٽ سڀني لاءِ گنجائش آهي. انسان سان جيئن فطرت کي پيار آهي ۽ اها ڪيس جهڙيءَ ريت پالي ٿي، ڪارائي پياري ٿي اهڙي طرح جيڪڏهن انسان بہ فطرت سان موٽ ۾ پيار ڪري تہ ڪائنات جي توازن کي ڪوئي لهرلوڏو ناهي،پر انسان جڏهن ڪوڙي طاقت جي خمار ۾ ايندو آهي تہ هو مُٺ ڪان متي لُٽڻ شروع ڪندو آهي. نتيجي ۾ فطرت کي تہ هاجو رسندو آهي پر سندس هٿ بہ رتورت ٿي ويندا آهن . انهي رت ڇاڻ جا داغ نسل بہ لاهي نہ سگهندا آهن. انساني سماجي اوسر مختلف اقتصادي سرشتن کي جنم ڏنو،جن ۾ ڪي فطرت سان محبت ڪندڙ ۽ ان جو خيال رکندڙ نظام هئا تہ ڪي وري فطرت لاءِ رت چوس سرشتا ثابت ٿيا جن جي ڪمائي جو ڪيتو هاڻي دنيا لوڙي رهي آهي ۽ ماڻهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خطرن جي منهن ۾ ڌڪجندو وڃي پيو ۽ نہ ڄاڻ ڪٿي وڃي دنگ ڪندو. منافعي جي هوا ۾ اڏامندڙ ڦوڪٽي پوبان وائڙن جيان ڊوڙائيندڙ بازار جي بازاري اقتصاديات جو اهو سرشتو ماڻهوءَ کي بند گهٽيءَ ڏانهن ڇڪيندو پيو وڃي ۽ ماڻهو پنهنجي هيچ جي انڌ جي گهوڙي تي سوارانهي اونداهي مهاساگر ۾ خوشي پٽو وڃي.

نندي ڪنڊ کي اقتصاديات جو پنهنجو سرشتو رهيو آهي جيڪو نہ سوشلسٽ نظام جهڙو رهيو آهي نہ وري سرمائيواد جي معاشي سرشتي جهڙو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي جي جوهر ۾ جيڪا اقتصادي انتهاپسندي لڪ آهي انهي دنيا کي هرانتهاپسنديءَ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. انهي جي ڀيٽ ۾ نندي ڪنڊ ۾ اهڙو اقتصادي تاجي پيٽو رهيو آهي جيڪو فطرت جي نيمن پٽاندر هلندو رهيو آهي تنهنڪري ان کي فطرت دوست اقتصادي نظام چئي سگهجي ٿو. انهي نظام ۾ وسيلن جي ڦرلُٽ ناهي پر جيتري ضرورت هجي اوترو قدرتي وسيلن کي ڪتب آڻي انساني ضرورتون پوريون ڪيون وڃن. هتي مغربي استعماريت سرمائيواد کي هتي ڏياري ، جنهن جي نتيجي ۾ هتان جو ڏيهي اقتصادي انفرااسٽرڪچربري طرح متاثر ٿيو ۽ اقتصادي هڻ هڻان ۾ پڙ واڌارو ٿيو. انهي فطرت دوست اقتصادي سرشتي جو هڪڙو ڪمپونينٽ هٿ جا هنر آهن. هٿ جا هنر تخليقيت، جماليات، محنت جي اهڙو پيارپريو پورهيو آهن جن ۾ جتي انسان جي محنت شامل آهي تہ اتي پنهنجي ثقافت کي محفوظ ڪرڻ جو بہ بندوبست ٿيل آهي. هٿ جو هنرعام ماڻهو ۽ سماج جي ڌڪيل طبقن جي ميڄتا جي اظهارجو ذريعو آهي. هنرمندي جي انهي سفر تي جڏهن ڪاڻ ڪلن ڪوديتا ڪئي آهي تہ اهو سمورو ڪم ڪارمتاثر آهي. ڪم ڪندڙ متاثر آهن. وڏي ڳالهہ تہ انهن طبقن ۽ علائقن جي ثقافت داءُ تي لڳل آهي. ڇاڪاڻ تہ مارڪيٽ عالمگيريت جي نالي ۾ ثقافتن کي تاراج ڪرڻ جي

جيڪا مهم ويجهي ماضيءَ ”ڪلئش آف سولائيزيشنس“ جي نالي سان شروع ڪئي هئي سا هاڻي ”ڪرئش آن سولائيزيشنس“ جي ڪرت کي ڪاميابيءَ سان پنهنجي انجام طرف وٺي وڃي رهي آهي.

ٿر هڪ اهڙوعلائقو آهي جتي فطرت دوستي ماڻهوءَ جي مزاج ۾ سمايل آهي . هنرمندي صدين کان هتان جي ماڻهن جي ڪرت رهي آهي. اهي هتان جي مقامي وسيلن کي پنهنجي ضرورت مطابق ڪتب آڻي اعليٰ قسم جون وٿون تيارڪندارهيا آهن جيڪي ولايتن ۾ به پنهنجي وياڪيا ڪنديون رهيون آهن. هٿ جي هنرن جو اهو ڪم به هاڻي انهي اصلي روپ ۾ نه رهيو آهي ڪافي شيون يا ته ختم ٿي ويون آهن يا گهٽجي ويون آهن.ٿرهٿ جي هنرن جو اهڙو اپتدائڪ علائقو آهي جنهن جي ڪاريگرن جون تيارڪيل شيون خوبصورت ۽ سڪارج آهن جن سان هر ماڻهو ٿري توڙي غير ٿري پيارڪري ٿو. انهن شين جي ڊزائين، انهن شين جا ڀڙڪڻ رنگ، انهن شين جي فطرتي ماحول سان مطابقت انهن شين کي هردلعزيز بنائي ٿي . پورهئي ۽ ڪاريگريءَ جي صورت ۾ ثقافت جو اهڙو جيئرو جاڳندو اظهار شايد ئي ڪٿي هُجي.

ٿر جي هنرن ۾ ڀرت جو ڪم، ڪنڀارڪو ڪم، ڪاڻيءَ جو ڪم، لوهارڪو ڪم، سونارڪو ڪم، اٽڪري، رڱاوت، چمڙي جي مصنوعات، وغيره مشهور ڪم آهن .انهن هنرن گذريل سئوسالن ۾ ڪافي تبديلين کي منهن ڏنو آهي ۽ متاثر به ٿيا آهن.

ڀرت جو ڪم ٿرجي هنرن ۾ سڀ کان مٿاهون ڪم آهي جيڪو فرصت جي وقت کي لاياڻتو ڪندي ڪيووينڊو آهي.انهي هنر جي شروعات به روزمره جون يا ٻيون ڪي سماجي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي ڪري شروعات ٿي هئي پرپوءَ هن هنر باقائدي اداري جي صورت اختيار ڪئي. ڀرت جي ڪم ۾ گج، ڪنجرو، ريٽوچادر،وهاڻو، رومال، ميز پوش، برتن پوش ، جانورن جي سجاوٽ جا ننڍاننڍا وڙ رلي، اهم شيون آهن. انهن ۾ گهر۾ عورتون فرصت جي وقت گڏجي ويهي ڪم ڪن ٿيون ۽ بهترين اسم ناهي وٺن ٿيون. رلي ۾ وري پراڻي ڪپڙي کي استعمال ڪرڻ جي گنجائش آهي جنهنڪري پراڻو ڪپڙو به ڪم اچي وڃي ٿو. گهرجون وڏيون عورتون ۽ جوان ڇوڪريون هي ڪم گڏجي ڪنديون آهن ۽ سيکارڻ جو سمورو عمل عملي صورت ۾ ٿئي ٿو. ڀرت سان تخليقي صلاحيت ايترو ته نکري ٿي جو ڊزائين ۾ جيڪا خوبصورتي چٽي وڃي ٿي ان جا رنگ روپ ۽ نقش نگارڏسي ڏندين آڱريون اچي ٿيون وڃن.لکائي ، چڊڻ ۽ ڀرڻ جا مختلف مرحلا خيال جي ترتيب ۽ نظام تي به اثروجهن ٿا جنهن مان سوچڻ جي هاڪاري صلاحيت اسري ٿي جيڪا ڏکي وقت جي مختلف قسمن جي صورتحال کي منهن ڏيڻ سيکاري ٿي.ان کانسواءِ وقت جي ترتيب ۽ رٿابندي به ڀرت ڀرڻ جي ڪم جو حصو آهي. هي سمورو ڪم عورتون ڪن ٿيون. ڀرت جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا جهڙوڪ، ڪچو ڀرت، پڪو ڀرت، مڪي جو ڀرت، هرمجي، ڪارڪ، وغيره. ميگهواڙ برادري هن ڪم ۾ سڀني کان اڳتي آهي. ٻين برادرين ۾ به هن هنرجي ڪرت ڪئي وڃي ٿي.

ڪنڀارڪو ڪم به هٿ جي هنرن ۾ اوائلي ڪم آهي جنهن انسان کي مٽيءَ جي تهذيب سان همڪنارڪيو. ٿر ۾ پلوڙمٽيءَ جا ٿانوٺهن ٿا, جن ۾ دلا, مٽ, گگرون, ڪُنا, ماٽيون, طباخ, ڦيلهيون, چلون, پاٽ, وغيره شامل آهن. مٽيءَ جي ٿانون ٺهڻ جو مرحليوارڪم هڪ وڏو تخليقي ڪم آهي جنهن ۾ مٽي آٽڻ , مٽي ڳوهڻ, ٿانوناهڻ, چڪ تي چاڙهڻ ۽ پچائڻ جهڙامرحلا آهن جن ۾ تمام وڏي ڏاهپ گهربل آهي. مرد ماڻهو اهي سموراڪم ڪار ڪندا آهن پرعورتون سندن ٻانهن ٻيلي هونديون آهن, خاص طور تي تخليقي ڪم ۾, جيئن ٿانون کي ڊزائين ڪرڻ ۽ انهن تي مختلف چٽ چٽڻ ۾. انهن چٽن ۾ ڪيئي سهڻا نمونا آهن جيڪي اناني تخليقي سفر جو اُهڃاڻ آهن. انسان صورتگريءَ جي سفر ۾ ڪٿان ڪان ڪيستائين پهتو آهي. اها تصويري آڪاٽي انهن ڪورن ڪونڻن تي لکڻ مهل ڪنڀارعورتون وڏي چترائيءَ کان ڪم وٺن ٿيون. مٽي جي ٿانون جو واهپو به گهٽجندوپيو وڃي ۽ نتيجي ۾ هي هنر به پوين پيرن آهي ۽ ڪاريگربه ڏکيائين جي منهن ۾ آهن. ڪنڀاربرادري هن هنرجي رکوال آهي.

ڪانيءَ جو ڪم به انتهائي خوبصورت ڪم آهي. هن ڪم ۾ گهريلو سامان جون مختلف شيون تيارڪيون وڃن ٿيون جيئن ڪٽون, درديون, هندورا, هنا, پاکڙا, پيٽيون وغيره. ڪانيءَ جي ڪم ۾ جنديءَ جو ڪم ۽ پانيل جو ڪم انتهائي باريڪ ۽ نازڪ نفيس ڪم آهن. هي ڪم به بازار ۾ مشيني ڪم اچڻ سان ڪافي متاثرٿيو آهي. ان هوندي به ٿر ۾ ڪاني جي ڪم جا بين الاقوامي سطح جا ڪاريگرآهن جن جي هنرمندي ۽ تخليقي صلاحيتن جو هرڪو معترف آهي. سوٿهڙبرادري هن ڪم ۾ سڀني کان اڳتي آهي. ان کان سواءِ ميگهواڙ ڪاٺ جو ڪم ڪن ٿا. عورتن جي هن ڪم ۾ ڪا خاص سرگرمي نه هوندي آهي.

لوهارڪو ڪم, زراعتي مالوندي سماج سان لاڳاپيل ڪم آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٿر ۾ موجود آهي. گهريلو شيون, پوک سان لاڳاپيل شيون, چوپائي مال سان لاڳاپيل شيون لوهارتيارڪن ٿا. هي ڪم به انتهائي محنت واروڪم آهي ۽ لوهارن جي هن پورهئي جي ڪري صحت بهتررهي ٿي. هن ڪم ۾ عورت سرگرميءَ سان حصو وٺي ٿي ۽ اهو به محنت واري ڏکي ڪم ۾. جڏهن لوه کي شڪل ڏيڻي هوندي آهي ته ايرڻ تي رکيل تتل لوه کي لوهار کي سامهون هٿوڙو هڻائيندڙ سندس عورت ئي هوندي آهي, جيستائين گهر ۾ ڪو مرد پاتي وڏو ٿئي. هي هنر به بازارجي شين جي واهپي جي ڪري ڪافي حد تائين گهٽجي ويو آهي. هي ڪم لوهاربرادري ڪري ٿي جڏهن ته ٿورانندا ڪم ميگهواڙ برادريءَ جا ڪاريگر ڪن ٿا.

سونارڪو ڪم, اڪثرڪري سوناراڪن. سون ۽ چانديءَ جو ڪم انسان کي وڌيڪ سينگارڻ ۽ خوبصورت بنائڻ جو ڪم آهي. ڳهه ڳٽن جا مختلف وڙ ۽ نمونا ثقافت جو سجاڻپ روپ ظاهر ڪن ٿا جن وسيلي مختلف ذاتيون ۽ قبيلا پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ برقرارڪيو اچن.انهي لحاظ کان هي

ڪم به انتهائي ڏاهپ ۽ ڪاريگريءَ وارو ڪم آهي. هن ڪم کي رڳو مرد ئي ڪن ٿا. سونارابرادريءَ ڪانسواءِ ميگهواڙ برادريءَ جا ڪجهه فرد به سونارڪو ڪم ڪن ٿا.
اٽڪري، به هتان جو مکيه هٿ جو هنر رهيو آهي جنهن وسيلي ڪنهن وقت ڪپڙو به اٽو ويندو هو. هاٿي ڪتا، لوبون ، نوارون، وڇائڻ جا ٽانڪڙ زرعي اپت ڪٽڻ جا جالنگ، اناج جون ڪاهيون تيارڪيون وجن ٿيون. ماضيءَ ۾ هي ڪم رڍن جي ان مان ڪيو ويندو هو جنهن ۾ ڪاري ان مان ٺهندڙ ڪتاءِ لوبون مشهور ۽ قيمتي هونداهئا. هاٿي پشم ۽ بيو ڏاڳو بازار ۾ به ملي ٿو جنهن مان ڪتيون ٺاهيون وجن ٿيون. جالنگ ، ڪاهيون، جيرويون ٺاهڻ جو رواج ئي ختم ٿي ويو آهي. هن ڪم ۾ ان ڪتڻ جو سمورو ڪم عورتون ڪنديون هيون .ان کان پوءَ ان کي تاڃي ڪيڻ ۾ به مردن جي مدد عورتون ڪنديون هيون. هن ۾ به بهترين قسم جي ڊزائين ۽ ڇٽ وغيره عورت جي اعليٰ تخليقي صلاحيتن جي گواهي ڏين ٿا.. هي ڪم به ميگهواڙ برادريءَ جا ماڻهو ڪن ٿا.
رڱاوت جو ڪم ڪتي ڪن ٿا ۽ رڱيل ڪپڙن جا خوبصورت وڙ ٺاهين ٿا جن کي هرڪو شوق سان پائي ٿو. ٻانڌڻي جو ڪم، چادرن جي رڱاوت، چنري، اهڙاڪم آهن جيڪي تمام گهڻو مقبول رهيا آهن. هن ڪم ۾ ته ٽي حصا ڪم جا عورت ڪري ٿي ۽ چوٿون حصو مرد ڪاريگر ڪم ڪري ٿو. ٿرجو رڱاوت جو ڪم ملڪان ملڪ مشهور رهيو آهي ۽ هن وقت به مارڪيٽ ۾ رڱاوت جا وڙ ڪافي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائين ٿا. ڪپڙي تي ڊزائين ۽ مختلف ڇٽ ٻيهارڻ جي ڪاريگري هن هنرجو خاصو آهي. بازار ۾ ٺهندڙ شين هن ڪم کي گهٽايو آهي پر اڃا به هي ڪم مضبوط شڪل ۾ موجود آهي. جيتوڻيڪ مارڪيٽ سان لاڳاپيل مسئلا هن هنر کي به درپيش آهن.
چمڙي جي مصنوعات ۾ سجاوٽ جا وڙ جتيون، ساجام ۽ ڪجهه روزمره جي واهپي جون شيون اچي وڃن ٿيون. هي ڪم به ميگهواڙبرادري جا ڪاريگر ڪن ٿا. ٿر ۾ چمڙي جي جتي ۽ پاڻي ڪڻڻ جي سانداري به اهڙيون شيون آهن جيڪي ٿري زندگيءَ جو حصو رهيون آهن ڇاڪاڻ ته اهي ٿري ماحول سان ٺهڪندڙ آهي. هن گرم علائقي ۾ جنهن به چمڙيءَ جي جتي پاتي هوندي اهو ٻي جتي نه پائيندو ۽ جنهن به سانداريءَ جو پاڻي سفر ۾ پيتو هوندو ان کي ربڙ جي بوتلن وارو پاڻي مزو نه ڏيندو. پر مهانگائي ۽ ٻين سببن جي ڪري هي هنر به گهٽجي ويو آهي. هن هنرسان لاڳاپيل ماڻهن سان جيڪا سماجي بيواجبي روارکي ويئي ان جي ڪري به ڪاريگربددل ٿيو ۽ اهو ڪم آهستي آهستي گهٽجندو ويو .بازارجي شين به هن ڪم کي متاثرڪيو آهي. هن ڪم جا ڪاريگر صرف مرد آهن
انهي ڪانسواءِ ٻيا به ڪجهه ننڍاننڍا هٿ جا هنر هوندا هئا جيڪي هاڻي بلڪل ختم ٿي ويا آهن. هٿ جي هنرن کي ڪلن جي ڪم ڪارنقصان رسايو آهي ۽ هٿ جي هنرن سان مارڪيٽ جو ماتيليءَ ماءُ واروسلوڪ آهي. مڊل مين ان کان به وڌيڪ استحصال ڪري ٿو.

هٿ جي هنرن جي سموري تخليق اوک ڊوک عورتن جي ڪري آهي. خوبصورت چٽ، نمونا ۽ شين جو حسن عورتن جي هٿ ونڊائڻ جو نتيجو آهي. عورتون جتي هٿ جي هنرن جي تخليقي پاسي کي ڏسن ٿيون ته اتي گهر جي آمدنيءَ ۾ ڪرداراداڪن ٿيون. پرت جو سمورو ڪم عورتون ڪن ٿيون جنهن مان نه رڳو روزمره جي واهپي جا استعمال جا وڙ تيارٿين ٿا پرچوڪرين جو ڏاج به پرت مان تيارڪيو ويندو آهي. ان ڪانسواءِ اضافي تيارڪيل شين کي مارڪيٽ ۾ کپائي گهرهلايووينڊو آهي. ٿري عورت هنرمند عورت آهي جنهن پنهنجي صلاحيت سان نه رڳو پلوڙ هنري وڙ تيارڪيا آهن ، گهرو آمدنيءَ ۾ واڌارو ڪيو آهي پران کان وڌو ڪم اهو ڪيو آهي جو پنهنجي نج نبارثقافت کي زنده رکيو آهي . هنرمند ٿري عورت شاهوڪارٿري ثقافت جي امين ۽ رکوال آهي.

**ڏٺ نه ڪُٺي ڏوٿيين..............!!!**

سنڌ جي فڪر، علم، ڏاهپ، فلسفي، ثقافت جي سرواڻ ۽ شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري اهڙي وٿ آهي جنهن جا املهه اتوريا آهن. سندس رسالو واقعي پيغام آهي يا سندس ئي ٻولن ۾:

**جي تو بيت ڀانيا سي آيتون آهين،**
**نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي**

انهي ساڳي ڳالهه کي ڳنڍيندي، مڱريئي عبدالرحيم گرهوڙي پڻ هن ريت موتين اچل ڪئي آهي:

**آهي عبداللطيف تي رضامندو رحمان،**
**جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحي ڪيو.**

شاه عبدالطيف پنهنجي رچيل سر ڪاهوڙيءَ ۾ ڏٺ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جا ڳولائو ڏوٿي آهن. انهي سرود ۾ پنڌ جا جيڪي رند ۽ راهون سمجهايا ويا آهن تن جو وستار ڳوڙهو آهي. ڪاهوڙين جي مستقل مزاجي، ڏٺ جي ڏورانهن ماڳن مڪانن ۽ انهن تائين پهچڻ جي ڏاڪڙن ، ڏولائن، ڏوجهرن جي جيڪا منظر ڪشي ڪئي ويئي آهي ان جو مثال ٻئي ڪنهن هنڌ مشڪل ملي ٿو.هتي هڪ بيت مثال طور پيش ڪندي ڳالهه کي اڳتي وڌايون ٿا ته:

**ڏٺ نه ڪُٺي ڏوٿيين، جيڪي ڏٺ ڪرين،**
**ا هيجاٽيون علم جون، اوريائين آٽين،**
**تهان پري ڏسين، پريان سندي ڳالهڙي**

هن وقت ٿر ۾ پئدا ٿيل ڏڪار واري صورتحال جو چئو ٻول آهي، هرهڪ چئنل تي ويٺل هرفن مولا ميزبان ٿرڏڪارٿرڏڪار جي لات لنئي رهيا آهن ته ڪي وري اهڙي صورتحال ۾ پئدا ٿيل کاڌ خوراڪ جي کوٽ تي ڊگها بحث ڪري رهيا آهن. امداد جون ڳالهيون به ٿيون . واهر ٿي پر تمام ٿوري پئماني تي. هاڻي وري بحالي بابت حال احوال ڪندي ٿر ۾ مستقل طور انهي ماحول ۽ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جا سانباه ڪيا وڃن پيا. امداد جو به گهڻو تڻو محور شهري آباديون رهن

ٿيون چوتہ اتي مختلف ميڊيا چئنلس جون ٽئنڪن وانگر هر وقت هڪيون بيٺل گاڏيون گردش ۾ اچي ٿيون وڃن ۽ جيڪا ڏر امدادي سامان ورهائي ٿي اها پنهنجي خبر ڇپرائي باقي ذميواريءَ کان آجي ٿي وڃي. اهڙي طرح گاڏو ڏڪجي رهيو آهي ماڻهن وٽ بہ اهڙي ڪا مضبوط سماجي جوڙجڪ يا ڊانچو ناهي جنهن وسيلي اهي هن سموري عمل مان ڪو مناسب لاڀ پرائي سگهن. تنهنڪري ٿرين جي غريبي ڏور ٿئي نہ ٿئي باقي ٻين گهڻن جي غريبي ڏور ٿي ويندي. اڄ کان 50 سال اڳ جي غربت ۽ موجوده غربت ۾ فرق آهي. اڳي اناج جي ايتري شديد اڻاٺ هوندي هئي جو ڪاري ڏڪار دوران ماڻهو وڻن مان ملندڙ اپت واپرائي وقت ڪاٽيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ مسڪين مارن کي وڻن جا ڇوڏا ڪاٽڻا پوندا هئا. هن وقت ڪوبہ وڻن جا ڇوڏا نٿو ڪائي. ان وقت ٿيندڙ ڪاڏي جي ڪوٽ دوران ماڻهو ان جو واپراج ڪاڇي سان ڪندا هئا ۽ باقي سندن گذران ڏٿ تي هوندو هو. اڇو تہ ڏسون ڏٿ ڇا آهي؟ ڏٿ جهر جهنگ جي وڻن مان ملندڙ اهڙي اپت آهي جنهنکي هڪ رڇ خور ڪچو بہ ڪائي سگهجي ٿو تہ ٻاقي يا رڌي ڪائي سگهجي ٿو يا سڪائي ڪائي سگهجي ٿو. ڏٿ اهڙي قدرتي وٿ آهي جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود هوندي آهي پوءِ کهڙو بہ ڪارو ڏڪار ڇو نہ پوي. ڏٿ ڳولهڻ لاءِ جهر جهنگ رلڻو پوي ٿو ۽ ڏونگر ڏورڻا پون ٿا. ڪاڏي جي ڪوٽ جو پورائو ڪرڻ لاءِ هيءُ مقامي اُپاءُ آهي جيڪو هٽ هيٺ وسيلن کي ڪتب آڻيندي ٻڙي لاڳت سان عمل ۾ آندو ويندو آهي. ايئن ڏٿ ڏورڻ جي انهي وارتا کي پٽائي هن طرح بيان ڪيو آهي:

**پارئان پُڇي آءُ، خبر ڪاهوڙين جي،**

**ڏوٿين ڏونگرئان، ڪنهن پر ڏورئو ڏٿ کي.**

ايئن ڏاڪٽرن سان ڏوريل ڏٿ جي غذائي ڪٿ تمام ملهائتي آهي. ڏٿ ۾ وٽامن، پروٽين، فائبر سميت اهي سموريون شيون آهن جيڪي پيٽ جي دوزخ کي ترت پرڻ لاءِ ڪافي آهن. ڏٿ جي ٻي وڏي خاصيت اها آهي جو اهو اڪيلي رڇ طور واپرائي سگهجي ٿو. پاڻ ڪاڏو آهي تہ پاڻ ئي اولڻ آهي. اڇو تہ ڏسون ڏٿ کهڙين وٿن جو اجتماعي نالو آهي. ڏٿ ۾ پاڙون، ميوا، ڦل ۽ پن شامل آهن، جن کي مجموعي طور ڏٿ ڇئبو آهي.

پاڙدار ڏٿ ۾ پيپون ۽ ڪونديرشامل آهن. اهي مرتن ۽ سيٽن جي پاڙن ۾ ٿيندا آهن. پيپون سائي رڱ جو پاڙون آهن جيڪي پهرين برسات پوڻ سان مورجي اڇن ٿيون. پپن کي ڪچو بہ ڪاڏو ويندو آهي تہ سلاد طور بہ.. ڪونديربہ مرتن ۽ سيٽن جي پاڙن ۾ ٿيندڙ اهڙا پاڙوندا آهن جيڪي نندڙا پٽاٽا لڳندا آهن. انهن کي بہ ڪچو استعمال ڪيو ويندو آهي. پنن واري ڏٿ ۾ مريڙو ٻگرو ۽ سالارو مشهور آهن جن کي ساڳ طور پچائي ڪاڏو ويندوآهي. آڙهڙ جي ڏينهن ۾ جڏهن لڪون لڳنديون آهن ۽ لڪ تپندا آهن، زمين شعلا پيئي اوڳاڇيندي آهي تڏهن بہ ٿرءِ ڪجهہ وڻ آهن جيڪي ڏٿ جي فطرتي دولت سان جنجهہ ٿي پوندا آهن ۽ مارو ماڻهو ان مان سگهر، گل ۽ ميوا پٽي پاڻ بہ ڦوتاهو ڪندا آهن تہ ڌڻ پٽاري کي بہ کارائيندا آهن ۽ مال نہ رڳو متارو ٿي مڇي پوندو آهي پر کير مان بہ

وهي اٿي هلندو آهي. ڪنڊي جنهن جو نباتاتي نالو () آهي. تنهن ۾ ٻور ڇٽڻ کان جلد ئي سڱر لڳندو آهي ۽ ڪچيون سڱريون جن کي ٿوبا چوندا آهن تن جي ڀاڄي تمام گهڻي سوادي ۽ سوساڏي ٿيندي آهي. ٿوبا پچي سڱر ٿيندا آهن تہ بہ ماڻهو ۽ مال ٻئي شوق سان کائيندا آهن ۽ سگهڙ عورتون سڱر کي ٻاڦي پوءِ سڪائي رکنديون آهن جيئن ڪمندائتا ڪم اچن. سڱر پچي ڪوڪا ٿيندو آهي جيڪي ٻار شوق سان کائيندا آهن . اهڙي طرح ساڳي موسم ۾ ڪرڙ جي وڻ ۾ ڦل ٿيندا آهن تن کي ڀُسي چئبو آهي. انهي کي بہ رڌي کاڌو ويندو آهي جنهن جي سڻي غذائي ڪٿ آهي. ڀُسيءَ مان ڏونرا نڪري نروار ٿيندا آهن جيڪي پچائي يا ٻاڦي کائڻ سان گڏو گڏ سنڌيا ويندا آهن يعني انهن جو سانڌاڻو تيار ڪيو ويندو آهي. ڏونرا پچي پڪن ۾ تبديل ٿيندا آهن جن کي ٻار ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن تہ پناڻ ۽ پڪن وارو ٿوٽڪو بہ ٿر ۾ مشهور آهي. چار هڪ اهڙو وڻ آهي جنهن جي ٿرجي ڌرتيءَ سان ڇائي ڄم کان نسبت آهي ٿر ۾ مني چار ٿئي ٿي باقي ڪس واري علائقي ۾ ڪٿي ڪٿي ڪارا ڪبڙ پڻ ڏيک ڏين ٿا. ٻور ڇٽڻ سان چار ۾ ڪڪڙ لڳن ٿا جيڪي ٿورو وڏا ٿين ٿا ۽ منجهن پاڻي پوي ٿو تہ انهن کي ماڇڪ چيو ويندو آهي. ماڇڪ وڏا ٿي پيرونءَ ۾ تبديل ٿين ٿا ۽ انهن پيرن جا رنگن مطابق مختلف نالا ٿين ٿا جهڙوڪ، رتيا (ڳاڙها پيرون) سيڙهيا (پيلا ۽ اڇاڻ مائل پيرون) کهنبا (کهنبي رڱ وارا). پيرون پچڻ دوران وڏي تفريح وارو ماحول هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهڙن ڏکين ڏينهن ۾ واحد رسدار ميوو وڻن ۾ ٿئي ٿو. ڪنواريون گهر جي وڏين عورتن سان گڏجي پيرون چونڊڻ ويندويون آهن ۽ ان دوران جيڪي ڳيت ڳائينديون آهن تن کي ڏورڪي سڏيو ويندو آهي، جيڪي انهن هڪجيڏين ۽ سرتين لاءِ ڳايون وينديون آهن جيڪي ڪائڻ ڏور هونديون آهن. اهي ڏورڪيون ايتريون درديليون هونديون آهن جن کي سڻي من ميڻ ٿي پوندو آهي. پيرون مال کي بہ کاڌي طور ڏنا ويندا آهن. پيرن مان ڳڙ ٺاهيو ويندو آهي جيڪو انتهائي لذيذ ٿئي ٿو . پيرن کي سڪائي ڪوڪڙ ٺاهي محفوظ ڪري رکيو ويندو آهي جيئن ڪمندائتو ڪائي سگهجي. ائين ساڻوهين جي ڏنگن ڏارن ۾ ٿيندڙ هي املهہ ڏٿ بہ مارن لاءِ وڏي وٿ رهيو آهي.

گاهن ۾ بہ ڪافي اهڙا گاهہ آهن جيڪي جتي مال جو چارو آهن تہ ماضيءَ ۾ ڏٿ جي شڪل ۾ انسانن بہ ان کي کاڌي طور واپرايو آهي. ڀُرٽ، مُرٽ، ٻُرُو، سائون اهڙن گاهن ۾ اهم آهن. انهن جي سنهڙن سنگن مان سنهڙن داڻن کي وڏي محنت سان ڪڍي پوءِ ان کي پيهي ان جي اٽي جي ماني پچائي کائڻ وڏو محنت طلب ڪم آهي پر انهي جو سواد ۽ غذائي ملهہ اپر آهي.

ان کان سواءِ وسڪاري جي مند ۾ ٿيندڙ گوار، ڇانهان، ڇيڙ، گدريون ڪتي سنهيون سنهيون ڦارون ڪري سڪايا ويندا آهن جن کي ڪاچريون سڏيو ويندو آهي. اهڙي طرح محفوظ ٿيل ڪاچريون بہ ڪمندائتيون ڪائي سگهجن ٿيون ۽ ڪنهن سڙيل ٽماٽي يا گتر جي پاڻي ۽ هتراڏو ياڻ تي ٿيندڙبين ساين ڀاڄين کان سئو پيرا سُنيون آهن. ڦوڳن جي ڦوڳيسي بہ رڌي کائڻ ۾ سوادي ٿئي ٿي . اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ڦوڳ يا تہ اُڏڙي ختم ٿي ويو آهي يا باقي ورلي ڪٿي ڪو وڃي بچيو آهي. ڪنهن وقت

تہ ٿوهن ڪي زمين ۾ ٻوري ڪريون منيون ڪري ان جي اٽي مان ماني پچائي ويندي هئي، جيڪا پنهنجو مٺ پاڻ هئي.

انهي ڏٿ سان گڏوگڏ ٿري ماٺهو ڪونيٽن جو ڪونئر پڻ رڌي ڪائيندا هئا جنهن مان سندن جسم کي سگهہ ملندي هئي تہ جسم جي سورڪان بہ اهي بچيل رهندا هئا.

ڏٿ ڏورڻ ڏکيو آهي پر هن دور ۾ جڏهن دنيا مارڪيٽ اڪناميءَ جي ڪاڪ محل ۾ ڦاسڻ ڪان پوءِ وري بہ فطرت ڏانهن مائل آهي تہ هنن املهہ وٿن يعني ڏٿن جي اهميت وڌي ٿي وڃي. دنيا ۾ پاڻ ڪانسواءِ اپايل پاڇيون مهانگي اگهہ تي خريد ڪيون وڃن ٿيو ن تہ پوءِ اسان کي هن قدرتي دولت ڪان ڪو سيڪو يا عار نہ ڪرڻ گهرجي. هن وقت ٿر ۾ جيئن ڪاڏي جي ڪوٽ ۾ ٻارن جا موت موجوده صورتحال جا مهري ٿيا آهن ۾ ٿر جهڙي نڪور ڏرتيءَ تي جيڪا چرپر ٿي رهي آهي سا ان کي وڏي مارڪيٽ ۾ تبديل ڪرڻ ڏانهن وٺي پيئي وڃي. بازاري معيشيت جي انهي دوزخ ۾ ٿرجي صورت هونئن ئي تبديل ٿيٽي آهي. ٿي سگهيٿو ٿر ٻيهر اهڙو خوشحال ٿي پوي جهڙو اهو 2000 ورهيہ اڳي هو، جنهن ۾ پاري نگر ڪان وٺي راهومڪي بازار تائين وسندڙ ساموندي ڪنارو هو جنهن ۾ ڪجلاسر جهڙا ترڻ تلاءَ هوندا هئا جن ۾ بنا ڪنهن جهل پل جي هرڪو وهنجندو هو. ان وقت ۾ شايد يورپ ۾ بہ ايڏي چرپر نہ هوندي هئي. ڏٿ جي تڏهن بہ اهميت هئي تہ اج بہ ڏٿ وڏي وٿ آهي. اسان کي پنهنجي ڏرتي ۾ ان تي موجود قدرتي دولتن جي ڏٽيپ ڪرڻ جو سوچڻو آهي، پريءَ بازار ۾ ڏٿن ، ڏونرن کي استعمال ۾ آٽيندي نہ رڳو انهن کي بچائڻو آهي پر پنهنجي ڏيا، ڏات ۾ ڪاريگريءِ کي ڪم آٽيندي دنيا جي تيز هلندڙ چرخي سان قدم ۾ قدم ملائي هلڻو آهي. اهڙي اڙانگي سفر ۾ اسانکي لطيف سائين جو ڪاهوڙين جي صورت ۾ ڏٿ لاءِ ڏوريل ڏاڪڙو ياد رکڻو پوندو.

جيڪو ڏٿ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو،
چپر ڪين ڏي، سوکڙيون سُتن کي.

# ٿر جو ڪوئلو: مُلڪي ترقيءَ جو ضامن

ٿرپارڪر پنهنجو پاڻ ۾ نيارپ رکندڙ اهڙو پهڳڻ خطو آهي جهنجي مهانتا ۽ مشهوري صدين کان پرکنديڻ پڌري رهندي آئي آهي. هِن خطي ۾ ڪارونجهر جهڙا اربين سال جهونا جبل آهن تہ پارڪر جو منيهاڻو ميداني زرخيز پٽ بہ آهي. ٿر ۾ واريءَ جون قطب نما جهڙيون پٽون، اُنهن جا ڳاٽ، اوچا ۽ پاساڙا آهن تہ ٿرڪول ۽ پوچاندا بہ اوترائي اهم آهن. پارڪي جي ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ آهي. جيڪو ڪنهن وقت سنڌو جي نارهوءِ سنڪدر مقدوني بہ پنهنجا ٻيڙا اِن نار ۾ گهيڙيا هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪيس سندس ماءُ جو منهن بہ نصيب نہ ٿيو ۽ مُني دنيا فتح ڪندڙ هي شخص 33 سال جي ننڍڙي عمر ۾ وچ واٽ تي پيالو پي ويو. ڪڇ جي رڻ تي ڪيئي ملهابا ٿيا نيٺ ڪُجهہ حصو اسان کي مليو ۽ اجا بہ ڪي حصا متنازعا سڏجن ٿا. ڪڇ جي رڻ سان لڳندڙ پٽيءَ کي ”وٽ“ چوندا آهن ۽ انهي پٽيءَ ۾ پاڻي مٺاڇري کي ويجهو هئڻ ڪري وڻ ٽڻ پلا ٿين ٿا تنهنڪري هتان جون سيمون چوپائي مال توڙي باقي جهنگل جيوت جي جتاو لاءِ خوشگوار آهن. وٽ سان لڳو لڳ اهڙو ئي زرخير خطو ”سامروٽي“ آهي جيڪو مِٺيءَ تان پکڙيل آهي. سامروٽيءَ جي اتر اولهہ ۾ ”ونگو“ آهي. جيڪو ڪنهن وقت پري تري بازار هوندي هئي جنهن جي اُتر اولهہ ۾ ولاسو واقع آهي. ونگي جي منهن کان وٺي هڪڙي سنهي پٽي نڪري ٿي جيڪا عمرڪوٽ ضلعي تائين ڦهليل آهي اهو علائقو ڪس آهي ۽ هيءَ ڪس ٿر جي مهراڻي ۽ سنڌوءَ تي سيراب ٿيندڙ خطي کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. مُهراڻي کان اوپر ڏکڻ ”ڪننو“ نام ڪننو آهي، جنهن کي ”سينٽرل ٿر“ چئي سگهجي ٿو. ڪنني جي اوپر ۽ پارڪر جي اُتر ۾ ڇاڇراڻي وارو ”ڊٽ“ آهي. جنهن جي اُتر ۾ ڪاٺڙ جي نالي سان سڏيو ويندڙ علائقو اڇي وڃي ٿو. ٿرپارڪر تي پرمارن، راٺوڙن ، سومرن ، ٽالپرن ۽ برطانوي گورن حڪومت ڪئي. باقي ڪلهوڙن جيڪي مذهبي واٽ وٺندي ”ميان“ مان ”شاهہ“ بنيا هئا تن يا تہ هتي لڪي اچي پناهہ ورتي هئي يا هتان جي ننگن ۾ لالچ رکندي ڪڏهن ڪڇ جي راءَ کان سڱ گهريو هو تہ ڪڏهن ونگي جي نهڙين تي پنهنجي ڪمن اُچلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ٻنهي طرفن کان کين ناڪامي ٿي هئي ۽ سندن ڪاموري ديوان ٽيڪراءِ کي ٿر جي غيور نهڙين گهوٽو ڏنو هو. ڪلوئي ويجهو سندس ماڙيءَ جا آثار اڄ بہ هرانيدڙ هيچي حڪمران لاءِ سبق پريو عبرتناڪ مثال آهن. ٽالپرن هتي ٺئڪس اوڳاڙيءَ لاءِ گڊ ٺهرايا جيڪي نئين ڪوٽ جي قلعي کان شروع ٿي مٺي، اسلامڪوٽ، ڇيلهار، سينگارو کان ڪڏيءَ جي گڊ تائين هڪڙي دفاعي لڪير ۾ تهمر ٿيل آهن جتان ٿر جي اُترئين توڙي ڏاکڻين حصي کي رسي سگهجي ٿو. ميرن کان پوءِ آيل برطانوي گورن کي دهليءَ ۾ ٿيل بلوي جي طرز جي بغاوت سان 1859 ۾ پارڪر ۾ مُهاڏو ڏيڻو پيو هو ۽ چئن ڇانوٽين جي فوج مس وڃي چند پارڪري جوڌن کي ماري مڃايو هو. 1971 جي جنگ ۾ هتان جي ڪافي آبادي لڏي

هندستان هلي ويئي جنهن ۾ ٽڪرن جو تعداد سڀ کان وڌيڪ هو. ٽڪرن جي ايتري پُڄاڻي لڏپلاڻ جتي پيڙهيل طبقن جي هندن کي وڏن ويجهڻ جو موقعو ڏنو اُتي ماحوليات جي مالڪيءَ لاءِ متبادل ڏر جي نہ هجڻ ٿر جي سيمن ۽ چراگاهن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو. ٿر هر 5 سال ۾ ايندڙ ڀن ڏڪارن جي سندا سهندو رهيو تان جو ٿر ۾ روڊن جو ڄار نهڻ شروع ٿيو. بئراجي پاڻيءَ جي پائيپ لائين پهچائي ٿي ويئي، سيليولر فون ۽ سيٽلائيٽ ميڊيا، پرنٽ ميڊيا، دُنيا کان ڪٽيل خطي کي دُنيا جي "ڀڏي چوڙي" وارن هندن سان ملائي ڇڏيو ۽ ترقيءَ جو عمل تيزيءَ سان پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان ٿيو. غيرسرڪاري ادارن بہ هن علائقي جي Communication Gap کي گهٽائڻ ۾ چڱو موچارو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪنهن وقت پنتي پئل ۽ دُنيا کان وسريل خطو اجا تڏهن وڌيڪ اُجاگر ٿيو جڏهن هتي سازدا پاران ڀنين جي پاڻيءَ جي ڪوجنا واري رٽا دوران 1989 ۾ ڪوئلي جي نشاندهي ٿي ۽ پاڪستان ارضياتي سروي 1990 جي شروع ۾ ٿي 4 بلاڪ نروار ڪيا ۽ 1993 ۾ آمريڪا جي ڪاٽين بابت مشهور ماهرن پاران هن ذخيري جي ڪاٽي جي تصديق ڪئي ويئي. آگسٽ 2004 ۾ چيني ڪمپني مشيرز شينهوا ڪارپوريشن هن ذخيري جي فني ۽ اقتصادي اهميت جي پڪ ڪئي پر اها ڪمپني ڪن رُڪاوٽن جي ڪري هٿ ڪڍي ويئي. 2004 ۾ سنڌ حڪومت پهرئين بلاڪ ۾ جرمنيءَ جي فرم کان ڪوئلي جو اڀياس ڪرايو ۽ تنهن کانپوءِ سنڌ ڪول اٿارٽي بين القوامي ڪمپنين جي مدد سان 8 بلاڪ نروار ڪيا، اهڙي ريت هن وقت تائين ڪوئلي جا 12 بلاڪ نروار ٿي چڪا آهن ۽ 175 بلين ٽن ڪاروسون ٿر جي 9000 چورس ايڪڙن هيٺ ڪاري نانگ جيان چپ ڪيو پيو آهي ۽ دنيا جي سيڙپڪارن کي دعوت ڏيئي ريهو آهي تہ انهي ڪاري سون کي ڌرتي جي مٿاڇري تي آندو وڃي جئين دنيا ۾ پئدا ٿيل عموما ۽ پاڪستان ۾ پئدا ٿيل خصوصا توانائي بحران کي منهن ڏيئي سگهجي ۽ هيءُ ڪوئلو سعودي عرب ۽ ايران جي تيل جي ذخيرن کان ججهو آهي. ۽ پاڪستان جي گئس جي ڪل ذخيرن کان 68 هوڻو آهي. هن ڪوئلي ۾ 45٪ گهم آهي 1.19٪ گندرف آهي ۽ گرمجڻ قدر 11.6٪ MJ في ڪلو گرام آهي. نروار ڪيل 12 بلاڪن مان 4 بلاڪ ڪم ڪار لاءِ ڏنا ويا آهن جن ۾ 5 بلاڪ تي گئسيفڪيشن وارو ڪم هلندڙ آهي. جنهن تي تمام گهڻي لاڳت اچي چُڪي آهي. پر اُن جي اُپت متعلق مختلف شعبن ۽ فني ماهرن پاران سوال اُٿاريا ويا آهن. بلاڪ نمبر 2 تي سنڌ حڪومت ۽ اينگروڪول مائننگ ڪمپني پاران گڏيل ڪم ڪار شروع ٿيڻو آهي جنهن جي گرائونڊ بريڪنگ سيريمني 31 جنوري 2014 تي ٿرجي ڪول فيلڊ واري خطي ۾ منعقد ڪئي پيئي وڃي. ڪليل ڪاڻ وسيلي ڪوئلي جي کوٽائي جو هيءَ ڪم اڳتي هلي هن علائقي جي ترقيءَ ۾ تمام اهم ڪردار ڪندو چو تہ انهي ڪوئلي تي بجلي گهر قائم ڪيو ويندو جيڪو توانائي جي بحران تي ضابطو رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. ڪوئلي جي ذخيري تائين پهچ ۽ سيڙپڪارن کي سهوليتڪاري ڏيڻ لاءِ ايئرپورٽ، روڊ نيٽ ورڪ، ٿرلاج جهڙا منصوبا تيار ٿي چُڪا آهن ۽ ريل وڇائڻ ۽ پاڻي

پهچائڻ جو ڪم جاري آهي ۽ اهو ڪم پنهنجي طئہ ٿيل رفتار سان هلندو رهيو تہ توقع آهي تہ هن منصوبي مان 2016_2015 تائين بجلي پئدا ٿيڻ شروع ٿي ويندي، جنهن جي روشني ۾ سگهہ ٿرپارڪر ڪي، سنڌ ڪي مالڪ ڪي معاشي طور پاڻ ڀرو بنائڻ ۾ يقينا پنهنجي اهم ڪردار نباهيندي. اهڙي طرح هي وڏا منصوبا جتي ترقيءَ جي اهم نويد آهن. تتي جيڪڏهن اُنهن ڪي سجاڳي، سوچ سمجهہ ۽ مشاورت سان نہ لاڳو ويو تہ تباهيءَ جو ڪارڻ بہ بنجي سگهن ٿا. خصوصا واسطيدار علائقي لاءِ . تنهنڪري هنڌن اجگر منصوبن جي رٿابندي جي راڄن جي راءِ جو شامل هجڻ ضروري آهي. ۽ اُن ڪي گڏيل راءِ وسيلي جيڪي فيصلا ٿيندا سي جٽادار ۽ ججهن ماڻهن لاءِ فائديمند هوندا ۽ اهڙن منصوبن جو لاڀ حاصل ڪندڙ اُتان جي مقامي آبادي هوندي اُهي غريب مسڪين ماڻهو هوندا جن جون پنيون ٻارا، گهر گهاٽ، سيمون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ مُتاثر ٿيندو ۽ ٿر جو ماڻهو تہ مسڪين مارو آهي جيڪو يا تہ مال چاريندڙ ۽ ڏاراينڊڙ آهي يا وري جڏهن رحمت جو ڪڪر وسي ٿو تہ ڌرتيءَ جو سينو ڪيڙي پنهنجي گذر سفر ڪي ڳولهڻ ڦولهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. تنهنڪري هن منصوبي ڪي صوبي جي بهتريءَ لاءِ عموما ۽ مارئيءَ جي ملڪ جي ترقي لاءِ خصوصا لاڀدائڪ بنائڻ لاءِ ڪجهہ گذارشون پيش ڪجن ٿيون.

- سنڌ حڪومت ڪي هِن منصوبي جي سلسلي ۾ بااختيار بنايو وڃي ڇاڪاڻ تہ معدنيات صوبائي معاملو آهي جيتريون فني رُڪاوٽون يا پيچيدگيون آهن. سي دور ڪيون وڃن.
- ٿر ڪول انرجي بورڊ ۾ ڪميونٽي جي نمائندي طور ڪنهن ماهر ۽ ٿر جي هڏڏوڪي ماڻهوءَ جي نمائندگي مقرر ڪئي وڃي.
- سنڌ ڪول اٿارٽيءَ ۾ ٿر مان چونڊيل نمائندن خصوصا ڪوئلي جي علائقي مان .............. ڪي ڪنيو وڃي جئين فيصلي سازيءَ ۾ راڄن جي راءِ ڪي شامل ڪري سگهجي.
- ڪليل ڪاٽين وسيلي ڪوٽائي بابت ماحولياتي اپياس ۾ ٿر جي زيرزمين پاڻي ۽ بائيو ڊائيورسٽي ۽ مجوعي ڪي ڌيان ۾ رکيو وڃي.
- متاثر ٿرين انساني آبادي، چوپائي مال، جهنگلي جيوت ماحول جي آبادڪاريءَ لاءِ ٺهندڙ پاليسيءَ ۾ هنن ڳالهين جو خاص خيال رکيو وڃي.
- اها پاليسي عوامي نوعيت جي هجي نہ ئي ڪنهن ڪمپنيءِ ڪي سهوليتڪاري ڏيندڙ پاليسي، تنهنڪري اهڙي اهم دستاويز جو هڪ صرف عوامي اُمنگن ۽ مفادن جو ترجمان هجي. سيڙپڪار جي مفادن ڪي بلڪل تحفظ ڏنو وڃي پر ترجيح عوام ڪي هجي. اُهو ٿري عوام جنهن سڄي عمر هن ملڪ جي پلي لاءِ دعائون گهريون آهن. ۽ سپ ڪان وڏيڪ حب الوطن هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي. مارئي اُن حب الوطنيءَ جو عظيم مثال آهي.

- مقامي آباديءَ جي زمين کي ملهه ڏيئي خريدڻ بجاءِ ليزتي ورتو وڃي ۽ اُن ليز کي مارڪيٽ اگهن مطابق هر 10 سالن کانپوءِ نئون ڪيو وڃي.
- سموري زمين جيڪا متاثر هئڻ جي دائري ۾ اچي تنهن جي اڪئزيشن ۾ شفاف بنائڻ لاءِ هڪ الڳ لئنڊ اڪئيزيشن يونٽ هئڻ گهرجي جيڪو تربيت يافته ۽ عوام جي هڏڏوکي هجي.
- انساني وسيلن جي سلسلي ۾ صحت، تعليم ۽ پاڻي جي شعبي لاءِ اهم رٿائون شامل ڪيون وڃن جن ۾ ”ماءُ ۽ ٻار جي صحت“ ۽ عورتن کي محور بنايو وڃي.
- مقامي سطح تي جيڪي فيصلي سازي جا ادارا جوڙيا وڃن تن ۾ عورتن، ٻارن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندگي رکي وڃي.
- پاليسيءَ ۾ ڊگهي مدت ۽ مختصر مدت وارين رٿائن کي رکيو وڃي ڇاڪاڻ ته ڪوئلي کي کوٽائي ۽ اُن مان ٺهندڙ بجلي جو ڪم هڪڙو مرحليوار عمل آهي جيڪو سالن تائين جاري رهندو.
- جيڪي ماڻهو کوٽائي جي اثر هيٺ اچن تن جي ٻيهر آبادڪاري لاءِ کين سنڌن چونڊ جو هنڌ ۽ آباد ٿيڻ جا اخراجات ڏنا وڃن.
- مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جي سلسلي ۾ ترجيح ڏني وڃي.
- عام ماڻهوءَ جي اُهنج ايذاءُ جي تلافي ڪرڻ لاءِ دُنيا ۾ رائج سرشتي کي نظر ۾ رکندي جوڙجڪي ڍانچو جوڙيو وڃي.
- پُراڻي لينڊ گرانٽ پاليسيءَ تي نظرثاني ڪندي اُن کي عصري تقاضائن ۽ مارڪيٽ جي اُصولن پٽاندڙ بنايو وڃي.
- اثر هيٺ ايندڙ آباديءَ جي گذران جي وسيلن جو خيال رکيو وڃي.
- ڪوئلي جي کوٽائي، ترقي، بجلي پئدا ڪرڻ ۽ ٻئي اهڙي ڪم ڪار جنهن جو راڄن سان سڌو سنئون تعلق هجي. جهڙوڪ پاليسي، ، طريقه ڪار جا ڪاغذ پٽ تن کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرايو وڃي جئين عام ماڻهو اُن مان لاڀ حاصل ڪري سگهي.

- راڄن جا ماڻهو جيترو هن ڪم ۾ شامل هوندا ۽ فيصلي سازي ۾ سندن ڪردار هوندو اوترو ئي هي، منصوبو ڪارگر ۽ ڪامياب ويندو.
- هن سموري منصوبي ۾ شهيد محترم بينظير ڀٽو پاران ڪيل افتتاح دوران پيش ڪيل vision کي مندنظر رکيو وڃي.

اهي چند گذارشات آهن ۽ اجا ڪوڙ ساريون ٻيون ڳالهيون آهن جيڪي هِن منصوبي جي بهتري لاءِ ڪم اچي سگهن ٿيون. جيڪڏهن سنڌ جو ويزاعليٰ سيد قائم علي شاهه به فني رُڪاوٽن جي ڳالهه

ڪري ٿو ۽ ڪين هيڏي وڏي منصب تي هئڻ باوجود اهڙيون ڏکيائون درپيش اچن ٿيون ته پوءِ ٿهري ٿڙ جي چاچي مٺن هاليپوٽي، جيئندي درس جي خير محمد درس ۽ ابن ٿڙ جي اسماعلي لنجي ، سينگاري جي پيلن ۽ سيزيءَ جي درسن سميت سموري ڳوٺن جي مارو ماڻهن جي دانهن ڪوڪ جو مداوا ڪير ڪندو. تنهنڪري انهن سمورين ڳالهين جو بُنياد ڪان ئي خيال رکيو وڃي جئين هيءَ اهم منصوبو ملڪي ترقي جي گاڏيءَ کي اڳتي ڌڪڻ سان گڏوگڏ هن غربت سٽيل علائقي جي ماڻهن جي صدين کان ڏٺل سنهري خوابن جي تعمير بنجي سگهي.

# چين پاڪستان اقتصادي راهداري ۽ ٿر جو ڪوئلو

پاڪستان ۽ چين جي دوستي تمام پُراڻي آهي جنهن کي اجا تائين ڪنهن طوفان نہ لوڏيو آهي. ٻئي ملڪ هڪٻئي جي وقت بہ وقت مدد ڪندا رهيا آهن. چين پنهنجي مخصوص اقتصادي ۽ صنعتي حڪمت عملي وسيلي سرمائي دار ملڪن جي وچ ۾ جيڪو پنهنجو سڪو مڃرايو آهي تنهن موڙيوادي مارڪيٽ کي ڀنواٽي ڏيئي ڇڏي آهي. تازو پاڪستان ۽ چين وچ۾ مختلف قسمن جا سمجهوتا ڪيا پيا وڃن. هڪ وڏو منصوبو جيڪو ميڊيا ۾ پاڪ چين اقتصادي ڪاريڊور طور مشهور آهي تنهن بہ ڪافي هلچل مچائي آهي.پاڪستان جي اقتصادي پاڻ ڀرائپ لاءِ وڏو موقعو آهي. هن منصوبي جي حڪمت عمليائي جوڙجڪ پاڪستان کي وڏيڪ سگهارو ڪندي ۽ خطي ۾ان جو رول اڳ کان بہ وڌيڪ اهم ٿي اُڀرندو. هي صرف راهداري ناهي جنهن ۾ ڪو هڪ روڊ رستو ناهي ٻنهي ملڪن کي ڳنڍيو وڃي پر هي هڪ اهم سنگ ميل آهي جنهن وسيلي انفرااسٽرڪچر، توانائي، گوادر ۽ صنعتي شعبي ۾ تمام گهڻي ترقي متوقع آهي.

چين پاڪستان اقتصادي راهداريءَ وسيلي جيڪا سيڙپڪاري ملڪ ۾ ايندي ان ۾ ٿر جو ڪوئلو بہ شامل آهي. ميڊيا جي رپورٽن مطابق 21 ڊسمبر تي چين ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٿيندڙ هڪ معاهدي هيٺ 820 ڊالر جي سيڙپڪاريءَ وسيلي ڪاڻ ڪوٽائي جو ڪم ڪيو ويندو ۽ ٿر ۾ ڪوئلي تي هلندڙ بجلي گهر قائم ڪيو ويندو . اها سيڙپڪاري بلاڪ 2 ۾ مٿاڇري واري ڪاڻ ڪوٽائيءَ ۽ بجلي گهر قائم ڪرڻ لاءِ آهي جتي سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپنيءَ ڪوئلي جي ڪوٽائيءَ واري عمل ۾ مصروف آهي . هن معاهدي ۾ چين ۽ پاڪستان جو بئنڪاري شعبو بہ شامل آهي . اهڙي طرح اهو هڪ چڱو موچارو اقتصادي عمل هوندو جنهن سان ملڪ جي نہ رڳو توانائي واري شعبي تي اثر پوندا پر ٻيا پاسا اثر هيٺ ايندا. تنهن لاءِ اچو تہ ٿر جي ڪوئلي جي پس منظر کي ڏسون.

ٿرپارڪر پنهنجو پاڻ ۾ نيارپ رکندڙ اهڙو ڀهڳڻ خطو آهي جنهنجي مهانتا ۽ مشهوري صدين کان پرکنڊين پڌري رهندي آئي آهي. هِن خطي م ڪارونجهر جهڙا اربين سال جهونا جبل آهن تہ پارڪر جو مٺيهاڻو ميداني زرخيز پٽ بہ آهي. ٿر ۾ واريءَ جون قطب نما جهڙيون ڀٽون، اُنهن جا ڳاٽ، اوچا ها ۽ پاساڙا آهن تہ ٿرڪول ۽ پوڇانڊا بہ اوترائي اهم آهن. پارڪر جي ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ آهي. جيڪو ڪنهن وقت سنڌوءَ جي نارهو ۽ سنڪدر مقدوني بہ پنهنجا ٻيڙا اِن نار ۾ گهيڙيا هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪيس سندس ماءُ جو منهن بہ نصيب نہ ٿيو ۽ مُني دنيا فتح ڪندڙ هي شخص 33 سال جي ننڍڙي عمر ۾ وچ واٽ تي پيالو ڪري ويو. ڪڇ جي رڻ تي ڪيئي ملهالاٻہ ٿيا نيٺ ڪُجهہ حصو اسان کي مليو ۽ اجا بہ ڪي حصا متنازعا سڏجن ٿا. ڪڇ جي رڻ سان لڳندڙ پٽيءَ کي ”وٽ“

چوندا آهن ۽ انهي پٽيءَ ۾ پاٽي متاچري کي ويجهو هيٺ ڪري وڻ ٽڻ پلا ٽين ٽا تنهنڪري هتان جون سيمون چوپائي مال توڙي باقي جهنگل جيوت جي جتاءَ لاءِ خوشگوار آهن. ”وٺ“ سان لڳو لڳ اهڙو ئي زرخير خطو ”سامروٽي“ آهي جيڪو مِٺي شهر تائين پکڙيل آهي. سامروٽيءَ جي اتر اولهہ ۾ ”ونگو“ آهي. جيڪو ڪنهن وقت پري تري بازار هوندي هئي جنهن جي اُتر اولهہ ۾ ولاسو واقع آهي. ونگي جي منهن کان وني هڪڙي سنهي پٽي نکري ٿي جيڪا عمرڪوٽ ضلعي تائين ڦهليل آهي اهو علائقو ”ڪس“ آهي ۽ اهو ڪس ٿر جي مهراڻي ۽ سنڌوءَ تي سيراب ٿيندڙ خطي کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. مُهراڻي کان اوپر ڏکڻ ”ڪننو“ نام ڪنو آهي. جنهن کي ”سينٽرل ٿر“ چئي سگهجي ٿو. ڪنني جي اوپر ۽ پارڪر جي اُتر ۾ چاچراتي وارو ”ڊٺ“ آهي. جنهن جي اُتر ۾ ڪاٺڙ جي نالي سان سڏيو ويندڙ علائقو اچي وڃي ٿو. ٿرپارڪر تي پرمارن، راٺوڙن، سومرن، ٽالپرن ۽ برطانوي گورن حڪومت ڪئي. باقي ڪلهوڙن، جيڪي مذهبي وات وٺندي ”ميان“ مان ”شاہ“ بنيا هئا تن يا تہ هتي لڪي اچي پناھہ ورتي هئي يا هتان جي ننگن ۾ لالچ رکندي ڪڏهن ڪڇ جي راءَ کان سڱ گهريو هو تہ ڪڏهن ونگي جي نهڙين تي پنهنجي ڪمند اُڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي بنهي طرفن کان کين ناڪامي ٿي هئي ۽ سندن ڪاموري ديوان ٽيڪراڻ کي ٿر جي غيور نهڙين گهوٽو ڏنو هو. ڪلوئي ويجهو سندس ماڙيءَ جا آثار اڄ بہ هرايندڙ هيچي حڪمران لاءِ سبق پريو عبرتناڪ مثال آهن. ٽالپرن هتي ٽئڪس اوڳاڙيءَ لاءِ ڳڍ نهرايا جيڪي نئين ڪوٽ جي قلعي کان شروع ٿي مٺي، اسلامڪوٽ، ڇيلهار، سينگارو کان ڪڏيءَ جي ڳڍ تائين هڪڙي دفاعي لڪير ۾ تعمر ٿيل آهن جتان ٿر جي اُترئين توڙي ڏاکڻين حصي کي رسي سگهجي ٿو. ميرن کان پوءِ آيل برطانوي گورن کي دهليءَ ۾ ٿيل بلوي جي طرز جي بغاوت سان 1859 ۾ پارڪر ۾ مُهاڏو ڏيڻو پيو هو ۽ چئن چانوٽين .... حيدرآباد، ڪراچي، احمد آباد ۽ ڏيسا......جي فوجن مس وڃي چند پارڪري جوڌن کي ماري مڃايو هو. 1971 جي جنگ ۾ هتان جي ڪافي آبادي لڏي هندستان هلي ويئي جنهن ۾ نکرن جو تعداد سڀ کان وڌيڪ هو. نکرن جي ايتري پججهي تعداد ۾ لڏپلاڻ جتي پيڙهيل طبقن جي هندن کي وڏڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو اُتي ماحوليات جي مالڪيءَ لاءِ متبادل ڏر جي نہ هجڻ ، ٿر جي سيمن ۽ چراگاهن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو. ٿر هر 5 سال ۾ ايندڙ ٻن ڏڪارن جي سزا سهندو رهيو تان جو ٿر ۾ روڊن جو چار نهڻ شروع ٿيو. ٻئراجي پاڻيءَ جي پائيپ لائين پهچائي ٿي ويئي، سيليولر فون ۽ سيٽلائيٽ ميڊيا، پرنٽ ميڊيا، دُنيا کان ڪٽيل خطي کي دُنيا جي ”ٻڌي چوڙي“ وارن هندن سان ملائي ڇڏيو ۽ ترقيءَ جو عمل تيزيءَ سان پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان ٿيو. غيرسرڪاري ادارن بہ هن علائقي جي Communication Gap کي گهٽائڻ ۾ چڱو موچارو ڪردار ادا ڪيو. ڪنهن وقت پنتي پئل ۽ دُنيا کان وسريل خطو اجا تڏهن وڌيڪ اُجاگر ٿيو جڏهن هتي سازدا پاران جر جي پاڻيءَ جي کوجنا واري رٿا دوران 1989 ۾ ڪوئلي جي نشاندهي ٿي ۽ پاڪستان ارضياتي سروي 1990 جي شروع ۾ ئي 4 بلاڪ نروار ڪيا ۽ 1993 ۾ آمريڪا جي ڪاٺين بابت مشهور ماهرن پاران

هن ذخيري جي ڪاٿي جي تصديق ڪئي ويئي. آگسٽ 2004 ۾ چيني ڪمپني مشيرز شينهوا ڪارپوريشن هن ذخيري جي فني ۽ اقتصادي اهميت جي پڪ ڪئي پر اها ڪمپني ڪن رُڪاوٽن جي ڪري هٽ ڪري ويئي. 2004 ۾ سنڌ حڪومت پهرئين بلاڪ ۾ جرمنيءَ جي فرم ڪان ڪوئلي جو اپياس ڪرايو ۽ تنهن ڪانپوءِ سنڌ ڪول اٿارٽي بين الاقوامي ڪمپنين جي مدد سان 8 بلاڪ نروار ڪيا، اهڙي ريت هن وقت تائين ڪوئلي جا 12 بلاڪ نروار ٿي چڪا آهن ۽ 175 بلين ٽن ڪاروسون ٿر جي 9000 چورس ايڪڙن هيٺ ڪاري نانگ جيان ڇپ ڪيو پيو آهي ۽ دنيا جي سيڙپڪارن کي دعوت ڏيئي رهيو آهي تہ انهي ڪاري سون کي ڌرتي جي مٿاڇري تي آندو وڃي جئين دنيا ۾ پئدا ٿيل عموما ۽ پاڪستان ۾ پئدا ٿيل خصوصا توانائي بحران کي منهن ڏيئي سگهجي ۽ هيءَ ڪوئلو سعودي عرب ۽ ايران جي تيل جي ذخيرن ڪان ججهو آهي. ۽ پاڪستان جي گئس جي ڪل ذخيرن ڪان 68 هوڻو آهي. هن ڪوئلي ۾ 45٪ گهم آهي 1.19٪ گندرف آهي ۽ گرمجڻ قدر MJ٪11.6 في ڪلو گرام آهي. نروار ڪيل 12 بلاڪن مان 4 بلاڪ ڪم ڪار لاءِ ڏنا ويا آهن جن ۾ 5 بلاڪ تي گئسيفڪيشن وارو ڪم هلندڙ آهي. جنهن تي تمام گهڻي لاڳت اچي چُڪي آهي. پر اُن جي اُپت متعلق مختلف شعبن ۽ فني ماهرن پاران سوال اُٿاريا ويا آهن.

بلاڪ نمبر 2 تي سنڌ حڪومت ۽ اينگروڪول مائننگ ڪمپني پاران گڏيل ڪم ڪار هلي رهيو آهي جنهن جي گرائونڊ بريڪنگ تقريب 31 جنوري 2014 تي ٿرجي ڪول فيلڊ واري هنڌ وزيراعظم ميان محمد نواز شريف پاران ٿي . ساڻس محترم آصف علي زرداري پڻ ساڻ هو.

ڪليل ڪاڻ وسيلي ڪوئلي جي کوٽائي جو هيءَ ڪم اڳتي هلي هن علائقي جي ترقيءَ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪندو ڇاڪاڻ تہ انهي ڪوئلي تي بجلي گهر قائم ڪيو ويندو جيڪو توانائي جي بحران تي ضابطو رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. ڪوئلي جي ذخيري تائين پهچ ۽ سيڙپڪارن کي سهوليتڪاري ڏيڻ لاءِ ايئرپورٽ، روڊ نيٽ ورڪ، ٿرلاج جهڙا منصوبا تيار ٿي چُڪا آهن ۽ ريل وڇائڻ ۽ پاڻي پهچائڻ جو ڪم جاري آهي ۽ اهو ڪم پنهنجي طئہ ٿيل رفتار سان هلندو رهيو تہ توقع آهي تہ هن منصوبي مان 2016_2015 تائين بجلي پئدا ٿيڻ شروع ٿي ويندي. جنهن جي روشني ۽ سگهہ ٿرپارڪر کي، سنڌ کي مالڪ کي معاشي طور پاڻ پرو بنائڻ ۾ يقينا پنهنجي اهم ڪردار نباهيندي . اهڙي طرح هي وڏا منصوبا جتي ترقيءَ جي اهم نويد آهن. تتي جيڪڏهن اُنهن کي سجاڳي، سوچ سمجهہ ۽ مشاورت سان نہ لاٿو ويو تہ اهي منصوبا تباهيءَ جو ڪارڻ بہ بڻجي سگهن ٿا، خصوصا واسطيدار علائقي لاءِ . تنهنڪري هيڏن اجگر منصوبن جي رٿابندي ۾ علائقي جي راڄن جي راءِ جو شامل هجڻ ضروري آهي. اهڙي گڏيل راءِ وسيلي جيڪي فيصلا ٿيندا سي جتادار ۽ جڳهن ماڻهن لاءِ فائديمند هوندا ۽ اهڙن منصوبن جو لاڀ حاصل ڪندڙ اُتان جي مقامي آبادي هوندي .اُهي غريب مسڪين ماڻهو هوندا جن جون ڀنيون ڀارا، گهر گهاٽ، سيمون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ مُتاثر ٿيندو ۽ ٿر جو ماڻهو تہ مسڪين مارو آهي جيڪو يا تہ مال چاريندڙ ۽ ڏاraيندڙ آهي يا

وري جڏهن رحمت جو ڪڪر وسي ٿو تہ ڌرتيءَ جو سينو ڪيڏي پنهنجي گذر سفر ڪي ڳولهڻ ڦولهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. تنهنڪري هن منصوبي ڪي صوبي جي بهتريءَ لاءِ عمومن ۽ مارئيءَ جي ملڪ جي ترقي لاءِ خصوصن لاڀدائڪ بنائڻ لاءِ ڪجھ گذارشون پيش ڪجن ٿيون.

- سنڌ حڪومت ڪي هِن منصوبي جي سلسلي ۾ بااختيار بنايو وڃي ڇاڪاڻ تہ معدنيات صوبائي معاملو آهي جيتريون فني رُڪاوٽون يا پيچيدگيون آهن. سي دور ڪيون وڃن.
- ٿر ڪول انرجي بورڊ ۾ ڪميونٽي جي نمائندي طور ڪنهن ماهر ۽ ٿر جي هڏڏوڪي ماڻهوءَ جي نمائندگي مقرر ڪئي وڃي.
- سنڌ ڪول اٿارٽيءَ ۾ ٿر مان چونڊيل نمائندن خصوصا ڪوئلي جي علائقي مان چونڊ يل نمائندن ڪي ڪنيو وڃي جئين فيصلي سازيءَ ۾ راڄن جي راءِ ڪي شامل ڪري سگهجي.
- ڪليل ڪاڻين وسيلي ڪوئلي بابت ماحولياتي اييا س ۾ ٿر جي زيرزمين پاڻي ۽ بائيو ڊائيورسٽي ۽ مجموعي ماحول ڪي ڌيان ۾ رکيو وڃي.

- ✓ متاثر ڌرين انساني آبادي، چوپائي مال، جهنگلي جيوت ماحول جي آبادڪاريءَ لاءِ ٺهندڙ پاليسيءَ عوامي امنگن مطابق هجي، زمين ڪي مارڪيٽ اگهہ مطابق خريديو وڃي يا ليز تي ورتو وڃي.
- ✓ سموري زمين جيڪا متاثر هئڻ جي دائري ۾ اچي تنهن جي اڪئزيشن ڪي شفاف بنائڻ لاءِ هڪ الڳ لئنڊ اڪئيزيشن يونٽ هئڻ گهرجي جيڪو تربيت يافتہ ۽ عوام جو هڏڏوڪي هجي.
- ✓ انساني وسيلن جي سلسلي ۾ صحت، تعليم ۽ پاڻي جي شعبي لاءِ اهم رٿائون شامل ڪيون وڃن جن ۾ ”ماءُ ۽ ٻار جي صحت“ ۽ عورتن ڪي محور بنايو وڃي.
- ✓ مقامي سطح تي جيڪي فيصلي سازي جا ادارا جوڙيا وڃن تن ۾ عورتن، ٻارن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندگي رکي وڃي.
- ✓ جيڪي ماڻهو ڪوئلي جي اثر هيٺ اچن تن جي ٻيهر آبادڪاري لاءِ ڪين سندن چونڊ جو هنڌ ۽ آباد ٿيڻ جا اخراجات ڏنا وڃن.
- ✓ مقامي ماڻهن ڪي روزگار ڏيڻ جي سلسلي ۾ ترجيح ڏني وڃي.
- ✓ عام ماڻهوءَ جي اُهنج ايذاءُ جي تلافي ڪرڻ لاءِ دُنيا ۾ رائج سرشتي ڪي نظر ۾ رکندي جوڙجڪي ڍانچو جوڙيو وڃي.
- ✓ پُراڻي لينڊ گرانٽ پاليسيءَ تي نظرثاني ڪندي اُن ڪي عصري تقاضائن ۽ مارڪيٽ جي اُصولن پٽاندڙ بنايو وڃي.
- ✓ اثر هيٺ ايندڙ آباديءَ جي گذران جي وسيلن جو خيال رکيو وڃي.

- ✓ ڪوئلي جي کوٽائي، ترقي، بجلي پئدا ڪرڻ ۽ ٻئي اهڙي ڪم ڪار جنهن جو راڄن سان سڌو سنئون تعلق هجي. جهڙوڪ پاليسي، ، طريقہ ڪار جا ڪاغذ پٽ تن کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرايو وڃي جيئن عام ماڻهو اُن مان لاڀ حاصل ڪري سگهي.
- راڄن جا ماڻهو جيترو هن ڪم ۾ شامل هوندا ۽ فيصلي سازي ۾ سندن ڪردار هوندو اوترو ئي هيءُ منصوبو ڪارگر ۽ ڪامياب ٿيندو.
- هن سموري منصوبي ۾ شهيد محترم بينظير ڀٽو پاران ڪيل افتتاح دوران پيش ڪيل vision کي مدنظر رکيو وڃي.
- ٿر جي سڀني وڏن ڳوٺن کي روڊ انفرااسٽرڪچر وسيلي جوڙيو وڃي. ان سان گڏوگڏ پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهوليت بہ هر ڳوٺ تائين پهچائڻ کي بہ يقيني بنايو وڃي
- چين پاڪستان راهداري جي دائري کي وڌائي ٿر ڪول جي ٻين بلاڪن ۾ بہ انهي قسم جي سيڙپڪاري ڪئي وڃي

اهي چند گذارشات آهن ۽ اجا ڪوڙ ساريون ٻيون ڳالهيون آهن جيڪي هِن منصوبي جي بهتري لاءِ ڪم اچي سگهن ٿيون. ٿر امن امان جي لحاظ کان انتهائي بهترين خطو آهي تنهنڪري ان ۾ ٿيندڙ ترقيءَ جو عمل پڻ جٽادار هوندو .اهو جيڪڏهن عوامي امنگن پٽاندر هوندو تہ پوءِ يقينن اجا بہ وڌيڪ جٽادار ٿيندو.

# ٿرجو ڪوئلو ۽ تجارت ڪاريءَ جي سماجي ذميواري

الله تعاليٰ ڪائنات ۾ هڪڙو اهڙو ڦيرو رکيو آهي جنهن ۾ شيون مختلف صورتن مان گذرنديون ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ نروار ٿين ٿيون ته ڪڏهن ڪهڙي شڪل ۾. ايئن جڳ جهان جو چرخو عجيب نموني هلي رهيو آهي. ڌرتي ءَ تي ماڻهو الائي ڇا ڇا واپرائين ٿا ۽ سندن اهو واپراڄ وري ڌرتيءَ ۾ هليو ٿو وڃي ۽ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ وري موٽ ڪائي ٿو. زميني دولت خانو معدنيات جي ملڪيت سان مالامال آهي. انيڪ شيون ڌرتيءَ اندر پيون آهن يا وري ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي نظراچن ٿيون. انسان پنهنجي هيچ ۾ اچي مُٺ ڪان مٿي لٽندي، قدرتي وسيلن کي پنهنجي ٺجوڙين پرڻ لاءِ تين وال ڪري ٿو ۽ هو اهو نٿو سوچي ته وسيلن جي انهي سوني ٿاريءَ تي منهنجو جياپو آهي، منهنجي نسلن جو جياپو آهي تنهنڪري ڪجهه واپرايان ڪجهه بچايان جيئن جڳ جو ڪاروهنوار سولو هلندو رهي پر انسان پيدائشي طور ويسارو به آهي ته ناشڪرو به آهي تنهنڪري سندس ٺجوڙيون به سندس ڪوپريءَ وانگر اونڌيون آهن ۽ ڪڏهن نٿيون پرجن. فطرت وري جڏهن جوش ۾ اچي ٿي ته سمورو ميدان هڪ منٽ ۾ ساريڪو ٿي وڃي ٿو سيڪجهه زمين جو حصو بنجي وري ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ موٽي ٿو.ڪوئلي جي ڪهاڻي به ڪجهه انهي نموني جي آهي. اهو انساني هڏن ، وڻن ٽڻن ۽ ٻين شين جي هڪڙي وڏي ارضياتي مرحليوارعمل جي سلسلي ۾ ٺهي ٿو. ڪوئلو وڻن جي ڪاٺين مان به ٺاهيو وڃي ٿو. ڪوئلي تي دنيا جي ڪاروبار جو ڳچ حصو هلي ٿو. لوهارن جي ڌمڻ ڪان وٺي وڏا وڏا بجلي گهرڪوئلي جي توانائي سان هلن ٿا تنهنڪري ڪوئلو قيمتي وٿ سمجهيو وڃي ٿو.اهڙي املهه شئي جي رنگ ۽ گدلاڻ کي ڏسي ماڻهن ڪي چوڻيون به ٺاهيون جيئن "اهڙو ڪارو جهڙو ڪوئلو" يا "ڪوئلي جي دلاليءَ ۾ هٿ ڪارا". ڪوئلي جي انهي ڪم ڪارجي اسان وٽ ته گهڻي ڳالهه ٻولهه نه هوندي هئي پر جڏهن ڪان ٿر ۾ ڪوئلو لڌو ويو آهي ته هرڪنهن جون اکيون انهي ڪاري سون ۾ آهن پوءِ ڀلي هٿ ڪاراٿين يا ٻيو ڪجهه ڪارو ٿئي هرڪو لڳو پيو آهي.

ڪنهن وقت پنتي پٽل ۽ دُنيا ڪان وسريل خطو اڄا تڏهن وڌيڪ اُجاگر ٿيو جڏهن هتي سازدا پاران جر جي پاڻيءَ جي ڪوجنا واري رٿا دوران 1989 ۾ ڪوئلي جي نشاندهي ٿي ۽ پاڪستان ارضياتي سروي 1990 جي شروع ۾ ٿي 4 بلاڪ نروار ڪيا ۽ 1993 ۾ آمريڪا جي ڪاڻين بابت مشهور ماهرن پاران هن ذخيري جي ڪاڻي جي تصديق ڪئي ويئي. آگسٽ 2004 ۾ چيني ڪمپني مشيرز شينهوا ڪارپوريشن هن ذخيري جي فني ۽ اقتصادي اهميت جي پڪ ڪئي پر اها ڪمپني ڪِن رُڪاوٽن جي ڪري هٿ ڪڍي ويئي. 2004 ۾ سنڌ حڪومت پهرئين بلاڪ ۾ جرمنيءَ جي فرم ڪان ڪوئلي جو اپياس ڪرايو ۽ تنهن ڪانپوءِ سنڌ ڪول اٿارٽي بين الاقوامي ڪمپنين جي مدد

سان 8 بلاڪ نروار ڪيا، اهڙي ريت هن وقت تائين ڪوئلي جا 12 بلاڪ نروار ٿي چڪا آهن ۽ 175 بلين ٽن ڪاروسون ٿر جي 9000 چورس ايڪڙن هيٺ ڪاري نانگ جيان چپ هنيو پيو آهي ۽ دنيا جي سيڙپڪارن کي دعوت ڏيئي رهيو آهي ته انهي ڪاري سون کي ڌرتي جي مٿاڇري تي آندو وڃي جئين دنيا ۾ پئدا ٿيل عمومن ۽ پاڪستان ۾ پئدا ٿيل خصوصا توانائي بحران کي منهن ڏيئي سگهجي ۽ هيءُ ڪوئلو سعودي عرب ۽ ايران جي تيل جي ذخيرن کان ججهو آهي. ۽ پاڪستان جي گئس جي ڪل ذخيرن کان 68 هوڻو آهي. هن ڪوئلي ۾ 45٪ گهم آهي 1.19٪ گندرف آهي ۽ گرمجڻ قدر MJ٪11.6 في ڪلو گرام آهي. نروار ڪيل 12 بلاڪن مان 4 بلاڪ ڪم ڪار لاءِ ڏنا ويا آهن جن ۾ 5 بلاڪ تي گئسيفڪيشن وارو ڪم هلندڙ آهي. جنهن تي تمام گهڻي لاڳت اچي چُڪي آهي. پر اُن جي اُپت متعلق مختلف شعبن ۽ فني ماهرن پاران سوال اُٿاريا ويا آهن. ڪو بلاڪ ڪنهن ڪمپنيءَ کي ڏنل آهي ته ڪو بلاڪ ڪنهن ڪمپنيءَ کي. انهن بلاڪن ۾ ابتدائي ڪم هلي رهيو آهي. صرف ٻئين بلاڪ ۾ اينگرو ڪمپني ۽ سنڌ حڪومت جي گڏيل سيڙپڪاري سان ڪم هلندڙ آهي جنهن جي گرائونڊ بريڪنگ تقريب 31 جنوري 2014 تي ٿرجي ڪول فيلڊ واري هنڌ وزيراعظم ميان محمد نواز شريف پاران ٿي . ساٿس محترم آصف علي زرداري پڻ ساڻ هو .هي سمورو منصوبو تمام اهميت وارو آهي جنهن بابت مختلف وقتن تي ميڊيا ۾ به تبصرا ٿيندا رهن ٿا ته ڳوناڳا به پنهنجي اهنجن ۽ ايذائن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا رهن ٿا.هي پروجيڪٽ چين پاڪستان راهداريءَ واري منصوبي سان جُڙيل آهي ۽ پنهنجي بيهڪ جي ڪري انتهائي اهميت وارو آهي. تازو سنڌجي وڏي وزيرسيد مرادعلي شاه به ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته مقامي ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي. اينگرو ڪمپنيءَ جي مُک عملدارپاران ڏنل بريفنگ به اخبارن ۾ ڇپي آهي جنهن ۾ هن حڪومتن پاران دباءَ جو ذڪر پڻ ڪيو آهي ته هرڪنهن کي جلدي آهي پرڪوئلي تي هلندڙ پاورجنريشن 2018ع جي آخر ۽ 2019ع جي شروعات تائين عملي صورت ۾ ايندي.پريس ۾ انهي جا تفصيل اچي چڪا آهن تنهنڪري ان بابت وڌيڪ تفصيل جي ضرورت ناهي.هڪ ٻي ڳالهه جنهن بابت انهي بريفنگ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي اهو آهي ڪمپنيءَ پاران اتان جي آباديءَ جي ڀلي لاءِ ٿيندڙ ڪم .

دنيا ۾ جتي به ڪمپنيون ڪم ڪنديون آهن اتي جيڪا پيچ ڊاهه يا ماحولياتي اٿل پٿل ٿئي ٿي ۽ آبادي متاثر ٿئي ٿي تنهنجي نقصان جو پورائو ڪرڻ لاءِ ڪمپنيون ڪم ڪنديون آهن جنهن کي انتظامڪاريءَ جي اصطلاح ۾ تجارت ڪاري جي سماجي ذميواري يعني ”ڪارپوريٽ سوشل ريسپانسيبلٽي“ چئبو آهي جنهن جي وصف هن ريت آهي:

Corporate Social Responsibility is a business approach that contributes to sustainable development by delivering economic, social and environmental benefits for all stakeholders.

هن مد هيٺ ڪمپنيون مقامي آباديءَ جي ڀلي لاءَ ڪم ڪارڪنديون آهن. انهي ڏس ۾ اينگرو ڪمپنيءَ پاران ڊمپرهلائڻ جي ڊرائيونگ سيکارڻ لاءِ 200 ماڻهو سکيا لاءِ موڪليا ويا آهن . اٽڪل 100 مقامي نوجوان ڪوازي تي ڪم ڪرڻ جي سکيا ۽ اڏاوت جي ڪم جي سکيا ٿاهري ٽڙ جي پرم ڪمپنيءَ جي سينٽر ۾ حاصل ڪري رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ اتي مارئي ڪلينڪ به هلي ٿي جنهن ۾ ماهرڊاڪٽر(ليڊي ڊاڪٽر۽ مرد ڊاڪٽر) مٺي کان اچي ڪلينڪ هلائي مريض ڏسن ٿا.انهي ڪلينڪ تي ٿاهري جي ٽڙ۽ ان جي آسپاس جي آباديءَ مان اچن ٿا. وڏيڪ رٿائن جو به اعلان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ٿر ۾ 7 معياري اسڪول قائم ڪرڻ, مارئي ڪلينڪ کي انڊس هاسپيٽل ڪراچيءَ جي سهڪار سان 2019 ۾ 70 بسترن جي اسپتال ۾ تبديل ڪرڻ جي رٿابندي آهي. ڪارپوريٽ سوشل ريسپانسيبلٽي هيٺ جيڪي ڪم ڪرايا ويندا آهن تن ۾ اقتصادي, سماجي ۽ ماحولياتي شعبي سان لاڳاپيل ڪم هوندا آهن. اينگرو ڪمپني جيڪي ڪم ڪرايا آهن اهي نيڪ آهن پر انهن جو مقدار ٿورو آهي. ٿرم ڪوئلي جي ڪم بابت انهي ڏس ۾ ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪجھ تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

- اقتصادي شعبو: ماڻهن جي روزگار جي متبادل بندوبست ۽ موقعن پيدا ڪرڻ لاءِ, سکيا جو بندوبست ڪيو وڃي جنهن ۾ نه رڳو مزدورن واري سکيا هجي پر اعليٰ قسم جي فني مهارت جي سکيا به ضروري آهي. ٿرجا جيڪي نوجوان لاڳاپيل ٽيڪنالاجي ۾ مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهي رهيا آهن انهن جي تعليمي خرچ کي ڪمپنيون پنهنجي سر کڻن ۽ جيئن ئي اهي تعليم مڪمل ڪن ته ڪين ڪم تي لڳائي روزگار پيڙو ڪيو وڃي. سرڪاري شعبي جي فني سکيا جي ادارن کي زوروٺرائيندي , انهن ۾ ٿر جي نوجوانن کي انهن سيني ڪمن جي سکيا ڏني وڃي جيڪي هن سموري منصوبي ۾ اڳتي هلي گهربل هوندا. فني سکيا سان گڏوگڏ سپلاءِ چين جي سکيا پڻ ڏني وڃي ۽ ٽرانسپوٽ, ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ رسد مهيا ڪرڻ جو ڪم ڪار به مقامي ماڻهن کي ڏنو وڃي. نج فني سکيا سان گڏوگڏ, انتظامڪاري جي سکيا پڻ ڏني وڃي جيئن هتان جو ماڻهو رٿابندي به ڪري سگهي ته مختلف ڌُرين سان مختلف معاملن تي ڳالهائي به سگهي. اهي سکيائون ٿري ماڻهوءَ جي صلاحيت کي سگهارو ڪنديون ۽ هو پنهنجي علائقي ۾ ٿيندڙ ترقيءَ جي ڪم ڪارم سرگرميءَ سان پاڻڃي پائيوار ٿي سگهندو.
- سماجي خدمتن جي شعبي ۾ صحت ۽ تعليم جو ڪم ڪار آهي. اهو ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ به احتياط جي ضرورت آهي . روايتي ڪم ڪار يا وري اوپرن معاشرن واري رٿابندي جيڪڏهن لاڳو ڪئي ويئي ته شايد متوقع نتيجا نه ملن ۽ ماڻهن لاءِ به ڪو گهڻو لاڀدائڪ نه ٿيندو..تعليم ۾ به انهن طبقن کي نظرم رکندي رٿابندي ڪئي وڃي جيڪي سماج ۾ ڏڪاريل آهن يا وري غريب آهن. اهڙي آباديءَ جي ٻارن کي معياري تعليم ڏياري وڃي پر

انهي ۾ سندن ثقافت ۽ تهذيبي روايتن جو خاص خيال رکيو ويجي. مادري ٻوليءَ جو تحفظ بہ يقيني بڻايو ويجي. ڇوڪرين جي تعليم جو خاص خيال رکيو ويجي. صحت جي شعبي ۾ ماءُ ٻار جي صحت ڪانسواءِ پيداواري صحت بابت ڳالهين جو خيال رکيو وڃي. انهن مسئلن ۾ عورتون توڙي سامايل ڇوڪريون ڪافي تڪليفن جو شڪار ٿين ٿيون. صحت جي سهوليت جي دائري کي بہ وڌايو ويجي جيئن انهي سهوليت مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪن

- ماحولياتي شعبي تي تہ خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. بلاڪ مان جيڪو پاڻي سُڪائڻ جو ڪم ٿيندو يا وري ان جو نيڪال ٿيندو ان سان متاثر ٿيندڙ آبادي لاءِ ڪي جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن. ماحول هر جاندار جو جياپو آهي تنهنڪري ان جو خاص خيال رکڻ گهرجي. ڪلائميٽ چينج يا آبهوائي ڦيرگهيرجو گُرڙ پکي سڄي دنيا مٿان لاماراڏيئي رهيو آهي ۽ انهي جي دهشت ۽ دٻدٻي کان ڏاڍن جا ڏاڍا بہ ڏڪي رهيا آهن ۽ هيٺن کي هيسائي ڇڏي رهيا آهن تہ اسان کي انهي گُرڙپکيءَ کان بچايو.
- ڪارپوريٽ ريسپانسيبلٽي جو اهو عمل اينگرووانگر سيني ڪمپنين کي پنهنجي پنهنجي بلاڪن ۾ ڪرڻ گهرجي . انهي ڪم ڪار جي رٿا بنديءَ ۾ علائقي جي رهندڙ ماڻهن کي شامل ڪيو ويجي جيئن پنهنجي باري ۾ ٿيندڙ فيصلن ۾ اهي سرگرميءَ سان حصو وٺي سگهن

اهي چند گذارشون آهن جن تي عمل ڪري ڪوئلي جي کوٽائي جي ڪم ڪار مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ ترقيءَ جي هن عمل کي معنيٰ دار ۽ جٽادار بڻائي سگهجي ٿو.

# سائو ٿر.....ڊائو ٿر

سنڌ جي وڏي وزير جو قسم کڻڻ کانپوءِ سيد مرادعلي شاهه  جيڪو پهريون پاليسي اظهارڪيو تنهن ۾ هن  سنڌ کي محفوظ بنائڻ، ڪراچيءَ کي صاف سُٿرو بنائڻ ۽ ٿرکي سرسبز بنائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. ٽيئي ڳالهيون انتهائي ڳريون ۽ مشڪل آهن پر انهي مان  وزيراعليٰ صاحب جو ويزن ظاهر ٿئي ٿو ته هو ڪي خواب کڻي آيو آهي. اهي خواب ڀلا هجڻ جي باوجود موجوده سياسي ڍانچي ۾ رهندي، تعبير تائين پهچائڻ ڪيترو ڏکيا آهن ان جو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پاڻ  هن ڳالهه ٻولهه ۾ ”سائي ٿر“ جي ڳالهه ڪنداسين  ته ٿر ڪيئن سائو ٿيندو؟

سائي ٿرجو حال احوال ڪرڻ کان اڳ اچو ته ٿرجو ذڪر ڪريون جيڪو ڀِٽائي جي لفظن ۾ ڍاٽيئڙن جو ڍِڪ آهي ۽ پلرجي پالوٽ ٿيندي آهي ته گس پنڌ، جهرجهنگ گاهن جي گلزاريءَ سان سجائجي ويندو آهي.  سٽن تعلقن ...مٺي، ڏيپلو ڇاڇرو، ننگرپارڪر،اسلام ڪوٽ، ڏاهلي، ۽ ڪلوئي .... ۾ انتظامي طور ورهايل، اٽڪل 20 هزارچورس ڪلوميٽرن تي  پکڙيل هي علائقو هڪڙو نرالو علائقو آهي جنهن جي جاگرافي نياري آهي جنهن جو پيون  مٿاڇرو به منفرد آهي، جنهن جي ريتيلي زمين اندرپاٽي مختلف اونهائين تائين آهي. نئين ڪوٽ جي ميرن جي اڏايل گڊ وٽان ٻيهي جيڪڏهن ٿرجو تصورڪجي ٿو ته هي پاڳو قدرت جي موتين سان مالامال سپ نظراچي ٿو جنهن جي پيٽ پلر سان اجهامي ٿي. ٿرجا مختلف پاڳا آهن.مختلف ليڪن انهن پاڳن جي ڳٽپ الڳ الڳ ٻُڌائي آهي چاڪاڻ ته سيني جي لکڻ جو بنياد زباني تاريخي ورثي تي آهي. هلي گهمي جيڪڏهن سڄو علائقو پيرن مان ڪڍبو ته پتو پوندو ڪيترا پاڳا آهن يا پاٽيءَ جا وهڪرا ڪٿان ڪٿان ڪيئن رهيا آهن، يا جر جو پاٽي ڪٿي اونهو آهي ، ڪٿي زمين جي سطح جي ويجهو آهي. ٿرجي پون مٿاڇري کي ڏسبو ته اهو هن ريت  طبعي طورورڇيل نظرايندو. ٻئراج سان لڳندڙ پٽيءَ کي ”ڪَسُ“ چوندا آهن . ڪس سان لڳولڳ وري ”مهراڻو“ شروع ٿئي ٿو. ڪس اڳتي وڃي ”ونگي“ سان ملي ٿو جيڪو ڪنهن وقت جو دريائي پٽڻ رهيوآهي . ”مهراڻو“ ٻن لفظن جو ميلاپ آهي. ”مهر“ معنيٰ اڳ ۽ ”آڻو“ معنيٰ ايندڙ يعني ٻئراجي خطي کان اڳ ايندڙ. ڪن ليڪن انهي لفظ جي وابستگي مهراڻ نديءَ سان جاڻائي آهي جيڪو درست نٿو لڳي. مهراڻي جي اوپرم ”ڪنئو“ شروع ٿئي ٿو ته ڏکڻ ۾ ”سامروٽي“ جو علائقو. ”ڪنئي“ جي اوپرم ”ڍاٽ “آهي ته ڏکڻ ۾ ”پاٽر“ جو پٽ ۽ ”پارڪر“ جو مٿيهاڻو علائقو. ڍاٽ جي اترم ”ڪاٺڙ“جو علائقو آهي . سامروٽي  ڏکڻ اولهه ڪنڊ ۾ رڻ سان لڳندڙ پٽي کي ”وٽ“ چوندا آهن.

ٿرم جر جي پاٽيءَ جا نار ڏکڻ ۾ زمين جي مٿاڇري کي ويجها آهن جيئن اهي اتر اوڀر ۾ وڌن ٿا ته اونها ٿيندا وڃن ٿا. ڪس ۾ به مالدارماڻهن جي رهائش آهي ڇاڪاڻ ته اهي ٻنهي طرفن  مال سانگي

سولائيءَ سان اچن وڃن ٿا. مهراڻي جي زمين انتهائي زرخيز آهي پر پاڻي اونهو آهي ۽ کارو آهي. ڪنئو ٿرجو مرڪزي علائقو آهي جتي پاڻي جي اونهائي وچٿري آهي ته منو پاڻي به دستياب آهي. پارڪر ۾ به پاڻي دستياب آهي ٿر ۾ جر جي سطح جي خبراتان جي مٿاڇري تي بيٺل وٽڪار ۽ اوپڙ مان پوي ٿي. جتي پاڻي آهي اتي وڻ ٽڻ به نظراچن ٿا ته گاه ٻوٽا پڻ. ٻي صورت ۾ سڪل ٻٽ دڙانظراچن ٿا. ٿرجي ربج ۽ سيراب ٿيڻ جو سمورو سرشتو برسات تي آهي تنهنڪري "وٺو ته ٿرنه ته بر" جي چوڻي هرهنڌ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿي. چئوماسي دوران جيڪڏهن مينهن نٺو وسي ته ڏڪارو ڳُرڙيکي لاماراڏيڻ لڳي ٿو ۽ ٿرجي ڪُل ڪائنات داءُ تي لڳي وڃي ٿي. ٿرجي اهڙي مجموعي ماجراپيش ڪرڻ جو سبب هو ته سرسبز ٿرجو بنياد ڪيئن رکجي ۽ ٿرجي ساوڪ جي سار سنڀال ڪيئن ڪجي. ان لاءِ پس منظرڄاڻڻ ضروري آهي.

ٿر ۾ جيڪي وڻ ٽڻ ٿين ٿا تن ۾ ڪنڊي، ڄار، روهيڙو، ڪونيٽ، ڪانڪهه، نم، ٻير، ٻيير، ڦوڳ، سرنگهو وغيره آهن . هاڻي ته ديوي به زمين کي پيليندي پيئي وڃي. ان ڪانسواءِ ٿوهر، اڪ، ڳانگهيٽي، ٽانڪارو، گگرال، موراڙي، ڪپ، جهڙاوڏا ٻوٽا ٿين ٿا . ننڍن ٻوٽن ۾ ٻوهه، آڏيري، ڏتورو آهن ته گاهن ۾ جڙي ٻوٽين جا انيڪ قسم آهن. گاهن ۾ هڪڙا ڪنڊيدار گاه آهن ته ٻيا وري لسا گاه آهن جن کي "ڪوماڻ" سڏيو ويندو آهي. اهي اوپڙ جا چند وڙ آهن نه ته ٿرجي فلورارينج ۾ لکين جنسون آهن جن مان ڪي اهڙيون به هونديون جن جي اجا تائين درجي بندي به نه ٿي آهي. اهي گاه ٻوٽا ، ڪجهه جنسن کي ڇڏي باقي سڄا سال ساوا رهندا آهن جن مان مال جو چارو به ملي ٿو ته ماڻهن جي غذائي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ به ڪجهه وڻ ۽ ٻوٽا فطرت جي سخي ٿاري آهن. اهڙو ملندڙ "ڏُٽ" جڏهن ڪان ماڻهن واپرائڻ ڇڏيو آهي ته منجهن غذائي قلت جو مسئلو ڪرڪٽي نروارٿيو آهي. انهن وڻن ۽ ٻوٽن جو اُڏيڙ ڪيئن ٿئي ٿو تنهن جا به سبب آهن هڪ ته قدرتي طور جڏهن ڏڪارواري صورتحال گهٽو رهي ٿي ته پوءَ اها اوپڙاُڏڙي ٿي. ٻيو ته وڻن ۾ واڍي ٿئي ٿي. ماڻهو غيرضروري ساواوڻ وڍي ناس ڪري ٿا ڇڏين. ان ۾ غريب ماڻهو پنهنجي غربت جي ڪري ڦاسي ٿو پرباثر ماڻهو وري انهن قدرتي وڻن کپائڻ جي ٺيڪيداري ڪندي بازار جو واٿو بنجي پنهنجي مستقبل ۽ جياپي کي جهڪو ڪرڻ ۾ جنبي وڃي ٿو.

انهي سموري پس منظرڪانپوءِ اچو ته ڏسون "سائي ٿر" لاءِ ڪهرااُپاءَ وٺڻ گهرجن:

- ٿرکي قدرتي پارڪ جو درجو ڏنو وڃي. ٿرهوندئن به قدرتي پارڪ آهي جنهن ۾ قسمين قسمين حياتيات، نباتات، پکي پکڻ رهن ٿا جن جو ماحولياتي سرشتو هڪٻئي سان جُڙيل آهي. انهي ايڪو سسٽم کي بچائڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ وڻ پوکيا وڃن ۽ وڻن جي واڍي کي عملي طور بند ڪيو وڃي. وڻن جي واڍيءَ سان روهيڙو، ڪونيٽ ، ۽ گگرال ڏينهون ڏينهن ناس ٿي رهيا آهن. گگرال کي ته ڪيميڪل هٽي، ٽڪو ڏيئي ان مان گگر ڪڍيو وڃي ٿو جيڪو ان جي اُڏڙڻ جو مکيه سبب آهي. گگرال جي انهي ڪاري ڌنڌي ۾ بااثرماڻهو شامل آهن. وڻ پوکڻ جو

ڪم بہ راڄ سطح تي ڪيو ويجي ۽ وٽن جي واڌيءَ ڪي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ ڳوٺاڻن جو اهڙيون ڪاميٽيون جوڙيون وڃن جيڪي انهي ڪم ڪي راڄ سطح تي بند ڪرائي پنهنجون سيمون بچائين. جن بہ ڳوٺن ۾ هن وقت اهڙي ٻڌي ٿيل آهي اتي هڪ ڪاني بہ نٿي وڍجي. انهي جا مثال وروائي جو ڳوٺ ۽ منڙيو سومرا آهن. سرڪاري مشنري قانون مطابق جتي بہ انهي جي پيچڪڙي ڏسي تہ ترت قدم کڻي، سزائون ڏئي.

- ٿربنيادي طور مالوندن جو علائقو آهي. زراعتي پوکي وارو خطو ناهي تنهنڪري هتان جي زمين جي کٽت ۾ سروي جو ڪم جيڪو برطانوي دورحڪومت ۾ ٿيو هو سو انهي جي پيش نظرٿيو. سروي ۾ زمين جو پوکي لائق حصو ڪاتيدار جي نالي داخل ڪيو ويو جنهن کي تلي چئجي ٿو. باقي آسپاس تي بہ حق انهي آبادگارجو تسليم ڪيو ويو پرڪيس پوکڻ کان منع ڪئي ويئي. انهي بچيل زمين ڪي مال لاءِ آسائش طور ڇڏيو ويو. اهڙي طرح سيمون نروار ٿيون ۽ سيمن جي رک سيني جي گڏيل ذميواري هوندي هئي. ان ڪانسواءِ گهرن جي ويجهي زمين کي اجهور قرارڏنو ويو پاٽي جي نياڻ جي آسپاس واري زمين کي بہ چراگاه طور پوکڻ کان روڪيو ويو تہ وري وڏين آبادين جي پر ۾ ڪي اهڙاسنوان ۽ خلاصا ڏهر هئا تہ انهن کي ”گئوچر“ قرارڏيئي پوکڻ تي پابندي وڌي ويئي. زمين جي انهي قانون کي جڏهن اسان جي ڏيهي ڪامورن جي مدد سان ماڻهن هٿ ۾ ڪنيو تہ پوءَ نہ رهيو اجهور، نہ رهيو گئوچر، نہ رهي ترائي نہ رهيو ڊهو ۽ ٽوبو. ايئن سيمن جو ستياناس ٿي ويو. جيڪا قدرتي ساوڪ هئي سا بہ ختم ٿي ويئي. انهي کي بندڪرائڻ لاءِ زمين جي نيڪال جي پاليسي ۾ آسائش جي قانون تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي. جيڪڏهن نئين سر قانونسازيءَ جي ضرورت پوي تہ اهڙو قانون اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو وڃي.
- ٿرجي زمين انتهائي نازڪ نفيس آهي. ان جو ٽيڪسچرمخصوص قسم جو آهي . ان جي زرخيزي بہ مٿئين متاڃري ۾ آهي. ان ۾ جيڪڏهن اوپڙ وغيره آهي تہ اها نيڪ حالت ۾ رهي ٿي نہ تہ اها ڪنهن ڪم جي نٿي رهي. ٿر ۾ ٽيندڙ ترقياتي ڪمن خاص طور روڊ رستا ٺهڻ دوران جيڪا زمين جي حالت ٿئي ٿي ۽ ترايـن مان انهن روڊن لاءِ مٽي ڪڍي وڃي ٿي تہ ان جو زمين جي مجموعي ساوڪ تي اثرپوي ٿو. ان ڪانسواءِ ٿر ۾ ٽريڪٽر سان ٽيندڙ کيڙي زمين کي ناس ڪري ٿي ڇڏي چاڪاڻ تہ ٽريڪٽراوپڙ جون پاڙون ۽ بنياد اُڏيڙي ٿو ڇڏي. جڏهن ٿر ۾ برسات پوي ٿي تہ ٿرڏانهن ويندڙ رستن تي هزارين ٽريڪٽرٿرڏانهن ويندي ملندا.
- ٿر ۾ معدنيات، خصوصن ڪوئلي جي کوٽائيءَ جو ڪم هلي رهيو آهي جنهن جي مختلف بلاڪن ۾ مختلف حرفتن وسيلي ڪوئلو ڪڍڻ جو ڪٿي ڪم هلي رهيو آهي ڪٿي دعوائون ٿي رهيون آهن. انهي سموري ڪم سان ٿرجو ماحول متاثر ٿيندو تنهنڪري ساوڪ

ٻہ متاثر ٿيندي. تنهنڪري ماحولياتي اپياس ٻہ هر بلاڪ جو هئڻ کپي تہ هر بلاڪ ماحول جو خاص خيال رکي.

- گئوچر، اجهور ۽ آسائشون پوکي کان روڪيا وڃن. ديويءَ جهڙا زمين کاريندڙ وڻ ٻہ ختم ڪري ان جي بدران دنيا جي ٿرن ۾ ٿيندڙ وڻ پوکياوڃن. سيني ٻوٽن ، گاهن جو سائنسي اپياس ڪيو وڃي ۽ انهن جي درجي بندي ڪئي وڃي، جيڪي وڻ خطري ۾ آهن جهڙوڪ ڦوڳ، ڪانڪهہ وغيره تن کي وري پوکڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ٻيلي کاتي جي زمين کي جتي ٻہ قبضي هيٺ هجي خالي ڪرايو وڃي ۽ انهي ۾ ٻہ وڻ پوکيا وڃن.
- ٿرجيئن تہ ڏٽوادي علائقو آهي تنهنڪري ان ۾ مال جي پالنا تي وڏيڪ ڌيان ڏنو وڃي.مالوند ماڻهن کي مال ڏاڻ بابت جديد سکيا ڏيئي کير جا پلانٽ لڳايا وڃن جيئن مال جي اپت مان اقتصادي فائدو ٿئي.
- ٿر ۾ غريب ماڻهن لاءِ گذران جا وسيلا مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي ۽ نوان وڻ لڳائڻ ۽ سنڀالڻ تي همت افزائي طور انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا وڃن
- ٿر ۾ جيڪي تاريخي ماڳ مڪان آهن انهن جي آسپاس وڻراه لڳائي ، انهن ڳوٺن ۾ ايڪو ٽوئرزم کي هٿي وٺائي وڃي. سياحت جي همت افزائي سان گڏ وڻ پوکڻ ۽ سنڀالڻ کي جوڙيووڃي . نون پوکيل ٻوٽن جي نظرداري ٻارن ۽ عورتن کي ڏني وڃي اهي وڻن جا محافظ آهن.

سائو ٿر يقينن ڀائو ٿر هوندو ، تنهنڪري اهو هڪ ڊگهي مدت وارو منصوبو هئڻ گهرجي جنهنکي ايندڙحڪومتون ٻہ جاري رکن جيئن سرسبز ٿيڻ جو عمل جاري رهي.

# الا! اڏاهي مَ ٿيان

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جڏهن هي سٽون سرجيون هونديون تہ:

الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن

مون سان مون پرين، پوراڻيءَ ۾ پال ڪيا.

يقينن سندس ذهن ۾ ڏاهپ کي ملندڙ ڏنڀن جو انساني تاريخ جو سمورو شعور هوندو تہ ڏاهن انسانن کي ڪيئن ڏکو ويو آهي ۽ زماني جي چرُپرتي ڪيئن غلط ماڻهن اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي يا اثرانداز ٿيا آهن سُقراط کي زهر ڪُچلي جو پُرپيالو پياري خاموش ٿو ڪرايو ويو جي تہ جئين هو نوجوانن ۾ شعور پکيڙڻ لاءِ ڏاهپ جا ڏس نہ ڏيئي سگهي. وري اُهو دور بہ اچي ٿو جو سُقراط جي اُنهن ڏاهپ ڀرين خطبن کي مقدس سمجهي پڙهيو ۽ پڙهايو وڃي ٿو. حضرت محمد ﷺ جهڙي پيغمبر کي "جادوگر" جو لقب ڏئي سندس ڏاهپ کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ڪارل مارڪس جهڙو ڪو يسر شخص، جنهن جي Das Capital جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ڊاڪٽر محمد اقبال هن ريت لکيو آهي.

نسيت پيغمبر و ليڪن دربغل دارد ڪتاب

"نسبتي نظريي" جي خالق البرٽ آئنسٽائين کي مجبور ڪري وطن ڇڏرايو ويو. اهڙا ڪوڙ سارا مثال آهن جن جا ڪارا داغ اسان جي ماضيءَ تي اچي سچ جيان واضع نظر اچن ٿا تہ دُنيا ڏاهن کي ڪيئن ڏکويو آهي ڪيئن ڇيڇلايو آهي، ڪيئن رنجايو آهي، ڪهڙا ڪيس ڪلور ڪيا آهن. دُنيا جي اِن روش ئي ڀڳت ڪبير کان هي سٽون چورايون هُيون:

دنيا ڪيسي باوري پٿر پوجن جاءِ

گهر ڪي چڪي ڪوئي نہ پوجي جس ڪا پيسا کاءِ

اهڙي روش ۽ رويئي کي نظر ۾ رکندي، عاجزيءَ انڪساريءَ کان ڪم وٺندي ڪامريڊ روچي رام بہ شايد پنهنجي ڪتاب جو نالو "ڏاهو نہ هئس ڏيهہ ۾" رکيو هوندو.

جيتوڻيڪ ڪامريڊ روچي رام نہ رڳو ٿر ڌرتيءَ جو ڏاهو آهي پر سندس ڏاهپ ڏيهان ڏيهہ مشهور ۽ پر ڪنڊين پڌري رهي آهي.چاڪاڻ جو سندس اُتساهہ جا ذريعا مارڪس، گانڌي، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ بيا روشن خيال اڳواڻ رهيا آهن هن برصغير جي سيني مذهبن توڙي سماجن جو بہ ڳوڙهو مشاهدو ڪيو آهي هُن جتي ويدن کي ورنايو آهي تتي جمعي جا خطبا بہ ٻُڌا اٿس تہ مولانا عبدالحق رباني جهڙن اڪابرن جي صحبت ۾ بہ رهيو آهي. سندس مذڪوره ڪتاب مضمونن، خاڪن ۽ خطن جو مجموعو آهي جيڪو سندس سپوٽ پُٽ نيل ڪنٺ سهيڙيو آهي. مجموعي ۾ هاري تحريڪ بابت مضمون آهن

تہ سياسي موضوعن تي بہ لکيئون آهن ٻهڳڻ شخصيتن جي باري ۾ خاڪا چٽيل بہ آهن تہ من جي مِٽن ڏانهن لکي اُماٽيل خط بہ آهن. اهڙيءَ طرح مختلف موضوعن سان سجايل هي گلدستو ننڍي کنڊ توڙي سنڌ جي سماج جا مختلف رُخ نروار ڪري ٿو. جن ۾ تاريخ ، مذهب ، سماج ، فلسفو ادب ۽ ٻيا قابل قدر موضوع شامل آهن جن مان هر هڪ ليک ۾ ايترا نقطا اُٿاريل آهن جو هڪ هڪ مضمون جي تشريح ۾ لکجي تہ اُن بابت ڪتاب لکي سگهجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح ڪيئي ڪتاب جُڙي سگهن ٿا.

ڪامريڊ روچي رام ٿرجي مُک ڳوٺ مٺي، جيڪو هاڻي اٽڪل هڪ لک آبادي وارو شهر آهي، تنهن ۾ پيدا ٿيو اتان ئي تعليم پرايائين ۽ اڳتي هلي پروفيشنل ڪيريئر، وڪيل طور ميرپورخاص ۾ شروع ڪيائين ڇاڪاڻ تہ اُن وقت ميرپور خاص ضلع هيڊڪوارٽر هو. ميرپور خاص شهر ۾ رهڻ دوران هو انتهائي متحرڪ رهيو ۽ سند س ملاقاتون ۽ ڪچهريون ذوالفقار علي ڀُٽي سان بہ ٿيون تہ غلام محمد وساڻ سان بہ. ٻين همعصر سياستدانن جي سياست تي بہ سندس ڳوڙهي نظر رهي پر جنهن سان نينهن ناتو رهيس سو مير علي بخش ٽالپر هو. قربان علي شاهہ سان بہ سندس دوستي رهي آهي. ڪامريڊ 50 سال وڪالت ڪري، ميرپورخاص ڪانپوءِ ڪراچيءَ اُسهيو ۽ اڄڪلهہ ڪراچيءَ جو مڪين آهي. انتهائي نامور سياسي ۽ سماجي ڏرين وٽ سندس رُتبو سياسي اُستاد وارو رهيو آهي هو پنهنجي علم ۽ بحربي جي املهہ وٽ ڪي ونڊيندو ورڇيندو رهندو آهي. سائين جي ايم سيد سان ويجهڙائيءَ جي ڪري، جلال محمود شاه ڪي سياسي سفر جون صلاحون ڏيندو رهندو آهي ۽ انهن صلاحن تي مشتمل مجموعو بہ ڇپيو آهي تہ ڪمينسٽ اڳواڻ امداد قاضيءَ ڪي خط لکي ڪميونسٽ سرشتي ڪي سنڌي سماج ۾ ٺهڪائڻ لاءِ صلاحي ۽ اصلاحي خط لکيا اٿس تہ فضل سليمان قاضيءَ جهڙي اقتصادي ماهر ڪي بہ صلاحون ڏنيون اٿس. ائين ڪامريڊ جي زندگيءَ بہ ٻهڳڻ نظر ايندي تہ سندس ليک پُڻ. ڪتاب ڏاهو نہ هُئس ڏيهہ ۾ پُڻ اهڙي گهڻاگهڻي جي جوهر دار جهلڪ ڏيکاري ٿو.

هاري تحريڪ بابت لکندي هُو سنڌ ۾ زميني سرشتي ۽ ڪٽت بابت تفصيل سان روشني وجهي ٿو تہ انگريزن جڏهن اُن سرشتي ڪي منظم ڪيو تہ هندن زمين جو ٺيڪو ورتو ۽ هاريءَ ڪي قرض ڏنو. هارين بابت لکندي هو 1917 جي روس ۾ آيل انقلاب جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو تہ 1875 ۾ انگريزن پاران قائم ڪيل ٿياسافيڪل سوسائٽي جو ذڪر ڪري ٿو. سندس خيال ۾ "سنڌ زرعي صوبو ناهي" سان اسهمت ٿيندي گُذارش ڪندس تہ سنڌ هن وقت بہ زرعي صوبو آهي جنهن جي پئداوار 3/4 زراعتي اپت تي دارو مدار رکي ٿي. ڪامريڊ زراعت ڪي "قبائلي" پس منظر ۾ ڏسي ٿو. انگريزن جي دور ۾ ڏنل جاگيرن بابت لکندي هو alienated زمين جي وضاحت ڪري ٿو تہ اُها اهڙي زمين هوندي جيڪا

سرڪار عطا ڪندي هئي تہ اُن بابت ٽئڪس اُڳاڙيءَ جو حق بہ اُنهي شخص کي ڏيندي هئي ۽ اُن بابت ٻن جُلدن تي مشتمل "هسٽري آف ايليئنيشن" دلچسپ ۽ پڙهڻ جهڙو دستاويز آهي تہ اسان جون زمينون اسان کي عطا ڪندي ڪئين نہ اسان کي مُدامي ذهني غلاميءَ جي ڪاڪ محل ۾ واڙيو ويو آهي ۽ اڄ تائين اسان انهن غلام گردشن ۾ حلقہ درگوشن وانگر گهمي رهيا آهيون ۽ اسان جي آباديءَ جو تمام وڏو طبقو زندگيءَ جي انتهائي بُنيادي سهولتين کان بہ محروم آهي. جيڪا ڪهاڻي مُرشد آباد جي مير جعفر کان شروع ٿي آهي اُها ڪهاڻي اڄ بہ ورجائي پئي وڃي انهي صورت احوال بابت سنڌ جي نامياري شاعر شيخ اياز هن ريت چيو آهي:

اُٺ اي ڪُتا نيپيئر، پنهنجا پونير ڏس،
گوراتوتي جس، ڪارا چٽيئي ڪيترا

هارين بابت لکندي ڪامريڊ لفظ "ديوان " جي معنيٰ Collection لکي ٿو ۽ "پڌ" جهڙو ٺيٺ اصطلاح بہ ڪم آڻي ٿو. اهڙا انيڪ اصطلاح آهن جيڪي اسان جي زميني سرشتي جي وضاحت ڪن ٿا پر هاڻي اهي لفظ ۽ اصطلاح متروڪ ٿيندا وڃن پيا . ائين ڪجهہ چوڻيون بہ رائج ٿيون جن سان عوام جي ذهنن کي موڙيو ويو. مثال طور،" اُتم کيتي، وڌندڙ واپار نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار". جيڪڏهن کيتي اُتم هئي تہ جاگيردار پاڻ پوکي جو ڪم چونہ ڪيو. نوڪري نيچ هئي تہ پوءَ هن پنهنجي اولاد کان اهو نيچ ڪم ڪئين ڪرايو. غريب ماڻهوءَ لاءِ ڪئين سالون اُن "نيچ ڪم"جادر بہ بندرهيا ۽ اڄ بہ غريب ماڻهوءَ لاءِ ان "نيچ ڪم " جا سونا درواز ٻيڪڙيل آهن هو جڏهن سونيءَ چاٻيءَ سان "ڪلي وڃ سم سم" جي ٻولي ڏي ٿو تہ ئي اهو دروازو ڪلي ٿو نہ تہ عام ماڻهو سوچي بہ ڪونہ ٿو سگهي تہ سندس ٻار کي ڪو آسانيءَ سان نوڪري ملندي،

ڪامريڊ روچي رام ملڪيت جي حق کي قانون جي روشنيءَ ۾ "قبضي جي حق" کان شروع ٿيندڙ حق سڏي ٿو. هُو سماج جي اقتصادي سرشتي جو ذڪر ڪندي "منو مهراج" جي لکيل دستاويز "منو سمرتي" ميڪاولي جي "پرنس" چاڻڪيہ جي "ارٿ شاستر"، آدم سمٿ جي ڪتاب "ويلٿ آف نيشنس " جو ذڪر ڪري ٿو ۽ سياست جي ميدان ۾ سرگرم رهندڙن کي انهن ڪتابن پڙهڻ پروڙڻ جي صلاح ڏئي ٿو. اهي ڪتاب دُنيا جا واقعي اهڙا درسي دستاويز آهن جن ۾ سياست جي واٽن جو ويا ڪرڻي ڇيد ڪيل آهي يا اقتصاديات جي وڃا بيان ڪئي ويئي آهي. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب آهن جيڪي موجوده دور ۾" اقتدار" جي اڻ ڪُٽ رازن بابت لکيا ويا آهن جن کي پڙهڻ جي بہ ضرورت آهي مثال طور، "اقتدارجا 48 قانون" ۽ " وي آف آئول" وغيره.

خاڪانويسي پُڻ سنڌي ادب جو اهم عنصر رهيو آهي جنهن ۾ مختلف ليکڪن پنهنجي پنهنجي علم ۽ ڏانءَ مطابق شخصيتي چٽ چٽيا آهن ڪامريڊ روچي رام خاڪن لکڻ ۾ منفرد آهي ۽ هو سماج ۽ سماجي حالتن کي بنياد بنائي ٿو ۽ پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ڪري ٿو. مولانا عبدالحق ربانيءَ بابت لکندي هو مُولانا صاحب جي بي باڪيءَ بابت بيان ڪري ٿو تہ ڪئين هُن سعودي عرب جي بادشاهہ سان ملڻ کان مُنهن موڙڪئي هئي محترم ٿي ايل واسوائي ۽ جشن واسوائي بابت هو لکي ٿو تہ ڪيئن اُهي وطن ڇڏي مجبور ٿي روانا ٿيا. اهڙي طرح پير صبغت الله شاهہ بابت تحقيقي سوال بہ اُٿاري ٿوحالانڪ جن شخصيتن سان عوام جي گهري عقيدتمندي هوندي آهي تن بابت سوال اُٿارڻ جو کي کان خالي ناهي ڇوتہ عقيدي ۽ تحقيق ۾ قطبي فرق آهي. تحقيق بابت قرآن شريف ۾ بہ جاءِ بہ جاءِ " تفقهو" جي تاڪيد ڪئي ويئي آهي ۽ شين کي ڄاڻڻ ۽ انهن بابت غور ڪرڻ لاءِ همٿايوويو آهي. ڪنفيوشس جي چوڻين کي بہ ڪامريڊ درج ڪندي لکيو آهي تہ "حاڪم شهزادو حاڪم شهزادو رهي" يعني هو انهن اجاين ڪمن ۾ ڪاهي نہ پوي، جيڪي هُن جا ڪم ئي ناهن. بادشاه جيڪڏهن ٻين ڌرين جا ڪم هٿ ۾ کڻندو تہ بادشاهي رلي ويندي بادشاهي رلي ويندي تہ راڄ رلي ويندي ۽ راڄ رلي ويندو ۽ رعايا دربدر ٿي ويندي.

ميرعلي بخش ٽالپر جي غريب پروري ۽ انسان دوستيءَ جي ڳالهہ ڪندي ڪامريڊ سندس انهيءَ گُڻ کي سندس اُستادن علامہ علي خان ابڙي ۽ جناب عثمان علي انصاري جي تربيت ۽ تعليم سان ڳنڍي ٿو. يقينن اهڙا اُستاد ئي هوندا آهن جيڪي شاگرد کي ماٽيءَ مان ائين انسان ٺاهين ٿا جئين سنگتراش پٿر مان مورتي نروار ڪندو آهي. اُستاد جو هر فرد جي شخصي واڌويجهہ ۾ انتهائي اهم ڪردار آهي. هِن وقت سنڌ ۾ پرائمري اُستاد جي معياري طبقي نہ هُجڻ جي ڪري جيڪو اثر پيو آهي انهي سماج جي هر شعبي ۾ انحطاط پيدا ڪري وڌو آهي، سياست کان وٺي اقتصاديات تائين سمورا پاٽان پينگ لڳا پيا آهن.انهيءَ سماجي ٻاڙائيءَ کي تيزي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ "بامعيار" اُستاد جو وجود ضروري آهي ۽ ان لاءِ تحرڪ ضروري آهي. سياسي مضمونن واري ڀاڱي ۾ بہ ڪامريڊ جي قلم جو محور سماج آهي. ٽنڊي محمد خان جي اسڪول ۾ سندس پاران ڪيل شاهڪار تقرير پڙهڻ وٽان آهي . هُو ڦوٽو ڀيل جي حاضر جوابيءَ جو جيڪو واقعو بيان ڪري ٿو ان مان ئي سندس سماج شناسيءَ جي پروڙپوي ٿي هونئن بہ ڀيل برادري حاضرجواب برادري آهي سندن حاضر جوابيءَ جا ڪيئي قصا ۽ ڪهاڻيون مشهور آهن پاڪستان جي سرڪار ۽ رياست جو ڍانچي ، فيڊريشن ۽ صوبن ووٽرن جي نفسيات ، اقتداري سياست بابت ڪامريڊ قلم کڻندي نت نراليون صلاحون ڏنيون آهن پرهن انگن اکرن واري علي قاضيءَ جي تبديليءَ واري ماڊل جي ڳالهہ ڪئي آهي تنهن سان اختلاف راءِ جي حق جو فائدو وٺندي گُذارش

ڪندس ته سياست ڳٽپ آهي پر انگن اکرن جو ڪاٿوناهي .ڪڏهن ڪڏهن ٻه ٽي پنج ٿي پوندا آهن ته ڪڏهن 2۽ 2 ٽي به ٿيندا آهن. وارث شاهه ڪانفرنس ۾ ڪامريڊ پاران فخرزمان کي سنڌ ۽ سنڌي زبان بابت ڏنل صلاحون به سندس سنڌ دوستيءَ جو چٽو ثبوت آهن.

دوستن کي لکيل 22 خطن ۾ جتي ڪامريڊ پنهنجي دل جاحال اوريا آهن، زماني جي ٻي رُخي جا بخيا اُڌيڙيا آهن تتي لاپداڪ صلاحون ۽ مفيد مشورا به آڇيا آهن. واشنگٽن ، ننگرپارڪر ، مٺي ، اسلام آباد ۽ ڪراچي مان محترم ساجنداس ڏانهن لکيل خطن ۾ ذاتي اظهار سان گڏوگڏ سماج جي مختلف پهلوئن کي به چيڙيو آهي ته "برصغير جي ماڻهن ۾ نيگو شئيٽ ڪرڻ جو هُنرنه هو تنهنڪري هنن نقصان ڪاڏو" يا "انسان هيومن بيئنگ ناهي" پر اڪنامڪ بيئنگ آهي يا ڪن فيلسوفن جي بقول " مذهب تاريخ جو تسلسل آهي". ماڻهو واقعي هيومن بيئنگ ناهي رهيو پر هاڻي ته قصو اڪنامڪ بيئنگ کان به چڙهي ويو آهي ۽ ماڻهو پاڻي "بازار بيئنگ" ٿي پيو آهي يا ٻٽايوويو آهي جنهن جي ڪا وڏي سريلس ويليو ناهي رهي. ماڻهوءَ سان سرمايه واد پاران ٿيل انهي جُٽ ڪيترين ئي بُراين جا منهن کولي ڇڏيا آهن . اهي سرمايي وادي واڳون وات ڇتي ڪتي جاوات لڳن ٿا پر انهن جي گگ کان ڪوبه پاڻ پالهورکي نه پيو سگهي.

حاجي محمد دل ڏانهن خط لکندي هناستادن جي عزت ڪرڻ ۾ استاد شناسيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي ته هندستان وارن ڪئين ڊاڪٽر زاڪر حسين جهڙي ماڻهوءَ کي اڳتي آندو. ڪاٿاٿو ڏانهن لکيل خطن ۾ ڪاٿاٿوجي وادل صاحب جي تعزيت ڪانسواءِ ڪتابن جوب ڳالهيون به لکي ٿو. هو لکي ٿو ته ، "درٻارڪرپٽ ادارو آهي بادشاهن جي ڪچهري خوشامدڙين جو اڏو هوندي آهي ". اهڙي ريت هڪڙو خوبصورت جملو لکيو اٿس جيڪو سائنسي وصف کان هٽيل آهي پوءِ به پلوڙ جملو آهي جنهن ۾ لکي ٿو "سچ جڏهن ۾ جئين لهندو آهي، اونده ظاهر ٿيندي . اونده روشني جو نه هجڻ ناهي ٿيندي پر ان جو پنهنجو وجود آهي". اهڙي طرح هو اونده کي "الڳ وجود طور ڏسي ٿو اهو سندس نيارو خيال آهي.
راڻي حمير سنگهه ڏانهن خط لکندي هو ڪيس مطالعي جي صلاح ڏيندي لکي ٿو سمورا علم تاريخون مطالعو ڪندين ته راڄ جو راڻو ٿيندين نه ته ڪيترائي سوڍا ٿر ۾ پيا اٺ چارين .
شيام داس جو شيءَ ڏانهن لکيل خط ۾ هو مذهب جي مختلف پهلوئن بابت اپٽار ڪري ٿو ۽ لکي ٿو To Define god is to deny god ۽ مذهب ۾ به پنهنجي نياري خيال جي تنوار ڪري ٿو سندس لاڙو هندو مت شومت ڏانهن سرس نظر اچي ٿو پر ٻڌ جا مول متابه سندس خيالات تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ هو سري لنڪا جي سفرنامي کي ٻوڌي تعليمات جي روشنيءَ ۾ قلمبندڪري ٿو.

ڪامريڊ روچي رام جي لکيتن کي پڙهڻ کان پوءِ پروڙ پوي ٿي ته اهي گهڻ پاسائيون ۽ گهڻ رخيون آهن جن جي وياکيا ۽ ويڻٽ ڪرڻ به ضروري آهي ڪٿي ڪامريڊ سياسي دانشور طور نروار ٿئي ٿو ته ڪٿي تعليمي ڳڻتي رکندڙ سماجيات دان طور اظهاري ٿو ڪٿي ڪميونسٽ نظر اچي ٿو پر سيني ڳالهين جي باوجود ڪامريڊ روچي رام لاءِ چئي سگهجي ٿو ته؛

مان جوئي آهيان، سوئي آهيان

هو ڪميونسٽ آهي ته به پنهنجي خيال وارو قومپرست آهي ته به پنهنجي نظر پئي سان سدنس ان گهڻ رخي جي پس منظر ۾ شايد اهو ماحول آهي جيڪو ڪيس مليو. سنڌ توڙي برصغير ايتري مونجهارن ۽ مسئلن ۾ وڪوڙيل رهيا آهن جو ڪامريڊ روچي رام پاران ۽ ڀڄڻ لم ڪارن هر پهلوءَ تي لکيو آهي. ڪامريڊ جي سمورين لکتن جي ويهي ڪٿ ڪجي ته هو انسانيت سان پيرا ڪندڙ اهڙو سماجياتدان نظر اچي ٿو جيڪو دنيا جي دوزخ کي هيج هندوري ۾ تبديل ڪرڻ بانه رڳو سپنا ڏسي ٿو پر انهن سپنن جي ساڀيان لاءِ هو مختلف دڳ به ڏيکاري ٿو ۽ سنڌي سماج توڙي ننڍي کنڊ جي معاشري کي اهڙو پرامن محبت ڀريو مانداڻ دسڻ چاهي ٿو جتي انساني ترقي اتم درجي سان ٿئي جتي محبت جون ماکيءَ کارون مدامي موجود هجن انساني برابريءَ وارو سماج هجي سک هجي ، سرهائي هجي، شانتي هجي ۽ ائين انسان اڳتي وڌن ۽ پنهنجو مستقبل پاڻ جوڙي راس ڪن.

# ٿر جو نامور شاعر، دانشور، منجم ۽ سماجيات جو ڄاڻو غلام محمد جنجهي

الله تعاليٰ، ٿرپارڪر جي مردم خيز ڌرتيءَ ۾ تمام گهڻي مٺيا رکي آهي، جنهن جي ڏيا ۽ ڏيک دنيا ۾ پاڻ مڃرايو آهي. ٿر پارڪر ۾ قدرتي سونهن ۽ حسن جي جيڪا پالوٽ آهي تنهن جي هاڪ هنڌين ماڳين مشهور آهي. واريءَ جي ساگر طور سڃاتو ويندڙ هيءُ خطو ڀِٽن ۽ ڀِٽپ جوڳين ڳالهين سان ڀرپور آهي. ٿرپارڪر جون پٽون، ڏهر، برڪت ڀريون تليون، گوچارون، پوچاندا، ڀڪڙون، ڳاٽ، ڳاٽڙيون، مگريا، مندر، پاساڙا، اوچاها، ٽونڪ، ڦنگهه، ناڪون ۽ لنگهه ۽ ڪر ڪٽي صدين کان ٻيٺل ڪارونجهر، جتي فطرتي حسن جو هوڪو ڏين ٿا، تتي انسان ذات جي اُتم ورثي حب الوطني، محنت، محبت، بهادري، وچن نباه جي ميدان ۾ به ٿر گهڻن کان گهڻو اڳتي رهندو آيو آهي ۽ پاڻ موکيندو آيو آهي.

مارئيءَ جو املهه ڪردار جيڪو ساٽيهه جي سڪ ۽ اڏولتا جو انوکو مثال آهي. مسڪين جهان خان جي خدمت گذاري، روپلي جي بهادري، ڄام ساقيءَ جي بين الاقوامي سڃاڻپ، فقير فيض محمد بلالاڻي جي فياضي، ارباب الله جڙئي جي سخاوت، ارباب تاج محمد جي دانائي، ارباب توڳاچي جي سياسي ڄتاداري، جگديش ملاڻي جي بي باڪي ، ٿر جي مالها جا جڙادار ۽ جوهردار موتي آهن. صديق گجوءَ جي صلاحڪاري، قائم محمد شاه ، قاضي سليمان ۽ سيٺ جمعه خان جي سياڻپ، سيٺ نهالچند جي مهمان نوازي، ڊاڪٽر شفيع محمد ميمڻ جي مسيحائي، چاچي نواز ڪوسي جي لوڪ سلوڪ جي وديا، سليمت هاليپوٽيءَ جي مال جي مرض شناسي، ساهڙ ٽيبي جي سگهڙائپ ، ٿر پارڪر جي باغ جا سڳنڌن ڀريا سهڻا وڻ ٽڻ آهن، جن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ ملڪن کي معطر ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ سائين سچل جنجهي، عبد الصمد سنگراسي، مولوي جان محمد نهڙي ، مولوي نصيرالدين، مولوي محمد عمر جوڻيجي جي تعليم پروري، حاجي الهداد جنجهيءَ جي شاه لطيف سان محبت، حاجي رحيم راهمي جي زماني شناسي، ميان عبدالحق چانڊيو جي حرفت گريءَ ۾ هوشياري ، رائچند هريجن جي تاريخ نويسي، سوني ڪنگهاراڻي جي سماجي ڪارڪن طور ملڪي سطح تي مڃتا جا مثال ٿرپارڪر جي ڌرتيءَ جا اهي اهڃاڻ آهن جن جي جوت ۽ جرڪڻ کي ڏسي زمانو ڪيئي زمانا اڳتي وڌندو رهندو.

ٿرپارڪر جي انهي سون ورني ڌرتي جي مٺي تعلقي جي هڪ وڏي ڳوٺ وڪڙيو ۾ 1921 ۾ محمد عثمان برهاناڻي جي گهر ۾ هڪ ٻار اک کولي جنهن جو نال غلام محمد رکيو ويو. موپي پٽ هئڻ جي ناتي سندس پرورش انتهائي لاڏ ڪوڏ سان ٿي ڇاڪاڻ جو سندس والد محمد عثمان ڏيساورڏانهن ڏڳن جو واپار ڪندو هو ۽ پنهنجي تر جو نيڪ مرد پڻ هو. پنجن سالن جي سن کي رسڻ مهل ننڍڙي غلام محمد کي ناظره قرآن پڙهڻ لاءِ مڪتب ۾ حافظ دودي حجام جي معلمي هيٺ ڇڏيو ويو. جتان

هن قرآن جي تعليم مڪمل ڪئي. تنهن کان پوءِ ٻه درجا سنڌي پڙهيو. ننڍي هوندي کان ئي غلام محمد کي گهمڻ ڦرڻ جو شوق هوندو هو. هن پنهنجي والد سان اهڙي خواهش جو اظهار ڪيو جنهن کيس معصوم ٻار سمجهي نتائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڍڙو غلام محمد اڻ مڙ ۽ اجهل هو. هڪ ڏينهن پنهجي والد سان گڏ سنبري پيو ۽ ضد ٻڌي بيٺو ته ڪنهن به حالت ۾ هندستان گهمڻ هلندس.لاچار محمد عثمان کي سندس ضد مڃڻو پيو ۽ پنهنجي وقت جو انتهائي ڏاهو ۽ دانشور شخص ۽ پختو شاعر، انن سالن جي عمر ۾ احمد آباد اچي پهتو جڏهن سندس جيڏا اِتي ذڪر يا اوڙيو راند کيڏي رهياهئا. سندس داخلا احمد آباد ۾ ڪرائي ويئي، جتي هن اڳتي هلي هندي ۽ گجراتيءَ ۾ فائنل جو امتحان پاس ڪيو. ان وقت احمد آباد سياسي سرگرمين جو محور هو. ڇاڪاڻ جو گانڌي ان کي پنهنجو مسڪن بنايو هو۽ سندس آشرم تي سڄي هندستان جا وڏا وڏا سياستدان ۽ سماجي ڪارڪن پيرو ڪندا هئا. غلام محمد وچ ۾ وئڪيشن دوران ڳوٺ ايندو ويندو هو.جڏهن جواني جي عمر ۾ وک پاتائين ته سندس لاڙو علم ڏانهن وڌيو ۽ هو پنهنجي اندر جي اُڄ اجهائڻ لاءِ هندوستان جي يونيورسٽين ۾ وڃي ليڪچر ٻُڌڻ لڳو.انهي اپياسي اوک ڏوک دوران هن جن علمن ۾ مهارت حاصل ڪئي تن ۾ تاريخ،جاگرافي،نجوم، هٿ ريکائن جو علم ۽ علم الاعداد سرفهرست آهن. علم جي انهي جستجو منجهس شاعري جوشوق پيدا ڪيو ۽ هو سنڌي زبان ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. سندس شاعري انتهائي پڪي پختي آهي جنهن کي سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪي ورثي ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. مثال طور:

ويڄها ٿيا وصال کي، ساري سپ سبق ،
ڏٺئون پنهنجي ڏيل ۾، سبع صاف طبق،
هنيين جي هيڪ، لاٿائون الله سين.

جبل جهاڳيائون، مٿيا سَنڌُ ساٽيهه جو،
منزل ماٽيائون، ڪشالي سان ڪوه جي.

سنڌيءَ ڪانسواءِ هندي،اردو،سرائيڪي ۾ شاعري ڪرڻ سان گڏوگڏ سوين مضمون ۽ مقالا لکي سنڌي نثر جي ميدان جي به آبياري ڪيائين. سنڌي لغات نويسي به سندس شوق ۾ شامل هئي ۽ کيس انهي علم تي به دسترس هوندي هئي. سندس شاعريءَ جي مجموعو “ويڄها ٿيا وصال کي” سندس لاڏاڻي کان پوءِ ڇپجي نروار ٿيڻ کانپوءِ به هي ڪتاب اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن:

1. وساريان نه وسرن (متروڪ سنڌي لفظن جي لغات)
2. رتن ڪٽا ريت جا ( سياست،تاريخ، ثقافت بابت مضمون)

3. ساٽيھ جني ساريو (شاعري)
4. سِيرَسَوَلي تن ڪي (آتم ڪٿا)
5. پلو ڇُڏايو پاڻيين....! (جنجهي (پاڻي) قبيلي جو شجرو)

علم جي مُتلاشي غلام محمد جنجهي سياست ۾ تمام سرگرميءَ سان حصو ورتو. آزاديءَ جي تحريڪ دوران ڪانگريس جي ساٿ ۾ ڪم ڪيائين. سرڳواسي پنهون مل گوڙهيار وارو ۽ پاڳچند ڪوٽڪ مٺيءَ وارو سندس خاص دوست هوندا هئا. تنهنکانپوءِ پنهنجي مرشد ۽ خلافت تحريڪ جي مشهور رهنما پير غلام مجدد سرهندي مٽياريءَ واري جي هدايتن تي مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ کيس ضلعي ٿرپارڪر ۾ ذميواري سونپي ويئي. جنهن دوران پاڻ مسلم ليگ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جستجو ۽ جاکوڙ سان ڪم ڪيائين. پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ 60 جي ڏهاڪي ۾ سندس ويجهڙائي جماعت اسلامي سان ٿي ڇاڪاڻ ته هو حيدرآباد دکن جي عثمانيه يونيورسٽي کان وٺي مولانا ابوالاعليٰ مودودي کي پڙندو ۽ پڙهندو رهيو هو. جماعت سان انهي هم آهنگي ۽ وابستگي جو پيچ اهڙو ته پيو جووڪڙيي جهڙي ڏورانهين ڳوٺ، سندس اوطاق تي جماعت جا ڪيترا ئي اهم رهنما پڻ کهي ايندا هئا جن ۾: مولانا جان محمد پتو، حافظ محمد حيات، سيد علي مير شاھ، پروفيسر سليمان طاهر ۽ مولانا محمد يوسف آفندي ايڊووڪيٽ نعمت الله خان سرفهرست آهن.

مقامي سياست ۾ ارباب خاندان سان وابستگي ۽ مرحوم ارباب امير حسن سان ويجهڙائي جو تعلق هجڻ جي ڪري سدائين ارباب گروپ جي حمايت ڪندو هو ۽ پنهنجي اختلاف راءَ جو اظهار پڻ واضح لفظن ۾ ڪندو رهندو هو. تنقيد براءِ تعمير سندس دلپسند مشغولي هوندي هئي. سياست جي اٽڪل بازين، چالاڪين، مالي مفادن ميڙڻ کان پري، غلام محمد جنجهي سچو کرو ۽ بي باڪ سماجي ڪارڪن هو جنهن هروقت پاڻ کان ڏاڍي کي سچ چئي ڏنو پوءِ ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي. ان سچ جي عيوض کيس ڪيڏي وڏي قيمت چونه چڪائڻي پئي هجي. سياست جي ڪارزار کان سواءِ هو حڪمت به ڄاڻندو هو ۽ سندس هٿان ڪيترائي لاعلاج مريض شفاياب ٿيا. نجوم، هٿ ريکائن جي وديا، ۽ علم الاعداد تي به کيس دسترس هوندي هئي. پر انهن علمن کي هو پروفيشن ڪرڻ جي بجاءِ شوقيه هلائيندو هو. سندس ڪيل ڪيتريون ئي اڳڪٿيون درست ثابت ٿيون.

ٿرپارڪر سان عشق جي حد تائين لڳاءُ رکندڙ، هيٺن جو حامي غلام محمد جنجهي انسان شناسي، تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت جي اٿاھ ڄاڻ رکندڙ شخص هو. ٿر ۾ رهندڙ ذاتين، انهن جي ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻي جي سمورن پهلوئن بابت سندس ڄاڻ وڏي ڪاڻ هئي جنهن مان هر ڪچهري ڪندڙ پنهنجي حال آهر ڪوتائي ڪري املھ هيرا هٿ ڪيا هوندا پر غلام محمد جنجهي جي ڄاڻ جي اٿاھ سمنڊ جو ٻيو ڪنارو نظر نه ايندو هو. جن به ساڻس ڪچهريون ڪيون هونديون اهي ئي ان ڳالھ جي شاهدي ڏيئي سگهن ٿا. طبيعت ۾ انتهائي نهٺو بهادر، غيور ۽ ڪارونجهر وانگر هن اڏول

شخص ڪڏهن به اسٽيجي زندگيءَ جي نامڪار ۽ مشهوريءَ جي نه خواهش ڪئي، نه وري ڪوشش ڪئي. هو عالمن ۽ بادشاهن سان به ڪلا ڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪري سگهندو هو ته عام هر هاريءَ سان به ڳڻن جي ڄاڻ مطابق احوال اوريندو هو. هرهڪ ڪيس پنهنجي طبقي جو شخص سمجهندو هو.

سنڌي، اردو، فارسي، هندي، گجراتي ۽ انگريزي زبانن جي ڄاڻ رکندڙ هن شخص جي زبانداني ته سنڌس شاعري ۽ نثر مان نروار آهي. جنهن ساڻس اندر اور ۾ حصو ورتو هوندو ڪيس خبر هوندي ته غلام محمد جنجهي جي علمي اپروچ ڪيڏي نه اتاهين هئي.

سماج سڌارڻ جي ايترو ته ڪيس لڳن هوندي هئي جو هو ٿرپارڪر جي اجتماعي مسئلن تي ڌيان ڇڪائڻ لاءِ وقت جي حڪومتن کي خط لکي آگاه ڪندو رهند هو. جنهن سان ڪيترائي مسئلا حل ٿيا يا حل ٿيڻ طرف وڌيا.

اٽڪل ڏه ڏهاڪا ڀرپور زندگي گذارڻ دوران غلام محمد جنجهي برصغير جي تمام نامور هستين کي ويجهي کان ڏٺو، تن ۾ قائداعظم محمدعلي جناح، گانڌي، بئريسٽر غلام محمد ڀرڳڙي ، پير غلام مجدد سرهندي، سيد ابوالاعليٰ مودودي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جهڙيون ناليريون شخصيتون شامل آهن.

ٿرپارڪر جي هن قادرالاڪلام شاعر، دانشور ، منجم ۽ ماهر سماجيات 16 جون 2010 تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. عمر جي آخري حصي ۾ به سنڌس صحت ايترو ته سٺي هوندي هئي جو بغير عينڪ جي اخبار پڙهند هو. هلڻ ڦرڻ ۾ اهڙو ته وک جو چانڊو هوندو هو جو ڪيس جوان به نه رسندا هئا. هٿ اهڙي گرمجوشيءَ سان ڏيندو هو جو سامهون واري کان سيسراٽ نڪري ويندا هئا. غلام محمد جنجهي هن فاني جهان مان منهن مٽائي ويو آهي پر سنڌس علمي ورثو موجود آهي جنهن مان معنيٰ جا موتي ميڙي سگهجن ٿا.

# سچل سارو سچ...... سائين سچل جنجهي

جتي نہ پکيءَ پير تتي ٿمڪي باهڙي،
پيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري،

سبحاني، ما اعظم شاني، مان جوئي آهيان، سوئي آهيان، جهڙا سُريلا ۽ معنيٰ دار، پُرمغز ۽ نُڪتن ڀريا ٻول سرجندڙ ستن زبانن ۾ شاعري ڪندڙ درازن جو دل وارو انسان، سچل سرمست جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي هاڪ ۽ ڌاڪ هندين ماڳين ۽ پرڪنڊين پڌري آهي، پر جنهن سچل کي اڄ اسين ياد ڪري رهيا آهيون، سو مارئيءَ جي ملڪ ملير جي مٽيءَ مان پيدا ٿيل مٽيادار شخص سائين سچل جنجهي آهي، جنهن کي هزارين ڏڙڪندڙ دليون عقيدت ۽ احترام مان پنهنجي محسن ۽ انسانيت جي گهڻگهري طور مڃتا ڏين ٿيون.
دنيا ۾ جڏهن تبديلين جو ذڪر ڇڙي ٿو ۽ انقلابن جي اُپٽار ڪئي وڃي ٿي، تہ هر انقلاب پويان تعليم جو رول سگهارو نظر ايندو. پوءِ اُها يُونان جي علمدان تهذيب هجي، قانون ۽ قدامت تي اڄ تائين اثر رکندڙ سلطنتِ رُوما هجي، حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڀاران، عرب جي رڻ پٽ تي عظيم تبديلي هجي، داس ڪيپيٽال جي تعليمات جي اثر ڪان پرين جي ڌرتيءَ ڪوه قاف جو سُرخ انقلاب هُجي يا وري نندي ڪنڊ مان ڏارين کي نيڪالي ڏيڻ جي تحريڪ هجي، اُها تحريڪ بہ جڏهن پنهنجو پاڻ کي عليڳڙهہ تعليمي اساس ۽ ديوبند جي دانائيءَ سان ڳنڍي ٿي تڏهن ئي وڃي ڪي مثبت نتيجا حاصل ڪري ٿي. سنڌ ۾ سنڌ مدرسۃ الاسلام ڪراچي ڪُلڻ سان هڪ وڏي تعليمي اُٿل پيدا ٿي ۽ قائدِاعظم محمد علي جناح سميت ڪيترائي ناميارا شخص انهن ادارن مان پڙهي نڪتا ۽ قوم لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيائون.
اهڙيءَ طرح ٿر ۾ سائين سچل، چند اُنهن فردن مان آهي جن جو ٿرجي تعليمي تحريڪ ۾ جاگرتا ۾ انتهائي اهم ڪردار رهيو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ اسڪول تہ ڪافي ڳوٺن ۾ اڳ ئي موجود هُئا. پر سائين سچل ،جيئن جنجهي ۾ تعليمي ماحول قائم(establish) ڪيو، تنهن جو مثال باقي ٿر ۾ ڪٿي بہ نہ ملندو. ٿر ڇا شايد گهٽي پٽ ۾ اِهڙو ڪو هنڌ ورلي ليي جتي ڪنهن غريب مسڪين ماستر ماڻهو بُحراني زندگي ڪاٽيندي، ايئن اسڪول وسيلي تعليم قائم ڪئي هُجي. سرندي پُڄنديءَ وارن ماڻهن لاءِ اِهو ڪم تہ ڏائي هٿ جو ڪيل آهي. پر هڪڙي نوڪري پيشہ ماستر لاءِ ٻي مُنداڻتا ميوا آڻڻ جي برابر آهي. سائين سچل جيِ اِن تعليمي وڻ جي ڇانو ۾ سوين نہ پر هزارين خاندانن پنهنجا آهير اڏيا ۽ اڄ تائين ان گهاٽيءَ ڇانوَ ۾ سندن اولاد سک جا ٻي اونا ڏاهاڙا گذار يندي، سائين سچل جي

روح کي دُعائون ڏيئي رهيو آهي. سائين جي انهيءَ علمي آڪاٽيءَ جووستار ڪرڻ کان اڳ اچو تہ سندس حياتيءَ جي هڪڙي جهلڪ ڏسندا هلون.

ڳوٺ جنجهي، ڇاڇري تعلقي جي وڏن ڳوٺن مان هڪ آهي جنهن کي "**جنجهين جو ترُ**" ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ "**جنجهان رو ترُهو**" چون ٿا. سائين سچل انهيءَ ڳوٺ ۾ سيپٽمبر جي پنجين تاريخ سال 1922ع ۾ الهڏني المعروف ڏني جنجهيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ماٽن سندس نالو سچل رکيو جيڪو پوءِ ڪڏهن "ماستر سَچُو" تہ ڪڏهن" سائين سچل" سڏجڻ لڳو. اِن قسم جا نالا رکڻ پويان سنڌي ماڻهوءَ جي ڇڱائيءَ وارن قدرن سان اڻ ٽُٽ وابستگي نظر اچي ٿي جو هُو پنهنجي اولاد کي بہ سچل ڏسڻ چاهين ٿا ڪاڻ تہ سندن گُمان آهي تہ وڏيڪ اثر نہ ٿيو تہ بہ نالي جو چاليهون حصو شخصيت تي اثر ٿئي ٿو. سائين سچل ابتدائي تعليم پهريائين "ڪانڪهيئي" جي ڳوٺ ۾ ۽ پوءِ گُل محمد ترُ ۾ ماستر گل محمد رند ۽ شير محمد رند وٽ حاصل ڪئي. جتي چار درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ سائين سچل، ڳوٺ واگهي جي ويري ، پڙهڻ لاءِ ويو جتي سندس اُستاد، محترم عبدالصمد سنگراسي هو جيڪو پاڻ بہ انتهائي لائق فائق اُستاد هو. سندن والد الهڏنو کيس ڳوٺان هر روز ماني پهچائڻ ويندو هو. اسڪول ۾ سچل جي سُجاڳپ جلدي ۽ سٺي نموني بيت برزبان ياد ڪندڙ شاگرد طور ٿي ويئي. قرآن شريف جي تعليم سائين سچل پهريائين حاجي الهداد جنجهي جي والد حافظ ميگهہ کان ۽ تنهن کان پوءِ ڳوٺ راوتسر جي مولوي عبدالحق کان پرائي. ميان عبدالحق رحمتہ الله عليہ جي صحبت هيٺ منجهس خدمت خلق جو جذبو بيدار ٿيو.

سنڌي فائنل جو امتحان، سائين سچل 1944ع ۾ پاس ڪيو ۽ پاڻ پهرين آڪٽوبر 1945ع تي پڙهائڻ جهڙي پيغمبري پيشي سان لاڳاپجي ويا. اپريل 1949ع تي سائين سچل اُستادن جي سکيا واري اداري ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ داخلا ورتي ۽ 1951ع ۾ ڪاليجي سکيا مڪمل ڪري واپس آيو اُن وقت ڪاليج جو پرنسپال نامور تعليمدان محترم غلام حسين جعفري هو. اهڙي طرح سائين سچل ٽريننڊ Trained اُستاد ٿي واپس پنهنجون خدمتون سر انجام ڏيڻ لڳو. 70ع واري ڏهاڪي دوران سندس گهر تي ڇاپو لڳو ۽ ڪُجهہ گهر ڀاتين سميت گرفتار ٿيو ۽ سندس گهر مان انن آنن ۾ خريديل ڪتاب "هيمو ڪالاڻي" هٿ آيو. مٿس ڪيس داخل ٿيو جنهن ۾ ضمانت ڪرايائين.

1971ع واري پاڪ - هند جنگ دوران سائين سچل اباڻا اجها ڇڏي، اسلام ڪوٽ کان اولهہ طرف ڳوٺ راڻا ترائيءَ ۾ اچي پدوسايا جتي ڪُجهہ وقت رهي، پنهنجي ڀائرن کي آباد ڪري، پاڻ وري سنڌ جي "دل" جهڙي شهر حيدرآباد ۾ اچي موجود ہ سچل سرمست آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج پويان پاڙي ۾ رهيو. 71 واري جنگ ۾ حالتون خراب ٿي پيون ۽ ڪُجهہ شرپسند ٽولا هندستاني فوج جي (coyer) هيٺ ڦر مار ڪرڻ لڳا، جنجهي ڳوٺ ۾ بہ يرغمال بڻائي، مهمان نوازي ڪندي ڇڱي موچاري مِڏ ڪئي. انهيءَ ردعمل ۾ وري اڳتي هلي جنجهي ڳوٺ جو گهيرو ٿيو ۽ بقول اُستاد محمد

رحيم جي تہ انهيءَ گهيري جي ڪمانڊ ڇاڇري جي ڪوٽڙيءَ جو ڪُوپو لڇمڻ سنگهہ ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ انهن روين جو قَلُ ڪيس ان صورت ۾ مليو جو پاڻ هتان ڪان ڀڄي هندستان ويو ۽ هينئر سندس ڪوٽڙي گڏهن جو ڪرو بڻجي. خلق لاءَ عبرت جو نشان بڻجي چڪي آهي تہ دنيا جي مغرور ، ۽ جابر حڪمرانن جو انجام ڇا آهي . سو ان گهيري دوران هر ماڻهو ڪان سڀ ڪجهہ ڦريو ويو. ايتري قدر جو پاتل ڪپڙا بہ لهرايا ويا. اها هئي انهن همراهن جي ذهنيت، سائين سچل ڪوٽ پائيندو هو، سو لڇمڻ سنگهہ اهو ڪوٽ بہ لهرايو تڏهن سائين ڪيس چيو تہ زوراور "ناس جي دٻلي" تہ مون کي موٽائي ڏيو پر سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ويئي ۽ ائين اها ناس جي دٻلي بہ ان ڪوٽ سان گڏ هلي ويئي.

سائين سچل کي اولاد جي روپ ۾ بہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پيدا ٿيا. ماشاءَ الله ٽيئي پنهنجي ميدان ۾ نام ڪنا ثابت ٿيا آهن. سندن وڏو فرزندچام ساقي ڇاڇري جهڙي ننڍڙي شهر جي هاءِ اسڪول ۾ سائنس ۾ داخلا نہ ملڻ باوجود دنيا جو وڏو ليڊر آهي، دنيا ۾ بازاري معيشت واري مافيا روس کي ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪرائي ها تہ ڄام ساقي پاڪستان جي وڏي اڳواڻ طور دنيا ۾ چوڙيون نبيريون ڪري ها. اڄ بہ سندس سياسي ڳُتَ اهڙي تہ ٺُز آهي جو جڏهن پاڻ سياست تي راءَ ڏيندو آهي تہ وڏن وڏن جا ڏڪر وڃي ويندا آهن. الله ڪيس وڏي ڄمار ڏي ۽ سکيو ستابو رکي، جمهوريت ۽ ترقي پسندي لاءِ سندس ڪيل خدمتون برصغير جي سياسي تاريخ جو سُنهري باب آهن .سندن ٻيو فرزند محمد سلطان ڊاڪٽري جي شعبي سان وابستہ آهي ۽ ٻارن جوڊاڪٽر آهي. غريب غربي جو هڏڏوکي آهي، اوکي سوکي هيڻن جي سار لهندڙ آهي ۽ خاموشي سان ٿر ۽ ٿري ماڻهن جي خدمت ڪندڙ آهي. سائين جي اڪيلي ڌيءَ "مارئي" استاديءَ جي پيشي سان لاڳاپيل آهي ۽ سائين ڳوٺ ۾ جڏهن ڇوڪرين جي اسڪول کولرايو تہ مثال قائم ڪرڻ لاءِ پهريائين پنهنجي ڌيءَ کي ان ۾ داخل ڪرايو.

هاڻي موٽون ٿا سائين سچل جي وڏي ۽ اهم ڪارنامي يعني جنجهي هاءِ اسڪول ڏانهن. جنهن ڪري اڄ ڪيترائي ماڻهو انتهائي وڏن عهدن تي فائز آهن ۽ هزارين خاندان پنهنجي مڇي ماني ۽ رب روٽيءَ وارا آهن.

ڳوٺ ۾ هلندڙ پرائمري اسڪول ۾ سائين سچل 1960ع ۾ انگلش ڪلاس کولرايو. جتي پهريون استاد بختاور سنگهہ ٺڪرمقرر ٿي آيو ۽ انهن ڪلاسن جي شروعاتي شاگردن مان سنڌ جو ناميارو صحافي سهيل سانگي بہ هڪ آهي. 1961ع ۾ نئين پاليسي تحت اسڪول جو درجو وڌائي مڊل اسڪول ڪيو ويو ۽ 1974ع ۾ ترقي ڪندي ،اسڪول، برانچ هاءِ اسڪول طور ڪم ڪرڻ لڳو جنهن جي ڪارڪردگي کي مدنظررکندي، سرڪار سڳوريءَ مهرباني ڪندي 1979ع ۾ هاءِ اسڪول جو مڪمل درجو ڏنو پر اسڪول کي ڪا بہ سرڪاري عمارت نہ هئي ۽ سائين سچل ڳوناڻن جي سهڪار سان خانگي عمارتن ۾ اهو اسڪول هلارائيندو هو. نيٺ جڏهن هاءِ اسڪول جي عمارت منظور ٿي تہ معاملو ان هنڌ اچي ڦاٿو تہ ڪو بہ پلاٽ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿئي، سيني سرنديءَ وارن موقف

اختيار ڪيو ته اسڪول جي عمارت ٻئي ڪنهن هنڌ شفٽ ٿئي ته پلي ٿي وڃي پر اسان وٽ ڪو به پلاٽ ناهي، تڏهن سائين سچل ڏونري تي هٿ هٺي چيو زوراورا! منهنجي اباڻي ٻني سروي نمبر 44 ڳوٺ جي آسپاس آهي، اِها آئون اسڪول لاءِ عطئي طور ڏيان ٿو ۽ ڪاتو لکي سمورا حق اسڪول کي منتقل ڪريان ٿو. اِها ٻني به سائين جي والد صاحب ڪنهن دور ۾ 60 روپيين ۾ باراچن کان ورتي هئي. ائين سائين سچل پنهنجي واحد غير منقوله جائداد جي قرباني ڏئي، اسڪول جي نهيل موجوده عمارت کي منتقل ٿيڻ کان بچائي ورتو. هر ڪنهن ماڻهوءَ جي همت ناهي ته تعليمي ادارن لاءِ پنهنجي زمين سپ جي سپ اريي ڇڏي پر سچل سمورو سچ هو ۽ کيس پنهنجي مقصد سان عشق هو اٽوٽ وابستگي هئي. ان جذبي کيس سڄي عمر جوان، تازو توانو ۽ نوبنو رکيو. پاڻ تعليم لاءِ تمام وڏا وڏا ڪم ڪندو رهيو. اسڪول جي شروعاتي ڏهاڙن جي يادگيري بيان ڪندي مشهور صحافي سهيل سانگي هيئن بيان ڪري ٿو ته اسڪول لاءِ شروع ۾ جڏهن ڪڪايون لانديون ناهڻ لاءِ وڃي ميدان ۾ پهتاسون ته ڳوناڻن سخت اعتراض واريو جنهن تي سائين سچل جو والد "ڏنو" مرحوم پاڻ سيني نديڙن شاگردن کي گڏ ڪري لٺ کڻي پڙ ڪيڏي بينو ۽ للڪاريندي سيني کي چيائين ته اسين اسڪول اڏيون ٿا توهان کي موڪل آهي وٺي جيڪي ڪريو اسان کي هتان ڪير به مرڻ مارڻ کان سواءِ هٽائي نه ٿو سگهي. اسين هن اسڪول لاءِ پنهنجي رت جي قرباني ڏيڻ لاءِ به يار آهيون، پوءِ انهن لانڍين ۾ سائين سچل پاڻ ڇيٽو گڏ ڪري اڳڻ وجهندو ۽ راڳو ليپو ڪندو هو. هيئنر ته گڏهين گج وڏا آهن، هر ڳوٺ ۾ وستيءَ ۾ رڳو اسڪول ئي اسڪول آهن پر تعليم غائب آهي.هاءِ اسڪول ٿيڻ ڪانپوءِ،ماڻهو پنهنجي ٻارن کي هاءِ اسڪول جنجهي موڪلڻ لڳا. ائين ٻاهران ايندڙ ٻارن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. انهن سيني ٻارن جي مناسب رهائش لاءِ سائين سچل هڪڙو فارمولو جوڙيو ته جنهن جا جيترا ٻار اسڪول ۾ پڙهن ٿا اهو پنهنجي ٻارن سان گڏ اوترن ئي ٻاهرين ٻارن کي رهائيندو ۽ جهڙو پاڻ کائيندو اهڙو ئي ٻاهرين ٻارن کي کارائيندو پيئاريندو. ان کان پوءِ به جيڪي ٻار بچيا تن کي سائين سچل پنهنجي گهر رهايو جن لاءِ سمورو کارائڻ ۽ پيارڻ جو انتظام سندس گهر واري مرحومه مينهن ٻائي ڪندي هئي ۽ ان حد تائين جو جيڪي شاگرد اگهائي سگهائي ۾ يا عادتا بستري ۾ پيشاب ڪري ڇڏيندا هئا ،تن جا ڪپڙا به پاڻ هٿن سان ڌوئيندي هئي. سڄي ڳوٺ ۾ رهندڙ شاگردن جي نظرداري سائين پاڻ ڪندو هو ۽ پوءِ جڏهن اِهي ٻار خيرن سان ميٽرڪ پاس ڪري وڃندا هئا ته کين اڳتي داخلا وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ ۾ به سائين پيش پيش هوندو هو. ان حد تائين جو انهن مان ڪي غريب مسڪين ڇوڪرا پروفيشنل ڪاليجن ۽ ٻين ادارن ۾ ويندا هئا ته سائين سچل مختلف ماڻهن جي سهڪار سان انهن شاگردن جي مالي مدد به ڪندو هو اهڙي طرح اسڪول ۾ پڙهائيندڙ استادن جو به هر طرح خيال رکندو هو ۽سيني کي انتهائي تاڪيد ڪندي چوندو هو ته زوراور متان ڌسو ڪنهن استاد کي ڪو ايذاءُ ۽ اهنج نه رسي نه ته مون کان "ٻُچڙو ماڻهو نه ڌسندوا". تعليمي ميدان ۾ هيڏيون ساريون خدمتون سر انجام ڏيندڙ سائين سچل کي ڪِن سياسي

ترجيحات جي ڪري ضلعي بدر ڪندي، پهريائين چوڌري عنايت الله،پوءِ پرائمري اسڪول عارف ڪاڪا تعلقو حيدرآباد ۽ ان ڪان پوءِ جرار ٽيپو تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ مقرر ڪيو ويو. سائين ايتريون بدليون ٿيڻ باوجود نه مايوس ٿيو نه ورچي ويٺو بقول لطيف سرڪار جي :

**جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،**

سو جتي ويو اتي اسڪولن ڪي ترقي وٺرائڻ ۽ پوسٽ آفيس کولرائڻ، سائين سچل جي سرگرمين جو مکيه محور رهندا هئا. پوسٽ آفيس کولرائي، ان ڪي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ پاڻ لفافا وٺي مختلف دوستن ڏانهن خط لکندو هو جيئن پوسٽ آفيس بند نه ٿي وڃي .ان عرصي دوران ڪامريڊ ڄام ساقيءَ کي حڪومت ڪاٺ ۾ قابو ڪيو ته سائين سچل جي ڪُلهن تي ڄام جي ننڍڙن ٻارن جي پرورش جي ذميواري به اچي ڪڙڪي ،پر سائين انهن ٻارن کي انتهائي شفقت ۽ محبت سان سانڍي، ڪارائي پياري وڏو ڪيو. سجاد ظهير نجنيئر آهي ۽ بختاور ڊاڪٽرياڻي آهي، اها هئي سائين سچل جي همت جنهن اهڙين اٿوٽندڙ ۽ اعصاب شڪن حالتن ۾ به همت نه هاري ۽ ڪُتن جي ڀونڪڻ باوجود فقير پنهنجي رُخ ۾ رمندا رهيا.

سائين سچل نه رڳو سنو استاد، لگن رکندڙ سماجي ڪارڪن، شفيق مائٽ هو پر ان سان گڏوگڏ سائين سچل انتهائي ظريف طبيعت رکندڙ انسان به هو. هونئن ته ڪنهن کي ڪجھ ڪين چوندو هو پرجيڪڏهن ڪير ڪوئي ڇيڙيندو هو ته پوءِ ان جي جواب ۾ مڙئي اهڙي هٽي ڇڏيندو هو جو سامهون وارواُها ڳالھ سڄي عمر ياد ڪندورهندو هو.جڏهن ڄام ساقيءَ تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلندو هو محترما بينظير ڀٽو شهيد، غوث بخش بزنجو ۽ ولي خان جهڙا نامور سياستدان بچاءَ جا شاهد هئا. سائين سچل به شنوائي واري ڏينهن ويندو هو جيئن پنهنجي پٽ سان ملي سگهي. پهريون دفعو ويو ته سادي لباس ۾ ٽنل چپل ۾ ڏسي حاضرين مان ڪنهن پڇيو ته هي پوڙهو ڪامريڊ جو ڇا ٿو ٿئي. سائينءَ کي به اِها چُنگ اُهنجي محسوس ٿي سو ٺهه پهه چيائين ته "ڪامريڊ جي پيو ته آئون ڪي ڪين ٿو لڳان باقي سندس والده سان منهنجو نڪاح ٿيل آهي، تنهن تي ولي خان وارا ته سمجهي ويا پر چوندا آهن ته "جهڙا ڪانو تهڙا ٻچا"، سو ڪامريڊ ڄام جي حس ظرافت پڙڪو ڪاڏو ۽ پاڻ نهايت ادب وچان گستاخي معاف ڪرڻ لاءِ عرض ڪندي ٺهه ٺهه وراڻيائين ته "بابا سائين اِهو قرض ڏاڍو اڳ ئي لاهي چڪو هو" ۽ ائين محفلزعفران زار بڻجي ويئي.

ٻيو دفعو جڏهن سجاد ظهير کي ڏاڙيلن اغوا ڪيو ته ڄام صادق علي جو دور هو. چون ٿا ته سائين چيو ابا منهنجي ڄام صادق علي صاحب سان ڳالھ ڪرايو ته ڪيس سجاد لاءِ عرض ڪريان. سو فون ملائي ڏنائونس ته مخاطب ٿيندي ئي فارسي جو هي شعر پڙهيائون.

**گُرگ ميرو سگ وزير و مُوش ديوان مي شود،**

**زاغ ضابط خر تنابي، مُلک ويران مي شود،**

يعني جتي بگھڙ بادشاهه، ڪتو وزير ۽ ڪوئو وڪيل هوندو، ڪانءُ ضابطو رکندڙ ۽ گدڙ نگهباني ڪندڙ هوندو ته ملڪ ويران نه ٿيندو ته ٻيو ڇا ٿيندو. تنهن تي ڄام صادق عليءَ ڪيس دلداري ڏيندي چيو بابا وڏي دل ڪر تنهنجو پٽ جلدي تو کي ملندو. پوءِ سجاد ظهير ڏاڙيلن جي چنبي مان آزاد ٿي جلد ئي موٽيو.

اهڙيءَ طرح انيڪ واقعا آهن جيڪي سائين سچل جي زنده دلي، حاضر جوابي جو چٽو ثبوت آهن. سائين سچل سڄي ڄمار تعليم ۽ غريبن لاءِ جاکوڙيندو رهيو ۽ عمر جا آخري ڏهاڙا حيدآباد ۾ اچي پنهنجي اولاد وٽ رهيو. سندس ۽ سندس گهر واري جي پينشن مان ٻنهي پٽن (ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ محمد سلطان) کي گهر اڏائي ڏنائين ۽ آخري عمر ۾ ڪيس گردن جي تڪليف ٿي پئي جنهن ڪري پاڻ 31 ڊسمبر ڇنڇر جي ڏينهن صبح سويل 1991ع ۾ حيدرآباد ۾هن فاني جهان کي الوداع چيائين. ڄام ساقي ان وقت جهموريت لاءِ لانگ مارچ ڪري رهيو هو سو به حيدرآباد کي ويجهو هئڻ ڪري پهچي ويو ۽ سائين سچل کي سندس لاڏاٽي کان پوءِ حيدرآباد جي بابن شاهه واري قبرستان ۾ دفنايو ويو. مٿس شل الله جي رحمت هجي. سائين سچل جي آخري هڪڙي خواهش هوندي هئي ته جنجهي هاءِ اسڪول،ترقي ڪري ڪاليج ٿئي ۽ اتي ڇوڪرن جي رهائش لاءِ هاسٽل به ٺهي پر اها خواهش اڄ تائين به خواهش آهي، سندس نالي کي مان ڏيڻ ۽ ياد رکڻ لاءِ،محترم پير مظهرالحق،سينيئر وزير،سنڌ حڪومت جن،هن اسڪول جو نالو هاءِ اسڪول سچل جنجهي رکيو آهي،تنهن لاءِ سمورا ٿر واسي سندس شڪرگذار آهن. سائين سچل جي زندگيءِ تعليم لاءِ ڪيل سندس جدوجهد سڀني لاءِ راه جي رهبر جي حيثيت رکي ٿي جنهن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ نسل پنهنجي ڪردار ۽ منزل جو تعين ڪري سگهن ٿا.

# ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون....... ڪوئلي جي ڪور جو ڳوٺ وڪڙيو

ٿر هوندي ئي قدرت جو اهڙو حسين خطو آهي جنهن جي تاريخي ، ثقافتي حيثيت جو هرهڪ معترف آهي. ٿر کي جيڪو ڏوري ڏسي ٿو سو جتي به وڃي ٿو اتي ٿر جي سونهن جا ڏيک پيري ٿو جنهن کي ٻُڌي ٻيا ماڻهو به اچي ٿر ڏسن ٿا.ايئن اهو سلسلو صدين کان جاري ۽ ساري آهي. ٿرتهذيبي حسن ۽ ڀڳٽائپ سان اڳ ئي ڀرپور هو مٿان جو وري ڪوئلي جي کاڻي شروع ٿي تنهن ٿر جي نالي ۾ نامڪار کي ويتروڌائي ڇڏيو. اهو سلسلو مختلف وقتن تي ڪيل زميني اپياسن وسيلي دنيا تائين پهتو ۽ هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو ان وقت جي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو شهيد سنڌري درس جي سُندر ڳوٺ کان ڳاڻو(اٽڪل 3 ڪلوميٽر) پنڌ تي اوپر طرف محب ڌهر ۾ ڪهي آئي ۽ اچي افتتاح ڪيائين. جنهن ڏينهن افتتاح ٿيو هو ان ڏينهن محب ڌهر ۾ اهي ڪاموراڪڙا به ڪهي آيا هئا جن ڪڏهن ٿر اچڻ جو سپنو به نه ڏٺو هو. ان کان پوءِ ، ٿر جي ڪوئلي واري ڌرتيءَ کي 12 بلاڪن ۾ ورهايو ويو ۽ ڪجهه بلاڪن تي ڪم ڪار به هلي رهيو آهي ڪن بلاڪن ۾ وري ڪي نيون ڏُريون به اکيون وجهيو ويٺيون آهن. ڪوئلي جي کاڻيءَ بابت ڪنهن ٻي پيري، هينئر ٿر جي ڳوٺن جي ڳالهه ڪريون ٿا جيڪي ڪوئلي واريءَ ڌرتيءَ مٿان آهن. انهن ڳوٺن ۾ تمام گهڻا وڏا ڳوٺ آهن ته ڪيئي ننڍڙا ڳوٺ ، ڍاڻيون ۽ وانڊيون آهن جن سان اتي رهندڙ انسان جو جياپو لاڳاپيل آهي. ڳوٺ اهڙي وسندي آهي جيڪا ڪافي وقت کان مستقل طور آباد هجي، جنهن ۾ پاڻيءَ جو وسيلو موجود هجي، جنهن جي آسپاس ڪجهه زمين آسائش طور ”اجهور“ جي نالي سان رکيل هجي ، جنهن جي پنهنجي سيم هجي، جنهن کي پنهنجا گئوچر هجن، جنهن جو پنهنجو دنگ مڪان هجي. ڍاڻي وري ڳوٺ جو اهڙو عارضي قسم آهي جيڪا وسڪاري جي مند ۾ عارضي وسنديءَ طور ٻنيرا پنهنجي ٻنين تي قائم ڪندا آهن پوءِ اها ڪٿي مستقل وسيءَ جي حيثيت اختيار ڪري ويندي آهي پر ان ۾ هڪ ئي خاندان جا چند گهر آباد هوندا آهن. اهڙي طرح وانڊ مال سانگي قائم ڪيل ان وسنديءَ کي چيو ويندو آهي جيڪا پوءِ جٿادار صورت اختيار ڪري ويندي آهي پر وانڊ ۾ به چند گهر هونداآهن. اهي ڳوٺ وانڊيون ۽ ڍاڻيون امن آجپي ۽ مالداريءَ جي آسائش جا اهڙا ماڳ آهن جن ۾ سُک شانتي، محبت ۽ رواداري ريل ڇيل رائج هندي آهي. ٿر جو اهي وسنديون هڪ وڏي سماجي ۽ تاريخي مرحلي وار عمل جي نتيجي ۾ وجود پذير ٿيون آهن. اهڙي ئي هڪ تاريخي وسندي ٿر جو وڏي ۾ وڏو ڳوٺ وڪڙيو آهي جيڪو منهنجو مسڪن پڻ آهي . وڪڙئي جو ڳوٺ اسلام ڪوٽ شهر کان اٽڪل 40 ڪلوميٽر اوپر طرف آباد آهي جتان ننگرپارڪر ۽ عمرڪوٽ کي ملائيندڙ رستو گذري ٿو. هن قت جتي سنڌ حڪومت ۽ اينگرو پاران گڏيل طور کُليل کاڻ وسيلي ڪوئلي ڪيڻ جو ڪم هلي رهيو آهي ان هنڌ کان اٽڪل 2 ڳاڻو(6 ڪ م) اوپر طرف آهي. اٽڪ

8000 آباديءَ تي مشتمل هي ڳوٺ ڪنهن وقت جي قديم شهر ڪانڊلڪوٽ جي هنج جي ۾ آباد آهي. ڪانڊلڪوٽ جي آثارن تي اجا تائين ڪم نہ ٿيو آهي. انهن آثارن جو ٽڪرانو اولهہ اوڀر ۾ 5 ڪ م ۽ اتر ڏکڻ ۾ 3 ڪ م ۾ پکڙيل آهي. انهن آثارن مان لڳي ٿو تہ اها وسندي مٽيءَ جي دورَ جي آهي. وڪڙئي جي اولهہ ۾ درسن جو خوبصورت ڳوٺ سنئري درس آهي جنهن سان جوڙيوال ڳوٺ ٿاهري جو تڙ آهي جنهن جي مشهوري بہ ڪوئلي وانگر ملڪان ملڪ ٿي آهي باقي اتي حقيقي ترقي ڪڏهن ايندي اهي اتان جي رهواسين جو وڏو خواب آهي. وڪڙئي جي اوڀر ۾ سيد غالب شاه جو ڳوٺ آهي جنهن کي سيد جو تڙ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اُتر ۾ ڳوٺ صالح جنجهي آهي جنهن کي صالح جو تڙ بہ سڏيندا آهن. ڏکڻ ۾ سمن جو ڳوٺ وليءَ جو تڙ آهي جنهن جو سرڪاري نالو ڪارو حبيب آهي. ڏکڻ اولهہ ڪنڊ ۾ جيئندودرس آهي جنهن کي جيئندي جو تڙ بہ چوندا آهن. اُتر اولهہ ڪنڊ ۾ ڄامن سمون آهي جنهن کي سمي جو تڙ چوندا آهن. اتراوڀر ڪنڊ ۾ پراڳو پيپل آهي جنهن کي پراڳي جو تڙ بہ چيو ويندو آهي. انهي ڏس ۾ وري ميگهہ کاوڙيا ۽ عثمان جي ڏاٽي بہ واقع آهن. ٿر جي ڳوٺن ۾ لفظ تڙ ان ڪري اچي ٿو جو ڳوٺ آباد ئي تڙ يا کوه جي ڪوٺائي سان ٿئي ٿو. وڪڙيو ڪڏهن آباد ٿيو ان بابت ڪا لکيل تاريخ موجود ناهي پر روايت آهي تہ

هڪ سپوٽ شخص وسائي جنجهي هي ڳوٺ آباد ڪيو. وسايو نبيسر ٿر جو رهاڪو هو ۽ بينون يا پاوا وڄائڻ جو شوقين هوندو هو. هڪ ڏينهن وسايو سندس مامي جي اوطاق تي بينو وڄائي رهيو هو تہ پاڙي جي هڪ پوڙهي مائي اچي کيس طعنوڏنو تہ "چو اچي اسان جي ننڊ ڦٽائي اٿئي . گهڻو شوق اٿئي تہ پنهنجو ڳوٺ وڃي ٻڌ ۽ اُتي وڃي پاوا وڄاءِ" ايئن هو نبيسر مان نڪتو ۽ هتي اچي ڳوٺ آباد ڪيائين. پر هن ڳوٺ جو نالو وڪڙيو پيو. ان بابت بہ مختلف ڳالهيون آهن . ڪي چون ٿا تہ هتي ڪا وراڪي واري ترائي وراڪڙي ترائيءَ جي نالي سان هوندي هئي تنهنڪري اهو نالو پيو. ڪي چون ٿا تہ موجوده ڳوٺ جي اتر ۾ هڪڙي وسندي هئي جنهن ۾ پيئڻ بلا ڪاهي پيئي جنهن تمام گهڻي آباديءَ کي متاثر ڪيو ۽ پيئڻ بلا جو تعداد ايترو ججهو هو جو ماڻهو ڪوڪون ڪري وڻي پيا. اهڙي طرح ڳوٺ ڪوڪريو سڏجڻ لڳو جيڪو اڳتي بدلجي وڪڙيو ٿيو. اها روايت اسان جا وڏا گجرات واپار سانگي ويندا هئا جتي کين هڪ عورت اها ڳالهہ ٻُڌائي هئي جو انهي عورت جا وڏا بہ پيئڻ جي ڊپ مان ڪڪڙئي مان ڀڄي نڪتا هئا.

وسائي جنجهيءَ ڪڇ مان کوه جي منظوريءَ جو پروانو وٺي ڳوٺ ٻڌو تہ سندس واسطيدار ۽ ڪجهہ ٻين ذاتين جا ماڻهو اچي آباد ٿيا . شروع ۾ تہ 32 ذاتين جا ماڻهو رهندا هئا جن مان ڪجهہ لڏي ويا ڪجهہ ذاتيون پاڻ ۾ ضم ٿي ويون . هن وقت بہ ڪافي ذاتيون رهن ٿيون جن ۾ جن ۾ هند ن جون ذاتيو بہ آهن تہ مسلمانن جون ۽ سيئي پاڻ ۾ انتهائي هم آهنگيءَ سان رهن ٿا. سيني کان وڌيڪ تعداد ۾ "جنجهي" آهن. ان کانسواءِ سنگراسي، پيپا، مڱريا، پنهون، درس، سينار، حجام، ولهہ، کير، ڏارا، پيپل ، ميگهواڙ ڪولهي، ڪنيار، پير، گرڙا ۽ لوهار شامل آهن. هتي اٽڪل 35 کن کوه آهن .

پاڻي فراهمي جي هڪ وڏي رٿا آهي جيڪا ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت هلائين ٿا ۽ گهر اگهر پاڻي پهچي ٿو پر پاڻي کارو آهي. 4 ننڍا رورس آسمپسس پلانٽ به لڳا هئا پر اهي خراب هجڻ جي ڪري اڪثر بند رهن ٿا. هتي يونين ڪائونسل جو هيڊڪوارٽر به آهي. مڊل اسڪول ۽ بنيادي صحت مرڪز به آهن پر وڏيڪ تعليم لاءِ ماڻهن کي شهرن ڏانهن وڃڻو ٿو پوي ۽ ويم وغيره لاءِ ماءُ ٻار جي صحت جو مرڪز هئڻ ضروري آهي. هن ڳوٺ ۾ مالدار ي به آهي ته ڪجهه ماڻهو نوڪري ڪن ٿا. پڪي روڊ ۽ سيل فون جي سهوليت سان ڳنڍيل هي ڳوٺ مٺي پاڻي لاءِ هن وقت به سرگردان آهي . کاري پاڻيءَ جي ڪري گرميءَ جي موسم ۾ ڪافي بيماريون ٿينديون آهن. هن ڳوٺ سان لاڳاپيل تمام گهڻيون ڳڻوان ڳالهيون به لاڳاپيل آهن جيڪي ڪنهن ٻئي ليک ۾ بيان ڪبيون. ڳوٺن ۾ هيترن سارن مسئلن ۽ مونجهارن جي باوجود تاريخ ۽ ثقافت جو اٿاهه اثاثو موجود آهي.

# سڏونت ۽ سارنگا

دُنيا جي هر خطي جُون ريتون رسمون ، اُٿڻي ويهڻي ، کاڌو پيتو، اوڍ پهر دوستيون دُشمنيون ، محبتون نفرتون نراليون ٿين ٿيون جيڪي اُن خطي جي ماڻهن جي مزاج کي ڪِن ۾ ڪولي سمورو سمجهائين ٿيون ۔اِن ريت ٿر جي هن گٺواڻ ڌرتيءَ تي جتي مارئي جهڙي حُب الوطني جو جڳ مشهور مثال عورت ٿي گذري آهي ، تتي لوڪ داستانن ۽ لوڪ گيتن ۾ ڳائجندڙ " سارنگا " بہ پيدا ٿي جنهن جي پريت جي نرالي داستان پارڪر جي تاريخ تي ان مٽِ نشان ڇڏيا ، جيڪي اڄ تائين پٽ ۽ پان چارڻ ۽ وارتائي پنهنجي واتان بيان ڪندي، نسل در نسل منتقل ڪندا اچن ۔ اچو تہ پان بہ اِن داستان کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪريون ۔

عيسوي صدي پهرين اهو زمانو آهي جڏهن پاري ننگر مشهور بندرگاهہ هو تنهن سمي پاري ننگر تي شاليواهن نالي هڪڙو نام ڪنو راجا راج ڪندو هو ۔ سندس هڪ پُٽ هو جنهن جو نالو سڏونت هو ۔ انهي وقت پاري ننگر پرڳڻي ۾ اوسواڙ قوم جي اڪثريت هوندي هُئي جيڪي سُکيا ستابا ۽ پنهنجي وارا هوندا هُئا ۔ انهن ۾ سيٺ " پرم شا " نالي هڪڙو ارب پتي اوسواڙ رهندو هو جنهن کي سارنگا نالي هڪ نياڻي هوندي هُئي ۔ سندس سُهڻي صورت ، مُهڻي مورت ۽ ڪجل پنيون ڪتورن جهڙيون اکيون ، ڪُڙين تي لڳندڙ ڪاريون چوٽيون ۽ سندس عمر جي ڪلي ٽڙي جوڀن جي گُلاب جي صورت ۾ ظاهر ٿي تہ سندس ذڪر هندين ماڳين ٿيڻ لڳو ۔ هڪ ڏينهن پڙهڻ خاطر جيئن سارنگا اسڪول وڃي رهي هُئي تہ سڏونت سامهون اچي ويو ٻنهي جون اکيون چار ٿيون ۽ تارن جا تير جسمن مان آرپار ٿي ويا ۽ جيءَ جُثي جان جي هيڪاند ، عشق جي اين تير ٽوڙي وڌي، ٻئي ڄڻا بيوس ٿي پيا ۔اِن منظر کي چارڻ هيئن چٽيو آهي :

ناڻ پڏارٿ ، نيڻ رس ، نيڻي نيڻ ملنت ،
اُجاڻ سين پريتڙي، پهرين نيڻ ڪرنت ۔

۽ سارنگا جو سڏونت سان سبنڌ ٿي پيو جنهن جا پيچ ڏينهون ڏينهن پُختا ٿيندا ويا ۽ هڪٻئي جي جُدائي جيءَ کي جهورڻ لڳي ۔ سارنگا جنهن اسڪول ۾ پڙهندي هُئي، سڏونت بہ اُتي ئي اچي پنهنجي داخلا ڪرائي، اسڪول کي هڪڙو باغ هوندو هو جنهن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ شاگردن جا ايئن وارا مقرر ڪيل هوندا آهن جيئن اڄ بہ ٿر جي ٻهراڙين جي سوين اسڪولن ۾ پاڻي ۽ ٻُهاريءَ جا وارا مقرر ڪيل آهن ۔ سڏونت ۽ سارنگا بہ اُنهي باغ جي بهاني هڪٻئي سان مک ميلو ڪري، روح جون راز ۽ نياز واريون اندر اورون پيا اوريندا هُئا ۔

جڏهن سارنگا سورهن سالن جي چري وهي ۾ پير پاتو تڏهين مائٽن ڪيس اُجين پرڳڻي جي هڪ سيٺئي سان سڱايو ۔ پر سڏونت جي سڪ سارنگا کي اهڙو سوگهو ڪري ڇڏيو هو جو جڏهين اُجين

اهو سينيو ڇڄ وٺي چونريءَ چڙهڻ پارڪر پهتو تہ سارنگا سهلين سان صلاح مصلحت ڪري پنهنجي بجاءِ هڪ داسي ڏني جيڪا اُن سينيي سان پلئو ٻڌي چونريءَ چڙهي - ڇاڪاڻ تہ سندس من جي مندر ۾ مُورتي رڳو سڏونت جي پيل هُئي - پوءِ ڇڄ رواني ٿين کان اڳ سارنگا سينهو موڪليو سڏونت کي تہ ڳوٺ جي مندر ۾ ساڻس اچي مُلاقات ڪري چو تہ سارنگا کي ڳوٺان روانو ٿيڻ کان اڳ مندر اچي پوڄا پاٺ ڪرڻو هو - سڏونت اهو ٻڌي سج لٿي ئي مندر ۾ ديرو ڄمائي اچي ويهي رهيو اڌ رات گذري ويئي پر سارنگا نہ آئي ، سڏونت کي اندر جي اُڻ تُڻ ۽ آڌمان درمان منتظر اکيون ڪيڻ نٿي ڏنيون ، ايئن انتظاري بيقراري واري ڪيفيت ڪيس اچي اهڙو آتو ڪيو جو ڪيس ننڊ ورائڻ لڳي - ڇاڪاڻ تہ ننڊ سوليءَ تي بہ اچي ويندي آهي - هُن ننڊ ڏيندڙ ۽ ننڊ اکوڙيندڙ دوا پيل هُئي ، هُن ننڊ ڦٽائو دوا وٺڻ لاءِ کيسي مان هڪ گوري ڪڍي کائي ڇڏي پر ڀُل ۽ اونداهہ سببان هو ننڊ ڏيندڙ گوري کائي ويو پوءِ تہ ننڊ کيس الوٽ ڪري ڇڏيو - ٿوري پل کانپوءِ سارنگا ڇم ڇم ڪندي آئي ، پنهنجي سُپرين کي گهٽو ئي جنجهوڙيو پر سڏونت کي سار نہ ٿي - نيٺ مايوس ٿي سارنگا ڪا نشاني ڇڏي هلي ويئي جنهن کي چارڻ هيئن بيان ڪري ٿو :

پاري ننگر کان پڌاري، ڪر جو پڳوئا ويس ،
جنهن گهر ناريل رنڪڙو، تنهن گهر ڪر جو اليڪ

سڄ ڪني ڪڍي سڏونت کي سار ٿي گهٽو ئي پڇتايائين ۽ پنهنجي هٿن تي سارنگا جي ڇپيل نشاني ڏسي پڳوئان ويس ڪري گهوڙي تي چڙهي اُجين نگريءَ ڏانهن اُسهيو ، ۽ عشق نانگ نپٽ آهي خبر ڪاڏن کي پوي سو سڏونت بہ هِن حالت ۾ روانو ٿيو هو :

تن پرتو پسم لڳا ، هٿ ۾ ليئا ڪير ،
سارنگا تيري ڪارڻي، ڪريو ويس فقير ،

پاري ننگر جو هي شهزادو جتان ٿي گذريو تہ نظر آيو ٿي تہ هيءَ ڪو شهزادو وڃي رهيو آهي ۽ ماڻهن کي اها پروڙ هُئي تہ هيءَ شهزادو سارنگا پويان پيو وڃي چو تہ سارنگا جڏهن هڪڙي ڳوٺ مان گذري هُئي تہ اُن جو نٽ ناهہ ۽ روپ سروپ ڏسي ، پارڪر جي هڪڙي ريباريءَ کان ٿڻن مان کير لوٽي ۾ وجهڻ بجاءِ هيٺ پئي هاراڻو -اِن بابت فقير چيو آهي :

پاراٽي را رائڪا ، ٿارو ڌوڌ ڍوراٽو جاءِ،
سڏونت آئي ايم ڪهي، سارنگا روتي جاءِ-

اي پارڪر جا مالدار تنهنجو کير پيو هارجي ، جي سڏونت اچي تہ کيس چئجان تہ سارنگا روئندي پئي وڃي-

سارنگا جي ڄڃ هڪڙي وڻ هيٺيان وڃي ٽڪي ، سڏونت بہ ڀُنيان پئي آيو سو اٽڪل ڪري وڃھ ڏسي وڻ تي چڙهي ويو. اڌ رات ھُئي تہ سڏونت جي اکين مان ڳوڙهن ڳالهايو۽ لڙڪ اچي سارنگا جي سون ورني ڳل تي ڪريو. تڏهن سارنگا چوڻ لڳي :

آنبو جهري ، آنبلي پڄي نو سرهار ،

رس تو پس چکيا ، ڪم روئي گينوار.

اي انب جا وڻ تون جهڙي منهنجي نوسر هار کي چو ڀُسائي رهيو آهين ، تو تہ سمورا رس چس چکيا آهن چريا ڇو ٿو روئين ؟

گهوٽ جي پاءُ ، سارنگا جي ڏير اهو ڏوهيڙو ٻُڌو پئي ۽ صبح جو جڏهن سارنگا ساري رات انتظار جي پُلصراطي ڪيفيت ۾ لُڇي پُڄي رات ڪاٽي اُٿي تہ سندس سريل ڪپڙا ۽ بي آبو چهرو ڏسي ھُن چيو :

ڪانچوئو ڪس ميئو، سارو پرانو سري ،

ويرا ! مين تنا پر جيئو، پاپي ناءِ ڪئري ،

ادا ، پاپي جي پاڻ وارو ڪپڙو ڪسن وارو ٿيو پيو آڳي ۽ اوڏڻ سريو پيو آهي ، لڳي ٿو تہ پاپي سان خير ڪنهي !

جڏهن سارنگا اهي ٻول ٻڌا تہ اِن صورتحال کي ماٺ ڪرڻ لاءِ وچ ۾ ڳالهائي ۽ چوڻ لڳي :

ٻودو ڪپڙو ٻهو رنگو، سبڻ وارو اڏ نگ ،

تڙ تر تانڪا ٽُٽيا ، آرس موڙيندي انگ.

يعني ڪپڙو پراڻو ۽ ٻودو هو ۽ اناڙي درزيءَ جو سبيل هو تنهن ڪري ڪر پڃندي تانڪا ٽٽي پيا .

ايئن ٿورن ڏهاڙن بعد ڄڃ پهتي ، سڏونت بہ پنڌ ڪندو پئي آيو، سندس ٻنهي هٿن تي محبوب جون ڳالهيون لکيل ھُيون تنهن ڪري جنهن بہ تلاءَ تي ويو ٿي ، جانورن ونگر وات سان پاڻي ٿي پيتائين يعني هٿن کي آلو ٿين کان بچائيندو رهيو. نيٺ ڪشالا ڪڍندو سڏونت بہ وڃي اُجين پُهتو. گيڙو ويس ڪري ، انگ پڀوت ٻڌجي ، سارنگا جي گهر جو ڏس پتو پُڇي وڃي گهر جي چانئٺ وٽ الک جاڳايائين . سارنگا موتين کي سونهري ٿالھ ۾ وجهي ، جوڳيءَ کي بکيا ڏيڻ آئي ، ٻنهي جون نظرون هڪ ٿيون ، ٿالھ سارنگا جي هٿ ۾ ئي رهجي ويو. هو ٻئي ڄڻا بيخود ٿي هڪٻئي کي نهارڻ لڳا ، ۽ ڪانگ اچي اُن موتين پري دان واري ٿالھ تي ويٺو .اِهو لقاءَ اتان جي بادشاھ پنهنجي محلات مان ويٺي ڏٺو تنهن کان رهيو نہ ٿيو سو سڏ ڪري چيائين !

اس نگري مين مُورک رسي چتر وسي نہ ڪوءِ ،

ڪاگا موتي چگ گيا ، ڪوک نہ ڪري ڪوءِ ،

راڻي چيو ايئن ناهي تہ هي ڪو چريا آهن جو هِن حال ۾ آهن پر اصل ماجرا ڪِن ريت نظر اچي رهي آهي :

اس نگري مين چتر وسي مورک وسي نہ ڪوءِ،

ٻالا پڙ ري پريتڙي ، ميت ميلا پوءِ هوءِ،

ايئن پتن ۽ پانڻ اِن ڪهاڻيءَ کيِ اِن Climax تي پهچائيندي هيئن بيان ڪيو آهي تہ پوءِ اِن ميت ميلاپي واري ساڳي صورت ۾ ٻنهي جو در پروز ٿي ويو ۽ ٻين چاهيندڙ دلين جي روحن جو حسين ميلاپ جڳ جهان لاءِ هڪڙو مثال بڻجي ويو.

# ٿر جي مسڪيني ۽ مسڪين جهان خان ۾ سماج سڌارپ

ٿر، جنهن جون اڻ ڳڻيون سچائپون آهن، انيڪ آکاڻيون آهن، هزارين لکين حسناڪيون آهن، ڪوڙ ساريون ڪڙڳن ڪي ڪلون ڪرائڻ جون ڪهاڻيون آهي، امروير تاجون انيڪ وارتائون آهن، فطرت جي نظارن جون فراوانيون آهن.انهن سيني من موهيندڙآکاڻين کان هٽي ڪري، هڪڙي لڱ ڪانداريندڙ روح ۾ راڳاوجهندڙ غربت جي به ڪهاڻي آهي، جنهن کي پارڪرجو پنن اگهاڙو ڪولهي ئي سمجهي ٿو ۽ بيان ڪري سگهي ٿو جنهن جو پيٽ اها ڪهاڻي پيٽ ورن ۾ سانيڍي سانيڍي پُنيءَ سان وڃي لڳو آهي. سندس ڪهاڻي نه ڪنهن ٻڌي آهي نه ئي ڪنهن سمجهي آهي ، بس ماڻهن رڳو سُئي آهي. هاڻي ادراڪ جي انهي ٽئين درجي مان ڪهڙي اُپت ڪڍجي ته ٿرجي غربت جو انهن بابولوڪن کي ڪهڙو احساس هوندو جنهن کي معدني پاڻيءَ ڪانسواءِ ٻيوپاڻي زهرجيان وٽاه ڪري ٿو يعني نقصان ڏئي ٿو ۽ هو اهڙي عامي پاڻي پيئڻ کان پاسو ڪن ٿا . ڪرنگهي جي هڏيءَ سان پيٽ لڳل انهي ڪولهيءَ جي ڪهاڻي مختلف زمانن ۾ اپري نروارٿيندي رهي آهي. پران آکاڻي جي ڪن رس وارا آڳرين تي ڳڻڻ جيترا اپيا آهن جن غريبن جي انهي دردجي پردرد دانهن کي ورنايوهوندو.اها دانهن جنهن جو ڪوئي آواز ناهي، سُر۾ ساز ناهي جو هي ”گاڏهان ڪن“ ٻڌي سگهن. اها واٽي ته ڪواندرجي سماعت جو اوزاربڌي سگهي ٿو جنهن جون تارون روح ۾ ڪتل هجن. اهڙن املهه ماڻڪ ماڻهن مان ساميءَ جي ويري جو مسڪين جهان ڪوسو به هڪ هو جنهن عام طورغريبن لاءِ ۽ خاص طورٿرجي غريبن لاءِ جيڪو خدمت جو مثال ڇڏيو آهي تنهن سان ڪو ڪاري عينڪ پائي ڊبل ڪئبين ۾ وينل ، معدني پاڻي پيئندڙ ، پاڻ کي سماج سُڌارڪ سڏائيندڙ ڪٿي ٿو مقابلو ڪري سگهي. مسڪين ٿرجي ماڻهن جي خدمت ڪئي هئي ۽ جديددورجا سو ڪالڊ سماج سُڌارڪ پنهنجي پروجيڪٽي داتائن جي نمڪ حلاليءَ ۾ پورا آهن.

مسڪين جهان خان ڪوسي جي سماجي خدمت، ٿرجي موجوده حالتن ۾ سماج سُڌارپ جي ڪم ڪار ۾ غربت جي جائزي وٺڻ لاءِ ، خيال مسڪين جهان خان بابت محمد بخش ”مجنون “ بلوچ جي ڪتاب جي پڇاڙڪين سٽن ڏانهن وڃي ٿو جنهن ۾ هن لکيو آهي، ”مسڪين مولائي پنهنجو ڪم خاموشيءَ سان بغيرڪنهن شوروشريا نام ونمود جي، تادم آخرڪندو ئي رهندو. مائوزي تنگ پنهنجو 25000 ميل لمبو مارچ پورو ڪري پنهنجي منزل مقصود حاصل ڪري چڪو آهي، پر مسڪين محترم جو لانگ مارچ اجا به جاري وساري آهي!! ڪڏهن ٿو ختم ٿئي ان جي خبرالله کي ! لطيف سائين رح به اهڙن ئي انسانن لاءِ ته چيو آهي: اجا ڪي ڪلجڳ ۾ ڪاپڙي“

سچ ته ٿر۾ پارڪراج به جن حالتن مان گذري رهيا آهن ، جيڪا غربت آهي، جيڪي اهنج ۾ ايذاءَ آهن ، جيڪي ڏک ڏاڪڙا آهن، تن لاءِ مسڪين ۾ مسڪين جي سفرجي ضرورت آهي. مسڪين

هندستان جي دنگ ڀرسان پارڪرجي ڳوٺ سامي ويريءَ ۾ جنم ورتو هو. سامي ويري جي ماڻهن ڪي ننگرپارڪر تائين پهچندي, محمد بخش مجني مطابق "ڪاڙڪيءَ جو ٿهري رڻ, رڳو رائو ۽ رُڃ" پارڪرڻو پوي ٿو. هونئين بہ "پارڪر" پنهنجي پاڻ ۾ پار اڪرڻ رهيو آهي تہ ڪن ليڪڪن هن حصي ڪي ڪارو پارڪرڻ بہ لکيو آهي. پرين جي نهنن نيڻن جهڙي پارڪرجي ڌرتيءَ جي حيثيت سموري ٿرڀ منفرد آهي جيئن ننڍي کنڊ ۾ بنگال جي پوڻ ۽ پنهنجي مزاج ۾ الڳ حيثيت رکي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ڪاري جادوءَ کان وٺي موجوده دور جي سماج سُڌارڪي ڳوناٽي ترقيءَ جي ڪم جي شروعات اتان ٿي آهي. ننڍي کنڊ مان جن ماڻهن کي نوبل انعام مليو آهي تن ۾ بنگال جون ٿي شخصيتون... رابندرناٿ ٽئگور, امرتياسين ۽ محمد يونس...... شامل آهن . پارڪر بہ ٿرپارڪر جو اهو منفرد خطو آهي جنهن تي ڪارونجهرجهڙو اڏول ڏونگرماءُ جي ٿڻ وانگر نروارٿيل آهي جنهن جي برڪت پري اپت لکين پارڪرين جي پيٽ جو مداواڪيو آهي. جتي ڪارو منو پاڻي ٻئي اڇي ملنداهئا. هتي جا ماڻهو پنهنجي جوهرڀ وچن نباه ۽ وفاداريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

پارڪرگذريل ٻن صدين ۾ ٽي وڏادورڏٺاآهن. هڪڙو دور سامراج جي سامهون مهاڏواٽڪائڻ جو دورهو. جنهن ۾ راڻي ڪرڻ جي, روپلي ڪولهي, ۽ مسڪين جي وڏڙن برطانوي فوجن جو مڙس ٿي نہ رڳو مقابلو ڪيو پر پيسجي وڃڻ کانپوءِ بہ پساه ۾ سانڊي رکڻ جهڙيون سوروير تاجون سارونيون ڇڏيون جن يورپ جي چالاڪ اڇن لوڪن کي گهوماتي وڌو هو. پارڪرجي پراسرارڌرتيءَ تي جيڪا آزاديءَ جي جنگ 1859 ع ۾ وڙهي ويئي هئي سا دليءَ جي 1857ع واري جنگ کان پنهنجي پر ۾ سرس ۽ سوائي هئي. ٻيو دور وري تعليم ۽ جاڳرتا وسيلي ماڻهن کي اڳتي آڻڻ جو دورآهي. جنهن ۾ سڳاڙچند ميگهواڙ عالمچند ڪولهي ۽ گهمن سنگهہ ڀيل, هئا جن ماڻهن ۾ تعليم جو شوق جاڳايو ۽ ماڻهن کي سماجي شعور۽ جاڳرتا جي جذبي سان سرشارڪيو. انهن هتان جي غرب لوڪن کي هڪڙو گڏيل پليٽفارم مهياڪري, اڳتي وڌڻ جو گس ڏيکاريو. ٽيون دور مسڪين جهان خان جو دور آهي جنهن کي سماج سُڌارپ جو دورچئي سگهجي ٿو. مسڪين پنهنجي عمل سان رضاڪاراڻي خدمتگاريءَ جو سنهري مثال قائم ڪيو. ماڻهن کي وک وک تي اهو پيغام ڏنو تہ غريب جو ڪم بي لوٺ ٿي ڪبو تہ ٿيندو نہ تہ ڪجهہ بہ نہ ورندو وٺندو.

مسڪين جهان خان جي حياتيءَ بابت محمد بخش مجني انتهائي پلوڙ ڪتاب لکي خدمتگاريءَ جي هن رضاڪار هيري کي سنڌ ۾ موڪي ڇڏيو ۽ اتان وري ڪجهہ ماڻهن مسڪين بابت لکيو تہ مسڪين جو تعارف سمنڊ پار بہ يقينن پهتو هوندو تنهنڪري پاڻ انهي تفصيل ۾ نٿا وڃون پر ٿوري ۾ ڳالهہ ايئن آهي تہ:

- مسڪين جهان خان سامي ويري ڳوٺ جي ڪوسن جي سرنديءَ واريءَ آکهہ جو فرد هو جنهن جا وڏا بہ ناميارا ماڻهو ٿي گذريا آهن جن جو ذڪر انگريزن جي لڪيل رپورٽن ۽ گزيٽيئرن ۾ بہ آهي. مسڪين پوليس ۾ نوڪري ڪندي بہ غيرپوليسي مزاج رکندو هو. سخي ۽ خداترس

هوندو هو. ظلم ڪان ڪيس نفرت هوندي هئي. سندس هڪڙوئي مشن ۽ مقصد هوندو هو انسانيت جي بي ريا خدمت.

- مسڪين جهان خان خدمت جي جذبي ۽ ظلم خلاف ردعمل ڏيکاريندي پوليس جي نوڪريءَ ڪي سوني چڙيا ڪي اڏاري ڇڏيو هو جڏهن ڇڳن چوڪن گهرن جو اولاد انهي پڪي جو طالبو هو.هن ڪنهن تي ظلم ٿيندو برداشت نہ ڪيو ۽ وردي لاهي ان مظلوم سان يڪجهتي ڏيکاريندي، ”خان“ ڪوسي مان مٽجي ”مسڪين“ ٿي پيو هو.
- مسڪين جي ٿرجي مسئلن جهڙوڪ غربت، ڏڪار، صحت وغيره بابت تمام گهڻو لکندو هو ۽ ان وقت جيڪي اخبارون شايع ٿينديون هيون تن ۾ اهي ليک ڇپبا هئا جن ڪي پڙهي مسڪين تہ خوش ٿيندو هو پروس وارن ڪي ٿرجي دردڪهاڻيءَ جي ڪل پوندي هئي ۽ اهي مسڪين سان رابطي ۾ ايندا هئا. انهي دور ۾ پاورپوائنٽ پيشڪاريءَ واري پروجيڪٽي ترقي اجا ڪانگ جي پيٽ ۾ بہ نہ هئي
- لکڻ پڙهڻ ڪانسواءِ، مسڪين ٿرجي ڏکن ڏولائن جا اهي جگري احوال وس وارن ڪي يا ٻين سونهن ۽ سُڄاڻ ماڻهن ڪي ٻُڌائيندو هو ۽ ڪين ٿرين جي مددلاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.
- خدمتگاريءَ جي انهي سموري جاکوڙ ۾ مسڪين رضاڪارهوندو هو جيڪو ڪيئي ٽڪ لنگهڻ بہ رهجي ويندو هو تہ ڪيئي ڏينهن گهر جو منهن بہ نہ ڏسندو هو. انهي سموري ڪم لاءِ هو ڪوبہ معاوضو نہ وٺندو هو. هن وقت حالتون اهي آهن تہ جيڪو ماڻهو بہ لک رپيا مهينو پگهار کٽي ٿو اهو بہ پاڻ ڪي سماج سُڌارڪ طور متعارف ڪرائي ٿو. پئسن تي دنيا سڄيءَ ۾ انيڪ قسمن جي خدمتگاري چالو آهي پر اها حقيقي انساني خدمت ناهي پيٽ پوڄا آهي يا ٻيو ڪجهہ آهي
- ٿرجي سيني ماڻهن ڪي عمومن ۽ نوجوانن ۽ سماجي خدمتگاريءَ جو شوق رکندڙن ڪي خصوصن ڪتاب ”مسڪين جهان خان ڪوسو“ (ليک: محمد بخش ”مجنون“) پڙهڻ گهرجي

مسڪين جي اهڙي ڪردار ڪي ڏسي ٿرجي موجودو حالتن ڪي ڏسجي ٿو ٿرجي غربت ڪي ڏسجي ٿو، ٿرڪي درپيش للڪارن ڪي ٿو تہ محسوس ٿئي ٿو تہ مسڪين جو اهو لانگ مارچ اجا پڄاڻيءَ تي نہ پهتو آهي جنهن جو ذڪر ڪندي محترم محمد بخش مجني صاحب مسڪين ڪي مائوزيتنگ سان پيٽيو هو. ٿرپارڪرجيڪو هن وقت ستن تعلقن.... مٺي، ڏيپلو ننگرپارڪر، ڇاڇرو اسلام ڪوٽ، ڏاهلي ۽ ڪلوئي....تي مشتمل آهي. جنهن ۾ گرينائيٽ، چيني مٽي، لوڻ ۽ ڪوئلي جا ذخيرا آهن. هن وقت هي علائقو پڪن روڏن، سيليولرفون ۽ انٽرنيٽ وسيلي دنيا سان ڳنڍجي چڪو آهي پرڇا ٿر جي اڪثر آبادي اجا غربت جي ڪُن ۾ ڦاٿل ناهي؟ ڇا سيني ماڻهن ڪي پيئڻ جو پيئڻ لائق منو ۽

صاف سُٿرو پاڻي ميسر آهي؟ ڇا ڳورهاريءَ عورت کي ويم دوران يا ان کان اڳ جي تڪليفن کي ايئن ئي منهن ڏيڻو نٿو پوي جيئن اڄ کان 50 سال اڳي منهن ڏيڻو پوندو هو؟ ڇا غريب جي ٻار خصوصن ڇوڪرين کي پنجين ۾ اٺين درجي کان پوءِ اسڪول ڇڏڻو نٿو پوي؟ ڇا لکين ٻارلڏپلاڻ جي ڪري، اسڪول بدرنتاتي وڃن؟ ڇا پارڪر جا هرڻ ۾ روجهه محفوظ آهن؟ ڇا ٿرجي وڻڪارواڊيءَ جي ور نہ چڙهيل آهي؟ انهن سيني مسئلن ۾ غربت جي وڌنڌڙرجحان کي ڏسجي ٿو تہ مسڪين جهڙي ڪردارجي ضرورت محسوس ٿئي ٿي جيڪو سيني شين کان مٿاهون ٿي ٿرين جي خدمت ڪري. هو رنگ نسل مذهب ۾ ذات پات جي متيبد کان مٿاهون ٿي خدمت ڪري. ٿرجي فطرتي سونهن ۾ شاهوڪاري جي ڪري ڪيئي ڳجهون ڳاٺ کنيو "ڪٺٽات" ڪري رهيون آهن تہ ٿرکي ڪيئن ڳڙڪائجي. ٿرجي عام ماڻهوءَ جا جيڪي مسئلا آهن تن بابت مسڪين وانگرسندرو ٻڌي ڳوٺڙيءَ ۾ سمروجهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مختلف مشنريون جڏهن غربت جي نالي ۾ پارڪر جو ماڻهن جو عقيدو تبديل ڪرائينيون هيون تہ مسڪين کي ڏک ٿيندو هو ۾ هو چوندو هو تہ اها غربت سان وڏي مذاق آهي. اڄ بہ جڏهن غريب ماڻهو اسپتال ۾ مريض ڪٺائي وڃي ٿوتہ ڪيس دڳ لائڻ وارو ڪو سونهون ناهي . عام ماڻهو جڏهن پنهنجي ٻار جي تعليم لاءِ ڪنهن شهري تعليمي اداري ۾ اچي ٿو تہ بہ ڪيس انهن ئي مونجهارن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.امداد جي ڪم لاءِ اچي ٿو تہ بہ انهن واڳن جي وات چڙهي ٿو جن جون پيڙهيون سرڪاري امداد تي پلجنديون آيون آهن. دانهن ڪوڪ ڪٽي انصاف لاءِ وڃي ٿو تہ بہ انهي مڊل مين جي منهن ۾ پوي ٿو جيڪو ڪائنس دادرسيءَ جو بہ اجورو طلبي ٿو. سماج سُڌارپ جي نالي ۾ ڪم ڪندڙن وٽ وڃي ٿوتہ اتي بہ عام ماڻهوءَ سان ساڳي هلت آهي. اهڙين حالتن ۾ عام ماڻهو پاڻ کي بيوس ۾ لاچارمحسوس ڪري ٿو ڇوتہ هو هڪ تہ اڳيئي غريب آهي ۾ غربت جي ڪاڪ محل جي انڌاريونرن ۾ پنواٽيون ڪائي رهيوآهي، مٿان وري جو مشڪلاتن ۾ مونجهارن ۾ ڪوئي اهڙو سونهون ناهي جيڪو ڪيس ڪا واٽ ڏيکاري. اهڙي صورتحال ۾ مسڪين جهان واري مسڪين پروريءَ واري سماج سُڌارپ جي ٿر ۾ ضرورت آهي.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book